# ٽڙيل پکڙيل پنا

( مقالا ، تنقيدي مضمون وغيره)



موهن گيهاڻي

# ٽڙيل پکڙيل پنا

( مقالا ، تنقيدي مضمون وغيره)

ليکڪ

موهن گيهاڻي

ترتيب ۽ سمپادن:

ڪيمن يو. مولاڻي

پبلشر

انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

پوسٽ باڪس نمبر 10 آديپور، ڪڇ 370205

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Tirayal Pakhriyal Panna<br>(A collection of Essays)<br>by<br>Mohan Gehani |


© Author


| | | |
|---|---|---|
| Edited & Type Setting | : | Khiman U. Mulani |
| Cover Design | : | Rajesh Gehani |
| Published by | : | Indian Institute of Sindhology<br>P.O. Box 10, Ward, Ward 4/A,<br>ADIPUR- 370205<br>Distt: Kutch (Gujrat)<br>Tel. : 02836-263851 |
| Year of Publication | : | 2013 |
| Price | : | Rs. 250/- (Rs.Two hundred fifty only) |
| Printed by | : | Box Corugators and Offset Printers<br>14-B, Sector-I, Industrial Area,<br>Govindpura, Bhopal-462 023<br>Tel. : 0755-2587551 |

ارپيم

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عاشق

۽

پنهنجي عالم استاد

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي

BLANK
PAGE

# پيش لفظ

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ پنهنجي شاهه جي رسالي جي سر سري راڳ جي داستان ٽئين ۾ شاهه سائينءَ جو هڪ بيت هن ريت درج ڪيو آهي:

وڪر سو وهاءِ ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي ،
ويچيندي ولات ۾ ذرو ٽئي نہ ضاءِ ،
ساڪا هڙ هلاءِ ،آڳهہ جنهنجي ابهين .

شري موهن گيهاڻيءَ جا ٽڙيل پکڙيل پنا هتان هتان گڏ ڪري توهان جي اڳيان ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن ،نا هن پنن ۾ ڪيل اڪرن جو وڪر اجا تائين پئي پراڻو ڪونہ ٿيو آهي . اڪر سنسڪرت جي اڪشر لفظ جوسنڌي روپ آهي ، جنهن جو مطلب ٿي آهي جيڪو ناس نہ ٿئي يعني جيڪو امر هجي ڊڪشنريءَ ۾ اڪر لفظ جي معنىٰ بہ ابناسيءَ ڪان سواءِ برهما ، وشنو، شو ۽ موڪش ڏنل آهي .

بدلاءُ قدرت جو نيم آهي . هر چيز بدلجي ٿي . وقت جي وهڪري ۾ سڀ ڪجهہ وهي ٿو وڃي ، پر موتي سمنڊ جي تري ۾ پيا هوندا آهن ، اهي ابناسي هوندا آهن ، جن کي صرف ٽوبا ٽي ڪڍي حاصل ڪري سگهندا آهن .اديبن کي بہ ٽوبا چيو ويو آهي ، جيڪي پنهنجي من اندر ٽبيون هڻي موتي آڻي پاٺڪ اڳيان رکندا آهن .اديب ۽ پاٺڪ سماج جا ٿي فرد آهن سماج جو حصو آهن . ادب کي سماج جو آئينو چيو ويندو آهي ۽ سماج بہ وقت جي دائري کان الڳ ڪونهي دائري کان ٻاهر نڪري بہ نٿو سگهي .ان ۾ بہ وقت بہ وقت بدلاءُ ايندو ٿو رهي . تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪا ادبي رچنا گهڻ تهي هوندي تہ اها لازوال رهندي . اها وقت بہ وقت نيون نيون معنائون ڇڏائيندي . لفظ وقت بہ وقت نيون معنائون ڌارڻ ڪندا رهندا آهن . گهڻ تهي رچنا ٿي ديرپا ۽ سٺي ادب جي ضمانت هوندي آهي . رامايڻ ، مهاڀارت ۽ اهڙا ٻيا ڪئين پستڪ ان جا جيئرا جاڳندا مثال آهن .جن جو وڪر پئي پراڻو نہ ٿيو آهي .

شري موهن گيهاڻي نئون ساهتيڪار ڪونهي. هو پراڻو ليکڪ ۽ شاعر آهي. هن گهڻين ئي صنفن تي قلم آزمائي ڪئي آهي. شروعات ۾ هن ڪهاڻيون ۽ طنز و مزاح تي قلم آزمائي ڪئي. سٺ ستر کن اهڙيون رچنائون لکيائين. سندس اهي رچنائون 'نئين دنيا' ۽ 'سنڌو ڌارا' جهڙين تڏهوڪين مشهور ۽ معياري مخزنن ۾ ڇپجنديون رهيون. اڄ اهي ڪٿي آهن ڪا خبر ڪانهي. جيڪي ڪجهه آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون رچنائون وٽس هيون، سي هن مجموعي ۾ شامل ڪيون ويون آهن. ڀارت اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ طنز و مزاح تمام گهٽ، نه جهڙي لکي ٿي وڃي. هالانڪ ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ خاص طور سان هنديءَ ۾ وڌيڪ لکي وڃي ٿي، ان جو سبب شايد اهو آهي ته هتي نه اهڙيون سنڌي اخبارون يا مخزنون آهن جن ۾ اهي ڇپجي سگهن ۽ نه وري اهڙا ڪي پاٺڪ آهن جن کي ڪجهه سوچڻ لوچڻ جي فرصت هجي. اهو ئي سبب آهي جو قوم کي صحيح دشا ڪونه ملي رهي آهي. قوم سيلف سينٽرڊ ٿيندي پئي وڃي

ان زماني ۾ شري موهن گيهاڻيءَ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون هيون، جيڪي مٿين مخزنن ۾ ڇپجنديون رهيون. سندس هڪ سنڌي ڪهاڻي "بادشاهه سلامت" جو شري حشو ڪيولراماڻيءَ انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري 1964ع ۾ چونڊ سنڌي ڪهاڻين جي انتخاب SINDHI SHORT STORIES ۾ صفحي 108 تي HIS MAJESTY, THE KING سرو ڏيئي شامل ڪيو هو. اها ڪهاڻي پڻ طنزيه ڪهاڻي هئي.

انهيءَ دؤر ۾ شري موهن گيهاڻيءَ ڪي ادبي مضمون پڻ لکيا، جن کي ڪٺو ڪري "جا چتايم چت ۾" ڪتاب ڇپايائين. هن جو لاڙو خاص طور سان اتهاس ڏانهن وڌيڪ رهيو آهي. ان ۾ به سنڌ جي اتهاس جو چڱو اڀياس ڪيو اٿائين. سنڌ جي اتهاس تي جڏهن سندس "سنڌ جو اتهاس ـ ڪي جهلڪيون" ڪتاب ڇپيو ته ان جو سنڌي حلقن ۾ سواڳت ٿيو ۽ ان گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. ان ڪري ان ڪتاب جا هندي خواهه انگريزيءَ ٻولين ۾ ترجما ڇپيا، جيئن غير سنڌي ۽ اهي سنڌي جيڪي سنڌي ٻولي نه ڄاڻن اهي سنڌ جي اتهاس کان واقف ٿي سگهن. انهن ترجمن کي ته ويتر تمام گهڻي لوڪپريتا حاصل ٿي

شري موهن گيهاڻي شاعر به آهي. سندس ڪوتائن جا ٽي مجموعا شايع ٿيل آهن، جن نقادن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ان کان سواءِ هن ڪيترا ئي ناٽڪ پڻ لکيا آهن، جن مان چونڊ ڪري هڪ ناٽڪن جو مجموعو "ته خوابن جو ڇا ٿيندو....." ڇپايائين، جنهن تي ڪيس

ساھتيہ اڪادميءَ جي انعام سان نوازيو ويو آھي  ڪيس پيا بہ راشٽريہ خواھ انترراشٽريہ انعام مليل آھن ، جن جي وچوڙ ڏيڻ ھروڀرو ضروري نٿو لڳي ، ڇاڪاڻ تہ انعام ۽ اڪرام ادب جي ڪيتر ۾ ڪنھن تخليقڪار جي تخليقن جي معيار جي ڪسوٽي تي نٿا سگھن .پش پيش ليڪڪ جي لکڻين/تخليقن جو فيصلو وقت ئي ڪندو آھي . وقت جو وھڪرو ڪڏھن ۽ ڪھڙي موڙ تي تخليقڪار/ساھتيڪار جي تخليقن جو فيصلو ڪري ٿو اھو پوشيہ جي گرڀ ۾ سمايل آھي.

لڳي ٿو مان ڪنھن اوجھڙ ڏي ڪاھي پيو آھيان. مون کي تہ شري موھن گيھاڻيءَ جي ’ ٽڙيل پکڙيل پنا ‘ نالي ھن ڪتاب جي ڳالھہ ڪرڻي آھي  ھيءُ ڪتاب سندس مقالن ، مضمونن وغيرھہ جومجموعو آھي ، جنھن کي وشين جي خيال کان مختلف بابن ۾ ورھايو ويو آھي .پھرئين باب ۾ نج ادبي وشين سان وابستہ مقالا ڏنل آھن ، جيڪي مختلف موقعن تي ٿيل سيمينارن ۾ پڙھيل آھن . انھن مقالن ۾ ليکڪ ادبي بحر ۾ ٽبيون ھڻي موتي ڳولھي پيش ڪيا آھن ، جن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ليکڪ جو مطالع ڪيترو نہ وسيع آھي .

شري موھن گيھاڻي فخر سان چوندو آھي ، ” مان مارڪسوادي آھيان “.

. ان ڳالھہ جو پاڇو ھنن مقالن تي بہ محسوس ڪري سگھجي ٿو.ھو سدا حيات سائين اي .جي  اتم ۽ عظيم سنڌي شاعر شيخ اياز ٻنھي جو اتساھي ساراھيندڙ(فين ) رھيو آھي .اي . جي . اتم جي باري ۾ تہ چوندو آھي تہ ھو منھنجو گرو ھو .اياز ۽ اتم ٻئي ڪميونسٽ ليکيا ويندا ھئا  شايد اھو ئي سبب آھي جو انھن ٻنھي شخصيتن تي لکيل مقالن ۾ سندن جيون ۽ تخليقن جي ھر ڪنڊ کان اوک ڊوک ڪئي  ويئي آھي  اھي ٻئي مقالا گھري اڀياس ۽ سوچ جو نتيجو آھن.

”سنڌي ساھت ۽ جماليات “ ( سونھن جو ٻوڌ )سري واري  مقاليءِ جيڪو درحقيقت ان وشيہ تي ٿيل سيمينار ۾ ڪي نوٽ طور پيش ڪيو ويو ھو. ان مقالي ۾ اھو ڏيکاريو ويو آھي تہ جماليات جو مفھوم ڪھڙي نموني مغرب ، مشرق واسين ۽ صوفين لاءِ الڳ الڳ رھيو آھي . ھونئن بہ ھر انسان سونھن کي حواسن ذريعي مختلف روپن ۾ ڏسي ۽ ماڻي ٿو. ان جو ڪو ماڻ ماپو اڇا تائين نہ مقرر ٿيو آھي ۽ نہ وري مقرر ٿي سگھي ٿو.

’ سنڌي ادب ۾ بعد جديديت ناول جي حوالي ۾ ‘ ان وشيہ واري  مقالي ۾ سنڌيءَ جي ٽن ناولن جي اوک ڊوک ڪيل آھي . آخر ٽي ئي ناول ڇو ڪنيا ويا آھن؟ ان لاءِ چوي ٿو تہ اھو

ان ڪري چاڪاڻ تہ انهن ناولن جي ليکڪن جو چوڻ آهي تہ اهي جديد ۽ بعد جدت جي مفهوم سان آشنا آهن. منهنجي خيال ۾ جديد لفظ جو مطلب ئي نئون آهي ۽ جديديت يعني نوانئپ پل پل بدلجندڙ وقت ۾ نت نئين ٿيندي ٿي رهي. ان جو ڪو حد نشان مقرر نٿو ڪري سگهجي. اها ڳالهہ شري موهن گيهاڻيءَ بہ محسوس ڪئي آهي ۽ ان ڪري ليکڪ عام فهم ۽ تخليقي ٻوليءَ جو استعمال ڪندي آڳاٽي دؤر کان اڄ تائين دنيا جي مختلف خطن جي ودوانن جي جديديت جي مفهوم کي سمجهائيندي پارت ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ جا مٿيان ٽي ناول ئي پنهنجي هن مقالي ۾ اوک ڊوک لاءِ چونڊيا آهن  مقالي لکڻ وقت تمام گهڻي محنت ڪيل آهي، جنهن لاءِ هو داد جو مستحق آهي.

شري گيهاڻي شروعات کان ئي سنڌيت جي هلچل سان واڳيل رهيو آهي. سنڌ، سنڌي ۽ سنڌيت سندس رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. ان ڪري "ڪرشن کٽواڻي ۽ سنڌ" مقالي ۾ سدا حيات سائين ڪرشن کٽواڻيءَ جي تخليقن ۾ سنڌ بابت اظهاريل سندس احساسن کي پيش ڪندي ڪٿي ڪٿي جذباتي ٿي ويو آهي. شري ڪرشن کٽواڻيءَ جي ڪهاڻي 'پنهنجا پراوا' جو هڪ حوالو ڏيندي، جنهن ۾ هن لکيو هو، "اڌ رات جو باربر ڪراس ڪرڻ ويل مون کي خيال نہ آيو تہ مان وري هن پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ واپس موٽي نہ سگهندس. هيءُ جو ديس منهنجو هو، هن بعد ڌاريو ٿي ويندو." موهن گيهاڻي ايترو تہ جذباتي ٿي ويو آهي جو لکي ٿو، "بس اهو ئي احساس – جو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سسئيءَ پڻ ڀوڳيو هو – بي خبريءَ جي عالم ۾ پنهنجي وجود جي حصي وڃائڻ جو اهو ئي احساس ڪرشن جي من ۾ هڪ مسلسل جستجو – هڪ ڳولها جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي، جا ڳنڍ ڳولهڻ ۽ ڦولهڻ جي ڪوشش ئي سندس ساهت جي ڄر آهي ۽ سندس لکڻين تي حاوي آهي."موهن گيهاڻيءَ جي ان جاچنا(آبزرويشن) مان ئي ظاهر آهي تہ هن مقالو لکڻ کان اڳ شري ڪرشن کٽواڻيءَ جي لکڻين جو ڪيڏي نہ باريڪيءَ سان ابياس ڪيو هوندو.

در حقيقت شري موهن گيهاڻيءَ هر مقالو لکڻ کان اڳ ان وشيہ جو گهرو ابياس ڪيو آهي. "ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ مضمون" وشيہ واري مقالي ۾ ورهاڱي بعد پارت ۾ لکيل لڳ ڀڳ سيني مضمونن جي ڪتابن جي وچور ڏني ويئي آهي. ان ڪري اهو مقالو ايندڙ پيڙهين لاءِ حوالي ( رفرينس ) طور ڪم اچي سگهي ٿو. ان مقالي ۾ مضمونن جي هر

ڪتاب تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن ، جنهن مان لڳي ٿو تہ هن هرڪتاب کي چڱيءَ طرح پڙهيو آهي ۽ ان تي سوچيو ويچاريو آهي .

مون کي لڳي ٿو تہ هر مقالي تي مان پنهنجا ويچار ظاهر ڪريان ، اهو هروڀرو ڪو ضروري ڪونهي ڪجهہ پاٺڪن لاءِ بہ ڇڏيان . هو پاڻ پڙهي آنند ماڻين تہ چڱو . ها ، باقي ايترو ضرور چوڻ ٿو چاهيان تہ ليکڪ سڀني مقالن ۾ وشين سان بخوبي نباهہ ڪيو آهي ، ڪٿي بہ وشيہ تان ٿڙڪيو ڪونهي . سڀ مقالا سندس گهري اڀياس ۽ سوچ جو نتيجو آهن ۽ اهو ظاهر ٿا ڪن تہ ليکڪ جو وڏو مطلع ڪيل آهي .

ٻيون باب دبئيءَ جي ادبي ڪلاس ۾ پڙهيل طنزيہ مضمونن جو آهن ، جن ۾ طنز و مزاح ذريعي پاٺڪن کي الڳ الڳ وشين تي ذهني غزا ميسر ڪري ڏني ويئي آهي .اهي مضمون بلڪل بور ڪونہ ٿا ڪن .جيڪڏهن پاٺڪ هڪ ڀيرو پڙهڻ وٺهندو تہ پڪ ئي پڪ مضمون پورو پڙهڻ کان اڳ ڪونہ اٿندو .

ٽئين باب ۾ ليکڪ ڪن سڄڻن (سرو شري ڪيرت ٻاٻاڻي ، لڇمڻ ڀاٽيہ ' ڪومل ' ۽ واسديو نرمل ) سان گهاريل گهڙين جون يادگيريون قلم بند ڪيون ويون آهن ۽ سندن زندگيءَ جي شفي پاسي کي اجاگر ڪيو ويو آهي .

مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ شري موهن گيهاڻي سنڌيت جي هلچل سان واڳيل رهيو آهي . سنڌيت جي هلچل بابت لکيل سندس مضمون پنجين باب ۾ ڏنا ويا آهن ، جن ۾ ليکڪ پنهنجي نج نئين سوچ جون ڪئين جهلڪيون پيش ڪيون آهن .

ڇهين باب ۾ ٽن سنڌي ڪتابن ۽ هڪ مقالي جا تاثر درج ڪيل آهن .انهن ۾ هڪ سائين جي . ايم . سيد جي ڪتاب " پاڪستان جو ماضي ، حال ۽ مستقبل " تي پڻ آهي ،مقالي جي آخر ۾ سيد سائينءَ جي ڪتاب مان هڪ حوالو ڏنو ويو آهي ، " مسلمانن جي قوم جي نظرئي خلاف بنگالين بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪري ورتي آهي . سنڌ جا قوم پرست افراد ، مهاجر پنجابي سامراجيہ جي ظلم ۽ استحصال کان تنگ اچي ، " جيئي سنڌ " نالي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي رهيا آهن ، جا نيٺ ڪامياب ٿيڻي آهي ... " _ آمين —

منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب ۾ تخليقي ٻوليءَ جي استعمال ذريعي اثرائتن لفظن ۾ ٿوري ۾ گهڻو ڪجهہ چيو ويو آهي ۽ ادب کي صحيح حوالي ۾ پيش ڪيو ويو آهي .

**_ ڪيمن يو مولاڻي**

# موهن آکي ...

منهنجو غيب ۽ غيبي شڪتيءَ ۾ وشواس نہ آهي .

پر مٺو پوندو تہ خيال خوبصورت آهي ۽ ڪي قدر ضروري پڻ_ هڪ پناهگاهہ طور — هن زندگيءَ جي تلخيءَ ۽ نفي طاقت جي دوا ۽ دارون طور .

هن خيال ڪي ڪٽي :

مان جڏهن غيب مان پئي نڪتس تہ ' ڀڳوان ' مون کان پڇيو " ٻڌاءِ ، تون ڇا ڪرڻ چاهيندين ؟ "

چيومانس ، " تون مون کي پريشان نہ ڪجانءِ ۽ مان تو کي پريشان نہ ڪندس . "

چيائين ، " تٿا استو . "

پرسان لڪشمي بيٺي هئي . مرڪي چيائين ، " تون منهنجي پرواهہ نہ ڪجانءِ ۽ مان تنهنجي نہ ڪنديس . "

دروازي وٽ سرسوتي بيٺي هئي . چيائين ، " محنت ڪندين سدائين منهنجو ساٿ پائيندين . "

اسان ٽيئي پنهنجي واعدي تي پڪا آهيون .

' سرسوتي ماتا ' جي ڪرپا سان محنت ڪري ڪي ڪٽا جهول پيا آهن . سندن وٽ ۽ ڪٿ مان نٿو ڄاڻان .

اوهان سامهون پيش آهن .

# مقالا ۽ مضمون

1.سنڌي ساهت ۽ جماليات سيمينار — ڪي نوٽ
2.دهلي يونيورسٽيءَ ۾ بعد جديديت تي سيمينار —
سنڌي ناول جي حوالي ۾
3. 1980 کان پوءِ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ۾
ديو مالا ۽ نشان _ احمدآباد سيمينار لاءِ لکيل
4. اي. جي . اتم ۽ سنڌي ادب .. اکل ڀارت سنڌي ٻولي
۽ ساهت سڀا سيمينار جبلپور
5.خليفي گل جي فيلسوفي .. ٻين صديءَ
جي موقعي تي دهلي سيمينار ۾
6.ڪرشن کٽواڻي ۽ سنڌ ..
سنڌالاجي سيمينار اندور ( پهرين ورسي )
7.رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن جو منچ هنر
(سيتا سنڌو ڀون : پهرين جنم صدي)
8.ڪي نوٽ —سمپوزيم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مڪاني عناصر
9.ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ مضمون
10.شيخ اياز سنڌ جو عظيم شاعر
11. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو پس منظر
12. ’گهر‘ جي ڳالهه — رديفن ضربعي (واسديو موهيءَ جا غزل )

کي نوٽ

# سنڌي ساهت ۾ جماليات سيمينار

جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٽن ويس
چوٽا تيل چنبيليا ها ها هو هميش
پسيو سونهن سيد چئي نينهن اچن نيش
لالن جي لبيس آتڻ اکر نہ اچهي.

ناز منجهان نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پونءِ پڻ بسم الله چوي ، راهہ چمي ٿي رند
اپيون ڪٽي ادب سين وٺي حورن حيرت
سائينءَ جو سوڳنڌ ساجن سڀ هنڌ آ سهڻو

چوڏهينءَ چنڊ اپرين سهسين ڪرين سينگار
پلڪ پريان جي نہ پرين جي حيلين ڪرين هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو
_شاهہ عبدللطيف

تون اهڙي سهڻي آهين جهڙي شام
ہ سست گلابي پير _ نازڪ پير

ڌرتيءَ جي سيني تي ﮬﻫ آواز پيرن جا
ﮬﻫ سست گلابي ، نازڪ پير!
ڌرتي ياد ٿي ڪري سوين بهارون
هڪ مسلسل خواب اڻ ڳڻيا ، گلن جي ڇهاءَ جو.
ڀرپور ، اپريل لال سرن سو بهارن جا
ڇڻجي سمائجي ويا آهن گلابي پيرن ۾ .
ـ ٽئگور
صاف کير جيئن جوڀن تنهنجو ،
نرم مکڻ جيئن تن من تنهنجو.

کير مکڻ سڀ سهڻي آهي
چنڊ ته آهي ڇا ڇڙي وو!
ـنارايڻ شيام

سانجهيءَ ويل گانءِ ڏڏي پئي راڙا
روپا ڪرٽا ٽٽن منجهان ٿي نڪتا
ڇوٽري ته پيس هارجي سڀ چانڊوڪي
ٻڌندي ئي آلاپ مٺا مرليءَ جا .
ـنارايڻ شيام

مٿيان گهڻا مثال نارايڻ شيام جي روشن ڇانوروجي مهاڳ تان کنيا ويا آهن .اهو مهاڳ سڳن آهوجا سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ لکيو ، جنهن کي اٽڪل اڌ صدي گذري چڪي آهي . اهو چوڻ ضروري نه آهي ته اهي شعر پڙهندي ٻڌندي ازخود زبان مان واهه واهه نڪريو وجي . اهوئي آهي جماليات جو اثر

زندگي ڇا آهي ؟ ڪلا ڇا آهي ؟ اهي ڇو ، ڇا ۽ ڪيئن جي سوالن جا سلسلا اڻ کٽندڙ آهن ، ۽ جوابن مان وري سوال ڪر موڙي اٿندا آهن ۽ ذهن کي للڪاريندا آهن . حقيقت

۾ چو، ڇا ۽ ڪيئن جا سوال ئي فيلسوفيءَ جو تاجي پيٽو آهن. جيڪي ذهني ۽ شعوري طور چاڻ وڌائين ٿا ۽ ’ماڻڻ ‘ جي سطح وڌائين ٿا، پر اهي ماڻڻ نہ آهن.

پٿر يگ جي انسان چو ڪشالا ڪڍي، گلن ڦلن، ٻوٽن ۽ پٽن مان رنگ تيار ڪيا غفائن جي ديوارن ۽ ڇتين تي رسڻ جو جتن ڪري اتي چتر تيار ڪيا ۽ پنهنجي من جي اها لوچ پوري ڪئي، جنهن جي پوري ٿيڻ کان سواءِ هن جي من ۾ آنڌ مانڌ متل هئي، جا ان اظهار ذريعي ئي پوري ٿي. اها ڪجهہ خلقڻ جي آنڌ مانڌ ڪهڙي هئي، جنهن هن کي ڪيترا ڪشالا ڪڍڻ لاءِ مجبور ڪيو

اها ڪهڙي شئہ آهي جو ڪو درشيہ ڏسڻ سان ڪو شخص ڪوهجي ٿو وڃي. اها ڪهڙي وٿ آهي جو ڪڏهن ڪو گيت من۾ ولوڙجندو رهي، من جي تند تار سان وڄندو رهي ۽ آخر چپن ذريعي ڪنهن آبشار جيان بي خوديءَ جي حالت ۾ ڦٽي نڪرندي اها ڪهڙي ڪيفيت آهي جو ازخود ڪنهن جذبي هيٺ ڪنهن تال تي پير ڪچڻ شروع ٿين .اها ڪجهہ خلقڻ جي لوچ پوچ، هنن سيني ڇا چو ۽ ڪيئن جي سوالن ۽ جوابن کان طاقتور ۽ برتر آهي، تنهن ڪري تخليق اولين عمل آهي ۽ فيلسوفي ۽ ٻيو سڀ علم، گيان ۽ شعور پوءِ جي ڳالهہ آهي.

اهو سڀ چئي مان علم ۽ فيلسوفيءَ جي اهميت گهٽ ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان، پر ڪلا ۽ ساهت جي حوالي ۾ مان تخليق ۽ تنقيد ۽ تنقيدي اصولن جي اهميت ۾ هڪ ميزان مقرر ڪرڻ ٿو چاهيان. ظاهر آهي تہ فلاسافيءَ جا ڪتاب پڙهي ڪو مفڪر نہ ٿي پوندو، ساهت جا ڪتاب پڙهي ڪو ساهتڪار ڪونہ ٿي پوندو، ۽ جماليات جا اصول سمجهڻ بعد ڪو جمالياتي ڪلا / ساهت جو نرماڻ نہ ڪري سگهندو. صرف فرق اهو پوندو تہ هو ڪلا جي اصولن ۽ باريڪين کي سمجهڻ بعد صرف انهن کي وڌيڪ ماڻي سگهندو. هن جي ماڻڻ جي سطح گهري ۽ مٿاهين ٿيندي. هنر اوچاين کي رسندو ۽ ڏانو ۽ ڏات ملي هنرمنديءَ جي منزل کي پار ڪري ڪلا جي ڪيتر ۾ جاءِ پائيندا.

مٿي اڳواٽ ئي چيو ويو آهي تہ، چو ڇا ۽ ڪيئن جا سوال — فيلسوفيءَ جي داعري ۾ ٿا اچن ۽ اهي سوال انساني اوسر ۽ سندس ذهن جي اوسر وقت ئي شروع ٿيا .ڪلا بابت هنن سوالن جا جواب ۽ انهن تي بحث جا لکيت ۾ جهونا مثال اسان کي اٽڪل ٻن هزارن سالن کان اڳ لکيل ڪتابن مان ملن ٿا ۽ جتي جهونيون سپيتائون شروع ٿيون اتي جدا

جدا نموني هنن سوالن جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ، پر مکيہ طور گريس جي فلاسافرن پلئٽو ۽ ارستو جي جوابن جي بنياد تي مغربي دنيا ۾ اهي خيال ۽ اصول رائج ٿيا ۽ هندستان جي حوالي ۾ ويدن کي بنياد بڻايو ويو. هن ڏس ۾ گريس جو ارستوءَ جو پوئٽڪس ڪتاب اهم آهي ۽ هندستان ۾ ڀرت منيءَ جو 'ناٽيہ شاستر' هڪ اهم گرنٿ آهي ، جنهن کي پنجون ويد ڪري تسليم ڪيو ويو آهي .

گريس ۾ ڪلا ۽ ڪلاڪارن جي ڪم کي ڪٿي سقراط، پلئٽو جي ڊائلاگ" آدرشي رياست " ۾ بحث آهن پر ارستوءَ پنهنجي ڪتاب ۾ " پوئٽڪس " ۾ ادب بابت با تفصيل ڪي اصول بيان ڪيا آهن .

پوئٽڪس ۾ جي مکيہ ويچار آهن تن جو ڪجهہ بيان ضروري آهي امٽيشن يعني نقل جو ، ٽن ميلاپن جو ، عمل ۽ وقت جو . ائين ڏٺو وڃي تہ اهي خيال ڪنهن ليک جي ٽڪنڊي وانگر پاڻ ۾ ڳنڍيل پاسن تا . ائين عمل جي شروعات ، وچ ۽ آخر اچي ٿو – اهو هڪ ليک جو تصور آهي – ۽ وقت پڻ زمان ماضي ، حال ۽ مستقبل هڪ ليک جو تصور آهي ۽ جاءِ پڻ هڪ مخصوص حد جو تصور آهي ،جو پڻ هڪ ليک جو تصور آهي .

ٻيو سوال آهي ڪٿا رسس جو . جنهن نموني ناٽک جي سماجي جائزگي درشک جي من کي جذباتي طرح اڻ گهربل جذبن کان آجو ڪري صاف ڪرڻ ڪٿا رسس آهي .

نقل ڪرڻ جو خيال ان ويچار تي ٻڌل آهي تہ برتري پهرين خيال کي آهي ۽ نہ مادي کي . هيءَ سرشٽي ڪنهن پاران خلقي ويئي آهي ، جنهن خلقٺهار جي من ۾ اڳواٽ ئي هن جي رٿا تيار ٿي هوندي ۽ ان موجب هيءَ سرشٽي پيدا ٿي آهي ، تنهن ڪري ليکک يا ڪلاڪار – ڪابہ نئين شيءِ خلقي ڪونہ ٿو ، صرف ان جو نقل ٿو ڪري . ارستوءَ هن تصور کي ڪجهہ ويکرو ڪري ان ۾ ايتري آزادي ڪلاڪار کي ڏني آهي تہ دنيا جيئن آهي ، تيئن ان ۾ ڪافي درستين جي ضرورت آهي ، تنهنڪري نقل ڪرڻ مهل ڪلاڪار کي آزادي هئڻ گهرجي تہ هڪ بهتر دنيا ڪيئن ٿيڻ کپي ، اهو تصور ڪري نقل ڪري .

هنن متن جي برعڪس هندستان ۾ جي مت پنهنجي ليکي پيدا ٿيا ، انهن جو ذڪر ڀرت منيءَ جي ناٽيہ شاستر ۾ آهي . ڀرت جي ناٽيہ شاستر جا مکيہ تصور آهن ، ٻج ، مرڪز ۽ رس .

ٻج جي تصور جو بيان ناٽيہ شاستر جي حوالي ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي ،جيئن وڻ جو ٻج ۾ ٽڙ هڪ ٿيندو آهي ۽ ان جون شاخون جدا جدا ۽ نرا ليون هونديون آهن ، ساڳي ڪار مهاڀارت ۾ آهي ۽ ناٽيہ شاستر ان ڪي بنياد بڻايو آهي .

مرڪز لاءِ ناٽيہ شاستر ۾ تشبيهہ هن ريت ڏني ويئي آهي . جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلبو تہ پاڻيءَ ۾ لهرن جا گهيرا پيدا ٿيندا ۽ ائين گهيرا ويڪرا ٿيندا ويندا ۽ آخر ۾ ادرشيہ ٿي ويندا ، پوءِ پاڻيءَ جو حصو ٿي مرڪز طرف موٽندا .شروعات سدائين ساڳي آهي هڪ مرڪز — جيڪو ڪنهن گائڪ ، نرتڪار ، شاعر جي اندر اظهار لاءِ تڙقي ٿو ۽ ان بعد اهو مرڪز لهرون بڻجي سڄي ڪائنات ۾ ڦهلجي ٿو وڃي ۽ ائين جدا جدا نمونن سان آواز جي اتار چڙهاو ، رنگن جي جدا جدا سطحن ۽ روشني ۽ پاڇي جي هڪ سٽاءَ سان هڪ عمارت تيار ٿيندي آهي جنهن کي پنهنجي نجي معماري خصوصيت هوندي آهي . ( ڪلائون ) عالمگير انساني جذبي جي ترجماني ڪرڻ لاءِ آهن .ڪلاڪار ڪلا ۾ پنهنجو پاڻ وساري پاڻ کان مٿين منزل تي رسي الاهي مشاهدو ماڻي ٿو ڪلاڪار ڪيترين تڪنيڪن کي ملائي ٿو ، جنهن جو سڄو سلسلو مبهم آهي ۽ ازلي آهي . ان مان جا چيز پيدا ڪري ٿو جا زمان ۽ مڪان جي ٻنڌنن کي ٽوڙي هڪ ان حالت تي رسائي ٿي جنهن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ، جنهن جو بيان زبان ۽ قلم لاءِ ممڪن نہ آهي . ( ڪپلا واتساين –' ڀرت جو ناٽيہ شاستر' )

ائين هندستاني جماليت يا ڪلا جي تخليق جو مفهوم هڪ ليڪ نہ پر هڪ گولائي آهي . ان ريت اهي ڪلا ڏانهن بنيادي طور ٻہ جدا جدا رخ آهن .

ساڳئي نموني ڪيترا رس اڻ گهربل جذبن جو آجو ٿيڻ آهي تہ رس سڌانت جدا جدا ڪيفيتن کي محسوس ڪري ماڻڻ جو واهڻ آهي — اهو هندستاني جماليات جي بنيادي تصورن ۾ تفاوت آهي . ڀرت منيءَ رسن جي جدا جدا نموني ورڇ ڪئي آهي ۽ ائين اٺن رسن جو بيان ڪيل آهي . جيتوڻيڪ ڪنهن غلطفهميءَ هيٺ صرف شرنگار رس کي ئي جماليات سان وابستہ ڪيو ويندو آهي .

اهي ٻيئي رچنائون ناٽڪن بابت آهن جن ۾ ڪيتريون ئي ڪلائون ، لڳ ڀڳ سڀ ڪلائون سمايل ٿين ٿيون ۽ ان وقت گريس جي ناٽڪن جي ڪهاڻي گريس جي ڏند ڪٿائن يا لوڪ ڪٿائن تي هوندي هئي ۽ هندستاني ناٽڪ جي ڪهاڻي پراڻن مان هوندي هئي ، جنهن جي درشڪن کي پوري ڄاڻ هوندي هئي ۽ ليکڪ جي اهميت صرف ان ڪهاڻيءَ

جي ٽريٽمينٽ تائين محدود هوندي هئي . هونءَ به پرفارمنگ آرٽس ۾ ليڪڪ جو رول محدود ئي هوندو آهي. لبت گريڪ ٽرئجڊيءَ جي ڪورس ۾ شاعر پنهنجو جوهر ڏيکاري سگهندوهو.

ائين اٽڪل ٻه هزار سال يورپ توڙي هندستان ۾ ڪلا مذهب جي غلبي هيٺ رهي پر نوان نوان گرجا گهر ٺهندا رهيا " جيڪي جماليات جي چوٽين کي رسيا ، چترڪاري ٿيندي رهي ، جنهن ۾ رنگن جو جادو پکيڙيو ويو . سنگيت جي لئه ، تان ۽ هم آهنگيءَ ۾ آواز جي گونج ڦهلجندي رهي ، جنهن تي ماڻهو جهومڻ لڳا ، پر ڪلا تي بحث بند هئا يا ڇڊا ڇاڊا ٿي رهيا هئا . وري ساڳي حالت هندستان ۾ رهي . شاندار مندر تيار ٿيندا رهيا ، سنگتراشي پنهنجي عظمت کي رسي ، تانسين جهڙا گويا پيدا ٿيا . ڪيترا شاعر پيدا ٿيا ، راڄ درٻارن کي ڇڏي لوڪن جي وچ مان پڳتي شاعري ءَ جا چشما ڦٽي نڪتا ، پر ڪلا جي اصولن ۽ جماليات تي خير ڪو ذهني بحث ٿيو آهي يا ڀرت جي ناٽيه شاستر کان اڳتي ڪا اوسر ٿي آهي .

ادب جي ميدان ۾ گهڻا ئي مروج فارم اسان وٽ مغرب مان آيا آهن ، جن جي اوسر اتي جي هنري انقلاب ۽ ڇپائيءَ جي طريقي ڪري ڪتاب ۽ رسالا عوام تائين پهچي سگهڻ ڪري ٿي . هن پسمنظر ۾ جماليات جو موضوع جيڪو فيلسوفيءَ جي هڪ شاخ طور تسليم ڪيو ويندو هو ، ان کي هڪ جدا وشيه طور سڃاڻپ ڏني جرمن جي عالم اليگزينڊر ٻاود مگرينٽ ( 1735 ع ) هن پهريون ڀيرو ' ائسٿيٽڪس ' لفظ ڪم آندو ، جيڪو گريڪ لفظ ائسٿيٽيڪوس مان نڪتل آهي ، جنهن جي معنيٰ سنويدن شيل يعنيٰ سينسيٽو آهي ۽ جنهن جو لاڳاپو ائسٿينو ماءِ سان آهي.جنهن جو مطلب،مان ڏسان ٿو ، ٻانيان ٿو ، محسوس ڪريان ٿو اها اليگزينڊر ٻاود مگرينٽ موجب سونهن مڪمل ' ڄاڻ ' آهي جا حواسن ضربعي معلوم ٿي سگهي ٿي . وري امانيوئيل ڪانٽ موجب سونهن شخصي فيصلو آهي جنهن کي ساڳئي ئي وقت سڀ قبولين ٿا. مثال طور ، جڏهن چئبو ته گلاب جو گل سهڻو آهي جو حقيقت ۾ سهڻو آهي مزيدرڪ شڪلر جو چوڻ هو ته سونهن کي ماڻڻ ۽ ساراهه ڪرڻ وقت انسان جي سوچ جي طاقت ۽ حواسن جي طاقت يڪسان ٿي ٿي وڃي . ائين ڪيترن ئي ماهرن سونهن جي علامت کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي .

هيگل موجب سڄي سنسڪرتي هڪ مڪمل روحاني وجود جو اظهار آهي ، جو آهستي آهستي فيلسوفيءَ جا ڏاڪا چڙهندي مڪمل طور ظاهر ٿو ٿئي .هيگل جو وشواس پرم يا اتي چيتنا ( سپر ڪانشسنيس ) ۾ آهي ۽ ان ئي وشواس مان هندي ساهت ۾ ’ڇاياواد‘ جي ڌارا تي اثر پيو. آرٽرس پنهار موجب سونهن ذهنيت کان مٿيرو — آزاد ٿي _ شعور جي نج (پيوئر) احساس کي ماڻڻ آهي . تنهن ڪري سونهن پوڄنا کي منهن ڏيڻ جو يڪ ٽڪ رستو آهي .

ڪيترن مفڪرن وري سونهن کي آتما سان ۽ اخلاق سان ڳنڍيو آهي . هتي سڀني عالمن جا رايا ڏيڻ نہ ممڪن آهي ۽ نہ ئي ضروري — پر هڪ ڳالهہ هن موضوع تي سڄي بحث ۾ ظاهر آهي تہ خيال کي برتري ڏيڻ وارا ( آئيڊئلسٽ ) ۽ مادي پرست ( مئٽرلسٽڪ ) مفڪرن جي وچ ۾ شديد مت ڀيد آهن . مادي پرست سونهن کي ۽ سڄي ڪلا ۽ ڪلچر کي عالمي نہ پر ڪنهن خاص مخصوص ٻولي ، تاريخ ، سنسڪرتيءَ جو حصو سمجهن ٿا ۽ اتهاسڪ اوسرجي پس منظر ۾ سونهن جو ڀيد ڪن ٿا .

ادب جي حوالي ۾ جماليات جو ذڪر ، ادبي تاريخ ۾ جدا جدا ڌارائن جي پس منظر ۾ ئي ممڪن آهي . انگريزي شاعريءَ ۾ رومانوي شاعريءَ جي ڌارا ڪلورج ۽ ورڊس ورٿ کان وٺي ۽ فرانسيسي نئچرلزم ۽ حقيقت پرستيءَ جي ڌارا ۽ ترقي پسند ڌارا ، انهن سڀني پنهنجي سر ، پنهنجي ڌارا جي فيلسوفيءَ جي زمين تي جماليات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . جديد ادب ۾ ’هستيواد‘ ۽ ’اجائي پڻي‘ ( ائبسرڊ ) جي فيلسوفيءَ ۾ سونهن کي تہ بلڪ ناڪاريو ويو آهي . ان ڌارا ۾ ’قبيح‘ ( اگلي ) پهلن جي اوگهڙ ڪرڻ ۽ آدرشن جي ڪوڪلائپ ظاهر ڪرڻ آهي . حقيقت جا ڪوڙي آهي ، اڻ وڻندڙ آهي ، ان سان پاٺڪ کي منهنا منهن ڪرائڻ آهي . هڪ قسم جو شاڪ ڏيئي ڏوڏي ڇڏجي !

بعد جديد جي تحريڪ جنهن جو باني ژاڪ ڊاريڊا هو ، تنهن سڄي ٻولي ۽ ادب کي ليکڪ جي رچنا بدران پاٺڪ جي رچنا بڻائي ڇڏيو — اتي ليکڪ غائب آهي — پاٺڪ خود مختيار آهي ۽ لفظن مان ڪا بہ معنىٰ ڪڍڻ لاءِ آزاد آهي . ان حالت ۾ جماليات پڻ هڪ تمام شخصي عمل آهي ، جنهن جا ڪي بہ عالمگير قدر ٿي نٿا سگهن .

سنڌي ادب جي حوالي ۾ اسان وٽ صوفي ساهت جي پرمپرا رهي آهي . صوفي مت ۾ جماليات جو هڪ مخصوس سلسلو آهي — هن سرشٽيءَ جو بنياد ’حق‘ آهي . ’حق‘

سيني حواسن کان پري آهي ، مٿيرو آهي . حق جو واسو وحدت ۾ آهي ۽ اها وحدت وري پاڻ کي ڪثرت ۾ ٿي ظاهر ڪري . حق جو جمال ( سونهن ) سڄي عالم — وحديت ۽ ڪثرت جي تضاد ۾ آهي ، جنهن جو مشاهدو وجداني حالت ۾ ئي ماڻڻ ممڪن آهي .

ان مشاهدي جو مثال شاهه جي هن بيت ۾ بخوبي ملي ٿو :

" پيهي جان پاڻ ۾ ، ڪيم روح رهاڻ ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ ، نڪا ڪيچين ڪاڻ ،
پنهون ٿيس پاڻ ، سسئي تان سور هئا . "

هاڻي مان هي سڀ خشڪ ڳالهيون ، نارائڻ شيام جي ترائيل سان پوريون ٿو ڪرڻ چاهيان . جنهن جي سونهن جو بيان ڪرڻ ضروري نہ آهي پر اها سونهن ماڻڻ لاءِ آهي .

جهلمل ڪنڌ حسين ستارن جي ميڙ ڏي
ڏسندي مٿي تان ڪنهنجي رئوئي ڪري پيو!
نالو نڪت نڪت جو ٻڌي شوق مان ٽڪي
جهلمل ڪنڌ حسين ستارن جي ميڙ ڏي !

اپ ڏانهن هيءَ ڏسي ۽ ڪو ڏانهس پيو ڏسي
نظارن جي سڪ ۽ سونهن جو مرڪز ملي ويو ،
جهلمل ڪنڌ حسين ستارن جي ميڙ ڏي
ڏسندي مٿي تان ڪنهنجي رئوئي ڪري پيو!

( ساهتيہ اڪادمي بڙودا سيمينار ۾ پڙهيل — بشڪريہ ساهتيہ اڪادمي )

# سنڌي ادب ۾ بعد جدت ناول جي حوالي ۾

’جيڪو دماغ نتيجي تي پهچي چڪو آهي ، اهو سوچي نٿو ۽ جيڪو دماغ سدائين ڪليل آهي ،اهو ڪنهن نتيجي تي پهچي نٿو سگهي .‘ اها متضاد چوڻي اسانجي وشيه جي حدبندي ۽ مجبوري ، ساڳئي ئي وقت آهي . گهڙيال جي لڏڪڻي جي آمهون – سامهون انتهائن جي وچ ۾ ڪنهن ميزان ڳولهڻ جي ڪشمڪش ، ڇاڪاڻ ته ميزان صرف تصوري نقطو آهي ، علم منطق ۾ آميزش جي نقطي جيان . هن بحث ڪان پوءِ ڪنهن به نتيجي تي پهچڻ جو مقصد ته آهي ئي ڪونه پر وشيه کي ڦولهڻ جي صرف ڪوشش ئي ٿي سگهندي ، سا پڻ صرف مٿاڇري . هتي تمام مختصر نموني هن سفر جي شروعاتي اڏاوت جو ذڪر ڪرڻ سان شروعات ڪبي .

شروعات ته شروع ڪان ئي ڪبي . پلئٽو ۽ ارستوءَ جو رشتو استاد شاگرد جو . ٻئي دنيا جا مڃيل فيلسوف ، پر سندن دخل ڪلا ۽ ادب ۾ پڻ . پلئٽو پنهنجي رياست مان شاعرن ۽ ڪلاڪارن کي نڪمو ظاهر ڪري ، کين نيڪالي ڏيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ، ڇاڪاڻ ته سماجي طور انهن سماج کي ڪجهه به نٿي ڏنو ، ته ارستوءَ وري شاعرن جي سماج ۾ جائزگي بحال ڪئي ، ڇاڪاڻ جو سندن ڪم سماج جي فرد لاءِ ڪارگر هو ، جوسندس ڪٿا رس جي وسيلي من صاف ٿو ڪري . ائين مغربي روايت ۾ شروع ڪان ادب ۽ فيلسوفيءَ جو رشتو قائم رهيو آهي . مغربي دنيا جي آڳاٽي دؤر ۾ هيلينڪ ( گريس ) فلاسافيءَ تي بعد ۾ ڪرستاني فيلسوفيءَ جو غلبو رهيو . ڪرستاني مذهب ۾ سڌاري جي لهر ڪافي

ڪجھ لوڏي چڏيو تہ وري ڊوڙ ٿي ( هيلينڪ ) گريس جي گرنٿن ڏانهن ۽ ڏيهي ٻوليون پڻ اوسر جي سلسلي ۾ شامل ٿيون . مڪاني حالتن ڪرستاني شهنشاهت جي يڪ جدائيءَ جو قالب ٽوڙي ڇڏيو. ائين شروع ٿيو "نئين جاڳرتا جو دؤر "( رينيسانس ). جڏهن هنري انقلاب آيو تہ يورپ ۾ مادايت جا فيلسوف عروج تي پهتا ۽ ان جي رد ــ عمل ۾ اتان جي مفڪرن ۽ ڪلاڪارن قدرت جي پلاٽ ۾ سڪون ٿي ڳولهيو. روسو قدرت طرف واپس ورڻ جو سڏ ڏنو تہ انگلنڊ ۾ ڪوين ورڊس ورٿ ۽ ڪولرج رومانوي ڌارا جو آغاز ڪيو. جنهن ڌارا جو مکيہ بنيادي دستاويز لريڪل بئلاڊس جو ڪالرج پاران لکيل مهاڳ بڻيو.

هن وقت ۾ فلاسافيءَ جي سطح تي آدرشوادي ۽ مادياتي فلاسافرن ۾ ڪافي شديد ذهني چڪرين جو د ؤر شروع ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي ذهني مقابلا ڇتائيءَ جي حد تي وڃي رسندا هئا . هن د ؤر يعنيٰ ويهين صديءَ جي شروعات ۽ پهرين عالمي جنگ جي خاتمي بعد وارو يورپ ۾ ذهني طور ولولي وارو دؤر ثابت ٿيو.

هنري انقلاب جي رد ــ عمل ، پرنٽنگ پريس جي شروع ٿيڻ ، عوام جي سڪيا وڌڻ، اخبارن جي نڪرڻ ، هنن سيني حقيقتن اڳواٽ ئي ادب جي دائري ۾ اٿل پٿل مچائي هئي . ادب گهڻو ڪري ڪنهن مقصد ڪي ڪٽي لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو. شروعاتي ناول هفتيوار اخبارن ۾ پاٺڪن جي رچي قائم رکڻ لاءِ قسطن ۾ اچڻ لڳا . هن دؤر ۾ ڪيترا ئي اعلىٰ مضمون نويس پڻ پيدا ٿيا . حقيقت نگاري ( نيچرلزم ) جي ڌارا زور هئي . هن صورت حال ۾ پڻ ڪي ساهتڪار ۽ فنڪار هئا , جن ڪلا ڪي ڪلا لاءِ سمجهي پئي لکيو ۽ سندن سوچ موجب ڪلا ۽ ادب ڪان ٻاهريان حوالا ادب ۽ ڪلا ڪي هٿي ڏيڻ بدران ڌهرم رسائي رهيا هئا ۽ انگلنڊ ۾ هن دؤر ۾ جي شاعر پيدا ٿيا ، تن ۾ ايزراپائونڊ جو نالو ، اهم آهي ، جنهن سان جيمس جايس ۽ ٽي . ايس. ايلئٽ ، ايچ . ڊي . لارينس جا نالا پڻ گڏ ورتا ويندا آهن . هنن مکيہ نالن بعد ٻيا پڻ ڪيترا ليکڪ هن قطار ۾ شامل ٿيا .

هنري انقلاب جي اٿل پٿل جي رد ــ عمل سامراجشاهي نظريي جي فيلسوفيءَ جي غلبي ۾ ايزراپائونڊ فاسي فيلسوفيءَ جي شرڻ ورتي . پائونڊ تہ اٽليءَ ۾ ٻين جنگ بعد مسولنيءَ جي هار تي هڪ سلسليوار ڪوتا پڻ لکي ، جنهن ۾ مسولنيءَ جي هار تي سندس نراسائي ظاهر آهي . انهن مان ڪن مجموعي ۽ شخصن جي وچ ۾ مفادن / تضادن ۾ شخص ۽ شخصي آزاديءَ جي حمايت ڪندڙ فيلسوفن آرٿر شوپن هار ۽ فيدرڪ نشي جي لکڻين مان

تقويت حاصل ڪئي ۽ ايليٽ ته فرينچ ڪئٿولڪ رئيڪشن ڏانهن پڻ مائل ٿيو. ائين هن سوچ جون جڙون شخص کي ترجيع ڏيندڙ فلاسافيءَ ۾ هنيون.

هن دؤران هڪ نئين سوچ پڻ سامهون آئي. سگمن فرائڊ انساني من جو اڀياس ڪيو. هن جي اڀياس غير شعور، نيم شعور ۽ شعور جو فلسفو پيش ڪيو. اڳتي هلي هن سڄي سلسلي کي جنگ سائيڪو ائنيلسس ۾ آندو. هن ۾ هڪ ٻيو عنصر پڻ جڙيو. جنسيات جو. زندگيءَ جو مرڪزي ۽ مکيه بنياد. هن مان ڪمپليڪسس جو تصور پيدا ٿيو. جنهن ۾ هڪ يوڊيپس ڪامپليڪس آهي، جنهن موجب پٽ ماءُ سان جنسي لذت حاصل ڪرڻ ٿو گهري. پيءُ کي پنهنجو رفيق ٿو سمجهي ۽ ساڳي ڪار ڌيءُ سان پڻ آهي. ائين پٽ لاءِ مدر فڪسيشن ۽ ڌيءُ لاءِ فادر فڪسيشن سپاويڪ ٿيو پوي. جنگ جي سائيڪو ائناليسز سپنن کي اچيت من جي ڪنجي ڪري مڃيو. ان جو اثر اهو ٿيو ته چترڪلا ۾ سريئلزم ۽ ساهت ۾ اسٽريم آف ڪانشسنيس ۽ جنسيات جو کليو اظهار ٿيڻ لڳو. اهو وري ڪرستاني سڪيائن ۽ ملهن جي خلاف هو، جو عؤرت کي ئي اوائلي پاپ جو سبب سمجهندا آهن ۽ ان آڌار تي عؤرت جي هيٺاهين حالت لازم ڄاتي ويئي ۽ ارڙهين صديءَ تائين عؤرت کي مرد جهڙو ساڳيو درجو نه ڏنو ويو ۽ ڪيس ڪنهن به سنستا ۾ ووٽ ڏيڻ کان وانجهيل رکيو ويو. هن ٿيوريءَ عؤرت کي سماجي طور هيٺين سطح کان مرد سان ساڳي سطح تي آندو، جنهن حقيقت گهڻي قدر اڳتي هلي، عؤرت آزاد هلچل ۽ فيمنسٽ ادبي هلچل کي هٿي ڏني. ائين وڪٽورين ملهن جو ذري گهٽ خاتمو ٿي ويو. جنهن ماحول ۾ عؤرت کي سدائين معصوم ۽ نازڪ ڪري پيش ڪيو ويندو هو ۽ جنس جو ذڪر اڻ سڌي نموني پڻ ساهت ۾ نه اچي سگهندو هو.

هن سان گڏوگڏ روس جي انقلاب بعد ماديت جي حمايتي فلسفي تحت — مارڪسوادي ويچارن کي اڳتي رکي، انهن جي ملهن جي بنياد تي ڪيترن ليکڪن رچنا ڪرڻ شروع ڪئي. ائين دنيا جي سيني ملڪن ۾ ترقي پسند ادب جو زور شروع ٿيو، جنهن ۾ مزدور، ڪسان، ڳوٺ، عام ماڻهو، دهڪاني، محنت ڪش مرد عؤرتون ۽ هيل تائين غير ـعيوضي طبقن جي ورثي جي اوک ڊوک شروع ٿي. جنهن صورت ۾ بينڪن جي چٽاڀيٽيءَ ڪري سياسي سطح تي ملڪ ٻين مهاڀاري جنگ طرف وڌي رهيا هئا ته مارڪسوادي فلاسافيءَ جي هڪ عنصر "گڏيل" ( ڪليڪٽو ) اصول جي بنياد جي زير اثر ليکڪن پڻ

هڪ گڏيل سڃاڻپ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ائين پئرس ۾ ترقي پسند ليکڪن جي جماعت بندي شروع ٿي . هيل تائين ليکڪن جي جدا جدا سڃاڻپ هئي . ان جي برعڪس پهريون ڀيرو ليکڪن گڏيل سڃاڻپ جو شعور پيش ڪيو ۽ هن ڌارا سان ڪيترا ئي ليکڪ وابستہ ٿي ويا، جي يورپ ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پکڙيا ۽ ڦهليا ۽ ڪنهن خاص مقصد سان ڪم ڪرڻ لڳا . ٻين مهاڀاري جنگ ۾ ڪيترن ئي ليکڪن جنگ ورودي ادب پيدا ڪيو ۽ جنگ خلاف ڀرپور ورتو . ٻين جنگ جي آخر ۾ تباهيءَ جو عالم ڏسي ڪيترن مفڪرن انسان جي زندگيءَ جي مقصد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي . ڪامو انساني زندگيءَ کي ’اجايو‘ ، ’بي مقصد‘ ، ’ائبسرڊ‘ ڪري تصور ڪيو ۽ سارتري انسان جي هستيءَ مؤت جي وچ ۾ زندگيءَ کي هڪ تضاد ڪري هستيواد جي فيلسوفي پيش ڪئي . هنن ٻنهي نظرين ڪافي ليکڪن کي ادب ۾ پڻ هنن ويچارن کي بنياد بڻائي تخليق ڪرڻ لاءِ اتساهت ڪيو. هن ڌارا سان اڳيان ڪي ليکڪ بہ جڙيل هئا ، جن ۾ ڪافڪا،ائنسڪو هنن لاءِ اتساهہ جو باعث بڻيا . سئميوئل بئڪي پنهنجن ناٽڪن ۾ هن فلسفي جي خوب عڪاسي ڪئي . هي سڀ غير مارڪسوادي ليکڪ پنهنجي عقيدي موجب الڳ شخص هئا ، جن مجموعي سڃاڻپ نہ پر انفرادي سڃاڻ ۾ وشواس پئي رکيو ، پر نقادن ڪين ترقي پسندن ليکڪن کان الڳ سڃاڻپ ڏيڻ جي لحاظ کان مجموعي سڃاڻپ ڏني . جديد ليکڪن کي نوان ۽ سندن رچنائن کي جديد ادب ڪوٺيو ويو . اهو ذهن نشين ٿئي تہ ورڊس ورٿ يا ڪالرج ڪڏهن بہ پاڻ کي رومانوي ڪوي ڪري ظاهر نہ ڪيو ۽ نہ مڃيو . ائين جديد ۽ نئون صرف هڪ نسبتي ليبل آهي ، حقيقت ۾ هن ۾ ڪيترين ئي مختلف ڌارائون ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي ورودي ڌارائون پڻ سمايل آهن .

تنقيد جي ڪيتر ۾ روايتي ۽ مارڪسوادي تنقيد پنهنجي مخصوص نوع سان جاري رهي .، پر 1940 ع ۽ 1960 ع ۾ آمريڪا ۾ نئين تنقيد جو دؤر شروع ٿيو جنهن ۾ مکيہ حصو وٺندڙ هئا ڪيلنٿ بروڪس ، پي. آر . بلئڪ مور ، ايل .اين .ٽيٽي ۽ جان ڪرو اينسم . هنن جي خيال جو سلسلو ٽي .ايس . ائليٽ جي خيالن مان اسريو . هنن جي خيال موجب لکٽي پنهنجي ليکي هڪ مڪمل رچنا آهي ، تنهن ۾ ليکڪ جي خيال کي ڪا معنىٰ نہ آهي . شاعري هڪ مڪمل چيز آهي . جنهن ۾ هيئت ۽ خيال ( فارم ائنڊ ميننگ ) الڳ نٿيون ڪري سگهجن ، ائين هنن جي خيال ۾ هڪ سٺي ڪوتا ۾ پيچيدگيون ۽ تضاد تہ آهن

پر شاعر انهن ۾ يڪوجودگي ۽ هم آهنگي پيدا ڪري هن پيچيدگيءَ کي حل ڪري ٿو پر اڳتي هلي هن تنقيد مبهمتا جو رستو اختيار ڪيو.

يورپ ۾ تنقيد اڳواٽ ئي نوان پيچرا تيار ڪري شاهراهن ۾ بدلجي رهي هئي. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سئزرلئنڊ جي پاشا وگياني فرڊيند_ڊ_ساسوري ٻوليءَ جي حوالي ۾ هڪ نئون رخ اختيار ڪيو. جنهن ٻوليءَ جي بناوت ۽ ان جي سماجي ڪارج جو اڀياس ڪري ڪي نتيجا پيش ڪيا ۽ 1950ع ڪلاڊ_ليوي اسٽراس جو بنيادي طور نسلي ۽ قبائلي سماجن جي اوسر جو ماهر هو (ائنٿروپولوجسٽ) تنهن اهو ويچار پيش ڪيو ته انسان ذات جو بنياد جدا جدا اڏاوتن (اسٽرڪچرس) تي ٻڌل آهي ۽ ٻولي پڻ هڪ اڏاوت آهي. ائين ٻوليءَ کي هڪ مڪمل اڏاوت ۽ هڪ مڪمل سرشتو ڪري ليکيو ويو، جنهن سرشتي جا مخصوص اندروني طور ڪم ايندڙ نظام آهن. ائين لفظ پنهنجي ليکي ڪابه معنىٰ نٿو رکي. ٻولي هوا ۾ ڪي آواز آهن ۽ لکت جي حالت ۾ پني تي صرف ڪي ليڪون. ائين ٻوليءَ جي حوالي ۾ لفظ جي استعمال ڪندڙ ۽ لفظ جو جنهن چيز جو عيوضيپڻو ڪري ٿو، اهو لفظ جي ڪم آڻيندڙ جو خود اختياريءَ وارو فيصلو آهي (آربيٽيٽري) جنهن جو ڪو جواز نه آهي. هن خيال ڪان هر لفظ پنهنجي معنىٰ بئي ضد واري لفظ پاران ئي سمجهي سگهي ٿو. مثلن: مرد/عؤرت، اڇو/ڪارو. اهائي لفظن جي ابتي معنىٰ ۾ سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي. هنن ماهرن جي خيال موجب ليکڪ لکڻيءَ پاران دنيا جي نظام کي معنىٰ ۽ سلسلو بخشڻ جي ڪوشش ٿو ڪري پر ٻوليءَ ۾ پنهنجي ليکي اها قوت نه آهي. ائين ڪنهن به لکڻيءَ کي پڙهڻ لاءِ پڙهندڙ جو دخل ضرور ٿيو پوي، جو ڪابه لکت (ٽيڪسٽ) پنهنجي ليکي ۾، گهڻو ڪري خيالن جي ڳانڍاپي واري سلسلي تحت (اسٽريم آف ايسوسئيشن آف آئيڊياز) پڙهندو پرهن ۾ مسئلو اهو پئي پيدا ٿيو نقاد پاران پڙهڻيءَ جي تشريح پڻ داخل پئي ٿي.

ائين ادب جي تنقيد ۾ اڏاوت بعد (پوسٽ اسٽرڪچر لزم) جو دؤر شروع ٿيو. ائين بعد اڏاوت ۽ بعد جدت هڪ ئي زمين مان پيدا ٿي، جنهن ۾ اهم رول ژاڪ ڊريڊا ادا ڪيو. ائين پوسٽ اسٽرڪچرلزم ۽ بعد جديد جي شروعات ته ساڳي خيال ڪان ٿي پر ٻنهي ڌارائن ۾ نمايان فرق اهو آهي ته اسٽراس جڏهن ٻوليءَ کي ضدن جي آڌار تي هڪ مڪمل سرشتو مڃي ٿو، اتي ژاڪ ڊريڊا لفظن جي تضاد کي نڪاري لفظن جي وچ ۾ اڻ چيل/ آڻ چئجي ويل / ڪتل جي گهڻ رخي ۽ گهڻ تهي خيال کي ڪٿي لفظ کي مڪمل نٿو سمجهي ۽

سندس خيال موجب هڪ لفظ صرف ٻئي لفظ ڏانهن وٺي ٿو وڃي ۽ معنيٰ ٻن لفظن جي لغتي معنيٰ ۾ ناهي پر ان لفظ جي معنيٰ ٻن لفظن جي وچ ۾ جيڪو ڪٽل آهي ، جو ڪنهن به سطح تي ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن به ڪنڊ ۾ ٿي سگهي ٿو ، ان تائين پهچڻ بعد ئي معنيٰ هٿ ڪري سگهجي ۽ اها معنيٰ پڻ سيني پڙهندڙن لاءِ ساڳي هجي اهو پڻ ضروري ناهي . هن حالت ۾ پڙهڻي تڏهن ممڪن ٿي سگهندي جڏهن لکاوٽ ( ٽيڪسٽ ) کي ڪنهن پروليءَ جيان سليو وڃي . لفظن جي پٺيان ، وچ ۾ / اڳيان وڃي لڪٽيءَ کي ٽوڙي پڙهيو وڃي . هن کي ( ڊي ڪنسٽرڪشن ) چيو ويو. ائين زاڪ دريدا تنقيد جي کيتر ۾ نئين نقط نظر ڏني ۽ نقادن کي هڪ نئون اوزار ڏنو.

هن سلسلي ۾ ڊاريدا جو ليڪچر " Structure , sign,and play in discourse of human sciences " جو هن سال 1966 ع ۾ آمريڪا جي جان هاپڪنس يونيورسٽيءَ ۾ ڏنو ،اهو ادب جي تاريخ ۾ هڪ حد نشان ليکيو ويو. دريدا جي ڊي ڪنسٽرڪشن جي خيال نقادن جي هٿ ۾ هڪ نئون اوزار ، نئين نقط نظر ته ڏني ، پر ان جا پيا پڻ ڪيترا نتيجا نڪتا ، جن جو ادب ، ميوزڪ ، چترڪاري ، اشتهاربازي (Advertisement )، واپار ( مارڪيٽنگ )جي واڌاري علم معماري ( آرڪيٽيڪچر ) جهڙن جدا جدا کيترن ۾ اثر ٿيو .دريدا جي سوچ جي سلسلي کي اڳتي وڌائي هيٺيان نتيجا نڪتا:

( 1 )دنيا ۾ ۽ خاص طور ٻوليءَ ۾ ڪو هڪ مرڪز نه آهي ۽ گهڻا ئي مرڪز آهن . ڪنهن به ڳالهه کي مڪمل ( ائبسوليوٽ) طريقي سان قبول نٿو ڪري سگهجي .مرڪزيت جو مفهوم نسبتي آهي. حقيقت ۾ ڪوبه طئه ٿيل مرڪز نه آهي .

( 2 ) جيئن سماج ۾ تيئن ٻولي ۽ ڪلچر ۾ پڻ ننڍ وڏائي (هايراڪيز )جو نظام موجود آهي ۽ ڪجهه به اٽل نه آهي . تنهن ڪري هنن مڃيل ننڍ وڏائيءَ/نئين/خراب جي رشتن کي مٽائي سگهجي ٿو.ائين اها سوچ اينٽي ايشٽيبلشمينٽ جي طقويت ڏيڻ لڳي ۽ هر کيتر ۾ هڪ آزاديءِ جو احساس طاري ٿيو.

( 3 ) اها سوچ فيلسوفيءَ جي لحاظ کان ’ خيال ‘ کي ترجيع ڏيندڙ فلاسافرن جي زمين تي شروع ٿي ، جتي ’ اجتماعي ‘ بدران ’ شخص ‘ کي وڌيڪ اهميت آهي ، پر هيگل جي

ڊائليڪٽس جي اوزار سان ڇيد ڪندي هن سپر ڪانشسنيس جو خيال رد ڪري ڇڏيو ، جا ڳالھ سارتري پنهنجي هستيواد فلسفي ۾ اڳواڻ ئي ڪري چڪو هو.

( 4 ) وهنواري دنيا ۾ ڊاريڊا جي خيالن هن جي ويچارن کي عاج جي مناري مان لاهي عوامي سطح تي آڻي ڇڏيو.

ائين ڊاريڊا جا خيال مارڪسوادي ويچارڪن ۽ نقادن پنهنجي ذهني زمين تي رهندي اپنايا . هنن مارڪس جي ڪموڊٽي سڌانت کي بنياد بڻايو. ائين " نيو هسٽارسزم " جي ۽ ڪلچرل مٽيرئلزم جي ڌارا پڻ پيدا ڪئي . نيو هسٽارسزم ۽ ڪلچرل مٽيرئلزم لفظ 1980ع ۾ آمريڪي نقاد اسٽين گرين بالڊ ۽ برطانيہ ۾ ريمنڊ وليم ڪم آندا . فرانس ۾ هن ڪيتر ۾ فرانسيسي تاريخ نويس مائيڪل وئوڪالٽ پڻ اهم ڪم ڪيو آهي پر جيئن تہ اهو پهلو منهنجي وشيہ کان ٻاهر آهي ، تنهن ڪري مان هن جي وڌيڪ وضاحت نہ ڪندس .

هاڻي فوڪس سنڌي ساهتيہ تي ڪجي تہ اتي پڻ شروعات تہ شروعات سان ئي ڪرڻي پوندي . انگريزن هندستان ۾ جو پرڳڻو پنهنجي سلطنت جو آخرين حصو بڻايو ، اهو سنڌ هو . سنڌي ٻوليءَ کي لپي ملڻ — عام سکيا جو شروع ٿيڻ ۽ ساهتيہ جي الڳ الڳ منزلن جو اتهاس محض نوي سالن جو ئي آهي .ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ علميت نہ هئي پر فرق اهو پيو تہ اڳي علم حاصل ڪرڻ هڪ شخصي حاصلات هئي . انگريزن جي اچڻ بعد ڇپائيءَ جي ۽ تعليم جي سلسلي هن کي ايليٽسٽ ليول مان بدلائي عوام جي ليول تي ( اهو عوام پڻ ان وقت جو هڪ نسبتي لفظ آهي .) آندو . ائين انگريزن کان اڳ سنڌي شاعري تہ سگهاري هئي پر نثر مؤجود ئي نہ هو .تعليم جي اثر هيٺ نثر ۾ جيڪي ساهتڪ فارم آيا ، جيئن ٻين ٻولين ۾ ٿيو ، انگريزي ساهتيہ مان سڌا سنوان آيا .شروعاتي دؤر ۾ ادب ۾ دخل سماج سڌارڪن ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ ماسترن ۽ تعليمدانن جو رهيو. وقت جو ' ايٿوز ' ، وڪٽورين ملهن جي اخلاقي ماپن تي تہ ٻڌل هو ۽ ويتر سنڌ تي ڪيترن صدين کان مسلم راڄ ڪري سماجي طور گهٽ ٻوساٽ جي زندگيءَ جو هڪڪ رواج ۽ روايت چالو هئي . هن حالت ۾ ليکڪن کي صرف درسي ڪتاب تيار ڪرڻ ۽ اخلاقي سبقن ڏيڻ جو رول ادا ڪرڻو پيو . هونءَ بہ تعليم / ماستريءَ جي پيشي مان سماج نهايت آدرشي شخص جي اميد رکي ٿي . سو انهن کي ان آدرشي اميج کي قائم رکي ان کي

مضبوط ڪرڻو هو. مقرر ٿيل ليڪ کان ڪٿي جهڪڻ، ڏسڻ، هلڻ ته سندن لاءِ ممڪن ئي نه هو. ڪين ڪوپا پائي هلڻ ۾ ئي سنتوش ماڻڻو هو. ( البت مرزا قليچ بيگ ماستر نه هو. )

اهوئي دؤر جاري هو ته هندستان ۾ آزاديءَ جي جنگ شروع ٿي ويئي، جنهن دؤران ڪجهه ساهت آزاديءَ جي هلچل جي اثر هيٺ پيدا ٿيو.اهو ساهتيه پڻ ڪو طاقتور آواز ڪٿي اچي نه سگهيو .هندستان ۾ ٻين مهاڀاري جنگ کان ٿورو اڳ 1936ع ۾ ترقي پسند ليکڪن جي جماعت شروع ٿي، جنهن جو اثر سنڌ ۾ اٽڪل اٺن سالن بعد پهتو ۽ 1944ع بعد جڏهن روس ۽ انگريز ٻين جنگ ۾ هڪ ٿي سان ساز باز ٿيا ته سنڌي مڊل ڪلاس جا ڪي نؤجوان مارڪسوادي ويچار ڌارا طرف ڇڪجي ويا ۽ ادبي ڪيتر ۾ اچا هڪ اڌ قدم مس کنيائون ۽ هوش سنڀالين تنهن کان ا ڳئي ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو. مارڪسوادي اصولي ضرورت موجب هلچل ڪي مجموعي سجاڻپ کٽي ڪم ڪرڻو هو. ائين سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جي ڌارا شروع ٿي، جنهن جي مک ۾ هئا وقت جا ڳيرو جوان، جي مارڪسواد جي انسان پرست پهلوءَ کان متاثر ٿي هن فيلسوفيءَ طرف ڇڪيا هئا ، ڪين مارڪسواد جي فلاسافيءَ جي پيچيدگين جي خير ڪا ڄاڻ، يا گهرو اڀياس هو. ترقي پسند ڌارا هڪ هلندڙ بس جيان هئي ،جنهن ۾ جيڪو نئون ليکڪ هو، اهو سوار ٿي ويو ۽ ائين مجموعي سجاڻپ جو فائدو ماڻيندو رهيو. اها حالت تيستائين قائم رهي جيستائين ڪن ليکڪن شخصي سجاڻپ نه حاصل ڪئي. ائين وقت پٺي آهستي آهستي اها بس خالي ٿيندي ويئي.

عالمي سطح تي اهو دؤر ٻئي جنگ جو دؤر هو، جنهن ۾ سماج جا سڀ پهلو شامل هئا، ادب ۽ ڪلچر پڻ هن ٻئي جنگ کان آجا رهي نه سگهيا ۽ هند ۾ پڻ جيئن ٻين ٻولين ۾ ٿيو، شخصي سجاڻپ جي بنياد تي ترقي پسند ڌارا خلاف ڪيترا آواز اٿيا. سنڌي ساهتيه ۾ پڻ ائين ٿيو، خاص طور تي /عام طور تي نالا کنيا ويندا آهن. موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ. انهن جي مجموعي سجاڻپ ڇڏي شخصي سجاڻپ قائم ڪرڻ جي لحاظ کان آواز اٿاريا هئا. آواز الڳ هئا. تنهي جو ادب ڏانهن رخ الڳ هو. حقيقت ۾ ٽنهين ۾ ڪا به هڪجهڙائي نه هئي، پوءِ به نقادن سندن مجموعي سجاڻپ ' رومانوي' ليکڪن طور ڏني. اها ڪافي منجهائيندڙ ڳالهه آهي ته جنهن مفهوم ۾ رومانواد انگلنڊ ۽ يورپ ۾ ڪنيو ويندو آهي، ان جي ڪنهن به ڪنڊ جي پڻ انهن نمائندگي نه پئي ڪئي.

مٿي ٿڌي جنگ جو ذڪر ڪيو ويو آهي . ادبي ڪيتر ۾ ترقي پسند ادب جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪا ڌارا ( مجموعي سجاڳپ ) نہ ڪپندي هئي .ان سوچ ضريعي هند جي ادب ۾ جيڪي بہ الڳ الڳ بنيادن تي غير مارڪسوادي ڌارائون هيون ، سندن فيلسوفيءَ جي بر عڪس انهن کي ’ نئون ساهتيہ ‘ جو نالو ڏيئي پيش ڪيو ويو ۽ وقت پئي اها ڌارا سنڌي ادب ۾ پڻ آئي ۽ جيئن ترقي پسند ادب جي حوالي ۾ ٿيو هو ، ائين هن هلندڙ بس ۾ پڻ ڪيترا چڙهي مسافريءَ جو مزو ماڻڻ لڳا . سنڌيءَ جي حوالي ۾ هن ڌارا مان جو مکيہ فائدو ٿيو ، اهو اهو ٿيو تہ سنڌي ادب کي نصيحت ۽ پيغام کان ڇوٽڪارو مليو ۽ ادب پنهنجي ليکي هڪ خود مختيار رتبو ماڻڻ لڳو. نئين ادب ۾ جيئن هر ادب ۽ هر دؤر ۾ ٿيو آهي ، ڪي ڪمزور ڪي نقلچي ۽ ڪيترا رؤنشي ڪوڙيا اچي شامل ٿيا ، پر جيڪي اديب شخصي سطح تي ڪجهہ ڏيڻ جي توفيق رکي ٿي سگهيا ، انهن خيال جي لحاظ کان ۽ ٻوليءَ جي تخليقي استعمال سان سنڌي ادب کي نيون قوتون ڏنيون آهن ، جا پنهنجي ليکي ڪا گهٽ دين نہ ليکبي .هاڻي جڏهن سان ’ نئين ادب ‘ جو دؤر پار ڪري چڪا آهيون تہ ڳالهہ ٿا ڪريون بعد جدت جي .

جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ بعد جدت جو مفهوم خاص ڪري تنقيد سان وابستہ آهي . خاص ڪري ڊاريڊا جو ڊي ـ ڪنسٽرڪشن جو عمل ، اهو ساهتيہ سرجنا جو بنياد ٿي نٿو سگهي پر هن رخ مان جيڪي لازمي نتيجا نڪتا ، مرڪزيت جي عدم مؤجودگي يا مسلسل ڦير گهير ، نند — وڏائي ، سٺائي ـ برائي ، خوبصورتي—بد صورتي ، اهي نسبتي مفهوم آهن ،جيڪي وقت پئي بدلجن ٿا ۽ داخلي آهن . ائين ادب کي هڪ سچي سرشتي کي ’ نڪمو ‘ بڻائڻ (سب ورٽ ڪرڻ ) جو ڪم ادب ڪري سگهي ٿو. ڊي ـ ڪنسٽرڪشن جي اوزار سان ٽن ليکڪن جي ڪن ناولن مختصر نموني ڇيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس . آخر ٽي ليکڪ ڇو ؟ ان جو ڪوبہ خاطرخواهہ جواب مون وٽ نہ آهي . شايد مٿالاجيءَ جي ٽرلاجيءَ جو نيم ـ شعوري اثر هجي ، يا منهنجي من ۾ ’ چيز ‘ جي ٽن رخن ( ڊائمينشنس )جي ڏسي سگهجن ٿا ، ان بعد چوٿين رخ جي ڳولها جي لالسا هجي ، مان چئي نٿو سگهان . ها ايترو چئي سگهان ٿو تہ هڪ تہ هنن ٽن ليکڪن پنهنجن ئي لفظن ۾ چيو آهي : ’ اهي جديد ۽ بعد جدت جي مفهوم سان آشنا آهن . ‘

# ”ڪايا پلٽ“ ( ناول ) ـ پرم ابيچنداڻي – سال 2000 ع

هيءُ ناول گهڻو ٽڻو ٽن ڪردارن جو آهي . سچي ، گولي ۽ مان . حقيقت ۾ ناول ۾ ٻه گوليون آهن ، ٻه سچيون آهن ۽ ٻه مان آهن . صفح 136 کان مان بدلجي سوترڌار ٿي ٿو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح مان ٻن کان وڌيڪ آهن .

پهرين اچان ’ سچي ‘ نالي واري استريءَ تي ، ”جنهن جو سنهڻ هندن جي ديوي سچي يا اندراڻيءَ سان هرگز نہ آهي . ٿي سگهي ٿو ( ! ) ديوي سچيءَ جي اظهار ڪيل روشن سان ، هن ڪهاڻيءَ جي سچيءَ جا روش ڪي قدر يا بنهہ ملي اچن يا ٻنهي جي هلت چلت يا جسماني ڊول هڪ جهڙو هجي ..... “( ص 5 )

” ٽيريبلي فوٽوجينڪ چهرو اٿس . هونءَ بہ بيحد حسين آهي .(ص 13) ڪي استريون سندر ٿينديون آهن . ڪن جو شرير اهڙو ٿيندو آهي جو سندرتا وسارائي ڇڏيندو آهي . هن استريءَ ۾ ٻئي گڻ هئا . هن جي چهري ۾ غير معمولي سونهن ۽ نزاڪت هئي ، ڄڻ تہ ڪنهن استاد ڪلاڪار خود پرڪرتيءَ کي سڌاريو هو ..... سندس چمڙي ملائيدار تَرَ واري هئي ..... مٿي اپريل جوش ۾ آڻيندڙ ، ڳچيءَ تائين پهريل ٽاپ اندر ڦٿڪندڙ ڇاتيون ، جن ٽاپ جي خلاف بغاوت پئي ڪئي ، سندس آواز لرزندڙ هو . تنگ بيل باٽم ۾ سندس پيريل سٿرون گول ٿي لڳيون ۽ ساڳئي وقت نوتو ڏيندڙ پڻ . “( ص 15 )

” سريش ( اڳيون مان ) ڏائي هٿ سان اولاريل هٿ پڪڙيو ۽ ساڄو هٿ ڳچيءَ وٽ سندس ٽاپ ۾ وڌو . سچيءَ جهٽڪو ڏيئي هن کي زور سان ڌڪو ڏنو . ڇڪ اچڻ تي سندس ٽاپ ڦاٽي پيو ۽ ان جي اندران سندس ڇاتيءَ تي لڳل ربڙ جا نهيل جڙتو ارڌ هيٺ ڪري پيا . سندس اگهاڙي ڇاتيءَ تي ڪڪي رنگ جي تمام هلڪي بج ظاهر ٿي بيٺي . “ (ص 151 ) هوءَ اڌ مرد هئي . هوءَ بليڪ ميلر هئي . “ اها هئي سچيءَ جي ٻين صورت يعنيٰ ٻين سچي . اهو سڀ ناول ۾ ڪي جاسوسي عنصر داخل ڪري مان يا سريش خوب گهمي ٿو ۽ سڀ ڳولهيندو ٿو رهي .

تنهن بعد گولي . گولي ناچڻي بہ هئي تہ بادستور ويشيا بہ .... ” ان ڏينهن جڏهن مون گوليءَ جو ننگو سرير ڪنجيءَ واري تنگ مان ڏٺو تہ منهنجي من ۾ هڪ انکي اڇا ڪر موڙي اٿي . “ ( ص 8 ) ناچڻيءَ گوليءَ سان موڪلائڻ وقت هن منهنجي ڳل تي بي انتها پيار

سان هٿ ڦيريندي چيو هو ، ” وج ، توکي وچڙوئي آهي . مان توکي هتي هاٺي وڏيڪ سنڀالي نہ سگهنديس . جتي بہ هجين خوش هجين . اهائي منهنجي تمنا آهي . پر هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکج . جڏهن بہ تون مون جهڙي گوليءَ سان ملين تہ سمجهج تہ اها مان آهيان . هن کي پاڻ کان پري نہ ڪج ۽ اج جي ماڊل گولي منهنجي سامهون بيهي مرڪي رهي هئي . "(ص 112)

”گولي سندس پيٽ نيم آهي . سندس اصلي نالو گلينا آهي ..... جيتوڻيڪ هن جو مرد تي اثر گوليءَ جهڙوئي ٿيندو آهي ..... "( ص 22 )

” (سوچي رهيو هوس ) ڇا چمڙي ايتري اڇي ۽ سرخ ، لسي ۽ نرم ٿي سگهي ٿي جيئن گوليءَ جي آهي ! ..... "(ص . 36 )

’ ( مون ) سندس وڏيڪ واري تقاضا پوري ڪئي . سندس سرير منهنجن ٻانهن ۾ ڦٽڪيو . مون هن کي ڇڪي لونگ روم ۾ آندو — مان ڪوچ تي وينس تہ هوءَ هيٺ ڪارپيٽ تي منهنجن پيرن جي پر ۾ ويهي رهي . ان وقت گولي ، استري نٿي لڳي پر هڪ اهو ٻار ٿي لڳي جنهن کي وڏڻ کان نفرت هئي . مان ( سريش ) .....'(ص . 95 )

’ زندگي جيڪا خوشي ميسر ڪري ٿي ڏئي ، سا سويڪار ڪندو آهيان . '

......(ص . 48)

” اج ڏينهن تائين مون استريءَ کي صرف جسماني ضرورت پوري ڪرڻ جو ساڌن ئي سمجهيو آهي ۽ پنهنجي اهڙي رشتي ۾ ڪڏهن بہ سنسڪارن ، ڀاونائن ۽ جذبن کي دخل نہ ڏنو آهي . "

هو پاڻ صرف ’ پاڳ ' ( ڊيسٽني —لڪ )جي هٿ ۾ ڪٺپتلي ٿي رهيو آهي .جو ڪجهہ ڪري ٿو ، اهو ’ پاڳ ' پاڳ ئي ڪانئس ڪرائي رهيو آهي . ” مون کي پاسي رهيو هو تہ منهنجو پاڳ ان ڏينهن مذاقي نوع ۾ منهنجي پٺيءَ تي سوار هو . " ..... ( ص . 32 )

” مان محسوس ڪري رهيو هوس تہ منهنجو پاڳ ڪنهن گهڻنا طرف مون کي گهلي رهيو هو . " ..... ( ص . 32 )

” سچي شايد هڪ _ ڪري هئي ، جنهن سان منهنجي پاڳ مون کي ڳنڍڻ ٿي چاهيو . "

” پنهنجي پاڳ خلاف جنگ جي باري ۾ سوچي رهيو هوس . "( سپ،ص .32 )

" اڄ پاڳ منهنجي پنيءَ تي سوار ٿي مون کي هڪلينديءِ هڪ ٻي گوليءَ جي آڏو آڻي بيهاريو آهي. "....( ص 108 )

"دل ۾ آڳ ۽ پاڳ ۾ نوڪرون. "( ص 110 )

سندس ڪارگذارين کي جاچيندي سندس پاڳ پاسيرو بيهي مٺس کلندو رهيو آهي.

آخر ۾ 'مان ۽ سريش ' غلط فهمين جو چار ٽوڙي ملي ڪنڌ کيرڻا ٿي وڃن ۽ اهو تاثر ڇڏيندا ٿا وڃن They lived happily ever after

( 2 ) "وڃ اڃا ڪانه ڪري آهي " – آنند کيماڻي – سال 2008

" رنگ جي ايتري صاف جو مان چوندو ٿي سون پري هوس. "..... ( ص 1 )

" ٻاهران جيتري سونهن هئس ، اندر ۾ اوتري ڪونه هئس. ٽنگون – ڳانون سفيد پر تمام سنهيون ، چڻ ٿلهيون موريون ،پيٽ صفا اندر پيٺل ، ڏن ان ۾ ائين جڻ ڪنهن چمڪندڙ برتن ۾ ڪپ. "..... ( ص 20 )

" لالچ نه ڪڄ ته هڪ ٻيو منهنجي پريم ۾ ڦاٿو آهي ته خوب لٽيانس. "...(ص 42 )

" تون منهنجي ريکا ئي ته آهين .منهنجي برکا ئي آهي منهنجي اڌوري محبت کي پوري ڪرڻ لاءِ وري جنم وٺي آئي آهين. "( ص 42 )

" انڪل ، کهاڻي واهه جا ناهي اٿو. اوشواس ۽ مزو ٻئي گڏ. " ( ص 36 )

" سچو پريم ڪيو ها ته مون کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ها. ايترا جو ويهارو سال کن هلن . انهن ٽڪرن کي پوليٿن ۾ ويڙهي فريز ۾ رکو ها ۽ روز هڪ ٽڪرو ٽافيءَ وانگر چوسي پنهنجي رت جو حصو بڻايو ها . ائين مون کي ماري پنهنجي تن ۾ زنده رکو ها . "..... ( ص 46 )

( اهاطرز بيان هڪ نوڪرياڻيءَ جي آهي ، جا اڻ پڙهيل آهي . )

" تون ڏاڍي چالو آهين ! "

" اوهان گهٽ چالو آهيو ؟ پئسا آڇي جوان ، حسين ۽ عمر ۾ تمام ننڍي عوُرت ماڻيو ٿا ، آنٽيءَ کان لڪي لڪي ، وري ان کي سڏيو ٿا پيار. "( ص 31 )

" مان سخت ڏڏڪي ۾ آهيان .ساربيٽريٽ جي گوري ورتي اٿم . "( ص. 54 )

” مان پنهنجي سائڪي سمجهي نٿو سگهان .( سائڪي سمجهڻ جي ضرورت ؟)
هن عمر ۾ ماڻهو سڀ ڪم ڇڏي سنياسي ٿي ويندا آهن. ايشور پڳتيءَ ۾ محو. “( ص 55 )
” شيلو فوبينا کان نجات پائڻ لاءِ انڪاريت هٿيار بڻايم . “.... ( ص 57 ) چهرو نہ گول هو نہ لنبوترو ، بلڪ ڪنهن ٽرئپيزوڊ وانگر هو. جنهن جا پاسا هڪ جيڏا نہ ٿيندا آهن. سندس ٽنگون ۽ رانون هڪدم سنهيون ، ٻڪريءَ جي ٽنگن رانن وانگر — ساڻس رتيءَ ۾ بہ رسيءَ جي ماترا وڌيڪ ، پڙهيل بلڪل نہ . “
” ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ڳالهہ ڪري جو شاڪ جي ليول تائين سڪدائي لڳي . “
(ص 58)

” مان شيتل جي پيار کي ڪٽي جيترو پريشان آهيان . اوتروئي هن جي آبروءَ ۾ سرکيا کي ڪٽي بيچين آهيان . ..... ڪٽنب ۽ سماج جي جڪڙ تمام پختي هوندي آهي ....“ ( ص. 62 )

” اڄ ڪالهہ هڪ ٻيو ڊپ آهي. ننڍين خوبصورت ڇوڪرين کي ڦاسائي دلالن کي وڪڻي ٿا ڇڏين. “

” پهرئين سنگم وقت ڇيو هئائين ، منهنجو پتي مون ۾ شڪ ڪندو آهي . “ شايد ان ڇوڪري سان اڳ ۾ ئي سنبنڌ هوس ۽ سندس پتيءَ کي خبر پئجي ويئي هئي .مٿس روڪ ٽوڪ ڪندو هوندو. “

ڇوڪرو اڃا پڙهي رهيو آهي . پنهنجي ڪمائي نہ اٿس . پاڪيٽ منيءَ مان ٻنهي جوڪم نہ هلندو هوندو. شيتل پيار وس ٿي ڪيس مدد ڪرڻ چاهيندي هجي .منهنجون مانسڪ دقتون ڏسي شيتل کي هڪ سولي راهہ نظر آئي هجي ....هوءَ شايد اصلي پيار کي خوش ڪرڻ لاءَ ناٽڪي پيار جو سهارو وٺي رهي آهي ، پر ڪڏهن ڪڏهن ان ناٽڪ جي ڪوفت تي برتي ، مون کي ’ها ‘ ۽ ’نہ ‘ جا جهٽڪا ڏيندي رهي آهي. “( ص 65 ۽ 66 )
” خود تي پنهنجي ذهن جو ڪو ڦندوڦ ٽ ڪرٽوئي پوندو. “( ص 67 )
هن ناول کي مان ڪنهن بہ ڌارا ۾ فٽ ڪرڻ ۾ ناڪامياب آهيان.

## باهہ جي ٻنهي پاسي

سرنيم گويا نالن معرفت پارت جي جاتيواد — پرانتواد جي نشاندهي آهي .
( ص 76 ۽ 77 )

عؤرت هئڻ هڪ چيز آهي . عؤرت جو تصور ڪٿي هلڻ ٻي ..... ( ص . 78 )

مون کي مهلائن کان ڊپ ٿيندو آهي .... ( ص . 78 )

جوڪس ( ص . 83 )

پيڪا ۽ ساهرا پڻ عؤرت کي جڻ پنهنجو زر خريد مال سمجهن ٿا ، ان ڪري مون سوچيو تہ مان هاڻي ان روش جي مخالفت ڪندس ..... ( ص . 86 )

ڪي سنا ايڪسپريشنس :

ڪلي پيئي . مان وائڙو ٿي ويس . ڪلڻ وقت منهن ۾ گهنج پئجي ويس . هڪ اونداهي سؤندريہ جو مثال اپري بيٺو — اڪثر درلپ ( ورلو )

رٽرن ڪامپليمينٽس :

" گهنج اوهان جي چهري کي بگاڙين نٿا . بلڪ ان کي رومانيت ٿا بخشين . گويا اوهان جي چمڙيءَ تي تشڪيل پائيندڙ هر گهنج زندگيءَ جي ڪنهن پيچيدگيءَ جو سمبل آهي . " ......... ( ص . 91 )

ليڪچر هئڻ جي باوجود مون کي ڪتي ڪڏهن وچٽو آهي ، ان لاءِ اجازت پتي ديو جي گهرجي تہ مان رامايڻ يگ ۾ تہ رهان ڪانہ ٿي ...... ( ص . 94 )

" سيتا کي پنهنجي پريوار ۾ باعزت پهچائي ڪُپائي اچو . استرين جي گت استريون ڄاڻن ۽ حل تہ اهي ئي ڪدي سگهنديون . " ...... ( ص . 95 )

" تون ماڻهو آهين يا مسچتي . جڏهن تنهنجي مڙس توکي وجڻ جي منع ڪئي تہ تون چو هلينءَ ؟ " ...... ( ص . 95 )

" مون کي مهاتما گانڌيءَ جو هڪ فقرو ياد اچي ويو تہ عؤرتن جي معملي ۾ پاڻ نہ الجهائي . "

وڏيڪ چيومانس ، " ننڍيون پينر رسنديون آهن . وڏيون تہ پاڻ مجائينديون آهن . "

ڦٽ سان چيائين ، " شخص جي سچي عمر جنم جي تاريخ سان نہ ڏٺي ويندي آهي ، بلڪ جذبن جي پرڪٽائي / ٺوسپٽي سان پڻ ڏٺي ويندي آهي . ان حساب سان مان توکان ڏهہ سال وڏي هئڻ جي باوجود ، حقيقت ۾ توکان ڏهہ سال ننڍي آهيان . تو ئي چيو هو منهنجي شخص جو ' ٻار ' اڃا زندهہ آهي . "( ص . 102 )

فارسي چواڻي — " بزرگي عقل است نہ بسال "

ها هن ناول ۾ هڪ غير رواجي ليڪچرار جي شخصيت جو غير رواجي نموني محنت ڪري آئينو پيش ڪرڻ جي ڪوشش آهي. حقيقت ۾ ليکڪ جي پنهنجي چوڻ موجب اهي اڳواٽ ئي خارج ڪيل ڪَترون ئي آهن. هاڻي ليکڪ موهوس ٿي ڪَترن کي وري نئين پليٽ ۾ ڪجهه ريءِ سائيڪل ڪري آڇيو آهي. ان ۾ ڪو ذائقو بدلجڻ جو امڪان ته ڪونهي پر ان ۾ پاروٽي هئڻ جا امڪان وڌيڪ ٿيندا آهن ۽ ليکڪ اهڙو خطرو کڻي جريت جو ڪم ڪيو آهي. هاڻي اهو پائڪ تي ڇڏڻ گهرجي ته اُهو هن ڊش کي ڪهڙي نموني کڻڻ جي جريت ڪري ٿو. چوندا آهن ته بک ۾ بصر پڻ مٺا لڳندا آهن. سو ڳالهه وري ٿي وڃي بيهي شخصي بک جي تک تي. گهڻو ڪري سنڌين جا پيٽ ته ڀريل ئي آهن.

## انترياترا – آنند کيماڻي، سال 2002 ع

هڪ نوجوان ٻئي کي ٻڌائي رهيو هو. (اهو ٻيو سڄي ناول ۾ ڪٿي به حوالي طور يا ٻئي نموني نٿو اچي، ان جو ڪردار ئي ليکڪ کائي ويو آهي.) ”ٽالسٽاءِ جي نگاهه ۾ شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي ڪائي اهميت ڪونهي.“ (ٽالسٽاءِ ڪتاب ”واٽ از آرٽ“ ۾ لکي ٿو ته ڪلا جو مقصد اخلاقي آهي. شيڪسپيئر بابت سندس اهي خيال سندس خيالن جي پسمنظر ۾ ڏجن ها ته) ”اها ڳالهه ايتري ته اڻ ٻڌل ۽ اوشواس جوڳي (نه) هئي.“

(هتي ’نه‘ مون پاران)

اڳتي جي بيان بازي: ”ڪن لفظن تي زور ضرورت کان وڌيڪ، ڪن تي ضرورت کان گهٽ، (آخر هتي اها ضرورت وري ڪٿان آئي. هن ضرورت جو فيصلو ڪنهن ڪيو، جيڪڏهن اهو فيصلو زوريءَ ڪيو ويو آهي ته ڪهڙي مراد سان – ڇا مراد ڊرامائي نٿي ٿي سگهي؟ ڪنهن هڪ اداڪار جيان، جو درشڪن ۽ ٻڌندڙن کي متاثر ڪرڻ چاهيندو آهي. يا محض هڪ مداريءَ جي مجموعي کي اثر انداز ڪرڻ جي ضرورت / ڪوشش) ”فقرن جي ڊليوريءَ ۾ سنگيت وانگر هلڪو لاهه چاڙهه، گويا لفظ ڪنهن ڪلاسيڪل نرتيه جي مدرا ۾ ادا ٿيندا هجن.“ (هتي وري پرفارمينس کي خيال ۾ رکيو ويو آهي.) ” اکين کي ائين گهمائي رهيو هو جو ڄڻ آس پاس جي پوُ منڊل جو سروي ڪندو هجي.“ (آخر پنهنجي پرفارمينس جي تاثر جو اثر ڏسڻ پڻ لازمي آهي نه!)

اثر اهو آهي : اُموءَ جي حالت بلڪل اساڌارڻ آهي _ ( اساڌارڻ ڪان اڳ سندس ساڌارڻ حالت جو بيان ڪيو وڃي تہ پاٺڪ پاڻ ئي ساڌارڻ ڪان اساڌارڻ حالت ڪي پانپي وڃي . اها اساڌارڻ حالت اموءَ تي ليکڪ پاران ڇو مڙهي ويئي آهي . ڪنهن اداڪار جي ڪامياب اداڪاريءَ جي سرٽيفڪيٽ موجب هن جي اساڌارڻ حالت ڪي ڇو پيش ڪيو ويو آهي ؟ ۽ ٻہ سٽون اڳ ئي فيصلو ڏيئي ڇڏيو اٿائين ، ' گويا ڪا پريمڪا ، پنهنجي پريميءَ تي اکن ڇڪن ٿيندي ڪيس پهريون دفعو ٻڌندي هجي !' ( ڳالهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ اکن ڇڪن ٿيڻ ناٽڪي روايت ۾ روا آهي ، اڳ اکن ڇڪن ٿيندي هجي / يا اڳواٽ ئي هجي تہ پوءِ هن لفظي نرتيہ ڪي ڪهڙي معنىٰ آهي ! )

اڳتي : اموءَ جون اکيون لڪي لڪي ڪاليج جي لائبرريءَ ۾ خالي ڪلاس رومن ۾ ، ڪئنٽين ۾ ، لان وغيرهہ ۾ ( ' وغيرهہ ' جي آس پاس يا ٻاهر اهو ئي پومنڊل آهي . ) چيتن کي ڳولهينديون رهنديون هيون . سندس آواز ۾ ، ڏيان تنتر ۾ هڪ غير رواجي انس هلي آيو هو.

بنهہ سست سست جسم ليڪن من اکيون هڪدم چست . ( هن جي ) جسم جي ڪيمسٽريءَ ۾ هڪ عجيب قسم جو وقتي بدلاءُ اچي رهيو هو . ( منهنجو ) جسم ڪنهن غيبي سرت ۾ ڏڏي رهيو هو . آخر ڪجهہ پاٽيات جو احساس ٿيم . پوءِ ڇڻ بنهہ ٽڪجي پيا . ( اکين ۾ من جي چستيءَ جي رد_ عمل طور سرير ۾ ٽڪجڻ سياويڪ ڪريا آهي پر جيڪڏهن ڪنهن

' غيبي ' عنصر جو دخل ٿئي تہ سياويڪ عمل ڇو ٿيڻ کپي ؟ بهرحال ، طرز_ بيان ڪافي رومانوي آهي . )

اموءَ کي ڪل اچي ويئي . ايتريقدر جو سڄو جسم ڪل ۾ پيو ڏڏي . الائي ڇو مون کي پرم ٿيو ( ' الائي ڇو ' ۽ ' پرم ' لفظن جي وچ ۾ ڇا لڪل آهي . ان جو ڇيد ڪرڻ ضروري ٿي پوندو . الائي ڪنهن بہ سبب جي اڻ ڄاڻائي پيش ڪري ٿو . ڇا ڪنهن بہ عمل پنيان سبب ڳولهڻ ضروري آهي ؟ ۽ ڇو ان سبب کي ڳولهي سڃاڻڻ ، سمجهڻ جي ڪم کي پنهنجي معنوي صورت جي برعڪس ان عمل کي ناڪاري ٿو ڇڏي ۽ ائين اها سڄي پرڪريا ' پرم ' لفظ ۾ پناهہ ٿي وٺي ۽ ائين ڪنهن غير موافق عمل لاءِ هڪ جسٽيفڪيشن ٿي ڪم ٿي اچي. هن مان ڪردار جي من جي مونجهاري ۽ حرفتباز سياءَ جي عڪاسي ٿي ٿئي . )

”مون کي پرم ٿيو تہ ايتري اچل ۾ سندس ٻہ ٻبا – جيڪي اصل ۾ ٻہ ٻبڙيون هيون . ( هتي ماس جي مقدار طرف سجاڳي ’ الائي ‘ ۽ ’ چو ‘ لفظن جي اڳواٽ اٿيل چار کي ڪٽي ڦٽو ٿو ڪري . ) ان کل جي جهٽڪن ۾ لڏي لڏي هيٺ ڪري پوندا ، ائين جيئن طوفان ۾ انب جي وڻ مان ڪي انبڙيون ڇڻي ڪري پونديون آهن . ان تصور جي ايندي ئي مون بنا ڪنهن سوچ ويچار جي مون سندس ٻنهي ٻبن کي پنهنجن هٿن ۾ جهليو ، جيئن اهي ڪرڻ کان بچي سگهن . “ ( هيءُ بيان مان رومانٽڪ ادب سان ، جنسيات سان يا ايروٽڪا سان لاڳو ٿو ڪريان ؟ ) اهو سڄو بيان هڪ شاڪ يا پائڪ کي ڏڏڪو ڏيڻ خاطر ڏنل آهي . ساڳيءَ طرح چيم ، ”مون کي سيڪس جي طلب ٿي آهي . “

چيائين ، ” مان محض هڪ شخص آهيان ، جنهن جو هڪ ٻئي شخص سان پيار آهي . ان روپ ۾ مان تنهنجي ڪنهن بہ ڪم اچي سگهان – پوءِ پلي اهو سيڪس ڇونہ هجي – تہ باقي چيزن جي ، پارت جي نار ، ڪنواري ڪنيا وغيرهہ – هت ڪائي مناسبت ڪانهي .... مان پهرين ملاقات ۾ ئي تو طرفان تنهنجي آواز ، لفظن ۽ ادائگيءَ معرفت ڪام حملي جو شڪار ( سيڪسوئلي ائڪسائيٽيڊ ) ٿي آهيان . “

ائين هڪ ٻيو ڏڏڪو ڏيندڙ درشيہ ۽ بيانبازي .

مون ’ پا ‘ کي ٻڌايو پرتهريءَ پيار کي مرگهيءَ جو روڳ مڃيو آهي . ( هن ۾ ڪهڙي نئين ڳالهہ آهي . فارسي چوٽي بہ تہ جهوني آهي ، جنهن ۾ عاشق جون ڇهہ نشانيون ڳڻايل آهن . )

اَمو ُ پنهنجي ساهيڙي ’ پا ‘ کي صلاح ٿي ڏئي .

” منهنجي ’ پا ‘ راڻي سمجهہ ! جيڪي چوئي ٿو ڪر . ڪجهہ خراب نہ آهي . ٻيا ٿو گهري ، جدا جدا نموني سرير ؟ ڏيئي ڇڏ . “

ڪي فتوائون

ـ ” منهنجي نگاهہ ۾ سيني کان نيچ جيو ماٺهو آهي . “

ـ ” هوشيار عورتن کي چريو هسبنڊ پسند ايندو آهي . “

ـ ” زندگيءَ کي حصن ۾ ررهائي ، جيئڻ ڪپي – يعني هڪ ئي وقت هڪ ئي شخص انيڪ شخصيتون ڪٽي هلي . “

ـ ”ڀڳوان ته بس ڊپ جو ٻيو نالو آهي.“

ـ ”پرشن جي اصلي ذهنيت ته اهائي آهي. انهن کي پتنيون/ پريمڪائون نه، پر ٻڪريون کپن.“

مقصد صرف ڏڏڪو ڏيڻ آهي. ڇا صرف ڏماڪيدار ۽ ڏڏڪيدار بيان ’بعد نئون‘ ڪنهن به ساهت ۾ شمار ڪري سگهن ٿا؟

جنهن مفهوم کي ڪٿي ’بعد جدت‘ جو خيال ڪم آڻيندا آهيون، ان مخصوص خيال کان ڏٺو وڃي ته سنڌي ناول ۾ ’جدت‘ جو دخل پڻ نه آهي، ’بعد جدت‘ ته پوءِ جي ڳالهه آهي.

هتي سنڌي ٻولي ۾ سنڌي ناول بابت به ڪي نقطا ذهن نشين رکڻا پوندا.

## لعل پشپ ـ ٽرلاجي: آتم جيوني — ناول ـ تواريخ

لعل پشپ جي ٽرلاجي ’ڌرتيءَ ڌڪاڻيل‘ —ڇپيل سال 2003ع ’ ٽمورتي‘ سال 2004ع (ٽمورتي ٿي ڇو؟ اسان جو ذهن اڃا تائين ڏند ڪٿائي وقت ۾ اٽڪي بيهي رهڻ جي نشاني ته نه آهي، ائين ٽرلاجي ءَ ۾ وري ترمورتي) ۽ ’الهاس نگرواسي ‘سال 2003ع، جلد جو عنوان ظاهر ڪري ٿو ته اهي ٽيئي ڪتاب آتم – جيوني، ناول، تواريخ آهن. هنن ٽنهي ڪتابن مان ناول جو حصو ڪوري ان تي لکڻ مشڪل پيو لڳي. البت هنن ڪتابن ۾ لعل پنهنجين ٿي ڪن ڪهاڻين کي ريسائيڪل ڪيو آهي. شايد انهن تان گهٽ وڌ هٿ پڻ ڪٽي ڇڪو آهي. مثال ’ڏيون‘ (سندس ٿي لفظن ۾ ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون) مان خاص طور سندس ناول الهاسنگر واسي ڪٽندس(جنهن کي ڪيترا سالن تائين سنڌونگر چوندا رهيا) 37صفحي تي لعل جي پهرين ڪليل اکين جو بيان ٿو ٿئي. ائين لعل ٻئين ڪتاب جي 37 صفحي تي ساڃهه ۾ اچي ٿو. (1957ـ1967 ع جي دؤر جي اسٽرن جي ناول ٽرسٽم شئنڊيءَ جي يادگيري تي اچيم، جنهن ۾ ٽرسٽم جو جنم ٽئين جلد ۾ ٿئي ٿو ۽ اهو وقت کي مروڙڻ، بيان جي روانگيءَ کي ٽوڙڻ، سلسلي کي وروڪڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ وقت سان لاڳو فلسفا بحث هيٺ آڻڻ جي هيءِ جاءِ نه آهي. وقت جو مفهوم ۽ سلسلو پاڻ ۾ گهٽي قدر ڳنڍيل رهيا آهن. انهن جي في الحال هتي اپٽار نٿو ڪريان. البت

ايترو اوس پڌائيندو هلان تہ نئين ادب ۾ سترهين صديءَ جي سيورنٽس جي اسپيني ناول ڊان ڪئڙوٽي ، ۽ ارڙهين صديءَ جي ٻن ناولن کي ، ٽرسٽم شئنڊي ۽ ڊئنيل ڊيفو جي ’ گيلورس ٽرئولس ‘ کي نئين فلاسافيءَ جي بنياد تي وري نئين سر جياريو ويو آهي ۽ مثالي ڪتاب ڪري پيش ڪيو ويو آهي . تنهن ڪري جديد ادب جي اثر هيٺ لعل پشپ پڻ اهو رستو اختيار ڪيو ٿو ڏسجي .

’ تہ ‘ مورتيءَ جي شروعات ۾ ٽي ڪتاب جي صفحي157 _158 ۾ ڏنل گفتن کي تمام اهم سمجهي دهرائي ٿو . ( يا ) مان بڪواس ڪندس ، بدحواس ، بي ترتيب ، لڳاتار وڏن جملن ۾ ، ڪامائن ۽ فل اسٽاپن کي لتاڙي ، بڪواس ڪندس ، پل ان ۾ معنائون هڪ ٻئي مٿان چڙهي وڃن . ( اهو چڙهي وڃڻ جو تصور وري هيناهين مٿائين هٺرڪي تي زور ٿو ڏئي ، يا هن مان منوونگيانڪ پهلو ءَ سان ڪا معنیٰ ڪڍڻ جي ضرورت آهي . ) پنهنجون معنائون ئي نہ ٻڌائين .( معنیٰ ٻڌڻ يا نہ ٻڌڻ تہ نقاد جو ڪم آهي ، اهو نقاد جو رول تصوري حالت ۾ ئي ليکڪ پاڻ چو ٿو ڳرڪائي وڃي . ) فقط اظهار جي يگانيت ڏيکارين . ( يگانيت ڇا ٿيندي آهي . اها پڻ ڪنهن تصور جي ضد ۾ طئہ ڪري سگهبي . پوءِ يگانيت ، يگانيت ڪٿي رهندي ؟ ڪيترو نہ ذهني مونجهارو آهي ، يا فقط بنا ڄاڻڻ جي لفظن سان راند ڪرڻ جو موهہ ! ) ٻوليءَ جي طاقت ٻڌائين ، جيڪا ئي ان جي هڪ معنیٰ هجي . ( هتي ئي هڪ معنیٰ ۾ ذهني ضد مزيدار آهي . )

” لعل جون پهريون ڪليل اکيون ، هيءَ پهرين ڏٺل دنيا ، اهو سڀ تماشو ڏسڻ لاءِ تيار نہ آهن . هو ڪٿ تان اٿي ٻاهر نڪري ٿو . هن جون اکيون نيون ٿي ويون آهن . هن جا ڪن نوان آواز ٻڌي رهيا آهن . سپنو يا ساپيا ( پهريون ڪليل اکيون ۽ سپني جو تصور . ڪيترو نہ مصنوعي انداز – بيان ! ) هو سمجهي نٿو سگهي . اڳواٽ ئي چيل آهي سڀ نوان آهن . ڏسڻ ۽ ڇهڻ – Cognition by sensory perception کان وڌيڪ وزنائتو ، انٽر ۾ منطق پڙهندڙ شاگرد لاءِ پڻ ابتدائي حصو ) .

ها ، هنن ڪتابن ۾ البتہ نواڻ ‘ ۽ ’ نئين ادب ‘ بابت کي عام طور ڪم ايندڙ گفتا ڪلچز طور دهرايا ويا آهن .

حقيقت ۾ هن ٽرلاجيءَ ۾ ناول جا انش غائب آهن ، ڪي ڊگها مونولاگ آهن . پنهنجو پاڻ سان ، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ چڪتاڻ پري پڻ پڻ آهي ۽ يادگيرين جوا سڪن ڊيپ /

اڃاترو بيان آهي . منهنجي خيال ۾ سنڌي ادب ۾ ناول جي فارم سان ڪو بنيادي مسئلو آهي — جيئن ٻين ٻولين ۾ ٿيو ، ائين سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ ٿيو . ناولن جي شروعات ڪن هفتيوار رسالن ۾ پاڻڪن جي رچي قائم رکڻ لاءِ قسطن ۾ نہ ڪئي ويئي . تنهن ڪري هيءُ فارم جيترو ڦهلاءُ ، ذهني ، تخليقي ۽ مقدار جي لحاظ کان گهري ٿو ، اهو نہ ملي سگهيو . انهن سببن ڪري ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ناول جيتامڙو رهيو . رکيل وڪاس ( اسٽنٽيڊ گروٿ ) ئي رهيو . ائين ناول جيئن ٻين ٻولين ۾ ڄاتو ويندو آهي ، پنهنجي مڪمل ( مليئيو ) سماجي / ڪلچر حوالن سان ۽ ڪردار جي رشتن ناتن جي اڻت سان ، ان طرح جو ناول سنڌيءَ ۾ پيدا نہ ٿي سگهيو آهي . اهڙي ناول لکڻ جو جيڪو اپياس ۽ انيو ڪپي ۽ تخليقي قوت ڪپي ، اها اسان جي ليکڪن ۾ نہ رهي آهي .جيڪي بہ ناول لکيا ويا آهن ، گهڻو ڪري ڊگهيون ڪهاڻيون ئي آهن . سنڌيءَ ۾ وڪرم سيٺ جي " اَ سوٽيبل بواءِ " يا سلمان رشديءَ جي " شاليمار –اَ – ڪلائون " جهڙي مقدار جي ڪتاب جي ڪلپنا پڻ نٿي ڪري سگهجي .ڪنهن طرح سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن کي ناول جي ٽيڪنڪ هٿ نہ اچي سگهي آهي ۽ سندن تخيل جو دائرو ، سندن ڏانءُ ، مختصر فارمن ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ جنهن فارم ۾ اپياس ۽ انيو ۽ لڳاتار تخليقي قوت ۽ ڌيرج جي ضرورت آهي انهن ۾ هو ڪا اهم رچنا نہ ڏيئي سگهيا آهن .

هن سبب ڪري سنڌي ناولن ۾ ڪٿي ڪٿي جدت بابت بيان تہ آهن ، پر انهن بيانن ڏانهن ڪٿي ويندڙ اڻت نہ آهي . اهي سچيوئيشنس نہ آهن ، اهو ماحول نہ آهي . تنهن ڪري اهي بيان صرف بيانبازيءَ جي سطح تي رهجي ٿا وڃن .

ظاهر آهي تہ جڏهن جدت بابت اها حالت آهي تہ بعد جدت جو ناول جي حوالي ۾ تصور ڪرڻ ئي ڏکيو خيال پيو لڳي .

هتي هڪ اهم سوال پيدا ٿو ٿئي جو فلاسافي ۽ منطق ۾ بنيادي سوال آهي . ڊڊڪٽو ۽ انڊڪٽو سوچ جي طريقي جو . اهو ئي موڙ آهي جتان جڙ وادي ۽ خيال ( آدرشوادي ) جا فيلسوف الڳ الڳ راهون پڪڙين ٿا . پهرين ' وڻ ' جو خيال من ۾ اپري ٿو ۽ اها وستو ڏسي اسان هن کي وڻ چوڻ ٿا شروع ڪيون . يا وڻ ڏسي اسان ان کي ' وڻ ' جو نالو ٿا ڏيون . هتي ادب ۾ سوال اهو ٿو اٿي تہ پهرين اسان پنهنجي مشاهدي ۽ مطالع جي آڌار تي ڪن نتيجن تي پهچي ، انهن خيالن / نظرئي سان دنيا کي ڏسون ٿا ۽ اديب تخليقي سطح تي ڪردارن /حالتن

ڪي ڪن قدرن يا فلاسافيءَ جي آڌار تي ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ پيش ڪري ٿو ته اها رچنا ڪنهن تنقيدي ماپي اندر ته برابر اتري ايندي ۽ 'مڪملتا' جو انيو ڏياري سگهڻ جي سگهه پڻ رکي سگهي ٿي . البت اها مڪملتا ڪنهن دائري ۾ قيد آهي . يا رچناڪار پنهنجي انيو مان جيڪو اندڪٿو ۽ ڊڪٿو پنهي طريقن سان حاصل ڪري ٿو . جو هو جينيوئنلي محسوس ڪري ٿو. ان کي تخليقي سطح تي پيش ڪري ٿو . ان حالت ۾ ڪابه فلاسافي / ڪوبه ليبل / ڪابه ٽيڪنڪ / ڪنهن به اڳ رٿيل فارم جي بنيادن تي ان کي پرکڻ غلط ٿيندو!

هاڻي ته اسان هڪ اهڙي مقام تي اچي پهتا آهيون . جو ليکڪ غائب ٿي رهيو آهي . جدت بعد جي انتها اها آهي ته ليکڪ ئي غائب ٿي ويو آهي ❊ ۽ بعد جدت اڪثر نقاد جي حد داخلي . ڇٽو . منجهيل . مبهم ۽ ڪجهه به 'پهچائڻ' جي وسعت کان وانجهجي ويا آهن . اهو بحران پرڻ لاءِ نقاد نئين تاريخي نظر ( نيو هسٽارسزم ) ۽ ڪلچر مٽيرئلزم جا مفهوم کڻي آيا آهن ۽ ڏکڻ آمريڪا جي اسپيني ادب جي جادوئي حقيقت نگاري ( مئجڪ ريئلزم ) جا عمدا تجربا تخليقي سطح تي ٿيڻ شروع ٿيا آهن . پل ته اڄ حالت اهائي هجي جو اڄ جي وئگيانڪ ترقيءَ ۽ اسپيس ايج ۾ حقيقتن مٿان ورچوئل ريئلٽي غالب پوڻ شروع ڪيو هجي ته به رچناتمڪ شڪتي قائم رهندي جيئن فٽ پاٿن تي رکيل پٿرن جي وچوٽين جي وچ ۾ گاهه اپرندو آهي . جيڪي جهونين جاين ۽ ڪندهرن جي پتين جي چيرن مان وليون نڪرنديون آهن ۽ انهن تي سهڻا گل پڻ هوندا آهن . اهڙيءَ طرح رچنا جي شڪتي قائم دائم رهندي ۽ هن طاقت کي ڪنهن به قالب (Strait jacket) ذهني طور تي بئي ڪنهن به قسم جي قالب ۾ قيد ڪرڻ ناشدني آهي .

( دهلي يونيورسٽي سيمينار ۾ پڙهيل . )

---

❊ We read much as the will of God is held to determine every word in the Bible, the nature of the modern text is entirely transformed : The removal or the author [---] is not merely an historical fact or an act of writing; it utterly transforms the modern text (or-- which is the same thing --- the text is henceforth made and read in such a way that at all levels its author is absent. [---] The author, when believed in, is always conceived of as the past of his own book : Book and author stand automatically on a single line divided into a *before* and an *after.* The author is though to *nourish* the book, which is to say that he exists before it, thinks, suffers, lives for it, is in the same relation of anticidence the modern script is born simultaneously with the exceeding the writing, is not the subject with the book as predicate : there is no othe time than that of the enunciation and every text is written here and now. (p. 145) New Modernism by David Ayers.

# 1980 کان پوءِ جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ديو مالا ۽ نشان

ڏٺو وڃي تہ ديو مالا ، پل اتهاس نہ هجي پر ان جي بنياد ۾ ڪي تواريخي حقيقتون هونديون آهن .البت ڪلپنا شڪتيءَ جو انس منجهس سريسرو هوندو آهي ۽ اهي ڪٿائون مڪان ۽ زمان جي حوالي سان بدلجنديون رهنديون آهن .وقت پئي انهن ۾ ڪجهہ جوڙيو ويندو آهي تہ ڪجهہ وقت جي وهڪري ۾ ڇڏائجي ويندو آهي . لوڪ ڪٿائن ۽ ديو مالائن ۾ عوام جون اميدون ، انسنا ،خواب، ڊپ ، ناڪاميابيءَ جو احساس ظاهر آهي ۽ بيوسيءَ جي دٻاو هيٺ حالتن کي بدلائڻ لاءِ ڪرامتن ۽ ڪرامتي ڪردارن جو وجود ضروري ٿيو پوي .ديو مالا انساني سماج لاءِ هڪ آئينو آهي ، پر ان آئيني ۾ جيئن وقت جي سماج پاڻ کي تصور ڪري ٿي ، ان لحاظ سان بدل سدل پڻ ٿيندي رهندي آهي . زندگي هڪ هلندڙ سلسلو آهي، جنهن کي ماضي بہ آهي ۽ مستقبل پڻ . حال ماضيءَ سان ڳنڍيل آهي ۽ ائين تواريخي لحاظ کان مجموعي سڃاڻپ جو اتهاس ۽ پرمپرائون ۽ ديو مالائون هڪ اهم انگ ٿيو پون .ڪيترا ڀيرا ديو مالا جي ڪردارن ۽ حوالن کي پنهنجن موجودهہ ملهن جي جائزگي ءَ جي ڪسوٽيءَ طور بہ ڪم آندو ويندو آهي ۽ اهوئي هڪ مکيہ سبب انهن ۾ ڦير گهير جو ٿيندو آهي . ديو مالائون دنيا جي سيني ٻولين جو بنيادي سرمايو آهن .

ديو مالائن کي دنيا جي ماهرن جدا جدا وقتن تي الڳ الڳ پئي ڏٺو آهي . انهن ودوانن جي خيال موجب ، جادوئي ۽ ڪرامتي ڳالهين جي بيسودگي ۽ ناڪاميءَ جو احساس ئي انسان کي منطق ۽ سائنس جي راهہ تي آندو آهي ۽ ڪن وري ديو مالائن جي انساني ذهن تي پڪڙ کي بنيادي غير سلامتيءَ جي احساس مان اپرڻ لاءِ ۽ بيوسيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ

ڪرامتي قدرن کان پڻ متاهين شڪتيءَ ۾ وشواس رکڻ جي گھرج کي سياويڪ سبب ڄاڻايو آهي.

ويهين صديءَ ۾ منو وگيانڪ ڪارل جنگ دنيا جي ديو مالائن جي هڪجھڙائيءَ جي آڌار تي انهن کي غير شعوري شڪتين جي اهڃاڻن طور مڃيو. ڪلاڊ_ ليوي — اسٽراس ديو مالائن کي غير شعور ۾ اڪريل چٽن ( پيٽرنس ) جي بناوت جو بنياد ڪري مڃيو. ڪلاڊ — ليوي — اسٽراس جو ادبي تنقيد ۾ اڏاوت ۽ بعد اڏاوت ( اسٽرڪچرلزم ائنڊ پوسٽ اسٽرڪچرلزم ) ۾ اهم رول رهيو آهي. تنهن ڪري سياويڪ طور ان جو ديو مالا ۽ ان جي نشانن جي سلسلي جو اثر ادبي تنقيد تي پوي، اهو سياويڪ ٿيو پوي ۽ هندستان جي حوالي ۾ اهو بحث ويتر وڌيڪ شديد بڻجي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ ديو مالا تي اپياس ۽ انهن جو اثر، اپياسي ۽ ادبي ڪيتر جون حدون لتاڙي، سڄاڻپ جي لحاظ کان سماجي انجنيئرنگ ۽ سياست جو موضوع بڻجي پيو آهي.

هندستان ۾ ديو مالا سلسلو، اپنشدن، پراڻن ۽ ٻين مهاڪاوين ( ايپڪس ) رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ ملي ٿو ۽ اهڙوئي سماننتر سلسلو ٻڌ ۽ جين جاتڪ ڪٿائن ۾ ملي ٿو. حقيقت ۾ مهاڀارت ۾ ڪيترن ئي ڳاٿائن، ڏن ستوتي، نرساميس، آکيانن کي شامل ڪيو ويو آهي، جي مهاڀارت کان گھٽ وڌ اڳ ئي زباني طور صدين کان هلندڙ هئا. ساڳي نموني رامائڻ جا بہ ڪيترا الڳ الڳ مثال ملن ٿا. ڪن ۾ ڪي واقعا ڪڍيا ويا آهن تہ ڪي جوڙيا ويا آهن ۽ ٻڌ ۽ جين سلسلن جي رامائڻ ۾ ڪردارن جا رشتا پڻ بدليل ٿا ملن. تاريخدانن جي ڪٿ موجب پراڻ لکيت ۾ عيسوي سن بہ صديون اڳ لکيل آهن، جن ۾ ڪيترن ئي قبيلن جو شجرو ( ونشاولي ) مؤجود آهي.

شروع ۾ لکڻ پڙهڻ جو طريقو شخصي هو ۽ هندستان ۾ اهو صرف براهمڻن تائين محدود هو تہ ساهت پڻ سندن ئي ڪيتر هو. ان حالت ۾ ڌرمي ساهت جو غلبو ۽ ديو مالا جو ذڪر تہ سياويڪ بڻيو رهيو. هندستان جي آزاديءَ تائين هندستان ۾ تعليم ۽ تعليم جا ضريعا، گھڻو ڪري براهمڻن جي هڪ هٿي رهيا ۽ ائين هندستان ۾ ايلائيٽ ۽ عام جي ڪاهي تعليم، سياست ۽ اقتصاديت جي لحاظ کان وڌندي رهي. لوڪشاهي ۽ ووٽ بئنڪ جي اثر ۽ زور ڪري، ۽ جوڙجڪ ۾ ڪن پٺتي پيل ذاتين جي رزرويشن ڪري انهن ذاتين جا ڪي عنصر اڳتي اچڻ لڳا آهن ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، ائين

سماج ۾ ساهت ۾ ديو مالائن لاءِ نئين سر دلچسپي پيدا ٿيڻ لازمي آهي .هن سڄي پسمنظر ۾ هندستان جي جدا جدا ٻولين ۾ دلت ساهت جي ڌارا هڪ اهم جڳهه والاري رهي آهي . جنهن ۾ جدا جدا ديو لوڪي ڪردارن ۾ حوالن کي هڪ نئين نظر سان ڏسڻ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي ۾ اهو سپاويڪ آهي تہ هندستان جي ٻولين جي ساهت ۾ ديو مالائن ۾ انهن جي نشانن کي ڪٽي ڪي بحث ٿين ، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻولين جي ساهت جو بنياد ئي ايپڪس جي ڪردارن ۾ انهن وارتائن تي ٻڌل آهي . انهن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي ساهتڪ ورثي ۾ بنياد کي نئين سر اتلائي پتلائي ڏسڻ هڪ اهم ساهتڪ ڪارج آجي .

مون تي اهو اثر وينل هو تہ صرف هندستان ۾ ديو مالائي ڪردار روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ دخل ڏيئي رهيا آهن . ڪرستاني مذهب جي زير اثر يورپ جو ماٺهو جهوني ديو مالا ۾ مها ڪاوين جي ڪردارن جي دخل کان پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ آجو هوندو .پر منهنجي عجب جي حد نہ رهي جڏهن مون گنٽر گراس جنهن جرمن ليکڪ کي 1999 ۾ ساهت جو نوبل انعام مليو ، جي ان ۾ ڪتا 'پيلنگ د اونيئنس' ۾ پڙهيو :

When I was on duty by myself, I would alley my fears by lelting my thoughts wonder. I got plenty of practice. History would immediately give way to legends. old Prusion deties like Perkun, Pinoll, and Potrimp; the Pomernion Princess Hostwina, Prince Swendo polk; and going back ever further, Goths wondering from month of Vistula to Block Sea ..... helped me hold my fear of Partisans at bay. (Page 89)

پر .....

پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اها حالت نہ آهي . سنڌي ٻولي ۾ ساهت جي بنياد ۾ تمدن جو فلسفو آهي ، جنهن جي تاريخ ۾ روايتون ٻي ذهني زمين تي آهن ۾ سنڌي هندو سماج پڻ ورڻ جي بنياد تي ٻڌل نہ آهي ، تنهن ڪري سنڌي هندو سماج ۾ نہ برهمڻ جو غلبو رهيو آهي ، نہ ڪو دلت رهيو . ها ، ورهاڱي کان اڳ مينگهواڙ وغيرهہ هئا پر اهي سنڌ ۾ ئي رهجي ويا ، تنهن ڪري ذات پات جي عدم موجودگيءَ ۾ هندو ڌرم جي ايپڪس جو غلبو اڻ لکو ئي رهيو ۾ سنڌي نثرکي اسرڻ لاءِ ورهاڱي کان اڳ صرف نوي سالن جو ئي وقت مليو ، ان دؤر ۾ هندو ڌرم ۾ ڪيترين ئي سڌاري جون تحريڪون شروع ٿي ويون ۾ آزاديءَ جي لهر پڻ ڪافي تکي لڳي، تنهن ڪري ورهاڱي کان اڳ پڻ ڪجهہ تعداد ۾ ڌرمي ساهت طور کي

ايپڪس رامايڻ ، مهاڀارت ، ڀاڳوت ، گيتا وغيره ڇپيا هجن ، پر انهن جو اثر ساهت جي مکيه ڌارا تي ڪونه پيو . هونءَ به تاريخي توڙي ڌرمي لحاظ کان سنڌ کي گنگا جمنا جا رهواسي مليڇ ملڪ ليکيندا هئا .مهاڀارت جي وقت جڏهن ڪورون پنهنجي ڀيڻ دهشلا جي شادي سنڌ جي راجا جئدرٿ سان ڪرائي تڏهن ان شاديءَ بعد سنڌ ۾ هندو ڌرم جي ڦهلاءَ لاءِ ڏهه هزار براهمڻ موڪليا ويا . سنڌ جا هندو ، ڪريا ڪرم وقت ، جنم وقت ، شاديءَ وقت ، ۽ موت بعد هندو وڏيون پاليندا آيا ۽ هندو ڏڻ ملهائيندا آيا ، ڪي مندر پڻ قائم رهيا پر ڀيءَ طرح هو هندو ڪرم ڪانڊن کان پري رهيا ۽ ميرن جي وقت بعد ته گهڻا هندو سک گرن جي اثر هيٺ رهيا . جيتوڻيڪ سنڌي سماج جي زندگي گنگا جمنا جي مکيه ڌارا کان ڪٽيل رهي، پر سنڌ ۾ پڻ ڪي ديومالا سان لاڳو جايون ته قائم رهيون ، جن جو مختصر ۾ ذڪر هن ريت آهي .

## هنگلاج ديويءَ جو مندر

سنسڪرت گرنٿن ۾ هن سان جڙيل ڪٿا هن ريت آهي . ستيءَ جڏهن هون ڪنڊ ۾ پاڻ جلايو ، تڏهن مهاديو ستيءَ جي سرير کي ڪلهي تي کڻي تانڊوُ ناچ ڪرڻ لڳو . وشنو ڀڳوان سدرشن چڪر سان ستيءَ جي سرير جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ، جن هنڌ اهي ٽڪرا ڪريا اتي شڪتي پيٺون يعنيٰ سڌن جا آستان ٿيا . هنگلاج ۾ ستيءَ جو سنڌر پريل مستڪ ڪريو . هنگلاج ۾ ڪيترا جوڳي ويندا هئا ۽ شاهه لطيف پڻ هن ٽڪاڻي تي جوڳين سان گڏ آيو هو ، اهو سڀ عام فهم آهي . ائين ڪيترا مڪاني استل پڻ آهن ، جيئن ته پير پٺورو ، گرو گورک ناٿ جي ڌوڻي ، لڪي تيرٿ ۽ اڏيري لعل جو آستان .

ورهاڱي بعد اڏيري لعل يا جهولي لعل سنڌي جاتيءَ جي الڳ ۽ نرالي سڃاڻپ جو نشان بڻجي پيو آهي . هن سان گڏ ديو مالا پڻ ڪافي ڪهني آهي ، شايد ايتري جهوني جيترو انسان خود آهي .جهولي لعل کي جل ديوتا ڪري مڃيو ويو آهي — هن جو ٻيو نالو خواجا خضر يا زنده پير پڻ آهي . هن ديو مالا جو سلسلو اوائلي پرلئه سان ٿو وڃي ملي .هن زنده پير جو ذڪر جهوني انجيل ۾ پڻ ملي ٿو ، روايت موجب جڏهن ابراهم بابل ڇڏيو ، تڏهن هيءُ سندس همراهه هو ۽ جڏهن موسيٰ ڳاڙهو سمنڊ به ٽڪر ڪري لتاڙيو ان وقت پڻ سندس ساٿيه هو ، پرلئه بعد جو آدي پرش هو . خواجا خضر ان جو پوٽو ڇيو ٿو وڃي . پراڻي سمير جي ايپڪ گلگاميل عيسوي سنه کان 2600 سال اڳ ان ۾ پڻ خواجا خضر جو ذڪر آهي . هندستاني ديو مالا موجب پرلئه بعد منوءَ کي آدي پرش ڏيکاريل آهي . چون ٿا ته جڏهن

منوءَ سنان پڇي ڪيو تڏهن هڪ مڇي وٽس آئي . منوءَ ان کي پالي وڏو ڪيو ۽ پرلئہ وقت مڇيءَ جي چوڻ تي منوءَ ٻيڙي تيار ڪئي ۽ مڇي اها ٻيڙي هڪليندي رهي .متسيہ پراڻ ۾ هڪ مڇيءَ کي وشنوءَ جو روپ ليکيو ويو آهي . ساڳي نموني سيني پراڻين سيپتائن ۾ مڇيءَ جو ذڪر آهي ۽ جهولي لعل جي سواري پڻ پلو آهي . سماجي ۽ ڪلچرل سطح تي جهولي لعل هندستان جي سنڌين جي الڳ سڃاڻپ جو نشان بڻيو آهي . هر بستيءَ ۾ جهولي لعل جو مندر آهي ، هر سال چيٽي چنڊ تي جدا جدا سنڌي ايراضين ۾ جهولي لعل جا ميلا لڳن ٿا ، پر هن اوتاري پرش جو اثر سنڌي ادب تي خير ڪو پيو آهي .البت ڌرمي ساهتڪ ڏارا ۾ ڪافي ليک ۽ جهولي لعل جي جيوني وغيرہ جا مثال ملن ٿا ، پر تخليقي ادب ۾ هن ڪردار جو ڪو وجود ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي ، خاص ڪري ننڍي ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ .

مٿي ذڪر ڪيل پسمنظر ۾ 1980 ع کان اڄ تائين جي ننڍين ڪهاڻين جي اوک ڊوک ڪندي مون کي ڪي حوالا ئي ملي سگهيا آهن جن ۾ ديومالائي ڪردارن جو ذڪر هجي .

پهرين مان شيخ اياز جي ڪتاب ’ ٽڪرا ٽٽل صليب جا ‘ ( ڇپيل 1984 ع ) مان ڏيندس . منهنجي خيال موجب اهي مني ڪهاڻين ۾ شمار ڪري سگهجن ٿيون .

” اروشيءَ وڪرم کي چيو ، ”چڱو مان وڃان ٿي . “

”وري ڪڏهن ايندينءَ ؟ “ وڪرم ان کان پڇيو.

اروشيءَ هن کي گهوري ڏٺو ۽ پر ڦهلائي اڏامي ويئي . پوءِ ڪئين سال وڪرم کي ياد نہ آئي ، تان جو وڪرم پوڙهو ٿي ويو ۽ هن جا لوڻا اڇا ٿي ويا .

هڪ ڏينهن اروشي وڪرم کي ڏاڍو ياد آئي ، پر ڪجهہ سوچي هو ڇرڪي ويو ۽ ڪاليداس کان پڇيائين ، ”ڇا اپسرائون بہ پوڙهيون ٿينديون آهن ؟ “

” نہ . “ ڪاليداس جواب ڏنو.

وڪرم جو منهن لهي ويو.

ساڳي طرح هڪ ٻي مني ڪهاڻي .

اجنتا جي گڦا ۾ ڇت تي پٿر مان چار هڪ جهڙيون مورتون هيون ، جن کي ماٿهوءَ جو منهن هو ۽ پکيءَ جا پر ۽ پير هئا ۽ جن جي ڪلهي تي ساز رکيل هو ۽ ائين ٿي لڳو تہ هو اجهو ڪي اڏريون . مون انهن مورتين ڏانهن ڏٺو تہ ..... چيو ، انهن مورتين کي ڪنر ديوتا چوندا

آهن. تنهنجي ڪتاب جو نالو ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘ آهي نہ؟ ڪينرو ڀيجل جو ساز هيو نہ؟ اهو ڪينرو لفظ ’ڪنر‘ مان نڪتو آهي. راڳي اڄ پنچي اڄ پرش ٿيندو آهي.

گريس مٿالاجيءَ جو ڪردار ’سيسوفس‘ جديد ادب جي حوالي ۾ هڪ اهم نشان طور اڀري بيٺو آهي. هن ڪردار جي ڪهاڻيءَ کي ڪٿي البرٽ ڪامو، زندگيءَ جي بيسودگي جو فلسفو درشايو آهي. سيسوفس کي پاراتو مليل هو تہ هو ڪڏهن بہ جبل جي چوٽيءَ تي نہ رسي سگهندو ۽ سندس ڪم هو هڪ وڏو پٿر (چپ) ڪلهي تي کڻي جبل جي چوٽيءَ تي پهچائي ۽ هر وقت چوٽيءَ تي پهچڻ کان ٿورو اڳ اهو پٿر ڪري اچي ڪاهيءَ ۾ ڪرندو هو ۽ سيسوفس کي هر ڀيري پٿر کي چوٽيءَ تي رسائڻ جي ’ناڪام‘ ڪوشش ڪرڻي پوندي هئي. هن سيسوفس جي ڪردار بابت شيخ اياز جا خيال البرٽ ڪاموءَ جي فلسفي جي برعڪس آهن. هو چوي ٿو:

ڇا سيسوفس جي ديو مالا متروڪ نہ ٿي چڪي آهي؟ ڇا اها ديو مالا ان سماجي فني تمثيل نہ آهي، جنهن جو وجود ختم ٿي چڪو آهي؟ هاڻي ماڻهوءَ جو مقدر اهو تہ نہ آهي تہ هو ڪنهن چپ کي پهاڙ تي ريڙهيندو وتي!

جديد تاريخ هن کي ڪوئيڪنين ثابت ڪئي آهي. هن پٿر ڪٽيا آهن، ريڙهيا نہ آهن. گذريل صديون ان جي تصديق ڪن ٿيون تہ هن پهاڙن جون چوٽيون چڙهڻ بدران انهن کي بارود سان اڏائي، وچ مان رستو ٺاهيو آهي. پر هيءَ مان ڇا لاءِ ٿو لکان؟ پيران سالي‌ءَ ۾ پنهنجي ۾ پنهنجي بي عمليءَ لاءِ جواز ٺاهي رهيو آهيان؟

هتي پارت ۾ جنهن ليکڪ ديو مالا کي پسمنظر بڻائي نئين نگاهہ کان جنهن ڪهاڻيڪار کي ناياب ڪهاڻين لکيون آهن سو موهن ڪلپنا آهي. ” فرشتن جي دنيا “ سندس عاليشان ڪهاڻي منهنجي موضوع جي دائري کان ٻاهر آهي، پر سندس هي بہ ڪهاڻيون ڪافي دلچسپ آهن. سندس مجموعي ’درد جي تلاش‘ سال 1995ع هن کيُ اٽيٽانگ‘ ڳالهيون لکيون آهن.جن لاءِ پاڻ لکي ٿو.” شروعات ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻي هجي ۽ وچ ۾ ’اٽيٽانگ‘ ڳالهيون. شرط اهو تہ ان ۾ تحقيق جا عناصر هجن ۽ هلندڙ دؤر ۾ مجيل سچ ٿوڪاريا يا للڪاريا ويا هجن. اهي سچ ۽ مجتائونجي اسان کي ڌرم شاستر، ڪلاسيڪل ادب، لوڪ ادب ۽ فيلسوفي ۾ اتهاس ورثي ۾ ڏين ٿا.“ موهن ڪلپنا هنن کي سوچڻيون ڪري سڏيو آهي. اهي ڪهاڻيون رامايڻ جي ڪردارن تي ٻڌل، وسپت جي ڪٿا،

چندرما جي ڪٿا ، ۾ سيني پراڻن جي ديوين ديوتائن کي سندن مخصوص ترتيب ۾ حوالن کان الڳ ڪري ڪلپنا جي آڌار تي موهن ڪلپنا پنهنجي تخليقي ٻوليءَ جو ڀرپور جلوو پسايو آهي . هتي مان هڪ مثال ڏيندس :

’ چندرما ورهسپتي رشيءَ جي زال پچائي آيو . ڪيس يوڳ ولاس جي آشياني ۾ رهايائين . ورهسپتيءَ ودروهه ڪيو . رشي مني وچ ۾ پيا ۽ هو راجا چندرما کي شرمائي ڪانئس ورهسپتيءَ جي پتني موٽائي وٺي آيا . چندرما کي معلوم ٿيو ته اها استري گرڀوتي آهي ته زبردستيءَ ان استريءَ کي پاڻ وٽ وٺي آيو ته سندس ڪک ۾ منهنجو ٻار آهي ......‘

چار واڪيه پرماتما کي نٿو مڃي ۽ دنيا جيئڻ لائق نٿو سمجهي . چار واڪيه ڪو شخص ڪونهي ، اهي چار سلوڪ آهن جي گهايل رشي ورهسپتيءَ جي منهن مان نڪتا .ڪافڪا ، ڪامو، بيڪيٽ ، گرلي ، آئينيسڪو ۽ سارتري جا ويچار ورهسپتي رشيءَ جي دانهن جو پڙاڏو آهن .

ساڳي ئي ڪتاب ۾ ” رامايڻ جو گم ٿيل پنو “ نالي ڪهاڻي پڻ آهي . اهو ته عام ڄاڻ ۾ آهي ته هڪ ڌوٻيءَ جي گلا کان بچڻ لاءِ رام پنهنجي پتني سيتا کي گرڀوتي هئڻ جي باوجود بنواس ڏنو . ۽ موهن ڪلپنا جي ڪهاڻيءَ ۾ ، رامچندر راجا جي روپ ۾ نه ، پر هڪ پتي ۽ پنهنجن ٻارن جي پيءُ جي روپ ۾ سيتا سان اچي ملي ٿو . رام جي دل ۾ ڪيترو ڏک آهي ، ان جو بيان ڪندي سندس پڇتاءَ جي احساس کي اجاگر ڪيو ويو آهي .

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي ائين ڪٿا ۾ پڻ ديومالئي پسمنظر ڏنو ويو آهي . چوي ٿو ،” هفتي ۾ ست ڏينهن ٿين ۽ اوهين هر ڏينهن هڪ ڪٿا ڪريو .هر ڏينهن الڳ ڪٿا ڪريو . هفتي ۾ اٺ ڏينهن هجن ته ائين ڪٿا ٺهي پر ڏينهن آهن ست جي ديوتائن ورهائي ڪنيا آهن . منهنجي ڪٿا انسان لاءِ آهي . جنهن لاءِ ڪوبه ڏينهن ارپڻ ٿيل نه آهي . “ ائين شروع ٿي ٿئي انسان جي زندگيءَ بابت اوک ڊوک .( چونڊ سنڌي ڪهاڻيون – ساهت اڪاڊمي – 80 کان 90 جي ڏهاڪي جون )

1998 ع ۾ ڇپيل شري ڦتن پسواڻيءَ جو ” اڪنڊ جوتيون ! “ ۾ ڪل ايڪويهن پاترن جون وارتائون آهن جن ۾ پهريون چار ، راجا هرشچندر ، ڀيل ڪما ايڪلويه ، مهاداني ڪرڻ ،دروپدي ، اهي پراڻن ۽ مهاڪاوين سان وابسته آهن .ٻيون ڪٿائون لوڪ ڪٿائن جي پئرلل هسٽريءَ جو حصو آهن ، جا تاريخ ڪتابن ۾ نه هوندي آهي پر ڪي تاريخي ڪردار ۽

واقعا ماڻهن جي واتان ٻڌبيون آهن. چاڪاڻ تہ منجهن تاريخي حوالا هوندا آهن تہ اهي لوڪ اتهاس جو حصو ٿي ويندا آهن. شري ڦتن پرسواڻي سوچ جي سطح تي ڪجهہ نئون ڪونہ ڏنو آهي. پراڻڪ درشٽانت جيئن جو تيئن بيان ڪيا آهن، پر سندس ٻولي ۾ پيشڪش ادبي آهي، تنهن ڪري پراڻڪ ڪٿائن جو ذڪر ڪرڻ ضروري محسوس ٿيو آهي.

ڪن آڪاڻين ۾ ڪٿي ڪي مٿالاجيءَ جا حوالا ملن ٿا. ڪي ڪهاڻيون وري ڪن ڏنّن تي ٻڌل آهن جن جو واسطو ڌرم ۾ ديو مالا سان آهي. هاڻي اهڙين ڪهاڻين جا مثال — هن ريت آهن.

گنگا ندي هندو ڌرم ۾ هڪ اهم جڳهہ والاري ٿي. چيو ويندو آهي تہ جڏهن گنگا سرڳ مان هيٺ لٿي تڏهن منجهس ايتري تک هئي جو پرٿويءَ جي سهڻ کان ٻاهر هئي، تنهن ڪري شو ڀڳوان کي اها تک روڪڻ لاءِ ان کي پنهنجن جٽائن ۾ ويڙهڻو پيو ۽ پرٿويءَ تي هوءَ شنڪر ڀڳوان جي جٽائن مان نڪري وهندي آهي. پاروتيءَ وانگر ڪيس پڻ شنڪر ڀڳوان جي استري ڪري مڃيو ويندو آهي.

سنڌي گهڻو ڪري پنهنجن بزرگن جون هاڏيون گنگا ۾ پروان ڪندا آهن ۽ پنڊ بہ اتي ئي ڀرين. اتي ئي ڪيترن ڪٽنبن جا شجرا ملي سگهن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت گنگا جو بيان ٿيندو آهي.

لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي ' ماءُ ' ۾ گنگا جي جدا جدا رخن کان تصويرڪشي ڪئي ويئي آهي. جيٺي لعلواڻيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي ' ردي ' سال 2006ع ۾ سندس ڪهاڻي 'سنڌي ماتا ' پڻ گنگا نديءَ جي پسمنظر ۾ لکي ويئي آهي.

لڇمڻ ڀمياڻي جو ڪتاب ' راڳ ڪتراڳ ' سال 1993 ع ۾ ڇپيل. سندس ڪهاڻي ' چوئٽ چور ' ستنارائڻ جي ڪٿا جي طرز تي لکيل آهي. ( صرف طرز ستنارائڻ جي ڪٿا جي آهي ).

هندستان ۾ اچڻ بعد سنڌي زالن پڻ هتان جي مڪاني زالن وانگر ' منگل سوتر ' کي شاديءَ جي پوتر نشانيءَ طور قبوليو آهي. ڪلا پرڪاش جي آڪاڻي " منگل سوتر " هڪ بي باڪ ۽ خود دار عوَرت جي ڪهاڻي ان نشانيءَ تي ٻڌل آهي.

( ' انتظار ' ڪهاڻيون سال 2000 ع )

رام ڪڪريجا جي ڪهاڻين جي مجموعي ’ ڏاچي واليان ‘ ۾ ڏنل ڪهاڻي، ’ ڪنب ‘ سنڌ جي مڪاني ڏڻ ۽ ڄيٺ جي پهرئين چنڊ تي پوڄا جي پسمنظر ۾ لکيل آهي ۽ ان روايت جو بيان ڪيل آهي ، جنهن موجب گهر جي مردن لاءِ خاص باس موجب ڪاڏو تيار ڪري ڏنو ويندو آهي . اهو ڏڻ سماج ۾ ’ پرش ‘ جي پرتڙي جي ساک جي نشاني آهي . ساڳئي ڪتاب ۾ ٻي ڪهاڻي آهي ” شو ڪان اڳ “ جنهن ۾ مهاشوراترِيءَ ڪان اڳ ٻارن جو خاص ڪري ڇوڪرين جو ’ شو شو شنڊي ‘ ڪري سٺن هٽن ۽ دڪاندارن ڪان ڪجهه حاصل ڪرڻ جو بيان ڪيل آهي .

سندر اگناڻيءَ جي آکاڻي ” بک “ ( پاڻيءَ جا رشتا – سال 1996 ع ) ۾ سنسن پرمن ۽ ٽوٽن ڦيٽن تي طنز ڪيل آهي ، جو نوي سالن جي ٻڍيءَ کي بيماريءَ ڪان نجات ڏيارڻ ۽ سرڳ موڪلڻ جو سوڻ اٿي جو ٻيڙو ٺاهي ان ۾ ست ڪارا مرچ وجهي ڳانءِ کي ڪارائڻ سان ، ٻڍيءَ بدران ڳانءِ ٿي مري وڃي ۽ جنهن کي سرڳڌام پهچائڻ لاءِ سوڻ ڪيو ويو هو اها چڱي ڀلي چاڪ ٿي ٿي وڃي .

سنڌين ۾ ذات پات ڪونه ٿئي ، پر هندستان ۾ ان جون جڙون مضبوط آهن ، تنهن ڪري هيٺين طبقن کي اڀارڻ لاءِ هندستان جي جوڙجڪ ۾ ٻي ڪن ذاتين لاءِ ڪجهه فائدا پاسيرا ( رزرو ) ڪري رکيا ويا آهن ۽ وقت پئي هنن فائدن جو دائرو سياسي فائدن لاءِ وڌايو ويو آهي ، ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته هنن فائدن ڪري هيٺين طبقن جي منورتيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو آهي ۽ مٿئين طبقي وارا ، وچولي طبقي وارا هن سڄي صورت حال ۾ اڳي جن سان پرهيز ڪندا هئا ، تن سان ڪين حسد ٿيڻ لڳو آهي . اهو سڄو ماحول جينت ريلواڻيءَ جي ڪهاڻي سنگرهه ’ خلل ‘ ( سال 2009 ع ) آکاڻي ’ نسل ‘ ۾ چٽيل آهي . ائين ٻين ٻولين ۾ دلت ساهت زور پڪڙي رهيو آهي ته ان جي برعڪس هيءَ آکاڻي دلت الٽ ساهت جو اهڃاڻ ڪٿي آئي آهي .

ها ايترو چئي سگهبو ته سنڌي ڪهاڻي اڄ تمام گهٽ ٿي لکي وڃي ، ته ان ۾ ديو مالائي عنصرن جو ڪلاتمڪ ۽ تخليقي دخل تمام گهٽ ٿيندو . البت ڪڏهن ڪڏهن ڪي حوالا روزمره جي زندگيءَ مان جيئن ٻئي ساهت ۾ تيئن ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ايندا رهندا .

( ساهتيه اڪاڊمي احمدآباد سيمينار ۾ پڙهيل – بشڪريه ساهتيه اڪاڊمي )

# اي . جي . اتم ۽ سنڌي ادب

اتم سچو ڪميونسٽ _ سنڌي ليکڪ هو.

هتي مان سچو ڪميونسٽ ۽ سنڌي ليکڪ اندر لاٿين ٿو ڪريان ۽ مان هتي اها اجازت چاهيندس تہ هنن ٻن لفظن جي تمام مختصر ۾ اوک ڊوک ڪريان ۽ ان پس منظر ۾ اتم جي يوگدان کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ ان ئي زمين تي سندس ڪاميابين جي ڪٿ ڪريان.

شروعات سچو ڪميونسٽ سان ڪندس ۽ ائين ڪندي مارڪسواد ۽ بعد ۾ ڪميونسٽ ويچارڌارا جي ڪن لفظن جي خاص تشريح ڪرڻ ضروري ٿيو پوي.

_ ڪميونسٽ / مارڪسوادي فيلسوفيءَ ۾ هڪ ڪلاس جو شمار ٿو ٿئي. ’بورز واءُ‘ ۽ ٻئي جو اظهار ’پورليتاري‘ لفظ ۾ سمايل آهي. اهي مخصوص لفظ ڪنهن خاص طبقاتي مساوت ( ايڪيوئيشن ) جو حصو آهن. ’بورز واءُ‘ اهو طبقو آهي، جو زميداري ۽ جاگيرداري سماج جي پڇاڙي آهي. اهو حصو سدائين پاڻ کي مٿي رهيل گروهہ کي پنهنجو آدرش سمجهي ان جي طرز تي هلت هلندو آهي_ ان جا ماڻ ماپا، طرز زندگي، عادتون، شونق، زبان ۽ اظهار ان گروهہ جهڙو ئي ٿيندو آهي، پر مٿيون زميدار هلنديءَ وارو گروهہ کين ڪڏهن ٻچڪاريندو آهي تہ ڪڏهن ٿڏي ڇڏيندو آهي. مارڪس جي اڳڪٿيءَ موجب هي زميداري طبقي جو حصو، پنهنجي دماغي قوت ڪري، هنري انقلاب جي اثر هيٺ هنرن ۽ ڪارخانن جي سنڀال ڪندو ۽ آهستي آهستي پنهنجو ڪلاس ڇڏي ( ڊي ڪلاس ) ٿي

پروليتاري طبقو بڻبو. هاري ناري زميداري نظام کي ڇڏي اچي ڪارخانن ۾ نوڪري ڪرڻ لڳا. جن جو پنهنجي زمين سان رشتو ٽٽي چڪو هو. جنهن جي موڙي ۾ لوازمو سندس محنت هئي. اهو طبقو هڪ نئون شعور اپنائيندو ۽ ڪيس سوجهي ايندي ته ’پونجي ‘ ( ڪئپيٽل ) سندس ئي محنت جو واڌو ملھ ( سرپلس وئليو ) آهي. ان وقت اهو ’بورز واءِ ‘ طبقو جيڪو پروليتاري سان گڏ ٿي چڪو هوندو، اهو ’انقلاب‘ جي منهاري ( وئن گارڊ ) ۾ رهندو. ائين بورز واءِ ڪلاس جو، پنهنجو ڪلاس ڇڏڻ، هر ڪنهن ڪميونسٽ لاءِ هڪ لازمي عمل آهي. هن ريت اتم پڻ پنهنجي سنڌ ورڪي خاندان جون سڀ خصلتون تياڳي هڪ نئون انقلابي شخص بڻجڻ جو رستو اختيار ڪيو.

اتم جي ڪٽنب جو هندستان جي آزاديءَ جي هلچل سان ڏورانهون رستو پڻ نه هو. هن لاءِ رستو ته ننڍي هوندي ئي طيءِ ٿيل هو. ڏيساور ۾ وڃي پئسي ڪمائڻ جو. راهي لکي ٿو، ” جسلوڪ وارن جي اتمچنداڻيءَ خاندان جي سپوت شري اي. جي. اتم 1941ع کان پبلڪ ۾ ساهت جيون شروع ڪئي. “( سنڌيت جو اپاسڪ اتم – ص. 167 ). ائين نه صرف اتم پنهنجي آکھ ۾ ان جي پرمپرا کي پني ڏني پر ان سماج جي آچار – ويچار ۽ وهنوار کي پڻ الوداع ڪئي. اهوغور طلب آهي ته ’سنڌريل ‘ سماج ۾ ’نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ نہ ڀڄي ‘، ’جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ ‘، ’جتي پڄڻ محال، اتي ڀڄڻ ڪم وريام جو‘، ’انڌي کي انڌو نہ چئبو آهي ‘ جهڙا ’سياڻپ‘ ڀريا اصطلاح موجود هيس ۽ دؤر جو دستور پڻ اهڙو هجي جو پنهنجي ڳالھ پوشيدھ نموني ڪري چوٽ ڪجي جو اڳلو چوٽ تي پڻ واھ واھ ڪري. هن جو هڪ مثال ڏيان. اتم، عزيز تي ساهت اڪاڊميءَ پاران لکيل مونوگراف ۾ عزيز پاران وقت جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري، ”سندن سنگت سبق آموز هئي. هو سخن چوندي ۽ ٻڌندي وقتي هڪ ٻئي تي چوٽون بہ ڪندا هئا، مگر اهڙي سليقي سان جو اڳلو خوش ٿئي ۽ نہ رنجيندو.“ هن ادب آداب جي ٻوليءَ ۾ اظهار جي برعڪس اڻ پڙهيل دهقاني، ڳالھ ڪن سڌي، جو سندن من ۾ هجي اهو زبان تي هلي اچي – سندن اظهار ۾ ڪي وروڪڙ نہ هجن ۽ ڪي وري ڪن مولاين وانگر سچل جو ڏسيل رستو اپنائين ’سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٽي نہ وٽي، ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نہ ٻٽي.‘ اتم پاڻ کي پنهنجي ڪلاس کان لڳ ڪندي نہ صرف پنهنجون گهرجون تمام گهٽ رکيون پر پنهنجي ڪلاس جي چترائي ’سياڻپ ‘ پڻ ڇڏي ۽ وهنوار ۽ اظهار ۾ دهقاني ۽ ڪي مولائي قدر اپنايا. اهو سچو سندس ( ڊي ڪلاس ) پنهنجي

ڪلاس کي ڇڏڻ جو هڪ لازم عمل هو . هڪ ڪميونسٽ لاءِ لازمي آهي ته پنهنجي 'مقصد' ڏانهن هڪ چٽو ٿي ڪيس هلڻو آهي . ڪيس مقصد بابت ٻچتو ٿيڻ جي اجازت نه آهي .

1940 ع آزاديءَ جي جنگ هڪ شديد دؤر مان گذري رهي هئي ۽ سڀ ويچار ڌارائون ڪانگريس جي جهنڊي هيٺ ڪم ڪري رهيون هيون . 1942 ع جو 'هندستان ڇڏيو' تحرڪ هڪ برقي ڪيميا ( ڪئٽلسٽ ) جو ڪم ڪيو ۽ ڪيترا نؤجوان جيلن اندر داخل ٿيا ، انهن ۾ هڪ آسن ڄيئانند اتمچنداڻي پڻ هو . حيدرآباد ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جو اڳوان حيدربخش جتوئي هو . ائين سنڌي ادب جي نه مورتيءَ جي ٽين مورت جي ڪميونسٽ طور ترتيب ٻين ٻن جي ڀيٽ ۾ الڳ نموني ٿي . سنڌ ۾ اتم هجي ها ته هن جو ڪاريه ڪيتر هاري هلچل يا مزور هلچل يا ٽريڊ يونين هجي ها . پر شاگردي دؤر ۾ ڪيس پارٽيءَ پاران شاگردن ۾ جاڳرتا ۽ ادب جي جماعت بندي ڪرڻ جو دائرو مليو ، جنهن موجب هن ڪاميابيءَ سان ڪاليجي مسئلن ڦليليءَ جي ايڊيٽر جا فرض نباهيا ۽ ڪيترن اهم ليکڪن جا مضمون ان ۾ ڇپايا ۽ ٻين ٻولين ۾ ترقي پسند ڌارا جي اثر هيٺ ليکڪن جي جماعت بندي ڪري انهن کي دوست بڻائڻ جو ڪم ڪيو . اهو ضروري نه سمجهيو ويو ته ان جماعت بنديءَ جي دائري ۾ سڀ ليکڪ مارڪسوادي يا ترقي پسند هجن ، پر اڪثريت قوم پرستن جي ۽ انسان پرست ليکڪن جي هجڻ ڪري مارڪسوادي ويچارن کي ڦهلائڻ جو هڪ مرڪز ضرور ثابت ٿيو . ائين ورهاڱي کان اڳ 1941 ع کان هن ڪي مضمون ، ڪهاڻيون لکيون 47 _ 1946 ۾ ڦليلي مخزن جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان ئي سال حيدرآباد ۾ هن ساهتيه منڊل جي شروعات ڪئي ، جتي مشهور ليکڪ ۽ شاعر جيئن ته ليکراج 'عزيز' ، پروفيسر اين . آر . ملڪاڻي ، تيرٿ بسنت ، حيدر بخش جتوئي ۽ وقتني صوڀو گيانچنداڻي ۽ حشو ڪيولراماڻي پڻ ڀهرو وٺندا هئا .

ائين آسن _ ڄيئانند اتمچنداڻي ، جنهن جي ترتيب هڪ 'سچي ڪميونسٽ' طور هاري ليڊر يا ٽريڊ يونين ليڊر طور ٿي هئي 'اتم' طور ساهت ڪيتر ڪم ڪرڻ لڳو . اهو شايد ان ڪري ٿيو ته آزاديءَ کان ڪجهه سال اڳواٽ ملڪ تي مذهبي سياست حاوي رهي ۽ هندن ۾ هاري نه هئا ۽ حيدرآباد ۾ ته مزدور طبقو پڻ اڻ لکو هوندو . ورهاڱي بعد ته اتم لاءِ صرف اهوئي رستو کليل هو

هتي اها ڳالهہ دهرائڻ ضروري آهي تہ اتم جي ذهني ملهن جي ڍانچي ( وئليو اسٽرڪچر ) ۾ تاريخي طور هر ڳالهہ نسبتي هئي ، پر اخلاق ۾ جيئن ڪوبہ شخص 99 سيڪڙو پرٽيل نٿو ٿي سگهي ، اهو يا ڪنوارو آهي يا پرٽيل آهي ، ان موجب ڪوبہ شخص 99 سيڪڙو سچو نٿو ٿي سگهي . هو يا ڪوڙو آهي يا سچو .ان لاءِ ڪوڙ ۽ سچ جي وچ ۾ صرف تلوار جي ڌار جي وٿي هئي ، سچ ۽ ڪوڙ بہ ڪنارا نہ هئا جنهن جي وچ ۾ ڪا ندي هجي جنهن تي پڻ ڪو آمدرفت جو وسيلو هجي . سندس اخلاقي ڍانچي ۾ "وچ واري واٽ" ، جا ئي پڙهيل ڳڙهيل ’سياڻي‘ شخص لاءِ آدرش آهي ، ان لاءِ ڪوبہ وجود نہ ۽ زندگي ڀر ان جي قيمت خوشيءَ سان چڪائيندو رهيو.

هيءُ موقعو وٺي مان سنڌيت جي هلچل ۽ ترقي پسند ساهت جي هلچل تي تمام مختصر حوالو ڏيان تہ هڪ صحيح پس منظر پيش ٿي سگهي . آزاديءَ جي هلچل هلندي آزاد هندستان جي اڏاوت بابت جدا جدا شخصن ۽ عناصرن کي الڳ الڳ خيال هئا . ڪن مغلن جي وقت انگريزن جنهن حالت ۾ هندستان ورتو هو ان طرز تي هڪ مرڪزي حڪومت جو تصور ڪري ان جي پٺڀرائي پئي ڪئي ۽ ائين ’هندو‘ راشٽروادي ويچار رکندڙ اکنڊ هندستان ۽ ڀارت ماتا جهڙا جذباتي استعارا ڪٽي پئي هليا ، پر ڪن هندستان کي الڳ الڳ پرڳڻن جي آڌار تي هڪ طاقتور مرڪز سان هلائڻ لاءِ جوڙجڪ جي ڪلپنا پئي ڪئي .پرهن هلچل هلندي شروع ۾ ئي ٻوليءَ جي سوال منهن ڪڍيو . انگريزن جيئن جيئن جدا جدا حصا فتح پئي ڪيا ، سندن هٿ هيٺ موجود پريزيڊنسي سان ويا لاڳو ڪندا . انهن الڳ الڳ ٻولين ، ڪلچر ۽ تاريخي انيو جي هڪجهڙائيءَ جو ڪوبہ خيال ڪونہ رکيو .1894ع جي ڪانگريس اجلاس ۾ آنڌرا جي ڊيليگيٽن هن ڳالهہ تي اعتراز ورتو تہ ڪين مدراسي ڪري نہ ليکيو وڃي . ڇاڪاڻ جو سندن ٻولي ڪلچر ، آچار ، وهنوار ۾ تامل ٻولي ڳالهائيندڙن کان الڳ هئا ۽ کين هڪ ئي ايڪائيءَ جو يڪو حصو سمجهڻ غلطي ٿيندي . هلچل هلندي عام تائين پهچڻ لاءِ ملڪ جي جدا جدا ٻولين جو اصول قبول ڪري ڪانگريس جو پرچار عوامي ٻولين ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ، ائين پهريون ڀيرو راڄنيتي طور ٻولين کي تسليم ڪيو ويو ، اڳتي هلي ، يورپ جي ( نئشنل اسٽيٽس ) قومي رياستن جي طرز تي ، جي ٻولي ، ايراضي ۽ گڏيل تاريخ انيو جي بنياد تي وجود ۾ آيون هيون ، هندستان ۾ ٻوليوار رياستن جو ٺهراءُ پڻ بحال ڪيو ويو . ڪميونسٽ ويچار ڌارا هندستان کي هندو راشٽروادين جي نظريي

جي برعڪس هندستان جي جدا جدا ٻوليوار ، رياستن جو بر صغير ( سب ڪانٽينينٽ ) تصور ڪندا هئا ۽ ائين هرڪا ٻولي هڪ جدا قوم جو اهڃاڻ هئي . البت آزاديءَ جي هلچل جي آخرين دؤر ۾ جڏهن سياست جو محور قوميت مان بدلجي مذهب بڻيو ته بدنصيبا اردو ۽ هندي ٻوليون پڻ هن لپيٽ ۾ لپٽجي ويون ۽ ٻولين جو سوال منجهي پيو.

فرقيپرستيءَ ڪري ۽ اردو هندي ٻوليءَ جي ان الجهاءَ ڪري – نهرو ٻوليوار رياستن جي سوال تي ٻه چتو ٿي پيو . پر ٻوليوار رياستن جي تصور کي تلانجلي ڏيئي نه سگهيو ، تنهن ڪري پارٽ جي جوڙجڪ نهڻ وقت انهن سيني ٻولين جو ذڪر ائين شيڊول ۾ ڪيو ويو ، جن جي آڌار تي رياستون نهٽيون هيون ، پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن به رياست ۾ هجڻ ممڪن نه هو ، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ ۾ داخلا نه ملي . جنهن ڳالهه سنڌي عام کي جوش ڏياريو ، ڇاڪاڻ جو هو زمين وڃائڻ بعد ٻولي وڃائڻ لاءِ تيار نه هئا . جڏهن هندستان جي سياست جو محور مذهب مان ڦري ٻولي تي ۽ 1955ع ۾ ٻوليوار رياستون برپا ڪيون ويون ، تنهن بعد ئي سنڌي ڪانگريس ليڊرن ٻوليءَ طرف توج ڏنو ۽ سنڌين جي گهر جي پنيرائي ڪئي . پر نهروءَ جي جيئري سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي نه ٿي ، ڇاڪاڻ جو نئشنل اسٽيٽ جي حوالي ۾ ٻولي ۽ زمين جا سوال ، سندس من ۾ ڳنڍيل هئا .

ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ جڏهن جي . ايم . سيد جناح جي اصلي مرادن کي ڀانپي ويو ۽ ساٿس ڇڪري ڪاڏي ان وقت ۾ مسٽر محمد ابراهيم جويو هڪ ڪتابڙي لکي ’سيو سنڌ ، سيو ڪانٽينينٽ ‘ ” سنڌ کي بچايو ۽ برصغير کي بچايو. “ ان ۾ سنڌين جي جداگانه قوم هئڻ جو تصور پيش ڪيل هو.

سنڌي جاتيءَ جي حوالي ۾ ورهاڱي بعد ڪانگريس جي نيتائن اهو سمجهيو ته ڇاڪاڻ آزادي مذهب جي سياست هلندي ملي آهي ، اڳتي پڻ هندستان جي سياست جو مرڪز ۽ محور مذهب رهندو ۽ هو آزاد ڀارت ۾ گهٽائيءَ واري جاتيءَ جا ليڊر ٿي ويندا ۽ ان ويچار تحت انهن سنڌي هندن کي جذب ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني . ان وقت ڪميونسٽ ويچار ڌارا وارا ٻوليءَ جي باري ۾ چئا هئا ته سنڌي هڪ الڳ ٻولي ۽ ڪلچر جا وارث آهن ۽ ٻولي سندن سڃاڻپ جو واهڻ آهي . جن اکنڊ ڀارت ۾ وشواس پئي رکيو ، انهن سياسي اڳوانن سنڌ تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ سندن خيال موجب ورهاڱو غير فطرتي هو تنهن ڪري اهو گهڻو وقت نه هلندو ۽ آخر اکنڊ ڀارت جو سپنو ساڪار ٿيندو ۽ انهن پڻ جذب ٿي وڃڻ جي

صلاح نہ قبولي . زندگي ڪڏهن بہ رڪجندي نہ آهي ، زندگيءَ جو وهڪرو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو تہ جدا جدا ڌارائن ۾ رواں دوان هليو ، ان وقت سنڌي شاگرد هئا ، سنڌي ماستر هئا ، سنڌي ليکڪ هئا ، اخبار نويس هئا ، هرڪو پنهنجي ادرپورنا جي جدوجهد سان گڏ پنهنجي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ کي جنبي ويو.

هن پس منظر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ لڳا ، تعليم هلڻ لڳي ۽ زندگيءَ جو ڪاروان اڳتي پئي هليو. سنڌي جاتيءَ لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش جو دؤر ، پاڻ کي غرق ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪشمڪش ، مايوسي ۽ اوندهہ انڌڪار ! ان حالت ۾ جن مارڪسوادين ۽ ڪميونسٽن وٽ ٻوليءَ ڏانهن سجاڳي ۽ هڪ فرض جو احساس هو ، اهي اهڙين حالتن جي ترت بدلجڻ جو پيغام کڻي آيا ۽ هڪ وشواس کڻي آيا تہ انقلاب جاڻ آيو ڪ آيو ، متان دل لاٿي اٿو. هڪ اهڙي سماج جو نرماڻ ٿيندو جنهن ۾ نہ ڪو ڏکيو بکيو رهندو ، نہ ڪو ڌنوان هوندو ۽ نہ ڪو غريب — سڀ هڪ جهڙا ٿي ويندا . اميد رکو ، اميد جو ڏيئو ٻريل رکو ، اميد جي ڏيئي جي لاٽ کي ختم ٿيڻ نہ ڏيو ، اوهان جا ڏک ۽ ڏولاوا وقتي آهن . نيٺ ، جلد ئي انقلاب جو سج اڀرندو ۽ اوهان هڪ نئين نياءَ ڪاري سماج ، هڪ نئين يگ ۾ شامل ٿيندا . ائين هڪ ٻئي ڪميٽمينٽ زير سنڌي ٻوليءِ جاتيءَ جي نرالي سڃاڻپ سماجي انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندا جي گهيرو نوجوان کڻي هڪ مجموعي سڃاڻپ پيدا ڪري ، مالهي ، کيرت ۽ اتم هڪ ڌارا جي اڳياري ( وئن گارڊ ) ۾ آيا . سماجوادي انقلاب ڪين گوهي ڏيئي الائي ڪهڙي موڙ تي ڪهڙي گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويو. پر سندن سنڌي ٻولي ، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي جاتيءَ جي مسئلن ڏانهن سجاڳي ۽ سندن قربانيءَ بابت بہ رايا نہ ٿا ٿي سگهن

اتم جڏهن محسوس ڪيو تہ سندس کيتر ساهت ئي آهي تہ هن 1951ع ۾ هڪ ليک لکيو ، ’ ادب ۽ زندگي‘ جو سندس ادبي پڌرنامو آهي . ان مان کي ٽڪرا ڏيئي انهن جي پس منظر ۾ سندس ڪاميابي/ ناڪاميابيءَ جي ڪٿ ڪرڻ ممڪن ٿيندي ، ڪنهن ٻئي جي ويچار کي ڪسوٽي بڻائي سندس ويچارن جي ڪٿ ڪرڻ ساڻس بي انصافي ٿيندي . اها هڪ الڳ ڳالهہ آهي تہ اوهان اصولي طور ڪنهن ٻي زمين تي بيهي ساڻس متڀيد رکو— اهو اختيار اوهان کي سدائين رهندو.

( 1 ) سماج ۽ ساهت جو گهاٽو سنبنڌ آهي ... مشهور يوناني فيلسوف ارسطوءَ جي چوڻ موجب ’ صرف جانور ۽ ديوتا ئي سماج کان الڳ رهي سگهن ٿا‘.

( 2 ) دراصل اسان جو دماغ ئي آهي ، جو هر ڪنهن فن کي جنم ڏئي ٿو ۽ دماغ جي پرورش غير مادي ، مطلق ۽ مجرد خيالات تي نہ بلڪ اسان جي آزمودن ، علم ۽ خاص وايو منڊل تي ٿئي ٿي . جيئن ساهتڪار جو آزمودو ۽ علم وڌي ٿو ، تيئن ان جو اثر هن جي خيالن تي پوي ٿو ۽ پوءِ هن جي لکڻيءَ تي . پوءِ اها لکڻي بي مقصد ڪيئن ٿي سگهندي ؟ ان ڪري اديب زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ ، باخبر يا بيخبر ، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ترقي پسند يا رجعت پسند طاقتن جو ساٿ ڏئي ٿو . هن جي غير جانبداريءَ جي دعويٰ بي معنيٰ آهي .

( 3 ) زندگيءَ ۾ هر وقت ترقي پسند ۽ رجعت پسند طاقتن جي ڪشمڪش هلي رهي آهي ، ان ڪري سچو ساهت جنتا ۾ هر ڪنهن ترقي پسند چيز لاءِ پيار پيدا ڪري ٿو ۽ رجعت پسند چيز لاءِ ڌڪار .

( 4 ) سماج پيداوار جي ذريعن جي بنياد تي ، مختلف طبقن ۾ ورڇيل آهي . هڪ نہ ٻئي طبقي ، انهن ذريعن کي طرقي ڏيئي ، ان مان پيدا ٿيل سماجي لاڙن کي ترقي يافتہ صورت ڏيئي ، انساني زندگيءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . ۽ اهو طبقو پنهنجي زماني جو طرقي پسند طبقو ٿي رهيو آهي .

( 5 ) عوامي زندگي سندس تخليق لاءِ زر زمين ڪچو مال ميسر ڪري ٿي ڏئي ، جنهن کي پنهنجي رچنا شڪتي ۽ ڪلا سان نئين ناهي هو ادب پيدا ڪري ٿو ... اديب کي پنهنجي ملڪ ۽ زماني جون گهرجون پوريون ڪنديون ، اهو ضرور ڪپي تہ ڪٿي هن جو ادب سڪڻو اڻ گهريو پرچار تہ نہ ٿو ٿي پوي ؟ ... سوال ٿو اٿي تہ ’ ڪهڙو بہ سٺو خيال ڪنهن ڪجسي روپ ۾ پيش ڪرڻ سان ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو ؟ اصل نہ . ‘

( ڪتاب ’ ادب ۽ تنقيد ‘ مان کنيل — هي مضمون سال 1951ع نئين دنيا ۾ ڇپيو هو . هتي ڏنل سلسلو ۽ نمبر مون پاران آهي . )

اتم جي قلمي زندگيءَ جا جدا جدا ڪيتر رهيا .

_ اتم هڪ ايڊيٽر / اخبار نويس .

_ اتم هڪ مضمون نويس .

_ اتم هڪ نقاد — الڳ الڳ اديبن جون جيونيون .

_ اتم تخليقي ليکڪ .

– اتم ادبي هلچل جو سرگرم ڪارڪن.

هڪ سچي ڪميٽيڊ ڪميونسٽ جيان هن اهي سڀ مورچا سنڀاليا جن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

## اتم سنڌيت جي هلچل جو هڪ سرگرم ڪارڪن

اتم شروع ۾ بڙودي ۾ آيو ۽ ايڪانامڪس ۾ ايم. اي. ڪرڻ لاءِ ممبئيءَ آيو ۽ ائين ممبئيءَ ۾ وسي ويو. سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ هن ڪن دوستن سان گڏجي 'نئون ساهت منڊل' جي شروعات ڪئي جو پوءِ هلي 'سنڌي ساهت منڊل' بڻيو. هتي نون ليکڪن /اسرندڙ ليکڪن ۽ ساهت پريمين کي هڪ پليٽفارم مليو ۽ هڪ بزرگ سونهون مليو پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي صورت ۾. اتم سنڌي ساهت منڊل جو سالن جا سال سيڪريٽري رهيو ۽ سرگرم رهيو. ساهت منڊل پاران سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ لوڪل سطح تي سميلن ٿيڻ لڳا. 1956 ع ۾ ايشين ليکڪ سميلن ۾ پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سنڌي ليکڪن جي وڏي وفد شامل ٿي. ان وقت دهليءَ ۾ پڻ سنڌي سماج چست ٿي ۽ 1957 ع ۾ دهليءَ ۾ ڪنوينشن ٿي. جنهن مان اڳتي هلي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا وجود ۾ آئي. هنن سڀني ۾ اتم سرگرم رهيو ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو بنيادي سيڪريٽري رهيو. ان وقت سڀا جي ڪم جو مرڪز ۽ هٿيو جنرل سيڪريٽري هوندو هو ۽ سڀا جو صدر صرف صدارت جا فرض بجا آڻيندو هو. ظاهر آهي ته سڀا کي بنيادي روپ ۽ سندس اوسر ۾ اتم کي ڪيتري ڪشمڪش ڪرڻي پيئي هوندي. جڏهن گوبند مالهيءَ جي سيڪريٽري هوندي ۽ پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻيءَ جي صدر هوندي ڪي سال سميلن نه گهرايو ويو ۽ ليکڪ ۽ ڪم ڪندڙ دل شڪسته ٿي ويا، ان وقت اتم چئلينج قبول ڪري الور ۾ سميلن ڪري سڀا کي نئين سر جاڳايو. اتم جو اهو ڪارنامو اڻ وسرندڙ آهي. هلچل ۾ سندس مضبوط ارادي ۽ پختگيءَ جا ڪئين مثال آهن. ائين سڄي عمر سنڌيت جي تحرڪ سان پيار جي پيچ ۾ ٻڌل رهيو. اتم هندستان جي ترقي پسند ليکڪن جي سنستا سان شامل رهيو ۽ ڪيس لکنوءَ ۾ مان ڏنو ويو.

## اتم هڪ ايڊيٽر ۽ اخبار نويس

جڏهن ڪنهن ادبي رسالي جي سمپادڪ جي ڳالهه ڪبي آهي ته ان کي اخبار نويسيءَ جي حوالي ۾ نه آڻبو آهي پر هڪ اديب جي صورت ۾ ان جي ڪٿ ڪئي ويندي آهي . اتم صرف ’نئين دنيا‘ جو ايڊيٽر هجي ها ته مان ضرور ائين ئي ڪريان ها ، پر اتم وقت جو سڏ اونائي ’نئين دنيا‘ کان سواءِ سنڌو ڌارا ۽ سنڌو سماچار ۽ پڇاڙيءَ جا ڪي سال هن احمدآباد مان نڪرندڙ جهولي لعل کي پڻ ڏنا.پر اهي سڀ مخزنون /اخبارون سنڌي ادبي،سماجي /ڪلچر هلچل جي ڦهلاءُ لاءِ هڪ واهڻ ثابت ٿي پيئي آيون .

نئين دنيا 1948ع هندستان ۾ وري شروع ٿي ۽ مارڪسوادي متي موجب اها 1957ع تائين مجموعي طور ايڊيٽوريل بورڊ هلائيندي هئي ۽ اتم ان بورڊ جو ميمبر هو . 1957ع ۾ حالت اها ٿي جو ساٿي نراس ٿي ويا ۽ نئين دنيا بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون . تنهن تي اتم اڳتي وڌيو ۽ 1957ع کان وٺي هن ڪاميابيءَ سان نئين دنيا کي شخصي طور هلايو ۽ ساٿين کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هلچل ۾ فولادي ارادو ۽ ڪاميابيءَ ۾ يقين ۽ اڻ ٿڪ محنت هڪ واحد رستو آهي . ساڳي حالت ’سنڌو ڌارا‘ سان ٿي . جڏهن دوست سنڌو ڌارا کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا ته اتم جي اتساهه ڏيارڻ ۽ جوابداري پاڻ کڻڻ ۽ ڪن دوستن جي ساٿ جي آڌار تي ’سنڌو ڌارا‘ ڪيترا سال هلندي رهي ۽ اها بند صرف تڏهن ڪئي ويئي جڏهن ’سنڌو سماچار‘ روزاني شروع ڪئي ويئي . روزاني اخبار جي اهميت بابت ۽ اتم جي محنت جي اپٽار ڪرڻ غير ضروري آهي .

جهولي لعل اخبار جي هرتا ڪرتا ۽ سمپادڪ ديال موٽوائيءَ جي افسوسناڪ حادثي بعد پڻ اتم اخبار بند ٿيڻ نه ڏني ۽ ان کي ممبئيءَ مان ويهي هلائيندو رهيو .

هلچل ۾ نئين دنيا جو هڪ يگانو رول رهيو آهي . نئين دنيا مخزن سنڌيءَ کي سوين ليکڪ ڏنا ۽ ڪو وقت هو جو ليکڪ جي تسليمي سندس رچنا جو ’نئين دنيا‘ ۾ ڇپجڻ ليکيو ويندو هو . نئين دنيا ۾ 500 اصلوڪيون آکاڻيون ، 200مضمون ۽ 1000کان مٿي شعر ڇپيا ويا آهن . ليکڪن کي نالي ماتر اجورو ڏيڻ جي روايت پڻ اتم نئين دنيا ۾ ڇپجندڙ مواد جي ليکڪن سان ڪئي .

نئين دنيا جي زير سايع خاص ڪڍيل شمارا اڄ پڻ ادبي کيتر ۾ کوجنا ڪندڙن لاءِ ڪارائتا ثابت ٿين ٿا. نئين دنيا جا ڪل ڏهه – خاص انڪ نڪتا ، جي هن ريت آهن :

( 1 ) شاهہ ، سچل ، سامي – سال 1962ع
( 2 )انٽرراشٽريہ ادبي انڪ – 1964ع
( 3 ) جواهرلا ل نهرو انڪ – 1964ع
( 4 ) ڪرشن ڪٽواڻيءَ جون ڪهاڻيون – 1964ع
( 5 ) سندري اتمچنداڻيءَ جون ڪهاڻيون – 1964ع
( 6 ) انٽرراشٽريہ ڪهاڻي انڪ – 1965ع
( 7 ) اياز انڪ –( 2 ) _ 70_1966ع
( 8 ) ليکراج عزيز – 1971ع
( 9 ) سنڌ جون عورتون ليکڪائون – 1981ع
( 10 )سنڌي ڊراما سنڌ ۽ هند جو _ 1982ع

’جهوليلال ‘ اخبار جا خاص انڪ جي اتم ايڊٽ ڪيا ، اهي آهن :

( 1 ) اياز ۽ شيام ڪوتا پرچو – 1994ع
( 2 ) جي . ايم . سيد پرچو – 1996ع
( 3 ) سنڌيت جون ڪهاڻيون – 1996ع
( 4 ) ايم . يو. ملڪاڻي ( هڪ سؤ سال يادگار ) _ 1997ع

هن ’ ڏرميگ ‘ جو جيئي سنڌ پرچو سال 1972ع ۾ ايڊٽ ڪيو ۽’ساريڪا‘ جي سنڌي ادبي انڪ جو پڻ ڪمليشور کي ڪافي ساٿ ڏنو.

سنڌي تحريڪ سان وابستہ مٿيان سمپادن جا ڪم ڪندي اتم اخبارنويسيءَ جي نوع جا ڪتاب پڻ لکيا.( 1 ) سويٽ سرڳ ( 2 ) نئون چين ( 3 ) ڀارت روس دوستي ( ڪوجنا ) ( 4 ) مهاتما ۽ لينن ( 5 ) ڀارت جو دوست لينن. ’ڀارت روس دوستي ‘ڪتاب لکڻ تي هن کي سويٽ لئنڊ انعام مليو ۽ ’ڀارت جو دوست لينن ‘ تي روس جي گشت جو موقعو پڻ ميسر ٿيو.

## اتم هڪ نقاد

اتم هڪ برجستو نقاد پڻ رهيو آهي ۽ سندس تنقيد جي ڪتابن کان سواءِ ساهت اڪاڊميءَ ڀاران هن قداور شخصيتن جون مختصر ۾ جيونيون پڻ لکيون آهن ، جنهن ۾ سندس ڪٿ پڻ شامل آهي . ساهت اڪاڊميءَ ڀاران سندس لکيل ڪتاب آهن : (1) منگهارام

ملڪاڻي ( جيوني ۽ جائزو ) (2) ليکراج عزيز ( جيوني ۽ جائزو ) ( 3) ڪلياڻ آڏواڻي ( جيوني ۽ جائزو )

سندس تنقيدي ڪتاب آهن : (1) ٽئگور هڪ جهلڪ (2) سنڌي ساهت ( تنقيد ۽ تحقيق ) (3) ساهت ۽ ساهتڪار ( تنقيد ۽ تحقيق ) (4) سجاڳ سنڌ (تنقيد ۽ تحقيق ) (5) سنڌي ناٽڪ ، ڪهاڻي ۽ تنقيد .

ادب بابت اڳواٽ ڏنل اتم جي حوالي کي دهرائيندي " زندگيءَ ۾ هر وقت ترقي پسند ۽ رجعت پسند طاقتن جي ڪشمڪش هلي آهي . " هن ويچار کي ڪٺي پنهنجي وقت ۾ مهان ليکڪ وقت جي ترقي پسند / پذير خيالن سان واڳيل هئا اتم ڪافي مضمون لکيا آهن ۽ ائين سندن رچنائن تي نئين نظر وڌي آهي . سندن مضمون آهن ، ڪاليداس ، ميران ٻائي ، گرو نانڪ ديو ، شاهه لطيف ، سامي ، سچل ، ٽئگور ، منشي پريمچند ، شرت چندر ۽ سنت گيانيشور . اها نئين نموني ڪٿ نقاد اتم جي سنڌي ساهت کي اهم دين آهي .

اتم کي تاريخي شعور هو . ڪنهن بہ تاريخ جي ڄاڻوءَ کي خبر آهي تہ تاريخ ۾ سالن ۽ تفصيلن جي صحيح سلسلي کي ’ پوترتا ‘ جهڙي اهميت ڏيندي آهي ، ڪنهن بہ غلط بيانيءَ تي اتم الجهي پوندو هو ، جيئن اڳتي هلي تاريخ ۾ ڪنهن غلطيءَ جي گنجائش نہ رهي .

## اتم تخليقي ليکڪ

اتم جا ٻہ ڪهاڻين جا مجموعا آهن . ’ ڪشمڪش ‘ 1972 ع ۽ ’ هو جهان هيءُ من ‘ – 1991 ع . اتم پنهنجي مضمون " اڻ وسرندڙ وشو ڪهاڻي " ۾ اوهينري ، چيخوف ، ترگنيف ، ٽالسٽاءِ ، گالورٿي ، ٽئگور ، منشي پريمچند ۽ شرتچندر جي رچنائن جو ذڪر ڪيو آهي . ان مان لڳي ٿو تہ ڪيس جديد ننڍي ڪهاڻيءَ جي روپ جي بخوبي ڄاڻ هئي ۽ ان جي فني ضرورتن کان واقف هو . ( هن وقت مون وٽ ڪشمڪش مجموعو مؤجود نہ آهي ، تنهن ڪري مان پاڻ کي ’ هو جهان هي من ‘ تائين محدود رکندس . )

آڪاڻي فوڪسڊ هجي ۽ آڪاڻيءَ ۾ جملن جو صرفو هجي (ايڪانامي آف ايڪسپرشن ) اها ننڍي ڪهاڻيءَ جي بنيادي ضرورت آهي ، هن ويچار کي اپنائي اتم ڪهاڻيون لکيون آهن . سندس آڪاڻيون دماغي طور ويچارا ڏيندڙ ( ٽيزرس ) ڳجهارتون نہ آهن .

سڌيون سنواٽيون بياني طرز ۾ پيش ڪيل آهن منجهن ڪي به لفظي ڪلابازيون ۽ ڪرتب نه آهن.

هن جون ڪهاڻيون گهڻو تڻو 'عورت آزاد' جي موضوع تي ٻڌل آهن. آزاد عؤرت ترقي پسند ويچار ڌارا جو هڪ اهم انگ آهي. مرد ۽ عورت جي هڪجهڙائي، عورت ڪا عيش جي وستو نه آهي، پردي اندر رهي ڪا پرولي نتي بڻجي پوي، پر هن کي همٿ ڪري دنيا ۾ مرد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌڻو آهي اهڙن جذبن سان سرشار آهن ڪهاڻيون. سندس ڪهاڻي 'نڏڻڪو' سنڌي جاتيءَ لاءِ استعارو ٿي ٿو ڪم اچي، جيتوڻيڪ استري سياءَ جي 'حسد' جي عناصر جي پڻ اوگهڙ ڪيل آهي. ڪي ڪهاڻيون پارت چين حملي بعد ديش پڳتيءَ جي جذبي هيٺ پڻ لکيل آهن ۽ سندس ڪهاڻي 'روشني موتي آئي' جو اڪيلو شخص هوندي پاڻ کي غيرسلامتيءَ ۾ جڪڙيل ٿو پائي جڏهن مجموعي ۾ شامل ٿو ٿئي ته کيس سلامتيءَ جو احساس ٿو ٿئي. اها ڪهاڻي شخص تي مجموعي برتريءَ جو احساس ٿي پيدا ڪري. اتم جي مشهور ڪهاڻي 'راجا' جا بنگالي، گجراتي، مرهٽي، مليالم، اردو، اڙيا، انگريزي، رشين ۽ جرمن ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي، ان جو پڻ مرڪزي خيال اهو آهي ته جنهن ڪلاس سان رواجي طور مڊل ڪلاس جا ماڻهو نفرت ڪندا آهن ۽ حقارت سان ڏسندا آهن، حقيقت ۾ انهن جا ملهه ۽ قدر وڌيڪ صحيح ۽ صحتمند آهن. اتم ڪيترا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيا، جن ۾ شامل آهن: ڪيدارناٿ بئلا (ناول) _ ليکڪ امرتراءِ پريمچند)، پيار ۽ واسنا (ٽالسٽاءِ)، انسان جو نصيب (شولوخوف)، چويهه ماڻهو ۽ هڪ ڇوڪري (گورڪي) روپ بهروپ (خواجا احمد عباس).

مان وري چوان ٿو ته اتم سچو ڪميونسٽ سنڌي ليکڪ هو ۽ هاڻي به ڪڏهن ڪافلي جي سست رفتار ڏسي نعرو بلند ڪري، " آفرين ساٿيو، اچا به اڳتي.... " اهڙي ڪنهن آواز جي انتظار ۾ مان خاموشي ٿو اختيار ڪريان.

(اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جبلپور سيمينار ۾ پڙهيل)

# خليفي گل محمد جي فيلسوفي

## ( پسمنظر ۽ تخليق )

ٻن صدين گذري وڃڻ بعد خليفي گل محمد جي شاعريءَ جي اهميت تي ڳالهائڻ ۽ سندس شاعريءَ مان ڦٽندڙ زندگيءَ جي ملهن ۽ رجهانن جي اوک ڊوک ڪرڻ هڪ صحيح موقعو آهي . ٻن سون سا لن ۾ ايتريون تہ تبديليون آيون آهن جو هاڻي پسمنظر ۾ ان جو جائزو وٺڻ سان سندس شاعريءَ ۾ سمايل ابدي ۽ عالمي ملهن جي سڃاڻپ سولي لڳندي .

جڏهن ملهن جي ڳالهہ ڪبي تہ ڪنهن هڪ ڊانچي ( وئليو اسٽرڪچر ) ۽ ان سان وابستہ فيلسوفي جي بنيادن جي ڳالهہ ڪرڻ پڻ ضروري ٿيو پوي . هونءَ اهو ضروري نہ آهي تہ هرڪو شاعر ڪو فيلسوف هجي ۽ هرڪو فيلسوف شاعر . پر روايت تہ اهوئي ڏيکاري ٿي تہ هر ڪنهن فيلسوف کي شاعر ڪري تسليم ڪرڻ جي روايت تمام ڪهني آهي . هن حالت ۾ اهو ضروري ٿي پوي تہ هتي مختصر ۾ شاعريءَ ۽ ' الهام ' جي رشتي بابت ذڪر ڪيو وڃي .

دنيا جي سڀني مذهبن جا ڪتاب ( گرنٿ ) شاعريءَ ۾ آهن . تنهن ڪري شاعري ' الهام ' ۽ شاعر پيغمبر ۽ مهارشي ٻڌجيو پوي . هندن جو رگويد شاعريءَ جو هڪ نمونو آهي . جنهن کي جهوني ۾ جهوني شاعريءَ جو مثال ڪري پيش ڪيو ويندو آهي . يوناني اپولو ۽ ڊائونسس کي ' الهام ' ( پريرڻا – انسپائريشن ) جو سرچشمو ڪري مڃيندا هئا . اسرائلي – هيبرو ٻوليءَ جا گرنٿ خدائي آواز ڪري تسليم ڪن ٿا ۽ ڪرستان وري بائيبل کي پوتر آتما (هولي اسپرٽ ) جو آواز ڪري تسليم ڪن ٿا . اها تہ ٿي آڳاٽي زماني جي ڳالهہ . پر انگلنڊ جا ڪوي جي لڳ ڀڳ خليفي گل محمد جا وقت جي لحاظ کان همعصر چئي سگهجن ٿا . ڪالورج ۽ شئلي پڻ شاعري پريرڻا کي الاهي وٿ ڪري مڃين ٿا .

هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي شاعري پيغمبريءَ سان شروع ٿي ۽ ڪافي وقت تائين ولين ، درويشن ، برهمڻن ۽ بعد ۾ ڀڳتن جي ’ملڪيت‘ ٿي رهي. ڪنهن هڪ شخص جو شاعر ٿي اڀرڻ وقت جي لحاظ کان هاڻي جي ئي ڳالهہ آهي . خاص ڪري هن بر صغير جي حوالي ۾ . ڪنهن هڪ شخص جو شاعر ٿي اڀرڻ ۽ شاعر ڪي درويش ۽ عوامي وراثت جو حصو سمجهڻ اهو سماج جي ٻن جدا جدا سطحن تي هلڻ جي ڪري ٿيو آهي .

هن جدا جدا سطحن تي چر پر ڪي سمجهڻ جي لاءِ هتي سدا حيات محمد ابراهيم جويو جي ڪتاب ، ’ شاهہ ، سچل ۽ سامي ‘ ۾ ڏنل چيد ڏيڻ نيڪ ٿيندو ، جنهن جي پسمنظر ۾ ’ هڪ شخص ‘ جي شاعر ٿي اڀرڻ جي ’ ڪرشمي ‘ ڪي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي . جناب محمد ابراهيم جويي موجب هن سماج جي رچنا هڪ ٽڪنڊي جيان آهي جنهن ۾ هڪ طرف آهي سياست ، ٻئي طرف مذهب ( خدا جي طاقت ) ۽ ٽئين طرف عوام . جيستائين اهو ٽڪنڊو ميزان ۾ رهندو آهي ، پنهنجن اندروني تناون ۽ ٽڪراون جي باوجود ، زندگي پنهنجي وهنواري رفتار تي هلندي رهندي آهي ، پر جيڪڏهن هن ٽڪنڊي جا ٻہ پاسا — زماني جي طاقت ( سياست) ۽ خدائي طاقت ( مذهب ) پاڻ ۾ گڏجي ويندا آهن تہ وقت پٽي اهو تضاد شديد ٿيندو ويندو آهي ۽ حالت هڪ قسم جي زلزلي ڪي وجي رسندي آهي . زلزلي ۾ جيئن زير زمين طاقتون پاڻ ۾ ٽڪر ۾ ايندڀون آهن ۽ ان ٽڪر جي ڪري انهن ۾ تمام گهڻي طاقت پيدا ٿيندي آهي . ان اٿل پٿل جي ماحول ۾ ڪي شخص تخليقي قوت جي حد نشان ڪي رسندا آهن ۽ عوام جي دکن دردن ، خوشين ۽ غمن ڪي اظهاريندا آهن . شاهہ سچل ۽ سامي هڪ اهڙي تاريخي دؤر جا شاعر پيدا ٿيا .

هن سڄي روئداد جي برعڪس هڪ ٻئي سلسلي ڪي بہ ڏسڻو پوندو . هڪ اهڙو سماج جتي ’ علميت ‘ جو سلسلو سماجي ۽ عوامي نہ پر شخصي ٿو هجي . علميت ڪنهن شخص جي ذاتي حاصلات ٿي ٿئي ، سندس ذهن ۽ ذوق ڪنهن خاص ماحول ۾ اسرن ٿا ، ۽ ان جا علمي بنياد پڻ مخصوص ٿين ٿا . اهڙي حالت ۾ عالم راجائن ۽ حاڪمن جي دربار ۾ پهچن ٿا ، ۽ پنهنجي محنت سان حاصل ڪيل علم ۽ هنر ڪي بهتر بڻائي فن جي سطح تي رسائين ٿا . اهڙا عالم ڪيترن ئي شعبن ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ ڪي انهن مان شاعريءَ جي ڪيتر ۾ پڻ پاڻ موڪين ٿا . اتي فن ۽ ڪاريگريءَ جا اوچا نمونا پيدا ٿين ٿا ۽ اهي شخص بذات خود هڪ مخصوص سڃاڻپ قائم ڪن ٿا .

پر خليفو گل محمد هنن ٻنهي سلسلن مان ڪنهن ٻه سلسلي جو نه آهي . ان لحاظ کان هن جي حالت يڪاني ڇئبي . سدا حيات پروفيسر اياز قادري پنهنجي ڪتاب " سنڌي غزل جي اوسر " ۾ گل کي ايتري اهميت ڏني آهي جو هن هڪ دؤر کي ' گل جو دؤر ' قرار ڏنو آهي . هو صاحب چوي ٿو ،" خليفي گل محمد جو جنم ٽالپرن جي شروعاتي دؤر ۾ ٿيو ...." ' ديوان گل ' جي 1933 ع واري ڇاپي جي شروعات ۾ خاڪسار عبلغفور هالائي سندس زندگيءَ جو بيان هن طرح ڪيو آهي

" ديوان گل جو ڻاهيندڙ مرحوم خليفو گل محمد سانوٽي آخوند هو . هيءُ هالا پراڻي تعلقہ هالا ضلع حيدرآباد جو ويٺل هو . ڪين سانوٽي آخوند چو ٽا چون ، تنهنجو سبب هيءُ آهي تہ عام طرح سڀ پڑهيل ۽ درويش ۽ فيض وارا هوندا هئا ۽ علم جو وٽن گهڻو چرچو هوندو هو ، انهيءَ ڪري گهڻا طالب علم پڙهڻ ۽ فيض پرائڻ لاءِ ايندا هئا ۽ سندن مڪتبن مان فيض پرائي خدا رسيدا ۽ عالم ٿي ويندا هئا .انهيءَ ڪري ڪنهن ڪامل بزرگ چين تہ اوهان جي علم جي پالوٽ سانوڻ جي مينهن وانگي آهي ، جا ڪنهن کي بہ وانجهي نٿي . ان کان پوءِ ڪين سانوٽي ملا يا آخوند ڪري ڪوٺيندا اچن .... هي روهڙيءَ واري پير پاڳاري جو مريد ۽ خليفو هو ۽ اهو خلافت جو سلسلو اجا تائين آخوندن ۾ جاري آهي ....."

گل محمد کي نہ پيري فقيريءَ ۽ نہ ئي وري ڪنهن دربار جي دٻدٻي جي وراثت ملي . هڪ معمولي ننڍي شهر جو يا ڪنهن ڳوٺ جو آخوند ايتري بلند معيار کي رسيو جو سنڌي شاعريءَ جو هڪ سڄو دؤر سندس نالي سان منسوب ٿيو ، جيتوڻيڪ ان وقت جا حڪمران پاڻ پڻ شاعريءَ جي ميدان ۾ شهوار هئا .

اها خليفي گل محمد جي جريت هئي جنهن صدين کان سنڌ ۾ ٻوڏ جيان آيل تصوف جي فلسفي کي جنهن جي بيتن ، واين ، ڪافين ۾ ٻوڏ ٻوڏان هئي ، ان سامهون ، ان وهڪري کي روڪڻ لاءِ سينو سهائي اڀو ٿي بيٺو. هن غيبي ۽ روحاني دنيا کي ڇڏي هن دنيا جي ڳالهہ ڪئي ، الاهي عشق جي ڳالهہ پاسيري ڪري هڏ ۽ چم جي هن دنيا ۾ رهندڙ معشوق جي ڳالهہ ڪئي ۽ ثابت ڪيو.

" ڪر تڪمل ٿي جبل ، چر ڪيم ڪنهن چور تي
هيڏي هوڏي ٿوڪ تي واءَ تي ڪک جيئن م ڪچ . "

ائين فن شاعريءَ جو سفر لهوارو لڙهي نہ پر اوپارو تري طئہ ڪيو.

خليفي گل محمد جي غزل ۾ دين ، ان جي زندگي ۽ وقت ، سندس فني پهلو ، اهي سڀ دلڪش پهلو منهنجي مضمون جي دائري کان ٻاهر آهن ، تنهن ڪري مان انهن تي ڪجهه به چوڻ کان پاڻ بچائي پاڻ سان زوري ڪري به پاڻ کي روڪيندس ۽ خليفي گل محمد جي شاعريءَ جي نسبت ۾ صرف هيٺين ڳالهين جو مختصر ۾ ذڪر ڪندس .

_ گل محمد خليفو هن دنيا جو شاعر آهي .

_ هو پنهنجي ملڪ سنڌ – سنڌي ٻولي ۽ سنڌي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندڙ شاعر آهي .

_ هن پل تصوف جي لهر کي روڪيو پر هو هر ڪنهن قسم جي ڪٽرپڻي کان آزاد آهي ۽ ان مذهبي ڪشاد دلي جا ڪيترا ئي شعر سندس غزل ۾ جابجا نظر اچن ٿا .

_ هو ڪٽرپڻي کان آزاد هوندي پڻ پنهنجي مذهب سان پيار ڪندڙ آهي .

_ هڪ استاد طور هن جي شاعريءَ ۾ ناصحانو شعر پڻ جابجا آهي جو زندگيءَ جي شفي خصلتن کي ترجيع ڏئي ٿو ۽ هو غزل جو شاعر آهي .غزل کي ’ گفتگو ‘ ڪرڻ پڻ مڃيو ويندو آهي . گل بخوبي فرمائي ٿو :

آءُ نہ اوريون ويهي اندر جي اور
مصرت ڳڌي لهن هنئين سان هور .

جيئن اڳ چيو ويو آهي خليفي گل محمد جي شاعري ان نوع جي نہ آهي جا ’نيئي پريان سندي پار ‘ هن جي شاعري هن دنيا جي معشوق جي شاعري آهي . هتي وري بہ مان سدا حيات اياز قادريءَ جون هي جاچنائون دهرائڻ چاهيندس ، ” خليفي جنهن وقت غزل جي زمين ۾ سخن سنجي ڪئي ان کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ عربي ۽ فارسي بحرن وزنن تي شعر چوڻ جو رواج پئجي چڪو هو ..... “ نبي بخش خان جي حوالي سان هو چوي ٿو ، ” خليفو گل محمد پنهنجو پاڻ ۾ يگانو هو . هن پنهنجي ڪوشش سان چڻ نج سنڌي غزل جو مجسمو پيدا ڪيو ۽ ان ۾ ساهه وڌو.... “ اڳتي مرحوم اياز قادري فرمائي ٿو ، ” غزل شاعريءَ جي اها صنف آهي ، جنهن ۾ عشق ۽ محبت جي مختلف جذبن ، ڪيفيتن ، وارداتن کي نهايت دلپذير پيري ۾ بيان ڪيو ويندو آهي . “

”عشق ۽ محبت انسان جو اهو جذبو آهي ، جنهن سان هن جي زندگيءَ ۾ با غ و بهار پيدا ٿئي ٿو ، تنهن ڪري انسان ڪيترن ڏکن ڏسڻ جي باوجود بہ عشق جي دامن ۾

پناهہ ورتي ٿو. خليفي گل محمد کي پڻ عشق جي چوٽ آيل هئي ، تنهن ڪري هن سنڌي غزل ۾ مجازي عشق جي ترجمانيءَ جو بنياد رکيو."

ڪجهہ مثال ئي ڏيئي سگهجن ٿا :
مئا جي محبت نہ ماريا سي مؤت
وقت جال جيئرا ، فنا ڪيا نہ فوت
۽ آخر ۾ ،
خوش ڪريون دل پانهجي ڪي جڳ
پلي پيبو ماري جک .

شيخ عبدا لرزاق ' راز ' چواڻي ، " گل جي شاعري سنڌ ۾ غزل جي شاعري آهي ...." ' غزل جي بنيادي وصفن کي اپنائيندي گل ان کي سنڌي تهذيب جو ويس پارايو آهي . اتي گل اردوءَ جي غزلگو شاعرن کان نرالو ٿي بيٺو آهي.' ( پروفيسر ارجن شاد جي ' سنڌي غزل ' مان کنيل ) مرحوم اياز قادريءَ پڻ اهو مڃيو آهي تہ ' هن جي غزل جون بہ خوبيون نمايان آهن ، هڪ پنهنجو ماحول ۽ ٻي پنهنجي ٻولي . ' هو چوي ٿو ، " فطرت نگاريءَ يا منظرنگاريءَ کي غزل ۾ ڪو درجو ، يا مقام خاص نہ آهي ، تنهن ڪري غزلگو شاعرن ان کي ايتري اهميت نہ ڏني آهي . " مان سندس راءِ سان بنهہ شامل نہ آهيان ، منهنجي خيال ۾ منظرنگاريءَ عڪاسي غزل جي خوبي آهي ۽ شعر کي نهايت خوبصوررتي بخشي ٿي ۽ اهڙو هنر ڪنهن غزلگو شاعر ۾ ڪافي مشق بعد ئي پيدا ٿي سگهندو آهي . اڳتي هلي اياز قادري صاحب کي مثال ڏنا آهن ، جن جو هتي ذڪر ڪرڻ بي جاءِ نہ ٿيندو. جڏهن ٿر ۾ برسات وسندي آهي تہ ٿر ڪئين ٽڙندو آهي ان جا ڪي مثال :

ويو سيارو وسي بهار بوند ،
گل ٽڙيو قل ٽڙيو ٿيو ٿر با غ .

آئي رت سانوڻ سندي مينهن وسي ڪنڙا ملار
ڍٽ وسيا ۽ پٽ وسيا سرها ٿيا سانگي سنگهار

بيشڪ گل پنهنجي ڌرتيءَ جو شاعر آهي.

پاڳيون پاڻ تي پٽن سرهيون
مال تن جا ڪرين ٽارون ٽيا

گل ڪليا گل باغ ۾ سرها
گل چنيو سونگهه م پٽ ڪک ڪاڏ.

ڪبير وانگر گل پڻ روزمره جي زندگيءَ مان ڪيترا مثال ڏنا آهن. گل سنڌي وستين واهڻن، هنڌن ماڳن، هنرن ۽ ڌنڌن، ڪمين ڪاسبين، ڪاريگرن ۽ هنرمندن، هارين نارين جو خوب مشاهدو ماڻيو ۽ انهن جي ڪرت ۽ اٿڻي ويهڻي بخوبي ويني جاچي آهي، ان سببان سندس ڪلام ۾ انهن سڀني جو ذڪر اچي ٿو ۽ ائين سندس ڪلام زمين سان جڙيل لڳي ٿو.

جڏهن رنگريز ڪي ڏنو اٿائين ته سندس قلم مان نڪتو آهي:

’نير رنگ واڏو ڪيي جڳهه جهپ
عشق وارو وڏ وڏي منجهه لوس لپ

نيروٽي نير جي ڪن ۾ روڙهو وجهي پوءِ ان کي لٺ سان جهڳيندا آهن، ته نير جو رنگ تيز ٿيندو ويندو آهي.

وري

پائي پيٽ تاجيءَ ۾ پيرن پڌار
ٽيا ڳنڍجي گل مڙيئي گدپ ڳوت

تاجي، پيٽو، پير پدارڻ، (هٿيو هلائڻ) ڳوت — نار هلائڻ ۽ ڳنڍجي گل بڻجڻ اهي سڀ ڪورين جا وهنوار آهن.

هو هارين کي زمين ۾ ڪرڙا ۽ روت هٽندي ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو:

لڏيو هڪ جاءِ مان وهن جاءِ ٻي،
هٽن ٽا هاري ڪرڙا ۽ روت.

اهو ٽرانسپلانٽيشن جو مثال آهي — يا وري هڪ جنم ڇڏي ٻئي جنم ۾ داخل ٿيڻ جو مثال. جيئن ته اسلام جنم جنمانتر جي فلسفي ۾ وشواس نٿو رکي، تنهن ڪري هن شعر کي هيءَ دنيا ڇڏي هڪ ابدي دنيا وسائڻ جي حوالي سان سمجهايو ويو آهي.

قدرتي سونهن جو هيءُ بيان ڏسو:

جيئن ڪري تارو تنوارون، ڪوئل ڪڇ ۾ ڪونج روهه،

لاءِ تو لاءِ عاشق پڪارن، هند سنڌ قابل قلات.

اهڙيءَ طرح گل پنهنجي شعر کي مڪاني دائري مان ڪڍي جدا جدا موضوعن سان وابسته ڪيو آهي ۽ پنهنجي وصيع ڪلپنا شڪتيءَ جو مثال پيش ڪيو آهي.

خليفي گل محمد پَل ته سنڌ اندر شاعريءَ تي غالب ’صوفي‘ فلسفي کي پنئي ڏيئي غزل جي تخليق ڪئي پر بذات خود هن تصوف جي فيلسوفيءَ کي نه نڪاريو آهي. ان جا پڻ ڪيترا مثال سندس غزلن ۾ ملن ٿا. سندس هيٺيون شعر ته نج تصوف جر فيلسوفي ظاهر ٿو ڪري.

رنگ هڪ ۾ روپ ڪيئين آهن تجليون سو هزار

منجهه ڪڪر لڙهه، واچ، آهي مينهن آهي گاج.

ذات پنهنجي غيب چائين پوءِ چوي ٿو ايمنا. (جتي ڪٿي منهنجي ذات آهي)

(الله جي ذات لاءِ تم وجهه الله اي چا آءُ ڏسان چئو توکي ڪٿ.

(هتي برجستو ۽ دلڪش رديف ’آءُ ڏسان چئو توکي ڪٿ‘ ڏيان ڇڪائي ٿو.)

تصوف کي قبولڻ بعد خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو پڻ ذڪر آهي. هن انهن لوڪ آکاڻين جي ڪردارن کي پڻ پنهنجي غزلن ۾ جاءِ ڏني آهي.

ميهر ۾ سهڻيءَ چا ڏٺو، چا ڪير هو ڪنهن جو ائو

جهوري وڏي جنهن جهول ۾ سالڪ سچا ڏي مون خبر.

ڪيچي ويا ڪيچ کي ڇڏي سسئي

ننڊ ۾ رات کي چڙهي سرچانگ. (هن غزل جي سلاست ته ڏسو)

سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن وانگر گل پڻ راڳ جو ڄاڻو ۽ شونقين هو. هونءَ راڳ ڪٽر 'ملا' غير اسلامي ڪري ليکيندا آهن. پر گل ڪنهن به نموني جي ڪٽر پڻي کان آجو هو.

سر ڪلياڻ ۽ جمن ( يمن ) جو جوڙ
پوءِ ڪنيات ۾ منو آواز
منجهه سر راڳ سان منڌي ، سهڻي ،
سسئيءَ رات ۾ منو آواز
جوڳ ، بروو ، ڪاهوڙي رامڪلي
رپ پرڀات ۾ منو آوا ز
منجهند بلاول مارئي راڻي
گل ڳڌات ۾ منو آواز
مٿي ذڪر ڪيل سر سڀ لطيف جي شاعريءَ جا آهن .

گل صوفي شاعرن جيان مذهبي ڪٽرپڻي کان بنهه آجو آهي . چئجي ڪٿي ته هن شاهه ۽ سچل جي ورثي ڪي بخوبي اپنايو آهي . هو هندو ، مسلم ، سک سيني مذهبن جو احترام ڪري ٿو.

تنهنجو تابع چا جي مسلم ، تنهنجو هندو ٿيو مطيع ( تابعيدار )
امر ڏاران تنهنجي عالم ۾ چري نه ڊور ڊپ .

سڀ سلامي آهن صاحب جا
گل مسلمان ، چا جي هندو ، سک .

مهتن ۾ مل پڙهن مسئلا
واسين هندو بتن جا ڏيرا

سوئي زبور ۾ سوئي انجيل ، سوئي توريت ۾ سو منجهه تنزيل (قران پاڪ )
سوئي منجهه سمر ، سوئي منجهه جا دوعمدهه لا الله الله هو.

منهنجي خيال ۾ يهودين جي پاڪ ڪتاب زبور جو هتي ذڪر ڪافي معنيٰ خيز آهي.

مهت ۾ ٿا پڙهيو پڙهن مومن، مڙهيءَ ۾ بت پرست برهمڻ
ساڪ سوڳنڌ ۾ چون ساڌو وحده لا الهه الاهو.
شاهه لطيف جيان گل پڻ جوڳين جو ذڪر ڪري ٿو.
جوڳي وڃن جانڻ کي ڇڏيو مڙيئي مڻ مائڻ
خوش نه ڪيا ڪنهن جي دعائن نا ڏکويا ڪنهن جي پڻ

ان جي مڪتب ۾ وهي ويراڳ ۽ بيراڳ ٿو
الف آين اڳ ۾ هوءِ جا پڙهيائون پهرين سڻ
سچل سرمست پنهنجي مخصوص انداز ۾ اعلان ڪيو.

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نه وٽي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نه ٻٽي.

پر گل هن دنيا جو شخص آهي. هو هيءَ دنياداري خوب نباهي ڄاڻي، تنهن ڪري چوي ٿو:
هت اڻ پڇيو ڪنهن کي چوڻ آهي غلط آهي غلط
اڻ ڪوئيو پٽ ۾ پوڻ آهي غلط آهي غلط.

اهو گل پڻ محسوس ڪيو ته صرف ڪي آيتون ياد ڪري طوطي وانگر دهرائيندڙ، ڪند فهم ملو اڪثر وڏيري جو چاڙتو ٿي ڪم ڪندو آهي ۽ غريب ڳوٺاڻن لاءِ عذاب جو باعث آهي، تنهن ڪري ملن ڏانهن سندس چڙ سندس ڪلام ۾ پڻ ظاهر ٿيو پوي.

ضمان جي ذلت جي منصور جي ملت جي
ملن سان مام ٻولڻ آهي آهي عبث آهي عبث

وري

ملان ميٽ سان ننڍڙي ڳيروءَ کي پارهه
ڪرين تاب توجي ڪري روج راڙهه

آهه وحدت وصال ڪرياني
گل سمجهه رک ، نه ڏي ملن کي منجهه
سڪ ۽ صبر ، سينگ کي هرگز
ناهه ويجهو ملو ، معبادر را غ ❋

ائين سمجهڻ غلط ٿيندو ته گل ڪو انقلابي شخص هو . هو پنهنجي وقت جو شخص هو ۽ وقت جي عقيدن ۾ اشواس رکندڙ هو . هن جو پنهنجي مذهب دين طرف صدق قائم هو ۽ ائين اسلام جي رسول جي شان ۾ پڻ سندس غزلن ۾ ڪيترا شعر ملن ٿا قران شريف جي ڪن آيتن جو اثر پڻ سندس شاعريءَ تي نمايان آهي .

ٿي سڪي ساري سدا دل منهنجي توليءِ سيدا
ڏک ۾ راتيون ڏينهن سچا دل منهنجي توليءِ سيدا

پسون پٽ ۾ ڍور ڍٽ ۾ ، روهه ۾ روجهون هرڻ ،
<u>جيئن سڪايا مينهن لا دل منهنجي توليءِ سيد</u>

❋ان وقت جي مذهبي شخصن جي هيٺن وهم وسوڙن ڳوٺاڻن جي لوٽ ڪسوٽ جو منظر پير حشام ا لدين راشديءَ پنهنجي ڪتاب ’ هو ڏوتي هو ڏينهن ‘ ۾ ڏنو آهي ڪافي دلچسپ ۽ تاريخي اهميت وارو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو .

" سنڌ جا پير ، سيد ۽ سجاد نشين سياري جي مؤسم ۾ پن تي نڪرندا هئا . ان کي سفر چئبو هو . ڪن جي ڪافلي اڳيان گهنڊ ۽ گهڙيال وڄندا هلندا هئا ، ۽ ڪي پنهنجي اڳيان بلند آواز سان ڪلمو اسٽرين پڙهائيندا هلندا هئا . اٺ ، گهوڙا ۽ گڏهه ساڻ ، ڪي پڳهاردار ته ڪي چڙاحانر ، ڪي چاڪ ته ڪي چوڪر ۽ ڪي چڙو چل ڪمتيزن . ڪي خليفا ڪڙاته ڪي ڪامي ڪڙا ،مطلب ته جنهن در تي وڃي لهندا هئا ، ته چڻ ماڪڙ اچي پيئي . غريب جو ارڪو ٽرڪو اگهي اٿندا هئا . تقريبا ٽي مهينا ڪن اها گداگري هلندي هئي ۽ انهن ٽن مهينن ۾ سنڌ اندر نه چڙو مذهب جي نالي ۾ پيسي جي لٽ ڦر ٿيندي هئي ، بلڪ مسلمانن جي گهرن ۾ جيڪا سياهه ڪاري ٿيندي هئي ، ان جو چڙو تصور به انسانيت سوزيءَ لاءِ ڪافي ٿئي ٿو . ( صفح ٽيون . )

توچتي کوڙ ڪفر ترڪ بنا جو پڙهي لا الله، الله ،
تئي مسلمان سچ صدق ڳنا جو پڙهي لا الله ، الله .
( اهو سچو غزل هڪ طرح مسلسل غزل آهي . )

۽ اڳتي
جنين کي شوق حق جو سي نه قرن مشرق نه مغرب
خدا دل ۾ محمد دل ۾ ات مڪو اتي يشرب .

خليفو گل محمد نه هڪ آخوند هو . شاگردن کي تعليم ڏيڻ هن جو پيشو هو ۽ گذر سفر جو ذريعو هو . سماج ۾ استاد تي ڪيترين ئي اخلاقي جوابدارين آيد ٿينديون آهن. انجو نتيجو اهو نڪرندو آهي نه سندس هر ڪلام مان لڪل معنئ ڪڍي ويندي آهي. حقيقت ۾ ٿيو ائين نه اسان جو جديد تعليم جو سرشتو جو برطانيه سرڪار جاري ڪيو ، اهو ملڪا وڪٽوريا جي ايامڪاريءَ ۾ ٿيو . ملڪا وڪٽوريا جي وقت جا اخلاقي معيار سخت رهيا ۽ برطانيه جي عوام کي ڪي قدر ڪرام ويل جي ( پيوريٽنزم ) زماني جي يادگيري اچڻ لڳي ، ان جو اثر هندستان جي تعليم تي پڻ پيو . ماسترن کي اخلاق جو علمبردار ٿي سماج اڳيان اچڻو پيو ، هن حالت ۾ 'نج' ادب عدم پيدا ٿي ويو ۽ اندروني معنئ تي زور رکيو ويو . ظاهر معنئ کي ڪابه اهميت نه هئي .

خليفي گل محمد پنهنجي وقت جي گهرج کي پورو ڪرڻ سانگي ڪر خوبصورت شعر پڻ لکيا آهن ، جن مان چند هن ريت آهن .

جيڪو پنهنجي ريج کي ٿو ڪين اٽڪل ۾ رکي
ان کي ذرتيءَ کي دڪي دوڙي ڪريندا دور ڪاپ

ماريو جن کي مارين تن جو تو تي پيئڙو پاپ
ڏاريو ڏاريو جن کي ڏارين تن جو تو تي پيئڙو پاپ

وجهه وڪ واڌو وڌائي دل رکيسين ڏيان درس
ڪرم پاسو هيڏي هوڏي وج سنئون چال چپ

سنگتي دين جا سيپيئي ڪڻ ساڻ
آهي موڏيءَ جي فوج ڏاڍي روٺ

سخن ڪي ٻول سهڻو سرت مان سال ( سالم )
ڪچو ڳالهائي ڪنهن ڪي ڪيم ڪي ڦاچ ( پڏرو )

سدا حيات تنوير عباسيءَ نارايڻ شيام جي غزلن جي مجموعي ، ’ بوند ، لهر ۽ سمنڊ ‘جي مهاڳ ۾ لکيو هو تہ شيام جي غغزلن کان اڳ ائين پئي لڳو تہ غزل جي گهاڙيٽي لاءِ ڪا نئين زمين رهي نہ آهي ، پر شيام جي غزلن اهو انديشو غلط ثابت ڪيو آهي منهنجي خيال ۾ خليفي گل محمد جا غزل هڪ اها زمين تا غزلگو شاعرن لاءِ مهيا ڪن ، جنهن ڪي وري ڪيڙڻ سان نئون فصل پيدا ٿيڻ جا گهڻا امڪان ڪلي تا پون .

( ساهتيہ اڪادميءَ جي دهلي سيمينار ۾ پڙهيل – بشڪريہ ساهتيہ اڪادمي )

# ڪرشن کٽواڻي ۽ سنڌ

ڏوريان ، ڏوريان م لهان ، شال م ملان هوت ،
من اندر جا لوچ ، سا ملڻ سان مانئي ٿئي .     ( شاهه )
" اهوئي زندگيءَ جو سچ آهي . " ( ترندڙ بادل – صفحه 85 )

ڪرشن کٽواڻيءَ جي جاءِ سنڌي نثر ۾ اها آهي جا نارايڻ شيام جي شاعريءَ جي کيتر ۾ آهي .سندن رچنائن ۾ جمالياتي حس لاجواب آهي – شري ڪرشن کٽواڻيءَ جو کيتر گهڻو تڻو نثر رهيو ۽ هن نمايان فرق جي باوجود ٻئي ليکک ڀارت ۾ ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ روشن منار آهن . نارايڻ شيام ۾ چانڊوڪيءَ جهڙي ٺار ڏيندڙ ، سيتلتا آهي تہ ڪرشن کٽواڻيءَ وٽ هڪ لوچ پوچ ۽ بادلن جيان آڪاس ۾ بنا روڪ ٽوڪ ذهني ڳولها ۽ ڪنهن ماڳ جي ڳولها جي سرگردانيت آهي .

شري ڪرشن کٽواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ' پنهنجا پراوا ' ( ڪهاڻين جو مجموعو ) جي مهاڳ ۾ ( جو حقيقت ۾ ڪلڪتي جي ڀارتيہ ڀاشا ۾ مليل اوارڊ وقت هنديءَ ۾ ڪيل سنڌي ترجمو آهي . ) ۾ لکي ٿو ، " اڌ رات جو ٽرين ۾ بارڊر ڪراس ڪرڻ ويل مون ڪي خيال نہ آيو تہ مان وري هن پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ واپس موٽي نہ سگهندس ، هيءُ جو ديس منهنجو هو ، هن بعد ڊاريو ٿي ويندو . " ( صفحه – 6 )

بس اهو ئي احساس – جو اڄ ڇاڙٽائيءَ ۾ سسئيءَ ۽ مومل پڻ ڀوڳيو هو – بي خبريءَ جي عالم ۾ پنهنجي وجود جي حصي وڃائڻ جو اهو ئي احساس ڪرشن جي من ۾ هڪ مسلسل جستجو – هڪ ڳولها جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي ، جا ڳنڍ کولڻ ۽ ڦولهڻ جي ڪوشش

ئي سندس ساهت جي چر آهي ۽ سندس لکڻين تي حاوي آهي. ڪرشن کتواڻيءَ جي خلقيل ادب ۾ ڪيترا ئي عناصر آهن، جن تي ڪو ڏاڪٽريٽ ڪري اپٽار ڪري سگهي ٿو، پر مان هن پنهنجي مختصر مضمون ۾ هڪ ڳالهه / پهلوءَ جو ذڪر ڪندس، ڪرشن ۽ سنڌ.

ڪرشن جو هڪ سپنو هو. " ڪاڏيءَ جو ڪڙتو پاجامو پائي، ڪلهي تي ٿيلهو لٽڪائي، ان ۾ اسڪيچ بوڪ ۽ ڪجهه ڪاپيون وجهي، مان هن سنسار ۾ رلندو رهندس. " پر آخر ٿيو ڇا ؟ ڇڻ هڪ ڀار ،جو پنهنجي گهر جو ماڳ پلجي ويو هو، هڪ پهاڙ تي بيهي چؤطرف نهاريندي عجب کائي رهيو هو ته هيءَ دنيا ڪيڏي وڏي ۽ سندر آهي، پوءِ به هو پنهنجي گهر جو رستو ڇو ڳولهي رهيو آهي ؟

هن سنڌ جي يادگيرين کان مڪتي پائڻ لاءِ 1962 ع ۾ ناول ڇپايو. "منڙي سنڌ " پر يادگيرين کان مڪتي ڪٿي ٿي ملي ! سنڌ – سنڌ جون يادگيريون –سنڌي ٻولي – سنڌي سماج هن جي سوچ جو مهور ٿي رهيون ۽ انهن جي ارد گرد ئي سندس گهڻو تڻو رچنا سنسار، ان جو درد ۽ جستجو جي درد مان تخليق پائيندو رهيو.

ساڳئي مضمون ۾ قبول ڪري ٿو، " اٽڪل چاليهه سال مڌيه پرديش ۾ رهڻ سان به مان هن زمين سان اهڙو ناتو جوڙي نه سگهيو آهيان جو 17 سال سنڌ ۾ رهڻ سان اتي جي زمين – آسمان سان جڙيو هو. نديءَ کي ياد ڪندي سنڌو ندي ياد ايندي هئي. ميدانن جو تصور ڪرڻ ويل سنڌ جي ميدائي، بنا گهڻي وڻڪار واري زمين اکين اڳيان ايندي هئي. ڪن ان ٻوليءَ کي ان طريقي سان ڳالهائيندي ٻڌڻ چاهيندا هئا، جيئن سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائي ويندي هئي. "( صفح 9 )

ساڳئي ڪتاب ۾ سندس ڪهاڻي " اڌ لکيل خط " جي نائڪا چارو، سندس ئي سوچ جو اظهار ٿي ڪري، " اهو ڳوٺ ڪڏهن به منهنجي اکين کان دور نه ويو آهي. مان سدا ان کي ساريندي رهي آهيان. مون سدا پاڻ کي ان ڌرتيءَ جي ڌيءَ سمجهيو آهي. "

نائڪ اعتراف ٿو ڪري ۽ پنهنجي دل جو ارادو ٿو پلٽي ڇڏي ... " جڏهن ياد ڪريان ٿو ته لڳيم ٿو مان سڀ ڪجهه اتي ڇڏي آيس. پاڻ کي ... پنهنجي ماضيءَ کي، پنهنجي سک_ سپنن کي ... مان توکي به سنڌ ۾ ڇڏي آيو هوس ... مان پاڻ، پنهنجي ماضيءَ کي اتي ڇڏي آيس. "( صفح 59_58 )

هن ئي مجموعي ۾ سندس ڪهاڻي " امانت" سنڌ جي سارونڻيءَ جي ڀرپور ڪهاڻي آهي.

سندس ڪتاب " منهنجا ماروئڙا " ،جنهن ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون آهن — جو سنڌ جي سفر بعد 1992ع ۾ ڇپيو آهي ، سنڌ سان سندس رغبت ، نہ محبت جو هڪ سنگ نشان آهي .ونس سنڌيت جو شعور تمام چٽو ۽ صاف آهي ، سندس ڪهاڻي " سرحد جي هن پار " ۾ ليکڪ ننڍي هوندي جي دوست سليم معرفت سنڌيت بابت هن ريت بيان ٿو ڪري ، " انسان پنهنجي اندر ۾ جيترو اونهو ويندو آهي ، اوترو پنهنجي ڌرتيءَ جي ويجهو پهچندو آهي . انسان جي سچي زندگي هڪ ڳولها آهي . پاڻ کي ڳولهيندي هو دنيا کي بہ پائيندو آهي ۽ اسان جي زندگي هڪ جدوجهد آهي . جدوجهد پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي . پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ هو دنيا کي بہ بهتر بڻائيندو آهي . مڪمل سڦلتا ڪنهن انسان لاءِ نہ آهي . پر هو جيترو ڌرتيءَ جي ويجهو هوندو اوترو وڌيڪ پاڻ کي پائيندو ... انسان صرف پنهنجي ڌرتيءَ جي پيدا ئش نہ آهي . انسان پنهنجي ڪلچر ۽ تاريخ جي پڻ پيدائش آهي . اسين سڀ تاريخ جي وهڪري ۾ لڙهندڙ ... هڪڙا لهرن سان وڙهندا آهن ، تاريخ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻيا وهڪري ۾ لڙهندا ويندا آهن . يا ائين چئجي هڪڙا جيئندا آهن ۽ ٻيا جيئندا ئي ڪونہ آهن ... نہ هڪڙا موُت کان اڳي مري ويندا آهن ٻيا موُت بعد بہ دنيا جي (اوولوشن) ۾ زنده رهندا آهن . ( صفحہ 33 _32 )

جڏهن سنڌ ۾ هڪ ليکڪا سان گڏيو تہ سندس ذهن ۾ هڪ خوشنما خيال اڀريو ، " مون پاڻ کي چيو ، سنڌ ۾ اڃا شهزاديون رهنديون آهن . "

سنڌ ۾ سنڌين جي مهمانواريءَ جي ڳڻ بابت چوي ٿو ،" منهنجي دل ۾ خيال آيو ، جڏهن ڪنهن سنڌيءَ وٽ يمر دوت ايندو تہ سنڌي ڪيس چوندو : ترس ! پنهنجو فرض پورو ادا ڪج . پهرين ڪجهہ کاءُ پيءُ — اسان سنڌ ۾ اهڙي ئي مهمان نوازي ڏني . "( صفحہ 51 _ 50)

ٻوليءَ جي جادوئي رشتي جو هن ريت ٿو بيان ڪري ، " اسين بہ سنڌي هڪ پارت جو ، هڪ پاڪستان جو پاڻ ۾ ائين ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين جڻ ڪڏهن جدا ٿي نہ ٿيا هئاسين ، جڻ جنمن جنمن کان گڏ هئاسين ۽ جنمن تائين گڏ رهنداسين . "( صفحہ 59 )

وري اڳتي چوي ٿو، " جا پنهنجائي مون کي سنڌ جي زمين کي ڏسندي ۽ آسمان جي روشنيءَ کي چيربندي ملي اهڙي اڳ ڪٿي ڪانہ ملي هئي. هيءَ ڌرتي مون ٻالڪپڻ ۾ ڏٺي هئي. مان پنجيتاليهہ سال هن کان جدا رهيو هوس، پر لڳو پئي مان هن کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيو آهيان. لڳو پئي اندر ۾ هن جي سڄاڻپ لڪل هئي جا اڄ وري روشناس ٿي آهي. " ( صفح 64 )

پنهنجن يادگيررين کي ڦولهيندي، شاهہ لطيف کي ياد ڪري ٿو، سنڌ سان شاهہ جو نالو اچڻ تہ هڪ لازمي ڳالهہ آهي. چوي ٿو، " مان ٻارهن سالن جو هوس جو شاهہ پهريون دفعو منهنجي پر ۾ آيو هو. ان بعد هو ڪڏهن واپس ڪونہ ويو. جڏهن جڏهن مون سنڌ کي ياد ڪيو، جڏهن جڏهن اندر ۾ هڪ خاليپڻو اتپن ٿيو، جو صرف پنهنجائيءَ سان دور ٿيندو آهي، تہ مان شاهہ وٽ ويندو هوس. جڏهن جڏهن سنڌ مٿان سج اڀرندو آهي تہ شاهہ بہ اکيون پٽيندو آهي ... مان وڏي وجي شاهہ جي پيرن وٽ بيٺس ۽ هٿ اڳيان وڌايم. ڄڻ شاهہ کان بخشائي رهيو هوس. "

" هاڻ جڏهن بہ ڪنهن سنڌيءَ سان غير سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان تہ احساس ٿيندو اٿم پر ۾ ڪير بيٺو آهي. سنڌوءَ جي لهرن جر پرلاءَ جيان مان آواز ٻڌندو آهيان، 'ادا، هو سنڌي آهي'.

سنڌ ۾ هڪ سيلاني / مهمان جيان وجي واپس ورڻ جي ڪيفيت جو هيءُ اڻ وسرندڙ اظهار، " ڏسجو، اوهان جي ڳوٺ جون اهي ننديون گهٽيون، توهان جي گهرن جو ليپو پاتل پٽيون متان توهان کي موڪل نہ ڏين ... "

سنڌ ۾ سالن بعد واپس ورڻ سان سندس من ۾ ڪهڙا جذبا لرزيا هئا، اهو سندس ڪوتائن مان ظاهر آهي. سندس پهرين ڪوتا 'سنڌو ديش' هڪ حيرت جي جذبي کي بيان ڪري ٿي :

هيءَ ڪهڙي ڀومي آهي،
جنهن ڇاوا،
پاڻ بابت نہ،
پنهنجي ڀونءِ بابت ڳالهائي رهيا آهن.
هيءُ ڪهڙو ديس آهي،

جتي ماڻهو دکن سکن بابت نہ ،
ماروئڙن جي دکن جون ڪهاڻيون ڪٺي رهيا آهن .

.........

هڪ ديچاريندڙ سانت آهي
جا سرجڻ کان اڳ
اندر ۾ چانئجي آهي .

........

هن ڪوتا ۾ گوتم ٻڌ ۽ موهن جي دڙي جي علامت ڪٺي سنڌ جي مٽيءَ جي تلڪ ڪي نرتڪيءَ جي سيني سينگار جي زيورن مان مٿيرو ڄاڻي جڏهن نرتڪي سنڌوءَ جي مٽيءَ جو تلڪ گوتم کي لڳائي ٿي ان جو بيان خوبصورت نموني هيئن ڪيو ويو آهي :

"سوني مٽيءَ م ٻاچ ٻوڙي
هڪ تلڪ ٻڌ جي نرڙ تي ڏنائين .

..............

گوتم جي اکين ۾
شڪرگذاري جاڳي
هن آشيرواد ڀريل هٿ مٿي کنيو . ...."

ارغونن جي ظلم جو شڪار شهيد بلاول جنهن کي قوم پرستيءَ ڪري گهاڻي ۾ پيسائي شهيد ڪيو ويو . ان عظيم شخص ۽ صوفي درويش کي هن ريت عقيدت پيش ٿو ڪري :

' تاريخ شهيدن جي وهايل خون کي
امبرت ۾ بدليندي آهي ،
هيءُ سنڌوءَ جوامبرت ،
سنسار کي ، نئين جيوت ڏيندو
ظلم ۽ نفرت رهت . '
سنڌوءَ لاءِ کهڙو نہ سهڻو سپنو هو وٽس !

مون اڳواٽ ظاهر ڪيو آهي تہ ڪرشن جي سسئيءَ سان ۽ سندس پٽڪاءَ سان خاص رغبت آهي ۽ شاهہ پڻ سيني ۾ سانديندو رهيو يا عمر . تڏهن تہ شاهہ بابت لکندي چوي ٿو :

" سسئيءَ جي اٽانگين راهن تي ،
مون شاهہ کي ويندي ڏٺو
پيرين پنڌ اگم جي ڳولها ۾ . "

سسئيءَ بابت چوي ٿو ،
' انسان جون نصيب اهو ئي آهي
پنڌ ڪرڻ ، سدا پنڌ ڪرڻ !
جو پنڌ نہ پوندو آهي
سڪل ندين جيان
اڻ ڇاڻ اجڙ ميدانن ۾
گم ٿي ويندو آهي . '
۽ اڳتي وشواس ٿو ظاهر ڪري ،
" هن پوميءَ کي ڦولهيندي
اسين پنهنجو پاڻ ۾
ڳولهي وٺنداسين . "
سهڻيءَ کي چوي ٿو ،
" هر انسان ،
جنهن جي دل سنڌوءَ جي
جل جيان پوتر آهي —
منهنجو پائڙو آهي . "
اڳتي ڪوتا ' پاڙن بنا بوٽو ' ۾ شاهہ کي ياد ڪندي چوي ٿو :
" شاهہ جي مرڪ
پهرين چنڊ جيان هئي ( خوبصورت تشبيهہ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي . )

انسان نہ زمين ڳائيندي آهي
رسالو من نہ ، سنڌ ريءَ لکيو هو.
ڪو گل هوا ۾ نہ اپرندو آهي
ڌرتي ئي انساني ڪلائن جي ماءُ آهي "
سنڌ ۾ پهچي کيس اهو احساس ٿيو ،
"منهنجي جلاوطني
ختم نہ ٿي آهي اڃا
آيو آهيان
ڦڪي مرڪ ڪٽي
پنهنجي آتما جي لڪل
زخمن مٿان
ڪو پهو رکائڻ
شاهہ
پنهنجي واٽي مان ،
هتي ڪٿي
وساري ويو هوس
مون کي ڳولهڻ ۾ مدد ڪندين ، شاهہ !"

لڳي ٿو اها مدد کيس ملي ۽ هن جي آخرين ۽ بهترين ناول ' ترنڊڙ بادل ' ۾ نيٺ هن جي من جي ڳنڍ کلي ۽ هن پاڻ کي پاتو. پر عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇا اهو پاڻ پائڻ آهي ! سڄي ڪتاب ۾ سنڌ سندس سوچ جو حصو آهي. سندس آئيڊيئل صوڀو گيانچنداڻي ۽ ڪجهہ قدر حشو ڪيولراماڻي جي زندگيءَ ۾ سندس آدرش رهيا ، انهن جي ڪالپنڪ ڪردارن جي ۽ معرفت آخر هن پنهنجو رستو ڳولهي ورتو.پر اهو ساڳيو ئي سسئيءَ وارو رستو.

ناول ۾ سنڌ جي يادن جا بيان خوبصورتيءَ سان ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ بادل هڪ علامت آهي پارت ۾ سنڌي سماج جي حالت جي. بادل خوبصورت هوندا آهن ، پر کين زمين جي ضرورت نہ هوندي آهي — کين پاڙون نہ هونديون آهن — وٽن اڃا شڪتي نہ هوندي آهي — سندن رخ هوائن جي رخ تي مدار رکندو آهي — انهن ۾ گهرائي نہ ٿيندي آهي

– ها بادلن ۾ تهه ٿيندا آهن – هڪ ٻئي مٿان هيٺان ٿيندا آهن – وڻن آسمان هوندو آهي – ڪٿي به اچڻ وڃڻ لاءِ سرحدون نه ٿينديون آهن . اهڙي حالت جو بيان ڪرشن ناول ۾ هن ريت ڪيو آهي :

" منهنجي گود ۾ پليل ٻارڙا ، تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين ؟ " ....

" مون پاڻ سان ڌوهه ڪيو .... بدن کي بچائڻ لاءِ مان پنهنجي مٽيءَ کان جدا ٿيس پر پنهنجي روح کي خون ڪري . مون پنهنجي روح کي پنهنجن هٿن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪيو . اهي ٽڪرا ٽڪرا اڏامي هوا ۾ ڦهلجي ويندا ۽ مان بنا روح ڪنهن اڻ ڄاڻ ديس ۾ هوندس . ڇا مان ڪڏهن کلي سگهندس ؟ خوشيءَ ۾ نچي سگهندس ؟ .... مون کي سنڌ جي ياد ڪافي ستائيندي آهي . مان هن جو آهيان ۽ هوءَ منهنجي آهي .اهو ناتو الائي ڪيئن جڙي ويو .هتان سنڌ وڃڻ بعد مان سنڌ جو رڻ ڪندس ، سنڌ جو چپو چپو گهمندس ۽ اتان جي هر انسان ، جانور ، پکيءَ سان روح رهاڻ ڪندس . قدرت جو هر نظارو آتما جيان سجيو ۽ روشن هوندو آهي ، هر انسان هڪ ڪهاڻي .... ( پر ) ڇا اها ذرا ذرا ٿي سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويندي ؟ " (صفح 34 _ 33 )

ڪرشن جو تاريخي شعور پڻ لاجواب نموني سندس ناول مان لياڪا پائيندو نظر ٿو اچي . چوي ٿو : " تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا موقعا ايندا آهن ، جو انسان جي شخصي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ نه رهندي آهي سڄي قوم جي مرڻ ۽ جيئڻ جو سوال هوندو آهي . (سجاتا ) سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ گهڻا دک ڏٺا آهن . مٿس سوين حملا ٿيا آهن ، ڦورو لٽي ڦري سڀ مال کنيو اسان جي زمين کي سڃو ڪري ويندا هئا .سنڌ سڀ ظلم ڏٺا پر سنڌيءَ مان اعتقاد نه وڃايائين ...... "( ت – ب – صفح 61 )

شاهه جي پٽ کي اجهو هيئن ٿو ياد ڪري ، " ڏيئن جي روشنيءَ ۾ فقيرن سڄي رات راڳ ڳايو هو . اسين سڄي رات پلٿي ماري ويٺا هئاسين . ڪڏهن گهيرٽ نه آيو هو ، پلڪ نه جهڪيا هئا ، ڪڏهن پاٿي پيئڻ لاءِ نه اٿيا هئاسين . سڀ پٽ تي ويٺل هئا .پٽ تي فراس به نه هو .... سنڌ ۾ سڀ ائين سادو سودو هو .اهائي ان جي خوبي هئي ، اهائي ان جي سونهن هئي . "

ترندڙ بادل جي هڪ ڪردار ( نيلم ) کي چوي ٿو ، " تون هڪ سنڌي سونهن جو نمونو آهين . "

سوال ، ”سنڌي سونهن ڇا ٿيندي آهي ؟ “

” هر مٽيءَ کي پنهنجي سونهن ٿيندي آهي . مان سنڌي ٻهارين ۾ ڪافي رليو هوس . اتي جي عورتن ۾ جا مون سونهن ڏٺي اها تو ۾ به ڏٺم . “(ت – ب صفح 72 )

ها هر ڪنهن مٽيءَ کي پنهنجي مخصوص خوشبوءِ سان گڏ سونهن به هوندي آهي – ڪرشن جو ڪيترو نه سهڻو ۽ يگانو احساس ! سنڌ نه صرف سنڌين جي دل ۾ واسو ڪيو پر ڪيترن ڌارين کي پڻ منڊي پنهنجو مريد بڻايو.

( اهڙيءَ ) سنڌ سان رچرڊ برٽن جو پيار ٿي ويو. اهڙو پيار جو ڪنهن مرد جو ڪنهن عورت سان ٿي ويندو آهي . سنڌ جي اداس واديءَ ۾ ڪا ڪشش آهي ، ڪو تلسم لڪل آهي ، سادن سودن نظارن ۾ ڪا خوبصورتي آهي . اولهه ۾ سانت پهاڙين جون ڪتارون آهن ، اوڀر جي رڻ پٽ ۾ واري سمنڊ جيان وسيع ۽ سنگيت ميه آهي ۽ سنڌو درياهه آهي – اها صرف ندي نه آهي ، سنڌ جي آتما آهي – سدا جاڳيل ، سدا سنڌ جي رکيا ڪندڙ . “

ڪوڪڻ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٽڪريءَ تان آسمان جي سونهن ڏسندي ، مکيه نائڪ هيم جي من ۾ اپرندڙ جذبن جي عڪاسي هن نموني ڪئي ويئي آهي :

” هيم ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ويهي سونهن پيئڻ لڳو. آڪاس ۾ بادل تري رهيا هئا. ڪي ننڍا ڪي وڏا ، هڪ ٻئي پٺيان ڊڪندڙ ، هڪ وڏو ڪافلو هو ، جيئن سنڌ ۾ اٺن جو ڪافلو هوندو هو. سنڌ جي آڪاس ۾ بادل ڇڊا ۽ ٿورا هوندا هئا . اڪثر ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هڪ هنڌ بيٺا هوندا هئا . ڪپهه جيان سفيد. ٿهن ۾ .... “( صفح 144 )

ڪاليداس جي ميگهدوت جي حوالي ۾ گفتگو آهي .

’ان ۾ يڪش پنهنجي پريتما کي نياپا ڪڪرن دواران موڪلي ٿو. ‘

هيم چيو ، ” سنڌ جي شاعر شاهه لطيف پنهنجي پرينءَ کي نياپا چنڊ دواران موڪليا آهن . ....

چڱا چنڊ ! چئيج ، سنيها کي سڄڻين

مٿان اگڻ ايري ، پرينءَ جي پئيج ،

جهيڻو ڳالهائيج ، پرين وجهي هٿڙا . “

” مان اسڪول بعد ڪاليج بنارس پڙهڻ ويو هوس . مون سموري سنڌ نہ ڏٺي هئي . مون سموري سنڌ چند دواران ڏٺي .... جيل ۾ چانڊوڪين راتين ۾ ڪجهہ دير چند ڳڙڪيءَ مان ڏسبو هو . “

آخر هن محسوس ڪيو تہ چند نياپا تہ موڪلي سگهي ٿو ، پر هن ڌرتيءَ جون سڀ حدون بيسود تہ بادل ئي ڪري سگهندو .سنڌ کي من ۾ ڪٺي سچي زندگي جلاوطنيءَ جو عذاب ڀوڳيندو رهيو . شدت سان اهو محسوس ڪندو رهيو تہ سنڌ ئي منهنجو ديس آهي . هزارن سالن کان ، منهنجا وڏا سڀ اتي ڄاوا ۽ اتي جي زمين تي ساريا ويا — اسان ان ديس کي ٿاهيو جوڙيو ۽ پيار ڪيو. “( صفح 147 )

گوتم ٻڌ جيان هڪ وڻ جي هيٺان هن کي گيان مليو.

’ مون کي احساس ٿيو تہ منهنجو اندريون انسان سنڌ جي زمين ۽ آسمان ۾ ئي جي سگهندو ، هن لاءِ اتي جي هوا ۽ پاڻي تمام ضروري آهن ...مون کي لڳو مون کي منهنجي سنڌ سڏي رهي آهي . نہ ، مان سنڌ کي ساري رهيو آهيان . مان ڪيترو ڀالو ڀولو هوس . جيل ۾ رهندي مون کي لڳندو هو تہ سنڌ کي منهنجي ضرورت آهي ، پر اڄ رات شدت سان محسوس ڪيم تہ سنڌ کي منهنجي نہ ، مون کي سنڌ جي ضرورت آهي . ان بنا مان سدا اڌورو هوندس — اڌورو رهندس ۽ پاڙن بنا ٻوٽي جيان ڏيري ڏيري مرجهائيندو ويندس . جيتري سنڌ کي منهنجي ضرورت آهي ان کان وڌ مون کي سنڌ جي ضرورت آهي . “

۽ بادلن تي سوار ٿي هو هليو ويو. سنڌ جي ريگستانن ، وادين ، واهوندين ، کيتن ، ڊنڊين ، ٽرن ۽ پٽن تي وسڪارو ڪرڻ. لطيف سائينءَ جي دعا ٻڌجي .

’ سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست منهنجا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين . ’ ( آمين )

( نوٽ : هن ليک ۾ مون اها ڪوشش ضرور ڪئي آهي تہ مان جيترو پاڻ گهٽ ڳالهايان ، بهتر . گهڻو ٺڻو ڪرشن کٽواڻيءَ جي ئي لفظن کي سلسلو ڏيئي اهو ليک لکيو ويو آهي — اڄ پڻ ڪرشن پاڻ اسان سان ڳالهائي رهيو آهي ، پنهنجين رچنائن معرفت )

( اندور ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ جي پهرين ورسيءَ تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل . بشڪريہ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي — آديپور ڪڇ )

# پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن جو منچ هنر

مان ڀرت جي ناٽيہ شاستر تي شرع لکندڙ ڪپلا واتساين جي ڪتاب مان هن ٽڪري سان شروعات ٿو ڪريان .

” ڀرت منيءَ جي ناٽيہ شاستر مان اهو بخوبي ٿو ظاهر ٿئي تہ ناٽڪ بذات خود ڪيترين ڪلائن ڪي پاڻ ۾ سميٽي ٿو هلي ، جي هونءَ پنهنجي ليکي خود مختيار آهن ، جيئن ڪوتا ، سنگيت ، نرتيہ ، معماري ، سنگتراشي ۽ چترڪاري وغيرهہ . اهي جدا جدا هوندي پڻ اندروني تهن ۾ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن . ڪلاتمڪ مشاهدو ۽ اظهار ، جنهن ۾ لفظن جي چونڊ ، ڊائلاگ جي ادائگي ، سريري ٻولي ، پوشاڪ ، سينگار اهي سڀ درشڪن تائين رسڻ جا واهڻ بڻجي پون ٿا . “

مان پنهنجي وشيہ پروفيسر رام پنجواڻي جي ناٽڪن جي منچ هنر ( اسٽيج ڪرافٽ ) تي اچان ان کان اڳ مختصر ۾ منچ بابت پسمنظر ڏيڻ ضروري ٿو ڀانيان .

هندستان جي ناٽڪ جي پرمپرا جهوني آهي . عيسوي صديءَ کان ٻي سؤ سال اڳ سيتا بينگا نالي هڪ غفا ۾ ناٽڪ ڪيا ويندا هئا . تنهن بعد سنسڪرت ساهت ۾ ڀرت جي ناٽيہ شاستر ۾ منچ ۽ ناٽڪ گهر جا ذري پرزي تفصيل ڏنل آهن . منچ جون ماپون ، ڊيگهہ ، ويڪر ، مرڪز ۽ ائن ڏسائن ۾ ان منچ جي ورچ جا بيان ڪيل آهن ۽ اسٽيج پٺيان جي جاءِ جا پڻ تفصيل ڏنل آهن . ڏکڻ هندستان ۾ مندرن ۾ ناچ گهر جي جاءِ لازم سمجهي ويندي هئي.

اها مندر جي معماريءَ جوحصو هوندي هئي ۽ راجائن ۾ سمراٽ پنهنجي محلاتن ۾ رنگ شالائن جي تعمير ڪرائيندا هئا .

وقت پئي اهو ناٽڪ جو سلسلو ٽٽي پيو ۽ عوام لاءِ ناٽڪ ۽ رام ليلائون کيل ميدانن ۾ ٿيڻ لڳيون . جتي ڪنهن نموني ڪن تختن ۽ بانس جي لڪڙين ذريعي منچ ٺاهيندا هئا ۽ اهو رواج اڄ پڻ ڪيترين جاين تي هلي رهيو آهي .

منچ جنهن حالت ۾ اڄ اسان ڏسون ٿا،ان جي شروعات ٻين ڪيترين ڳالهين جيان ، هندستان ۾ مغربي اثر هيٺ ٿي آهي ، ائين ڪيترا ناٽڪ گهر ، يورپين لاءِ ۽ ڏيهي ماڻهن لاءِ پهرين ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيا ۽ پوءِ ممبئيءَ مان ٿيندا ، پارسي ٿئيٽر جي زير اثر ان طرز تي ناٽڪ سنڌ ۾ ٿيڻ لڳا .

سنڌ ۾ ناٽڪ منچ ۽ ناٽڪ گهرن جي تاريخ پڻ ڪافي دلچسپ رهي آهي ۽ هتي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتاب ’ سنڌي نثر جي تاريخ ‘ مان ڪي سٽون پهرئين حوالي طور ڏيان ٿو

” اٺويهين صديءَ جي آخر ۾ ڏيتي ليتي منڊلي برپا ٿي .حيدرآباد سنڌ جي گادي هوندي هئي ۽ ان جي سڏي شاهي بازار مشهور هئي . تختن واري اسٽيج جو اجا رواج ڪونہ پيو هو . سو ڏيتي ليتي منڊليءَ ائين ڪيو جو سر بازار ۾ مشهور ڪڪڙ ڪمپنيءَ جي دڪان جي ڪڏ تي ، ان روڳ جي برخلاف وندرائيندڙ ڇهڇٽا ڪري ڏيکاريندا هئا . جي انبوهہ ماڻهن جي وچ مان هيٺان بازار مان ڏسندا هئا . “ اهو تہ ٿيو اوائلي سنڌي اسٽريٽ ناٽڪ جو روپ ۽ منچ .

ساڳيو ليکڪ لکي ٿو ، ” شروع ۾ ٻاهران ايندڙ ناٽڪ منڊليون ، اڪثر پسگردائيءَ ۾ ڪنهن کليل ميدان جي هڪ حصي کي ڪوٽي ، منچ لاءِ ڪڏ ٺاهينديون هيون ۽ نڪتل مٽيءَ کي ڪڏ سامهون وجهي لاهہ ٺاهيندا هئا . ائين منچ هيٺائينءَ تي ۽ درشڪ لاءِ جڳهہ لاهہ تي ٿورو مٿيرو هوندي هئي . “ اهو ٿيو هاڻوڪو پرٿوي ٿئيٽر .

۽ اڳتي ، ’ ڊاڪٽر جٿڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسيپال پادشاهہ جي ڪوشش سان سال 1894 ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي برپا ٿي هئي ، جنهن ۾ هر سال ٽي راتيون 35 سالن تائين ناٽڪ ڏنا ۽ انهن ناٽڪن لاءِ هنن خاص ’ پادشاهہ ‘ هال نالي هڪ شاهي ماڻدو ٻڌو هو ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو.

اهڙيءَ طرح اسان ڪليل زمين ، ڪڏ ڪان ناٽڪ کي ڪاليج تائين ٿا ڪٿي اچون ، جتي ئي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن کي منچ مليو.

مٿي اهي تفصيل ان ڪري ڏنا ويا آهن تہ پڙهندڙن کي ان وقت جي منچ جي اوسر جو انومان ٿئي ۽ ناٽڪن جي منچ هنر کي پڻ پس منظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي . جنهن وقت ۾ اهي کيليا ويا هئا ۽ منچ هنر منچ جي اوسر جي نسبت ۾ ئي ڏسڻو پوندو.

مٿي پرت جي ناٽيہ شاستر مان حوالو ڏنو ويو آهي تہ ناٽڪ جي پيشڪش ۽ ان جي ڪاميابي ناڪاميابيءَ ۾ ليکڪ جو رول پل بنيادي هجي پر ان سان گڏ ٻين ڪلائن جي ڄاڻ ۽ آزمودو پڻ ضروري آهي . ائين ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ ، نرتيہ ،چترڪاري،سنگيت، اداڪاري ، آواز کي درشڪن تائين پهچائڻلاءِ آواز وڌائڻ ، روشني ۽ ويس وڳن جو بندوبست اهي سڀ اچي ٿا وڃن ۽وقت پئي انهن سيني ۾ ترقي پئي ٿي آهي .

جيئن اڳي چيو ويو آهي تہ هندستان ۾ مغربي ٿيئيٽر جو پڻ پيشڪش تي اثر ٿيو. جهڙي نموني سنسڪرت ناٽڪن ۾ سيٽ نہ هوندا هئا ، مغربي ٿيئيٽر جي اثر هيٺ ناٽڪن ۾ جدا جدا درشيہ ڏيکارڻ لاءِ پردا ڪم آندا ويندا هئا . ائين انهن پردن کي تيار ڪرڻ لاءِ چترڪارن جو خوب دخل رهيو. ڪي ناٽڪ منڊليون پنهنجا پردا پاڻ تيار ڪرائينديون هيون ، جي سندن ناٽڪن جي پيشڪش کي سونهن بخشڻ سان گڏوگڏ اثرائتو پڻ بڻائيندا هئا . پردا اسٽيج جي آخر ۾ ڏنڊن سان ٻڌي چرخي ( Pulleys ) ذريعي هيٺ مٿي لاٿا چاڙهيا ويندا هئا. اهڙي نموني پوشاڪون ، راجائن وغيره جي ڏيکاءَ لاءِ ۽ جڏهن مرد زال جو رول ڪندا هئا تہ انهن لاءِ نقلي وار ( وگ ) ۽نقلي ڏاڙهيون مڇون وغيره تيار ڪندا هئا .

رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ هن ريت آهن :

1 – سنڌ جون ست ڪهاڻيون . ( شاهہ لطيف جي ڪنيل لوڪ ڪهاڻين کي ڪٿي ناٽڪي ويس ڏنل )

2 – پکي ۾ پدمڻي .

3 – تياڳ ۽ مڪتي .

4 – آيو نئون زمانو.

5 – سماج شيوڪ ( ايڪانڪي )

6 – ياد ڪندا ( ترجمو )

پروفيسر پنجواڻي شاهه جي لوڪ ڪهاڻين ، عمر مارئي ، سسئي پنهون ، سهڻي ميهار ، ليلا چنيسر ، مومل راڻو ، راءِ ڏياچ ، چام تماچيءَ کي ناٽڪي روپ ڏيئي پيش ڪيو. مون کي پکي ۽ پدمڻي ناٽڪ نه ملي سگهيو آهي ۽ مون کي شاهه لطيف جي لکيل آکاڻين تي لکيل ناٽڪ 1952ع ڌاري ڇاپي وارا نه پر مون کي 1977ع ۾ سنڌي ٽائيمس پاران ڇپايل مليا آهن.

1941ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پهريون ناٽڪ ' مومل راڻو ' پيش ٿيو ۽ 1944ع ۾ ' پکي ۽ پدمڻي ' پيش ٿيو. باقي ٻيا پنج ناٽڪ ڪهڙي سلسلي ۾ پيش ٿيا ان جو احوال هٿ نه اچي سگهيو آهي . ورهاڱي بعد ممبئيءَ ۾ جئه هند ڪاليج سنڌي سرڪل پاران ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پهريون ناٽڪ 1949ع ۾ پيش ڪيو ويو ، جيڪو ايلفنسٽن ڪاليج جي حاطي ۾ ڏنو ويو ۽ 1951 ع ۾ جئه هند ڪاليج کي پنهنجي بلڊنگ ملڻ بعد هڪ هڪ ڪري ٻيا سڀ ناٽڪ پيش ڪيا ويا . ائين هنن سيني ستن ناٽڪن کي منچ تي جدا جدا پسمنظر ۾ ڏسي ناٽڪ منچ جي هنر جي ڳالهه ڪرڻ چاهي هئي .پر افسوس جو هند ۾ پيش ڪيل ناٽڪ اسڪرپٽس ڪنهن وٽ به موجود نه آهن ، جنهن جي آڌار تي منچ ڪاريءَ لاءِ ڪجهه ڳالهائي سگهجي . جڏهن مون ڪن انهن شخصن بابت سوچڻ شروع ڪيو جن اهي ناٽڪ ڏٺا هوندا ته مون کي ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو نالو ذهن تي آيو . موتي پرڪاش چواڻي ، هن پنجواڻي صاحب جا به ناٽڪ ڏٺا. ان وقت جئه هند ڪاليج جي هال ۾ گجراتي نيم پيشيور سنستا انڊين نئشنل ٿئيٽر باقاعدي ناٽڪ پيش ڪندي هئي ، جنهن وٽ ڪافي ناٽڪي سامگري موجود هئي ۽ مسواڙ تي وٺڻ جي ذريعن جي پڻ ڄاڻ هئي ، انهن لائيٽنگ،ڊريسن ۽ ميڪ اپ،آواز ۽ پردن کي حاصل ڪرڻ ۽ انهن جو اپيوگ ڪرڻ ۾ پنجواڻي صاحب کي گهربل مدد ڪئي ۽ ائين ناٽڪ ڪافي اثرائتا ثابت ٿيا . پر ڪنهن به مواد موجود نه هئڻ ڪري 1950ع بعد هند ۾ پيش ڪيل ستن ناٽڪن جي منچ هنر بابت ڳالهائڻ ممڪن نٿو لڳي ۽ مون لاءِ صرف انهن ناٽڪن کي آڌار بڻائي ، سنڌ جي پس منظر جو انومان لڳائي ئي ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿي .

هاڻي اسان کي سنڌ جي منچ ۽ ان وقت سهوليتن بابت تصور ڪري ڪن ڄاڻائن ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ اهو پڻ ان مواد جي بنياد تي جيڪو اسان وٽ ميسر آهي .

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ پردن جي پس منظر ۾ پيش ٿيل آهن . تنهن ڪري جيڪو ماحول پيدا ڪرڻو پيو هوندو ، اهو پردن ذريعي مکيه طور پيدا ڪيو ويو هوندو . چاڪاڻ ته اهي ناٽڪ ڪاليج پاران پيش ٿيل هئا ۽ نه ڪنهن پيشيور ناٽڪ منڊليءَ پاران . ان ڪري خاص پردا تيار نه ڪرايا ويا هوندا ۽ مسواڙ تي ورتا ويا هوندا ۽ ممڪن آهي ته تز چٽ جيڪي لکيل آهن اهي نه مليا هجن ۽ ائين ڪنهن نموني ٺاهه ( ڪامپرومائيز ) ڪرڻو پيو هجي .

ناٽڪ عمر مارئيءَ جي شروعات ڪجي . چاڪاڻ جو اهو ناٽڪ پهريون ڏنل آهي . (مون وٽ جا ڪاپي مؤجود آهي ان ۾ ) . ناٽڪ 27 سان 62 صفحي تائين آهي . ائين ڪل 35 صفح آهن جنهن ۾ هدايتون پڻ شامل آهن . ان جو مطلب اهو آهي ته هيءُ ناٽڪ وڌ ۾ وڌ 45 منٽن جو آهي . هن ناٽڪ ۾ ٻارهن پردا آهن . 1 _ ملير جي ڳوٺ ۾ چؤنڪ ، 2_ عمر ڪوٽ ، 3_ رستو ، 4_ ٿاڻو ، 5_ دربار ، 6 – عمر جو محل ، 7 – ملير جي ڳوٺ ٻاهران کوهه ، 8 – عمر ڪوٽ ، 9 – ملير ۾ پالڻي جو گهر ، 10 _عمر جي محل ۾ عمر جو ڪمرو 11 – مارئيءَ جو ڪمرو 12 – ملير جي ٻاهران

هاڻي هڪ هڪ پردو کڻي ، هڪ هڪ نظاري جي ڳالهه ڪريون .

پهريون نظارو چانڊوڪي – سانوڻ جي رات جو آهي . اڄ اهي سولائيءَ سان سائيڪلوراما تي پيش ڪري سگهجن ٿا پر ان وقت اهي طريقا مؤجود نه هوندا ، تنهن ڪري اهو تاثر پردي جي چترڪاريءَ مان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هوندي . ناٽڪ نرتيه سان ٿو شروع ٿئي . وچ ۾ مارئي آهي ۽ چوگرد سندس ساهيڙيون آهن . ائين گهڻ ۾ گهڻ مارئيءَ سميت پنجن جو گروپ ته هوندو ۽ انهن کي نرتيه جي پوشاڪ ميسر ڪري ڏيڻي پيئي هوندي . نرتيه ضرور ڪنهن راڳ تي هوندو . اڳي ٽيپ رڪارڊر نه هئا . راڳ يا ته حقيقي طور سازيندڙن ۽ ڳائيندڙن ذريعي پيش ڪيا ويا هوندا . جن لاءِ اسٽيج تي يا اسٽيج جي شروعات ۾ ڪا لکل جاءِ تيار ڪئي ويندي هوندي ۽ انهن کي لائوڊ اسپيڪر لاءِ مائيڪ ڏنو ويو هوندو. هن نظاري ۾ ٻه ٻيا ڪردار آهن پالڻو ۽ ڪيت، جن جي پوشاڪ جو بندوبست ڪيو ويو هوندو . گيت ، نرتيه ۽ گفتگو سڀ ساڳئي وقت هلن ٿا. اهو تاثر ڪيئن پيدا ڪيو ويو هوندو اهو سوچڻ ڏکيو آهي . جڏهن آواز کي پهچائڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر جي ضرورت هجي ائين اٽڪل پنجيتاليهن منٽن جي ڏيک ۾ ستن ڪردارن ۽ ڳائيندڙن جي ٽوليءَ جي ضرورت پوي

ٿي . ان وقت تہ صرف پيليون ( لائيم لائيٽس )هونديون ۽ فلڊ لائيٽس ڪم آنديون ويون هونديون ، جيئن درشڪ ، نرتيہ جو مزو چڱيءَ طرح ماڻي سگهن .

پردو ٻيون : عمر ڪوٽ جو نظارو : وقت رات جو. اسٽيج تي بسترن سميت ٻہ کٽون مؤجود . هن درشيہ ۾ ٻہ ڪردار آهن . راجا عمر ۽ سندس راڻي . رات جو وقت آهي ( لائيٽ گهٽ ڪئي ويئي هوندي ) . هي درشيہ هڪ صفح کان ٿورو وڌيڪ ٿو هلي . اٽڪل ٻہ منٽ .

پردو ٽيون : رستو : اوندهہ جاري آهي .هن درشيہ ۾ ٻہ ڪردار آهن . بادشاهہ ۽ ڪوتوال . ٻنهي جي لباس ۾ نمايان فرق آهي . بادشاهہ چمڙا پوش پائي ڪنهن ڪانير جي لباس ۾ آهي . ائين عمر کي لباس بدلائڻ يا مٿان ٻيو ڪجهہ پائڻ لاءِ لباس اڳواٽ ئي بئڪ اسٽيج تي تيار رکڻو پيو هوندو. هيءُ درشيہ پڻ سوا صفحي جو آهي .

پردو چوٿون : ٿاڻو : هن ۾ هڪ ٻڍي مائي ڪوتوال ، چمڙا پوش بادشاهہ ۽ ٿاڻيدار ، ائين ڪل چار ڪردار آهن ۽ هڪ ڪردار آخر ۾ ٿاڻي مان ٻاهر ٿو نڪري . ائين ڪل پنج اداڪار آهن. هيءُ درشيہ پنجن صفحن جو آهي . ( اٽڪل ڇهہ منٽ ) .

پردو پنجون : دربار : هن درشيہ ۾ چوبدار ۽ وزير ٻہ نوان ڪردار پيش ڪيل آهن . هن دربار جي سين ۾ ضرور ٻيا درباري پڻ مؤجود هوندا . بادشاهہ عمر جو تخت رکيل آهي . دربار جو سينگار پردي تي ظاهر ڪيل هوندو . ٻين درٻارين ۽ وزيرن لاءِ ويهڻ جون جايون هونديون. هن سڄي ماحول کي تيار ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳو هوندو. هيءُ درشيہ اٽڪل اڍائي صفحن جو آهي . ائين اٽڪل ٽي چار منٽ هليو هوندو.

پردو ڇهون : عمر جو محل : ڳائڻي جي محفل گرم آهي . عمر خانگي لباس ۾ ويٺو آهي . ڦوڳ سين پنهنجي بنسري ويٺو وڄائي . بنسري آخر بند ٿئي ٿي . پوءِ ڦوڳ سين گيت ٿو ڳائي ، جنهن ۾ مارئيءَ جي سونهن جي ساراهہ ڪيل آهي . عمر بادشاهہ موتين جي مالها کيس انعام طور آڇي ٿو. هن سين ۾ ڦوڳ سين جو نئون ڪردار پيش ڪيو ويو آهي . خانگي محفل ۾ ٻڌندڙ ڪيترا آهن ، اهو ڄاڻايل نہ آهن . گهٽ ۾ گهٽ چار يا پنج تہ هوندا . بنسري وڄائڻ ۽ گيت ڳائڻ واري کان ڪم ورتل آهي . هتي ڳائيندڙن ۽ وڄائيندڙن جو تعداد ڪيترو هوندو ان جو صرف اندازو ئي لڳائي سگهجي ٿو . گيت جا ڪي لفظ ڏنل نہ آهن . بادشاهہ عمر خانگي پوشاڪ ۾ اچي تہ سندس ٻيا ٻڌندڙ پڻ سندس لباس کان گهٽ حيثيت

واري لباس ۾ هوندا . راجا جي گلي ۾ موتين جا هار پاتل هوندا . هيءُ درشيہ ڇهن صفحن جو آهي . جو اٽڪل گيت سنگيت کي ملائي پندرهن منٽن کن جو ٿيندو.

پردو ستون : ملير ڳوٺ ۾ ماروئڙن جو ميڙ : سين هيئن ٿي شروع ٿئي . ڪيئين ٽر چايون پيون پاڻي ڀرين . ڪي اچن پيون ته ڪي وڃن پيون . هرڪا پنهنجو وارو وٺي پاڻي ڀريندي پيئي وڃي . عمر سوداگر جي پوشاڪ ۾ ڦوڳ چارڻ ، رستي واري لباس ۾ ڀريان لڪي ان تي اک ٽيڪ رکي بيٺا آهن . هن سيني ۾ جڏهن مارئي پاڻي ڀرڻ ٿي اچي ته ساڻس گڏ ٻه ساهيڙيون پڻ آهن . هن درشيہ ۾ اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسٽيج تي اٽ ڪيئن ڏيکاريا ويا هوندا ۽ ان کي پاڻي پيئڻ لاءِ جهڪائڻ جو درشيہ ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويو هوندو . ائين مارئي ، ٻن ساهيڙين ۽ عمر ۽ ڦوڳ سين جا پنج ڪردار ته آهن ۽ کوهه تي پاڻي ڀرڻ واريون ڇوڪريون ٽنهن ڪان سواءِ . هيءُ درشيہ اٽڪل پنجن صفحن جو آهي . ائين اهو پڻ ڏهن منٽن جو هئڻ گهرجي .

پردو اٺون : عمر ڪوٽ جو پردو : درشيہ اٺون ٿو شروع ٿئي . 'تيز مينهن ٿو وسي . هوا جا گهوگهٽ آهن . بجليءَ جا ڪڙڪا ٿا پون . مارئي هڪ نهايت سهڻي ڍنگ سان سينگاريل ڪمري ۾ ڌرتيءَ تي ويٺي سڏڪا ڀري ، روئي پيئي ڳائي . ' ورهاڱي کان اڳواٽ اهي تاثر ڪيئن پيدا ڪيا ويا هوندا ، ان جو مون کي انومان نہ آهي ، جيتوڻيڪ اڄ اهي سائونڊ ۽ لائيٽ افيڪٽ عام رواجي آهن . خيال رکڻو آهي تہ اڳيون پردو ملير جي ٻاهران کوهہ جو هو ۽ ان بعد سهڻي ڍنگ سان سينگاريل ڪمرو آهي . جنهن ۾ ڪيتري پراپرٽيءَ جي ضرورت پيئي هوندي ، اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو . هن درشيہ ۾ مارئيءَ پاران ڳايل گيت جا لفظ البت ڏنل آهن . هن درشيہ ۾ اڳتي هلي هيءُ ذڪر ٿو اچي. آسمان ۾ گجگوڙ ٿي ٿئي . وچ جو ڀيانڪ چمڪاٽ ٿو ٿئي . ٻيءَ جو خيالي تصوير ، عمر جو عدل ۽ انصاف وڃي نالي ۾ رهيو آهي . وري بادل جو ڪڙڪاٽ ٿو ٿئي ۽ وري کيس ڌڪاءُ ٿو اچي .ٽاٽيدار کي خيالي تصوير ۾ ئي اڳيان اچي : تصوير گهمائي اکيون ٿو مهٽي . ائين خيالي تصوير اسٽيج تي ڪيئن پيش ڪئي ويندي هوندي . اهو سوچڻ ڪجهه ڏکيو آهي . ( صفحہ 52 ) هيءَ درشيہ اٽڪل ڇهن صفحن جو آهي . اٽڪل ڏهہ پندرهان منٽ .

پردو نائون : ملير ۾ پاٽڻيءَ جو گهر : ' ميراڏي پالڻو ڏک ۾ آهن . ميراڏي منجيءَ تي ليٽيل آهي . پالڻو ننڍي منجيءَ تي ويٺو آهي . کيت سين دريءَ وٽ بيٺو آهي . ٻاهر

مينهن زور سان پيو وسي . هيءُ درشيہ هڪ صفحي کان ٿورو مٿي آهي . هيءُ درشيہ وڏ ۾ وڏ ٻن منٽن جو آهي .

پردو ڏهون : عمر جي محل جو ڪمرو : هن درشيہ ۾ ٻڍيءَ جي خيالي تصوير ۽ ٽاٽيدار جي خيالي تصوير جو ذڪر ۽ انهن پاران ڊائلاگ آهن . هن ۾ ٽي ڄڻا نوان ڪردار ٿي اچن ٿا . هي درشيہ ٽن صفحن جو آهي . اٽڪل ڇهہ منٽ .

پردو يارهون مارئيءَ جو ڪمرو : ٻانهيون پڻ مؤجود آهن . هيءُ درشيہ ٽن صفحن جو آهي . اٽڪل ٽي منٽ ٿيندو .

پردو ٻارهون : ملير جي ٻاهران : مارن جو ميڙ بيٺو آهي .سڀ خوشيءَ ۾ آهن .مرد ۽ زالون مارئيءَ جي موٽڻ لاءِ آتر ويٺل آهن . پالٽي ،ميراڏي ۽ ڪيت سين جي اکين ۾ ڳوڙهاآهن . قافلو پريان ايندو ڏسي سڀ ڊوڙندا ٿا وڃن . مارئيءَ کي ڪجائي مان لاهي ، ڏوليءَ ۾ چاڙهڻ لاءِ هيٺ ٿا ڪن . هاٿي هتي وري اٺ ، ڪجائو ، اٺ جو هيٺ جهڪڻ ۽ هيءُ انبوهہ جو درشيہ ڪهڙي نموني خلقيو ويو هوندو ، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي هيءُ درشيہ اٽڪل ٻن صفحن جو آهي . اٽڪل ڇئن پنجن منٽن جو ٿيندو .

هن هڪ ناٽڪ جو تفصيلوار ڇيد ڪرڻ بعد ٻين ناٽڪن ۾ صرف پردا ڳڻائبا ۽ ڪردار .

2ـ سسئي پنهون – صفح 34 – اٽڪل پنجاهہ منٽ – پردا : ڏهہ – ڪردار : 25

3ـ سهڻي ميهار – صفح 28 ـ اٽڪل 90 منٽ – پردا : اٺ – ڪردار : 11

4ـ ليلا چنيسر – صفح 18 – اٽڪل 20منٽ – پردا : اٺ – ڪردار : 15 ۽ ڇهہ ڊانسر .

5ـ مومل راڻو – صفح 28 – اٽڪل 50 منٽ – پردا : ڏهہ – ڪردار : 12

6ـ راءِ ڏياچ – صفح 27 – اٽڪل 45 منٽ – پردا : ست – ڪردار : 12

7ـ ڄام تماچي ـ صفح 57 – اٽڪل ٻہ ڪلاڪ – پردا – ڇهہ – ڪردار : 12 ۽ انبوهہ جا درشيہ .

مٿين ناٽڪن ۾ شاهہ جي بيتن جو ڪن ناٽڪن ۾ چڱو استعمال ڪيو ويو آهي ، جنهن کي سازيندڙن جي سنگت سان ڳائڻ ڪري ڪافي تاثر پيدا ٿيو هوندو . پر اسٽيج جي هنر منديءَ ڏانهن سجاڳيءَ طرف ڪو خاص فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي .

هاڻي اسان اچون پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي اصلوڪي ناٽڪ " تياڳ ۽ مڪتي " سال 1978 ع ۾ سنڌي تائيمس پاران ڇپايل ، پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ هن کي هندستان ۾ لکيل خود ساخته ( دليان نهيل )اصلوڪن(اوريجنل)سنڌي ناٽڪن ۾ ورهاڱي بعد پيدا ڪيل ٿو ڄاڻائي . هن ناٽڪ جا اسٽيج شوز ڪٿي ۽ گهڻا ٿيا آهن ، اها ڄاڻ ڪٿي به ميسر نه آهي . البت پروفيسر رام پنجواڻيءَ پنهنجي هڪ ٻئي اصلوڪي ناٽڪ " آيو نئون زمانو " سال 1985 ع ۾ ڇپيل جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ، ' ٻنهي ٻڳوان جي جيون تي رٽيل نه فصلو ناٽڪ همايون ڪبير جهڙي اپياسيءَ ۽ ڪلا پريميءَ کي به پسند پيو . '

هتي وقت جي پابنديءَ جي لحاظ کان ، مان منچ هنر کي ڪٽي صرف ڪي چند مثال ئي ڏيندس . ناٽڪ جي شروعات ۾ ڪپلوستوءَ جي راجا جي محل جي وشرام گهر جي درشيه سان ٿئي ٿي . رشي اچي ٿو . ائين اتي ويهڻ جي جاءِ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪيل هوندو ۽ ڇهن صفحن بعد ليکڪ پاران لکيو ويو آهي ، " اچانڪ اوندهه ٿي وڃي . محل جون ديوارون لڏنديون ٿيون نظر اچن . شمعدان هوا ۾ ٿا لڏن . مهاراجا ۽ مهاراڻي هڪ ٻئي جي طرف نهاري اٿڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ته بيهي نٿا سگهن . " ائين اوچتو زلزلي ( ڀوڪمپ ) جو تاثر ڪيئن پيدا ڪيو ويو هوندو ؟ ٻيون ڀاڱ ديولوڪ جي درشيه جو پيش ڪيو ويو آهي . ان جو بيان ليکڪ هن ريت ڪيو آهي ته :

ديولوڪ ۾ ديوتائون ويٺا آهن ، کليل ميدان ۾ دربار لڳي پيئي آهي . هڪ سر ديوتا سنگهاسن تي آهي . ٻيا ديوتائون به سنگهاسن تي ويٺا آهن .وشوڪرما به حاضر آهي . دلفريب نظارو آهي.چوگرد ساوڪ لڳي پيئي آهي .عجيب و غريب ميون جا وڻ بيٺا آهن ، پريان صاف پاڻيءَ جو چشمو پيو وهي . غيبي سازن مان من موهڪ آلاپ پيا ٻڌڻ ۾ اچن . سر ديوتا جنهن جي مک مان جوت پئي بکي سو ڳالهائي ٿو . اهي ليکڪ جا ڏنل ڊائريڪشن آهن . هيءُ نظارو هڪ ڪويءَ يا ساهتڪار جي ته سني ڪلپنا ٿي لڳي پر ان کي منچ تي اتارڻ ڪيتري قدر ممڪن ٿيو هوندو ، ان بابت مان ڪجهه چوڻ کان اسمرٿ آهيان . هاڻي ڏسون ته سڌارٿ جي دنيا جي دک درد جي نظارن ڏيکارڻ لاءِ ڪهڙو رستو ٿو اپنايو وڃي . وشوڪرما تاڙي ٿو وڄائي . درشيه ڦري ٿو. ديولوڪ گم ٿو ٿي وڃي . مرتيولوڪ ۾ راجڪمار سڌارٿ آرام گاهه ۾ سمهيو پيو آهي . چوطرف شانتي ڇانيل آهي . اچانڪ ڪمري ۾ روشني ٿي ڦهلجي وڃي . هڪ نربل ٻڍڙو انسان ظاهر ٿو ٿئي . ان بعد ڪوڙهيو ۽ جوانءِ يوڳيءَ جا

ڪردار داخل ٿين ٿا . صفح 42 ( اوچتو محل مان ناد ، توتارين ۽ مردنگ جا آواز ٿا اچن .انهن جي آواز سان محل گونجي ٿو وڃي . گوتم هتي پلنگ تي پلٽي ماري ٿو ويهي . راڄ نرتڪيون موڄ سان ناچ ٿيون نچن ... )

ساڳئي ئي نموني مارا ۽ سندس ٽن ڌيئرن ڪامنا ، واسنا ۽ ڪروڌتيءَ جا ماياوي درشيہ داخل ڪيا ويا آهن . ساڳئي وقت ڪلاڪارن جي گهڻ جو خيال پڻ نہ رکيو ويو آهي .

پروفيسر رام پنجواڻيءَ نہ فصلو ناٽڪ 'ياد ڪندا' پرڀوڌ جوشيءَ جي ناٽڪ 'پتاني جوڙ' مان ترجمو ڪيو ۽ سنڌو ڪلا مندر جي سايع هيٺ سنڌين جي لاڏلي ڊائريڪٽر ايس . پي . مينگهاڻيءَ اسٽيج تي ڪاميابيءَ سان ڪيترا ڀيرا پيش ڪيو آهي . هيءُ ناٽڪ ترجمو ڪندي لڳي ٿو تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪي جديد ناٽڪ جي پيشڪش ۽ ضرورتن ۽ محدودگين جو تخليقي سطح تي احساس ٿيو هوندو ۽ ائين هن ڊرائنگ روم ناٽڪ جي بنياد تي ٻہ تمام سٺا ناٽڪ جوڙيا جنهن ۾ اسٽيج جي هنر جو بخوبي خيال رکيو ويو آهي . اهي ناٽڪ آهن ،'سماج شيوڪ' ( ننڍو ناٽڪ ) ۽ ' آيو نئون زمانو' . سماج شيوڪ ، سنڌي رنگ منچ جي جنوني ۽ آل انڊيا ريڊيو تي سوين ناٽڪ ڊائريڪٽ ڪري آزمودگار ۽ ممبئي ڊراما اسڪول جي ترتيب ورتل موتي پرڪاش جڏهن بئنگلور سميلن وقت پيش ڪيو تہ سميلن جا ڊيليگيٽ هن ناٽڪ جا ڪردار ڪيترو وقت پنهنجي ذهن ۾ پاڻ سان گڏ کڻي هلندا رهيا . هن ناٽڪ جا گهڻا شوز ٿي نہ سگهيا آهن . ممڪن آهي تہ ايڪانڪي ناٽڪ هئڻ ڪري ائين ٿيو هجي . هن ناٽڪ جي بنياد تي آشا چاند پنهنجي سنسٿا " سنڌي سنگيت " پاران هڪ ٽيلي فلم ٺاهي آهي جا پڻ ڪاميابي ماڻي رهي آهي .

' آيو نئون زمانو' نئشنل اسڪول آف ڊراما ، دهليءَ جي تعليم يافتہ ۽ سنڌي منچ جي قداور شخصيت شري رميش ڄاڄاڻيءَ ڊئريڪٽ ڪري پيش ڪيو. جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي اسٽيج جي هنر جي ڇاپ ظاهر آهي . ان لحاظ کان مان پهرين سيٽ جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس . ديوان ڪيولرام جي فليٽ جو شاندار ڊرائنگ روم ، قيمتي فرنيچر سان سجايل آهي . اسٽيج جي ساڄي طرف ٻن ڪمرن ۾ وڃڻ لاءِ ٻہ دروازا آهن . هڪ دروازو رنڌڻي طرف وڃڻ لاءِ ، ٻيو دروازو ديوان ڪيولرام جي پٽ منوهرلعل ۽ منوهرلعل جي ڌرمپتنيءَ جمنيءَ جي ڪمري ۾ وڃڻ جي لاءِ آهي . اسٽيج جي ڏائي طرف واريءَ ديوار ۾ هڪ دروازو آهي جيڪو ديوان ڪيولرام جي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ آهي . ٿورو مٿيرو ، مٿئين ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ

هڪ ڏاڪڻ آهي . هيءَ ڏاڪڻ ديوان ڪيولرام جي نؤجوان پوٽي رتنلعل جي ڪمري طرف وڃي ٿي . اڳتي فرنيچر وندڙ ۽ سائيڪلو راما ۾ دور هڪ ٽيليفون بوٿ جو ذڪر پڻ ڪيل آهي ۽ فرنيچر مان گهر وارن جي آسودگي بکي اهو پڻ ظاهر ڪيل آهي .ائين سيٽ ٻڌائيندي سيني مکيہ ڪردارن جي پڻ واقفيت ڪرائي ويئي آهي .

جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سنڌ ۾ ڪيل شاهہ جي آڪاڻين تي ٻڌل ناٽڪن جا اسان وٽ شروعاتي مسودا ئي موجود آهن . انهن کي وڌائي انهن ۾ ڀڳت جو انگ داخل ڪري گريڪ ناٽڪ جي ڪورس جيان . يا هندستاني ڪلاسيڪي ناٽڪ جي سوتر ڌار جيان ڪم آٽي . ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويو . انهن بابت اسان اڻ ڄاڻ رهجي ويا آهيون . پريم پرڪاش جو انومان آهي تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ انهن کي اسڪرين پلي طور لکيو هوندو تہ اڄ اهو ضروري آهي تہ اسان هنن ناٽڪن کي ڪٺي اها ساڳي گفتگو قائم رکون . ڪن گهربل تبديلين سان ٽيلي فلمون تيار ڪريون ۽ انهن ناٽڪن کي بنياد بڻائي . وچ ۾ ڀڳت جي اٽت ڪري . سني نموني اٽت ۽ اوساري ڪريون ۽ ائين سنڌي ڪلچر سان نئين پيڙهيءَ کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪا اڄ تاريخي تقاضا ۽ جوابداري پڻ آهي . ائين ڪرڻ سان پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي سنڌي قوم جي هن سؤ سالن جي موقعي تي شرڌانجلي ڏيئي سگهندي .مان اهو چوڻ کان نہ هٽڪندس تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو سنڌي قوم تي قرض آهي . جيڪو اهڙي نموني لاهي سگهجي ٿو .

مددي ڪتاب :

1 ـ آن انڊين ٿئيٽر ايڊيٽيڊ بءِ انندا لعل آڪسفورڊ ڪمپينين .

2 ـ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت جو جائزو — پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

3 ـ سنڌي ناٽڪ جي اوسر 1980 کان 1990 — ڊاڪٽر پريم پرڪاش

4 ـسنڌي ناٽڪ — ڊاڪٽر پريم پرڪاش

5 ـ گوگل ويڪيپيڊيا

6 ـ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ ( 1)سنڌ جا ست ناٽڪ — 2 ڀاڱا (2) تياڳ ۽ مڪتي (3 ) آيو نئون زمانو ( 4 ) ياد ڪندا ( پربوڌ جوشيءَ جي گجراتي ناٽڪ جو سنڌي ترجمو )

## ڪي نوٽ

# سمپوزيم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مڪاني عناصر

# ( گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ )

هن محدود ڏيڪاءُ ڏيندڙ موضوع جون جڙون ڪن بنيادي مفهومن ڪي ڇهن ٿيون . صرف هن بحث کي ڪنهن وسيع حوالي ۾ پيش ڪرڻ جي لحاظ کان انهن جو مختصر ۾ ذڪر ڪرڻ لازمي آهي . ڇاڪاڻ تہ پش پيش هيءُ سوال اسان کي ’ عمارت ‘ جي بنياد کي ڦولهڻ لاءِ مجبور ڪندا . هتي صرف انهن بنيادي حوالن طرف ڪو اشارو ئي ڪرڻ ممڪن آهي . ٻي حالت ۾ هي مخصوص ۽ محدود بحث پنهنجو فوڪس وڃائي وهي . اهڙو خطرو واجهائي رهيو آهي .

لنڊن جي ڪنگس ڪاليج جي پروفيسر سنيل کلناڻيءَ پندرهن ڪن سال اڳ هڪ ڪتاب لکيو ’ ائن آئيڊيا آف انڊيا ‘ . اهو گهڻ تهو ڪتاب اڄ ڏينهن تائين بحث هيٺ پئي رهيو آهي ۽ اسان جو بحث هندستان جي ڪلچر ۽ ادب سان واسطو ٿو رکي . پر جي تهہ پڻ يڪ سرو نہ آهي .هن ۾ ڪيتريون ئي پيچيدگيون آهن ۽ ڪيترا ور وڪڙ وارا سلسلا آهن .جي ڪڏهن هڪ ٻئي سان نديءَ جي ٻن ڪنارن جيان هلن ٿا ۽ نديءَ ۾ ٻوڏ اچڻ تي پنهنجي جاءِ مٽائين ٿا . هن سڄي سلسلي ۾ اسان کي پنهنجي ادب جي مخصوص سڃاڻپ ڳولهڻي پوندي .

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن جو گفتو” هندستاني ادب هڪ آهي جيتوڻيڪ اهو جدا جدا ٻولين ۾ لکيو ويندو آهي. “ ڪيترائي سال مقبول رهيو پر نهار رنجن ري جهڙي عالم هن سنڌي سادي بيان کي الڳ الڳ ٻولين جي حوالن کي ڪٽي ۽ انهن جو مخصوستا تي زور ڏيندي هن خيال تي ڪيترا سوال اٿاريا. اما شنڪر جوشيءَ هن بحث ۾ وچ واري واٽ ورتي ۽ هندستاني ادب جي حوالي ۾ چيو ” جديد هندستاني ٻوليون آڳاٽي ادب جي اوج کي رسيل آهن، تنهن ڪري ڪنهن خاص ٻوليءَ جي ادب کي هندستاني ادب ڪري پيش ڪرڻ غلط ٿيندو. سڀ هندستان جون ٻوليون قومي ٻوليون آهن .... پش پيش هندستاني ادب بابت ڳالهائيندي اسان کي هندستان جي سڀني ٻولين کي خيال ۾ رکڻو پوندو.“

هن وڏي فريم ۾ اسان پنهنجي ادب جي نشان دهي ڪيئن ٿا ڪريون، اهو ڪنهن ٻئي بحث جو موضوع ٿي سگهي ٿو.

ملڪ جي ورهاڱي کي اڄ پنجهٺ سال ٿي چڪا آهن. هن عرصي ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ تمام ننڍي اقليت هوندي پڻ هندستان جي گهڻن ئي حصن ۾ وسي ويا آهن، جتي جدا جدا ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن، انهن جو اثر سنڌي ادب تي ڪهڙو پيو آهي اهو ئي اڄ جي سمپوزيم جو موضوع آهي. هتي مان مختصر ۾ ڊاڪٽرن آف ريپلانٽيشن جو ذڪر ڪندس. ڊڪشنريءَ ۾ مون کي هن ريپلانٽيشن لفظ جي معنيٰ ملي آهي ’ رونبو ‘. گهڻو ڪري اهو لفظ ونسپتي شاستر جي حوالي ۾ ڪم آڻبو آهي. جڏهن ڪو ٻوٽو يا ٻج هڪ زمين مان ڪڍي ڪنهن ٻي زمين ۾ پوکبو ته ان ۾ اڳيئين اصلوڪي زمين جي خصوصيتن سان گڏ نئين زمين جي خصوصيت جو ڪجهه حصو ان ۾ شامل ٿي ويندو آهي. ساڳي طرح اهو سوال سماج سان پڻ لاڳو ٿئي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن جاتيءَ جا فرد هڪ ڌاري زمين ۾ وڃي وسن ٿا ته انهن جي سماج ،وهنوار، ڪلچر ۽ ادب ۾ اتان جي زمين/ٻولي، ريتن رسمن جو زندگي ۽ ادب تي اثر ٿيڻ لازمي آهي. چاڪاڻ ته فرد اها ئي زندگي جيئي ٿو، ان ئي ماحول ۾ رهي ٿو جنهن ۾ هن جو پاڙيسري رهي ٿو. اڄ جو موضوع اهو آهي ته اٽڪل اڌ صديءَ بعد اهو جدا جدا زمينن جي ٻوليءَ ادبي وهنوار ۽ سلسلن جو اثر سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڪيترو ۽ ڪهڙو پيو آهي. اسان جي سنڌي ڪهاڻي ڪهڙن ۽ ڪيتري قدر مڪاني عناصر پاڻ ۾، پنهنجي مخصوص سجاڻپ رکندي، جذب ڪيا آهن. هتي طويل حوالو (ڪوٽيشن) ڏيندس، جو هڪ مضمون جو حصو آهي، جو اٽڪل 45 سال اڳ ۾ لکيو ويو هو، ان ۾ پڻ

اهي سوال وستار سان جدا جدا پهلن کان اٿاريا ويا هئا . البت وقت جي وهڪري ڪن پهلن کي چڊو ڪيو آهي ۽ ڪن کي فوڪس ۾ آڻي رکيو آهي .

ان وقت مون لکيو هو ، " هر پيڙهيءَ کي پنهنجو اظهاري اصطلاح گهرجي ، جو هن تيز رفتار بدلجندڙ يگ جي حقيقت کي پيش ڪري سگهي .اهو ضروري آهي ته ڪيترا منجهيل چٽ( ڪامپليڪس ) اکين آڏو آڻڻ لاءِ ، ليکڪ پنهنجي لوڪ ساهتيہ ۽ متالاجيءَ جي خزاني مان گهڻو ڪجهه ڪٽي اچي ۽ اهڙي نموني با اثر چتر پيش ڪري اهو سوال اسان سنڌي ليکڪن لاءِ تمام گنڀير صورت ٿو اختيار ڪري جڏهن اها حقيقت آهي ته اسان جي ٻولي هڪ عجيب دؤر ۾ آهي ۽ اڳتي هلي ان تي گهڻين ئي ٻولين جا اثر پوڻا آهن جنهن مان ٻوليءَ جو مالدار ٿيڻ بہ ممڪن آهي ۽ ٻوليءَ جو داڻو داڻو ٿي ختم ٿيڻ جو بہ ڊپ آهي . سنڌي ساهتڪارن ۽ دانشورن کي هن ڳالهہ جو سدائين خيال رکڻو پوندو "

سنڌي ساهتيڪارن اڳيان ٻيو بہ مکيہ سوال آهي اهو آهي سنڌي زندگي ۽ سنڌي ڪردار جو سنڌي زندگي هندستان جي ٻين ڀاڱن جي رهواسين کان ڪيئن الڳ آهي ۽ سنڌي ڪردار ٻين ٻولين جي ڪردارن سان گڏ رهندي پڻ سنڌي ڇو ۽ ڪيئن آهي ؟ ان سوال سنڌي ساهتيڪارن جو ترت ڌيان لهڻو . سنڌي ڪردار پنهنجي ڪا خاص خصوصيت قائم رکندو يا هو ڇڻ ڪنهن مڪاني ڪردار مان هڪ ٿي ويندو ؟ هن سوال جو جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي سنڌي ڪردار تاريخي پس منظر ۾ ڏسڻو پوندو.

جاگرافيءَ جي لحاظ کان سنڌ دنيا جي واپار جي رستي تي پئي رهي آهي ، سنڌ تي ڪيترين ئي قومن ڪاهون ڪيون ۽ ائين هر ڪنهن قوم سنڌين کان ڪجهہ اپنايو آهي ۽ ڏنو آهي ۽ هنن سيني اثرن جو نتيجو اڄ سنڌي ڪردار آهي .

سنڌي ڪردار ائين ڪڪر ( اسپانج ) وانگر هر ڪنهن دٻاءَ هيٺ دٻجي ٿو وڃي ۽ ان دٻاءَ هٽڻ بعد پنهنجي ساڳي صورت ۾ واپس هليو اچي . هن کي اسان سنڌين جو گڻ ، گسي پسي هلڻ ( ائڊاپٽيبلٽي ) چئون يا مقابلي جي ڀاونا جي مڪمل عدم مؤجودگي تصور ڪريون ؟

سنڌي ڪردار ۾ جيئري رهڻ جي ڀاونا تمام پربل آهي ، ڇاڪاڻ جو هو انهن ولولي خيز تاريخي دؤرن جو شڪار ٿيو آهي جتي جيئرو رهڻ ئي هڪ واحد جتن ٿيو پوي ، ان ڪري منجهس چٽاڀيٽيءَ جو سياءُ هڪ بنيادي ضرورت بڻجي ٿو پوي ۽ اڄ اهو سياءُ شايد حد پار

ڪري چڪو آهي . سندس ماحول ڪيس ڪن ۾ جيئڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي . تنهن ڪري سنڌي تونڪلي رهيو آهي . هڪ جاگرافيائي حد اندر رهندي سنڌي ڪردار ڪيترن ئي بحرانن مان گذرندي ، زندگيءَ ڏانهن مخصوص رخ ۽ ملهه قائم رکيا آهن ، پر هاڻي ٽڙي پکڙجي وڃڻ جي حالت ۾ ( ڊي انٽيگريشن ) تي پڻ پنهنجي سڃاڻپ قائم رکي سگهندو ؟ اهو تہ صرف اتهاس ئي ڏيکاريندو

سنڌي ساهتيڪارن جي اڳيان اهو اهم مسئلو آهي تہ ڪيئن هو هندستان جي جدا جدا ڀاڱن جي ادب ۽ ڪلچر جي روايتن ۽ سنڌي ادبي روايتن ۽ ڪلچر جي نچوڙ ( ڪور ) ۾ ميزان وارو رشتو جوڙين ، جنهن مان سنڌي ڪردار پيدا ٿئي جو ڪالهہ جو نہ هجي ۽ نہ ئي وري ’ ان صدي شخص ‘ — هر ڪنهن زمان ۽ مڪان ڪان وانجهيل ، بي رنگو ، بي زيبائتو ۽ بي روشن ڪردار ڇا اڳتي هلي سنڌي ادب پڻ جدا جدا ٻولين جي حوالي ۾ سڃاتو ويندو ، جيئن انگريزي ادب اڄ هندستان جو انگريزي ادب ، آفريڪا جو انگريزي ادب ، آسٽريليا جو انگريزي ادب طور سڃاتو ويندو آهي ؟ ها اهڙا امڪان مؤجود آهن ، پر هڪ طرف پنهنجو ’ نجي پڻو ‘ وڃائڻ سان گڏ اها حقيقت سنڌي ادب لاءِ اڪل ڀارتيہ چهرو حاصل ڪرڻ جو موقعو پڻ ميسر ٿي سگهي ٿو . اهڙيءَ طرح جيئن ٻوليءَ جي حوالي ۾ چيو ويندو آهي تہ ٻوليءَ جو ’ بگاڙو ‘ در حقيقت ٻوليءَ جو واڌارو ٿيندو آهي . ساڳي ڳالهہ سنڌي ادب سان پڻ لاڳو آهي . هر چئلينج کي آپرچيونٽيءَ ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو ۽ مان هن ڏس ۾ آشاوادي آهيان . هيءُ سمپوزيم هن آپرچيونٽيءَ کي ڦولهڻ جي ڏس ۾ پهريون قدم آهي .

ساڳئي وقت اهو پڻ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ اڄ گلوبلائيزيشن ۽ ڪنزيومر سوسائٽيءَ جي اثر هيٺ گوناگونين ۽ يڪسانيت منهان منهن ٽڪر ۾ آهن اقتصاديت جي دٻاو هيٺ يڪسانيت گوناگنيت کي ڪچلڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت سان تيار آهي ، پر هڪ اميد قائم آهي تہ ڌرتيءَ کي پنهنجي ڳاهہ ڪان ڪا بہ طاقت وانجهي نٿي سگهي . خيال هوائن جيان آزاد آهي ، ان جون ڪي بہ سرحدون نہ ٿينديون آهن _ ڪٿان بہ ڪو خيال اپنائڻ ۽ پوءِ ان خيال جو اظهار ڪرڻ جو حق ، منهنجي ساهہ کڻڻ جي حق سان جڙيل آهي ۽ اهو ئي هر يگ ۾ ساهتيڪار جو سرمايو رهيو آهي ، جنهن کي هو هر يگ ۾ سانديندو ، اهڙو منهنجو وشواس آهي .

# ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ مضمون

’ مضمون ‘ اسان اڄ جنهن ادبي صنف کي ڄاڻون ٿا ، اها ادبي حيثيت ۾ ڪيترين ئي هندستاني ٻولين کي مغرب جي دين آهي .خاص ڪري هندستان جي حوالي ۾ ته اها انگريزي ادب جي اعليٰ مضمون نويسن جي پيروي ڪرڻ جي ڪوشش آهي . انگلنڊ ۾ هن فارم کي پرنٽنگ پريس جي ايجاد بعد وجود ۾ آيل ڪيترين اخبارن خاص ڪري ’ ٽئٽلر ‘ ۽ ’ اسپيڪٽيٽر ‘ جي مواد طور ڏنو ويو ۽ ان جا اهم حصيدار هئا،بيڪن ، ايڊسن ، هئزلٽ ، گولڊسمٿ ، ۽ ٻيا ڪيترا اديب . ’مضمون ‘ جنهن کي انگريزيءَ ۾ ’ Essay ‘ چيو ويندو آهي ، جو فرينچ لفظ Essai جو انگريزي روپ آهي ، تنهن جي ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ ’ ڪوشش ڪرڻ ‘ آهي ۽ نبي بخش خان بلوچ جي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ مضمون لفظ لاءِ هي لفظ ڏنل آهن . جن سڀني کي هم معنيٰ ڪري ليکيو ويو آهي . ’ مضمون ‘ معنيٰ مطلب ، بيان ، عبارت ، مقالو ، تقرير ، وياکيان ، ليڪچر ، ليک ، ايڊيٽوريل ، معنيٰ ، سار ، تاتپرج ،صنف ، وچن ، قول . وقت پٽئي مضمون جو مفهوم ڪافي وسيع ٿي ويو آهي . ” ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت جو جائزو “ ۾ پروفيسر ايم .يو. ملڪاڻي مضمون جي سمجهاڻي هن طرح ٿو ڏئي ، ” مضمون ۾ هوندا آهن لکندڙ جا شخصي خيال ۽ ويچار ، جي دنيا جي کهڙين علحدين وشين بابت هو ظاهر ڪندو آهي ، سو ويچار ته گنڀير ٿيندا .... تنهن هوندي پڻ اڳوڻا مضمون نويس پرمانند ميوارام ، نارائڻداس ملڪاڻيءَ پارا پنهنجا مضمون خوش مزاجيءَ ۾ نوح ۾ لکندا هئا ، يا منجهن کل چرچو پري وڏيڪ روچڪ بڻائيندا هئا ....“ هونءَ مضمون لکڻ

لاءِ ڪهڙو موضوع ، ڪهڙو طريقو مقرر ٿيل نہ آهي . اهو پڻ صفحن ڪان ويهن صفحن ويهن صفحن تائين ٿي سگهي ٿو .

پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي مٿئين ڪتاب جي ’ضميمي‘ ۾ ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ تي نظرثاني ڪندي شري تيرٿ بسنت جو هتي حوالو ڏيڻ بي جاءِ نہ ٿيندو . ” سنڌي نثر جو درسي ڪتابن وسيلي آرنڀ ٿيڻ سبب ان تي ’پاڙهيندڙ‘ پيش وارن جو داٻ رهيو ..... در حقيقت مدت ڪان سنڌين ڪو جلوو نہ ڏيکاريو هو ۽ سندن تخليقي قوت گهڻي قدر خشڪ ٿي ويئي هئي .... تنهن هوندي بہ ماسترن بخوبي ، بناوتون ، اصطلاح ۽ محاورا ، لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون شرحون وغيره ميسر ڪرڻ سان وڙ ڪيو ، البت ماسترن جو وقت شاگردن سان ويتيت ٿيڻ سبب سندن ذهني اڏاوت ، زندگيءَ جي گهراين ۽ اونهاين ، بلندين ۽ گوناگونين ڪان گهڻي قدر محرم ٿي رهي .... ڏسجي ٿو تہ اڪثر مضمون شاگردن کي پاڙهڻ لاءِ لکيل آهن ، جنهن ڪري انهن جو ادبي درجو بہ شاگردن جي فهم فراست جيترو ٿي ليکبو . تنهن هوندي پڻ هن ياڳ ۾ سئر سفر ۽ خوش طبعي ۽ ڪلڪ ڪلا جا موچارا مثال موجود آهن ، جن مان ليکڪن جي طبيعت جي سمڪ پوي ٿي . “

مٿيان مثال ان ڪري ڏنا ويا آهن تہ اهو ذهن نشين ٿئي تہ انگريزي مضمون نويسيءَ جي اوسر جڏهن ، اخبارن جي اشاعت ۽ اوسر سان ڳنڍيل آهي تہ سنڌي مضمون جي اوسر درسي ڪتابن جي گهرج ڪي پورو ڪرڻ جي ضرورت سان ڳنڍيل آهي ، جنهن ڪري جيڪا آزادي شروعاتي انگريزي ٻوليءَ جو مضمون نويس ماڻي سگهيو _ جنهن جو ان جو پاڻڪ وڏو سبر ۽ بالغ ۽ ڄاڻو هو تہ ان جو معيار پڻ ان طرح پڪو پختو ، خيالن جي پختائي ۽ اظهار جي تخليقي قوت جو ماڻيندڙ هو ۽ سنڌي مضمون جو پاڻڪ هڪ اسڪولي ۽ گهڻي وقت بعد ڪاليجي شاگرد بڻيو ۽ ان وقت ڪيترن ئي سڌارن جي لهرن ڪيترائي جدا جدا سڌارڪن جو پرچار ڪرڻ جا مضمون پڻ عام اڳيان آندا ۽ شخصي ۽ بياني مضمون نگار ڪي نالي ماتر ئي رهيا ، اهي پڻ ويهين صديءَ جي ٽن ڏهاڪن بعد هونئن سنڌي ادب تي آزاديءَ جي هلچل جي لهر ڇانئي رهي .

ملڪ جي ورهاڱي وقت سنڌ مان سنڌي هندن جي لڏپلاڻ هڪ طوفاني ۽ انقلابي عمل هو . هن ورهاڱي ڪري سنڌي هندو سنڌ مان لڏي هن اتاهہ ملڪ ۾ ڦهلجي ويا . جلد ئي اهو ڪاپاري ڏک سهسائي هنن پنهنجي زندگيءَ جي رفتار جا سڳا ڳنڍ ڪرڻ شروع ڪيا .

اجهي ۽ ان ۽ بعد سنڌن پهرين ضرورت اسڪولي تعليم بڻي . ائين ترت ئي اسڪول ڪليا ، جتي شاگردن تعليم وٺڻ شروع ڪري ڇڏي، ماسترن پڙهائڻ شروع ڪيو . ممبئيءَ ۾ ڪاليج پڻ ڪليا ، جتي ڪاليجي شاگردن داخلائون ورتيون ۽ پروفيسرن ڪين جدا جدا شعبن ۾ پاڙهڻ شروع ڪيو . ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ شاگردن جي تعليم جو ماڌيم سنڌي هو ، تنهن ڪري هندستان ۾ پڻ سپاويڪ طور پهريون ڪم سنڌي درسي ڪتابن ميسر ڪرڻ جو پيدا ٿيو . جيئن ئي سنڌي وسجي رهيا هئا ته سنڌي پريسون پڻ شروع ٿيون ۽ ائين سنڌي رسالا ۽ اخبارون پڻ شروع ٿيون .

هن گهمسان واري وايومنڊل ۾ نئين زمين ۾ پير کوڙڻ لاءِ سنڌين کي جدا جدا جڳهين تي ڌڪار ۽ ذلت سان پڻ منهان منهن ٿيڻو پيو . سنڌ مان هڪ نئين ٿهي آئي هئي ، جن وٽ سنڌي جاتيءَ جي ٻولي ، ادب ۽ ڪلچر جي لحاظ کان نرالائپ جو تصور هو ، جن وٽ هن نراسائيءَ واري وايو منڊل ۾ هڪ خوش آئيندھ جو سپنو هو ، هڪ اهڙي نظام جو سپنو هو ، جيڪو اوچ نيچ جا ڀيد مٽائي ڇڏيندو . ڏتڙيل عوام لاءِ هڪ نئين يگ جو آغاز ٿيندو ۽ اهي نؤجوان سنڌ ۾ ئي مارڪسوادي ۽ ڪميونسٽ ويچارن جي اثر هيٺ آيل هئا . ڪن جهونن ليکڪن ۽ جن جي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج سان رغبت محبت جي درجي تائين پهتي هئي ، انهن نون ليکڪن جي پٺي ٺپ ڪئي ۽ هن طرح ممبئيءَ ۾ پهريون نئون ساهت منڊل ، جو اڳتي سنڌي ساهت منڊل ٿيو ، برپا ٿيو . جتي هر هفتي ليکڪ گڏ ٿيندا هئا . هندستان جي جوڙجڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي داخل نه هئڻ ڪري ، سنڌي ٻوليءَ جي آئيندھ لاءِ هڪ نئون خطرو پيدا ٿيو هو ۽ سنڌي جاتيءَ جي وجود کي ئي چئڻ ناڪاريو ويو هو ، ان سوال کي کڻي هڪ هلچل پيدا ٿي ، جنهن کي سنڌيت جي هلچل طور سڃاتو ويو . ڇاڪاڻ جو هن هلچل جي مهڙ ۾ سنڌي ليکڪ ۽ تعليمدان هئا ، تنهن ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي هلچل جو چولي دامن جو رشتو ٻڌجي ويو ۽ سنڌي ادب جي کهڙيءَ به صنف جي هندستان ۾ اوسر هن 'سنڌيت' جي هلچل جي پسمنظر ۾ ئي ممڪن آهي .

جيئن مٿي چيو ويو آهي ، سنڌي اخبارون ۽ رسالا پڻ ڪيترن هنڌن تي شروع ٿيا ، جيڪي سنڌي ليکڪن جي اظهار جو واهڻ بڻيا . پر سنڌي ساهت منڊل تنظيمي طور ۽ نئين دنيا هڪ ادبي رسالي طور هڪ بنيادي ۽ اهم رول ادا ڪيو . 'نئين دنيا' انهن نؤجوانن هتي هندستان ۾ ٻيهر شروع ڪئي ، جن جو سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ مارڪسواد سان واسطو

هو ۽ اهو رسالو ترقي پسند ساهت جي ڦهلاءَ جو واهڻ ڪري سنڌي جاتيءَ ۾ ايندڙ انقلاب جي آجيان ڪرڻ جي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪارڻ ڪي لڳي ويو. منجهس اهي ئي آکاڻيون، شعر ۽ مضمون ايندا هئا، جي موجوده طور طريقن ۽ نظام جي برخلاف هوندا هئا ۽ هڪ نئين يگ جي اميد سان ڀريل هوندا هئا ۽ ڪي رچنائون ته سنڌي وچولي طبقي جو مزور طبقي سان ملي وڃڻ بابت پڻ هونديون هيون. البت اهو چوڻو پوندو ته جيئن 'انقلاب' گوهي ڏيئي غائب ٿيو ته هنن رچنائن جي ڪا ديرپا اهميت نه رهي، پر هڪ ڳالهه جا هن ويچار ڌارا جي ليکڪن ڪئي اهو هنن جهونن ساهتڪارن جي رچنائن جو اڀياس ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي سڀ اهم ساهتڪار پنهنجي وقت جي ترقي پذير عناصرن سان جڙيل هئا ۽ سندن رچنائن ۾ وقت جي نون خيالن جي تائيد ڪيل هئي. هن نقط نظر کان سنڌي ساهت جي پليٽفارم تان سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪن جي رچنائن ۾ ڦولهي وجهي، مرزا قليچ بيگ، ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، ڏيارام گدومل، ڄيٺمل پرسرام، پرمانند ميوارام، ڀيرو مل مهرچند جهڙن ليکڪن جي لکڻين کي ڪٺي ڪافي گهرائيءَ سان (پر پنهنجي مخصوص نقط نظر سان) گنڀير ليک لکيا، انترراشٽريه (خاص ڪري سوويت يونين) ۽ ترقي پسند ڌارائن کي سمجهڻ لاءِ مهينن جا مهينا هر آرتوار تي بحث ٿيندا هئا. هڪ موضوع هوندو هو 'حقيقت نگاري' ۽ ان ۾ اهو ثابت ڪيو وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي ته سماجوادي حقيقت نگاري ئي اڄ ساهت جي تقاضا آهي. ليک اڪثر سنڌي ساهت منڊل جي مسلني 'ساهت سڳنڌ' ۾ ڇپجندا هئا. هندستان جي ٻين ٻولين جي ترقيءَ سان سنڌي ساهت پڻ برميچي، تنهن مقصد کي برثواب ڪرڻ لاءِ اردو ۽ هندي ٻولين جي نالي‌رن ليکڪن کي گهرايو ويندو هو. جيئن ڪرشنچندر، ڪيفي اعظمي، عثمت چغتائي. الهاسنگر جي ساهتڪ بيٺڪ ۾ راجيندرسنگهه بيديءَ کي پڻ گهرايو ويو. اهڙيءَ طرح ڌرم وير ڀارتي ۽ موهن راڪيش کي گهرائي ۽ ٻين ڪيترن ساهتڪارن سان ڏيٺ ويٺ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي هئي.

1956ع ۾ ڀهرين ايشين رائيٽرس ڪانفرنس دهليءَ ۾ پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سنڌي ڊيليگيشن جي وڏي ڊيليگيشن حصو ورتو. جتي سنڌي ليکڪ "اگئيه" جي اثر کان واقف ٿيا ۽ هنديءَ ۾ ترقي پسند ڌارا جي برخلاف ڪن نين ڌارائن جيئن ته 'پريوگواد' سان آشنا ٿيا، جنهن جو گهڻو اثر موهن ڪلپنا تي پيو. اهڙيءَ ريت پروفيسر عزيز جي 'گل و خار' ڪتاب جي اشاعت ڪيترن ئي نون شاعرن جي آپي کي ڌڪ هنيو ۽ عزيز ۽

بيوس جي شاعريءَ تي سنڌي ساهت منڊل ۾ خوب بحث ٿيا ۽ ڪيترا ئي مضمون لکيا ويا. اڳتي هلي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا برپا ڪئي ويئي، جنهن احمدآباد ۾ پهريون سيمينار گهرايو. اها جدا تاريخ آهي.

اهڙيءَ ريت ڇهين ڏهاڪي ۾ پهچندي موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ گني سامتاڻيءَ جو رخ بدلجي ويو ۽ ائين هنن ٽن ليکڪن کي ڪٺي هڪ جدا 'رومانوي' دور چيو ويو، جيتوڻيڪ هنن ٽنهي ۾ خيالي سطح تي هڪجهڙائي نه هئي ۽ نه ان کي انگريزيءَ جي رومانوي ڌارا سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، تنهن ڪري فڪري سطح تي سندن پاران ڪو به ادب پيدا نه ٿيو، جيڪو به تفاوت نمايان ٿيو اهو سندن تخليقي ادب جي معرفت ٿيو، البت هن چڪتاڻ جو سنڌي ساهت جي پس منظر ۾ موهن ڪلپنا جو هڪ ادبي ووادي ڪتاب 'ادبي ڪشمڪش' ئي آهي. ان بعد هڪ نئين پيڙهي آئي، جنهن تي هندي ساهت معرفت انگريزي ۽ يورپي ساهت ۾ آيل 'نئين ادب' جي مفهوم سان وابستگي ٿي. ان پيڙهيءَ ٻين مهاڀاري جنگ بعد انساني رشتن جي ٽٽڻ، سماج جي ڍانچي کي اڏوهي کائڻ، کوکلائپ ۽ آدرشن جي بيسودگيءَ کي ڪٺي خوب اوک ڊوک ڪئي ۽ اها سندن ذهني چٽپٽاهٽ ۽ ڪنهن ڳالهه کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ۾ ڪيتريون ئي اهم ڪاوشون آيون، جي سنڌي ادبي تاريخ جو ٻي بها حصو ٿي پيون ۽ سندن تنقيد پڻ جدا نقط نظر کان ادب کي اوک ڊوک ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سندن ماپ ۽ ماڻ ۽ ملهه نرالا هئا.

هيءَ سڄو پس منظر ان لاءِ ڏنو ويو آهي ته ان جي حوالي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مضمون جي شاخ کي ڏٺو وڃي، ڇاڪاڻ ته مضمون خاص ڪري پنهنجن ويچارن کي اظهارڻ جو ذريعو آهي. پر اهي سڀ مضمون ادبي مضمونن جي صنف ۾ اچي ٿا وڃن ۽ هتي مون کي پنهنجي حدبندين جو احساس هنن جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ کان روڪي ٿو.

هتي مان پنهنجي حدبندين جو ذڪر ڪريان. هتي مون کي ادبي مضمونن، لوڪ ادب، مهاڳن، ڪالمن، جيونين، ٻوليءَ بابت ڪتابن تي نه لکڻو آهي. منهنجو دائرو صرف بيباني مضمونن تائين محدود ڪيو ويو آهي. هتي وري مان هن ڳالهه کي واضح ڪرڻ لاءِ پروفيسر ايم .يو. ملڪاڻيءَ جي اڳ ۾ ڇاڻايل ڪتاب جي حوالي مان ٿو ڏيان، اها منهنجي مجبوري آهي جو ورهاڱي بعد سنڌي ادب جو جائزو' ئي هڪ ادبي تاريخ جو معتبر ڪتاب آهي، جنهن کي مان سند طور ڪٺي سگهان ٿو ۽ ان مان ئي حوالا ڏيئي سگهان ٿو. مذڪور

ڪتاب ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ جي مضمون جي ڪتاب مان ان جو تاتپرج هن ريت ٿيندو.( اهو پڻ چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي تہ 254 صفحن جي ڪتاب ۾ صرف ڇهہ صفحا ئي مضمون بابت آهن ) .

( 1 ) **شخصي مضمون** : هن صنف ۾ هو اخباري ڪالمن کي پڻ درج ڪري ٿو . پر حقيقت ۾ چاڪاڻ جو اخباري ڪالم ان وقت جي وارداتن ، حالتن ۽ شخصن سان لاڳو هوندا آهن ، ان ڪري منهنجي خيال ۾ انهن کي اخبار نويسيءَ جي دائري ۾ ڳڻڻ کپي ۽ نہ ادب جي دائري ۾ .

( 2 ) **سياسي مضمون** : ساڳي طرح سياست اڄ جي ڳالهہ آهي . ڪرنٽ افيئر آهي . اڳتي هلي ان جي صرف وقتي اهميت ئي ٿيندي آهي ، تنهن ڪري هنن کي پڻ اخبار نويسيءَ جي دائري ۾ ڪٽڻ جي ضرورت آهي .

( 3 ) **جيون چرتر** : هتي ادب ۽ اخبار نويسيءَ جو سنڌو تمام سوکيم ٿي ٿو وڃي . جيڪڏهن اهي جيون چرتر ليکڪن يا ڪلاڪارن جا آهن ، جن جي دين بابت ڪي ويچار پيش ڪيل آهن ، يا جن جي زندگي سندن رچنائن کي سمجهڻ ۾ مددگار آهي تہ انهن کي ادبي دائري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ، پر ڪنهن نيتا جي جنم ڏينهن يا ورسيءَ تي سندس زندگيءَ جو احوال ڏنل آهي تہ ان کي اخبار نويسيءَ جو حصو مڃڻ کپي .

(4 ) **سياسي مضمون** : لڇمڻ راجپال جو ' هندستان ۽ پاڪستان جي پنج سالي رٿا ' ، گوبند پنجابيءَ جو ' مارڪسواد ڇا آهي ؟ ' ، ' مائوسي تنگ ' ۽ ' اسٽالن جي جيون ڪهاڻي ' ، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ' ڪشمير جو سئر ' ۽ ' ٻوليوار پرڳڻا ' ، اتم جو ' لينن جي جيون ڪهاڻي ' ، ' مائوسي تنگ ' ، ' روسي انقلاب جي ڪهاڻي ' ۽ ' آمريڪا غلاميءَ جون رٿون ' ، ٻلديو گاجرا جو ' ڪلياڻ ڪئمپ جو آئيندهہ ' ، صوڀراج نرملداس جو ' رام راڄ ۽ پاڪستان' .

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ ڇا هنن مضمونن جي ادبي حيثيت ڪهڙي ۽ ڪيتري آهي . اهي ڪنهن ادبي تاريخ جو حصو ٿي سگهن ٿا .

( 5 ) **ادبي مضمون** : هن ڏس ۾ مون اڳواٽ ئي ذڪر ڪيو آهي تہ اسان وٽ اهو خزانو ڪافي موجود آهي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي هنن کي ادبي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو . تنهن ڪري اهو سڄو ٽڪرو مان هيٺ دهرايان ٿو.

” اتم جا ليک ’ ادب ۽ زندگي ‘ ، ’ ساهت ڇا آهي ؟ ‘ ۽ روسي ليکڪ ايمنبرگ جي مشهور مقالي ، ’ اديب ۽ هن جو فن ‘ ان جو اختصار . سڀ ساهتڪ مسئلن تي ترقي پسند نظريي کان چٽي روشني وجهن ٿا ، جن ۾ اڳي وانگر نه فقط خارجي ۽ غير شخصي پهلوءَ کي اهميت ڏنل آهي پر داخلي يا شخصي پهلوءَ کي پڻ ، جو ڦيرو مارڪسوادي ادبي اصولن ۾ ايمرنبرگ ئي آندو . گوبند مالهيءَ جا ’ کوٽي ۽ کري ساهت جي پرک ‘ ، ’ شاهه جي ترقي پسندي ‘ ۽ ’ ترقي پسند شاعر سچل ‘ کيرت ٻاٻاڻيءَ جا ’ سنڌي ساهت جي ترقي ‘ ۽ سنڌي ساهت ۾ نيون ڌارائون ( جو حقيقت ۾ ’ سنڌي شعر ۾ نيون ڌارائون ‘ بابت آهي ۽ نارائڻ ڀارتيءَ جا ’ اسان جو ٽئگور ‘ ۽ ’ پريمچند جي نظر ۾ ساهت ‘ . سڀ ذڪر لائق ادبي مضمون آهن ، جي گهڻا تڻا ’ نئين دنيا ‘ ۾ ڇپيا هئا . “

پروفيسر ملڪاڻيءَ تنهن بعد ’ سنسار سماچار ‘ جي منشي پريمچند جي خاص انڪ جو ذڪر ٿو ڪري ۽ ان بعد هن تي هڪ چونپڙيءَ جو ذڪر ٿو ڪري ، جنهن ۾ گوبند مالهي ، نارائڻ ڀارتي ، گوبند پنجابي ، منوهر لعل ، کيرت ٻاٻاڻي ۽ اتم جي مضمونن جو ذڪر ٿو ڪري . هن ئي پيرا ۾ سگڻ آهوجا جي ڪشنچند بيوس تي مضمون جو ۽ نارائڻ ڀارتيءَ جي سنڌي لوڪ گيتن تي مضمونن جو ذڪر ڪيل آهي . 1953 ع ۾ ٻلديو گاجرا جي ڪتاب ’ پنج بهترين ‘ ڪتاب کي شري پرمانند سگڻي مل پاران انعام ملڻ جو پڻ ذڪر ڪيل آهي . گدو مل هرجاڻيءَ جي ’ بيدل ۽ بيڪس ‘ مضمون جيڪو هندواسيءَ ۾ ڇپيو هو ، ان جو ذڪر پڻ آهي . پر اهي متفرقا مضمون ڪنهن ڪتابي صورت ۾ آيل نٿا ڏسجن ، پر اهي بنيادي مضمون هئڻ ڪري هتي انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري محسوس ڪيو ويو آهي .

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي هن ئي ڪتاب تي ضميمي به ٻن عالمن تيرٿ بسنت ۽ هيري شيوڪاڻيءَ هر ڪنهن رچنا جو ذڪر ڪرڻ جي سندس روش تي سوال اٿاريا آهن . مان مڃان ٿو ته سوال پنهنجي جاءِ تي ، پر ڇا پنجاهه سال هڪ ايترو وڏو عرصو آهي ، خاص ڪري ادب ۽ ڪلچر جي کيتر ۾ ته ڪنهن به چيز جي ’ اتهاسڪ ‘ اهميت بابت فيصلو ڪري سگهجي . ادبي ميدان ۾ اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي ته اڄ جن جي شخصيت ايتري اپيل آهي ، جو سندن هلڻ سان چڻ ڌرتي ٿي ڌڏي ، ڇا اڳتي هلي انهن جي ساهت جي ايتري اهميت رهندي آهي ؟ ان ڪري مان ڪنهن به ادبي ڪاوش جي ڪٽ ڪرڻ کان سواءِ ئي جيڪو مواد منهنجي سامهون آيو آهي ، ان جو ذڪر ڪندس . مخزنن ۽ رسالن ۾ جيڪي مضمون ٽڙيا پکڙيا پيا

آهن ، انهن جو ذڪر ڪرڻ ڪنهن بہ اهڙي نوع جي ليک لکڻ لاءِ لڳ ڀڳ غير ممڪن ئي آهي . مان صرف مضمونن جي ڪتابن جو ذڪر ڪندس ، جن ۾ متفرقا مضمون شامل آهن ۽ ڪنهن بہ خاص شاخ کي ڪٺي لکيل ڪتاب منهنجي دائري کان ٻاهر آهن .

جيئن اڳواٽ ئي چيو ويو آهي تہ سنڌ توڙي ورهاڱي بعد هندستان ۾ سنڌي ساهت تعليم سان جڙيل رهيو ۽ هن ريت وري جڏهن سنڌي اسڪول شروع ٿيا تہ شاگردن لاءِ درسي ڪتابن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪتاب ڇپايا ويا ۽ ان حالت ۾ جيڪي ڪتاب سنڌ ۾ اڳواٽ ئي ڇپيل هئا ، جيڪي اديب سنڌ ۾ مشهوري ماڻي چڪا هئا ، انهن جا ئي مضمون انهن ڪتابن ۾ شامل ڪيا ويا .

مون کي مضمونن جو پهريون ڪتاب جو ميسر ٿي سگهيو آهي ، اهو آهي ’ نئين زندگي ‘ اهو 1949 ع ۾ سندر ساهت پبلشنگ هائوس ڪيسر گنج ، اجمير مان شايع ٿيل آهي . ان ۾ ڏنل مضمونن ۽ انهن جي ليکڪن جا نالا هن ريت آهن .

| | |
|---|---|
| 1. مهاتما گانڌيءَ جي مهما | شري فتح چند واسواڻي |
| 2. آدرش | پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي |
| 3. پورهيت | شري فتح چند واسواڻي |
| 4. شبنم | " " |
| 5. ويران کنڊهر | " " |
| 6. سوراج جو سرشتو | شري ميلارام منگترام |
| 7. جهانگير جو انصاف | " " |
| 8. سقراط جي زندگي ۽ موت | شري ليکراج ’عزيز‘ |
| 9. وڏ ڏيکائي دل ۾ وڏي دل | شري ڪشنچند بيوس |
| 10. لڙڪ | شري فتحچند واسواڻي |
| 11. گجراتي گربو | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي |
| 12. آزمائش | شري فتحچند واسواڻي |
| 13. خوش مزاجي | شري ليکراج ’عزيز‘ |
| 14. گهر جي راڻي | شري پرمانند ميوارام |
| 15. وويڪ | " " |

16. راڻي پرتاب جي آخرين تمنا   شري ميلارام منگترام

اهو اٽڪل نوي صفحن جو ڪتاب ، جنهن ۾ سورهن مضمون آهن ، شري ميلارام ايم . واسواڻيءَ پاران ڇپايو ويو. مون اهي سڀ تفصيل ان ڪري ڏنا آهن جو 1949 ع جي شروعاتي دور جي درسي ڪتاب ۾ انهن جي ليکڪن جي ڄاڻ پوي تہ اهي اڳواٽ ئي سنڌ ۾ مشهور ٿي چڪا هئا ، يا گهڻو ڪري اهي مضمون سنڌ ۾ ڇپيل درسي ڪتابن تان کنيا ويا هئا.

ان بعد ساڳي طرح جتي جتي سنڌي تعليم شروع ٿي اهڙي طرز تي ڪتاب شايع ٿيندا هوندا پر اڄ اهي ڪنهن وٽ شخصي طور موجود هجن تہ ممڪن آهي ، پر ڪنهن بہ سنسٿا جي لئبرريءَ ۾ نٿا ملن. ان وقت بہ سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون تہ ضرور لکيا ويا هوندا پر ان وقت جي اخبارن جا فائيل هاڻي ڪٿان ملن ؟ هونءَ بہ مون پنهنجو دائرو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل مضمونن تائين محدود رکيو آهي.

1951 ع ۾ ’ مضمون مالها ‘ ( سنڌي شاگردن لاءِ سوکڙي ) منصف داس طالب ، ايل دوارڪاداس ائنڊ سنس ، بڪ سيلرس ائنڊ پبلشرس ، 232 – چرني روڊ ، گرگام ، ممبئيءَ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جيئن تہ سري مان ظاهر آهي اهي مضمون اسڪولي شاگردن يا ڪاليجي شاگردن جي ڏانو جا آهن . ڪل 38 موضوعن تي اٽڪل 140 صفحن جي اندر مضمون ڏنل آهن. مضمونن جا وشيہ ’ ڏيتي ليتي ‘ ، ’ قطار جو سرشتو ‘ ، ’ ضرورت کوجنا جي ماءُ آهي ‘ ، ’ سيرت بنا انسان جهڙو سهڻو ٺوهہ پٿر ۾ ‘ طرح جا آهن.

1959 ع ۾ تيرع بسنت جو ڪتاب ’ وسنت ورکا ‘ ادبي لحاظ کان اهم جاءِ والاري ٿو. اهو پهريون ادبي مضمونن جو ادبي ڪتاب هڪ ئي ليکڪ جي قلم مان نڪتل آهي . شري تيرٿ بسنت پهريون سنڌي ليکڪ هو جنهن کي سندس ڪتاب ’ کنور ‘ تي ساهت اڪادميءَ جو انعام حاصل ٿيو. تيرٿ بسنت سچي زندگي علم ۽ قلم ڪاغذ کي ارپڻ ڪئي ۽ منهنجي نظر ۾ هو اڪيلو شخص آهي جنهن پڙهڻ لکڻ کان سواءِ زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو ڪم نہ ڪيو. سندس ٻوليءَ ۾ غضب جي پختگي آهي ۽ سندس اظهار ڪلپنا جي پرن تي پرواز ڪري ٿو ۽ بلڪل نجي حالت اختيار ٿو ڪري ، سندس خيال ڪنهن عقاب جيان آسمان ۾ آزاد ٿي پنهنجا پر ڦهلائي اڏامندا آهن ، ڪنهن بہ خيال کي اظهار ڏيڻ لاءِ هو خيالن جي گهوڙي کي چيڪ ٿو چڙهي ۽ ائين سندس خيالن جو سمورو سلسلو ڪنهن آئيني

جيان سندس مضمونن ۾ عڪس بڻجيو پوي ، تنهن ڪري پهرين پڙهڻيءَ ۾ ڪيترن کي سندس خيال بي ترتيب لڳن ، پر هڪ مکيہ خيال جي سوکيم ڏور انهن سيني ڏسائن ۾ گهمندڙ خيال کي ٻڌي ٿي رکي ، تنهن ڪري سندس مضمون ڪن کي اجائي ٻهر جيان لڳن ، پر پڙهڻ سان اهي مضمون اعلىٰ معياري مضمونن جو مثال بڻجيو پون . تيرٿ بسنت جي هڪ نجي عبارت آهي ، جنهن جو هڪ نمونو ڏيڻ هتي بي جاءِ نہ ٿيندو .هيءُ ٽڪرو هن ڪتاب جي پهرئين مضمون ’گرام گشت‘ جو ستٽيهن صفحن تي ڦهليل آهي.

” اڌ رات جو جڏهن پراڻي نندرا ديويءَ جي گود ۾ آرامي آهن ۽ سرير وشو جا الڪا ترنگ ۽ ڌرتيءَ جي دل جا امنگ ٿو جذب ڪري ، جڏهن تارڪ منڊل هيري جي ڪڻ سان چمڪڻ لڳي ٿو ۽ هير گلن ڦلن جي سيتل سرهاڻ فضا ۾ ڦهلائي ، نم ۽ پپل جي لامن سان جهمريون پائي ، انوکا گيت آلاپي ٿي ، تڏهن ان ايڪانت ۾ ادرشيہ آتمائون هيءُ مانداڻ منڊين ٿيون ، جي هڪ وار ڪو ڏسي تہ هوند نند تجي بسترو ڇڏي ، جهنگ منهن ڪري ، وشال گنبذ هيٺ اچي ڏيرو اڏي ، هتي غيب پنهنجي صورت تان نقاب هٽائي بي حجاب حسن جو ديدار ٿو ڪرائي ۽ ڪائنات جا اسرار قلب سان همراز ٿين ٿا . هيءَ سرشٽي سجيو آهي ۽ انتر درشٽت انسان اڳيان هڪ ڪليل ڪتاب ..... “( صفح 39 )

ٻيا مضمون آهن ، ’ ساجن سٽر ڪرڻ آيو نانءُ رکي انسان ميان ‘ ( سٽر سفر 22 صفح ) سيوا گرام آشرم. سندس دل دهلائيندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ مضمون آهي ’لڏ پلاڻ ‘ . سندس مضمون ’نار ‘هڪ ڏند ڪٿا تي آڌار ٿو رکي ، جنهن موجب مرد جو هڪ حصو ڪٽي عورت کي خدا تيار ڪيو . سندس مضمون ’ نانو ‘ نندپڻ جي يادگيرين جو آهي . ’ شاهہ جو پيغام ‘ ادبي مضمونن جي صف ۾ اچي ٿو . ’پنک ‘ ، ’نور چشم ‘ ، ’ مامبي ‘ اهي مضمون سندس سٽر سفر جو ، سندس مخصوص ۽ باريڪ نظر جو بيان آهن . ’قومي جهنڊو ۽ ان جو اتهاس ‘هڪ معلوماتي مضمون آهي ۽ هن ڪتاب جو سندس ٻارهون مضمون ويهين صديءَ جي شروعاتي دور جي اهم بحث ’ وگيان ۽ وشواس تي بحث ‘ ڏنل آهي ، جنهن ۾ هو آخر ۾ ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ عقل ۽ جذبي ٻنهي جو ميلاپ ئي هڪ صحيح رستو ڏيکاري سگهي ٿو.

سال 1969 ع جو ڪتاب آهي ، موتيلعل جوتواڻيءَ جو . ظاهر آهي تہ اهو سندس شروعاتي ڪتابن مان آهي ، اهو ظاهر آهي تہ هن ڪتاب ۾ سندس پوين ڪتابن جي گهرائي

۽ اظهار جي پختگيءَ جي تقاضا ڪرڻ ٺيڪ نہ ٿيندي ، پر هن ڪتاب مان ئي سندس اپياسي لاڙي جي ڄاڻ پوي ٿي . هن ڪتاب ۾ گهڻا مضمون ادبي ئي آهن . سنڌيءَ ۾ سنت ساهت ، ترقي پسند شاعر ’ پارتي ‘ ، ’ سمپادڪ ‘ ، ’ بنيادي تعليم ‘ . سندس مضمونن ۾ آساننڊ مامتورا جي ’ ڪڪي ۽ لولتا ‘ ( آمريڪي روسي ليکڪ جي ناول ، جنهن ۾ هڪ پيءُ پنهنجي زال جي اڳئين مڙس مان پيدا ٿيل ڌيءُ سان سريري سنبنڌ ٿو رکي ) ڪي ڪٿي ڪلا ۽ نيتيءَ تي مضمون لکيو ويو آهي . هيءُ ڪتاب بہ 80 صفحن جو آهي ، جنهن ۾ 12 مضمون ڏنل آهن .

سال 1961ع ۾ پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ’هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون ‘ ظاهر ٿيو . پوپٽي هيراننداڻي شروع ۾ هندواسيءَ لاءِ آکاڻيون ۽ مضمون لکندي هئي .هندواسي اخبار ان وقت ۾ سنڌي جاتيءَ ۾ مقبول اخبار هوندي هئي . ان اخبار ۾ لڳاتار لکڻ ڪري پوپٽي هيراننداڻي سنڌي عام پاٺڪن ۾ ڪافي مشهور ۽ مقبول ٿي چڪي هئي . پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين ليکڪا هئي جنهن زوردار نموني عورتن جي حق بابت ۽ انهن جي مردن سان هڪ جهڙائيءَ بابت بردباريءَ سان آواز اٿاريو . سندس پهريون آکاڻين جو ڪتاب ’ رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون ‘ ادبي لحاظ کان ايترو بلند ثابت نہ ٿيو پر مضمونن تي سندس دسترس ۽ سندس بيباڪ ۽ پختي اظهار کيس هڪ مخصوص سڃاڻپ ڏني . سنڌي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي هلچل ۾ حصيداري سندس شعور کي ڪافي ڪشادو ۽ گهرو ڪيو ۽ وقت ويندي سندس ادبي خوبيون نکرڻ لڳيون ۽ ائين هوءَ سنڌي ادب تي هڪ اڻ مٽ ڇاپ ڇڏي سگهي . سندس پهرئين ڪتاب ۾ ڪل پندرهن مضمون آهن جي استريءَ جي لاڳاپي سان سماجڪ مضمون شماري سگهجن ٿا .

جيئن تہ ’نر ۽ ناري ‘ ، ’ ڏيتي ليتي ‘ ، ’برابري ونو ڙي برابري ‘ ، ’ ڪپرن جي ڪرامت ‘ ، ’ ڪماري ۽ وواهہ ‘ ، ’جيترو پيار اوتروئي غصو ‘ ۽ ’ ساهيڙي سچ چئجانءِ‘. ادبي مضمون آهي ادب ۽ اديب – مها ڪاليداس جي ڪوتا ، ۽ فيلسوفيءَ جا مضمون آهن ، ’ موکش مارگ ‘ ، ’شريمد ڀڳوت گيتا ‘ .

جولاءِ 1965ع ۾ سندس ڪتاب’مان ڇا آهيان ‘( ويدانت جي سولي سمجهاڻي ) شايع ٿيو . اهو ڪتاب ڌرمي ڪتابن جي فلاسافيءَ جي ڪتابن ۾ شماري سگهجي ٿو ۽ منهنجي دائري کان ٻاهر آهي پر ان ۾ ڪي مضمون اهڙا آهن جن کي سماجڪ مضمونن ۾

شماري سگهجي ٿو. ’ ڪرم ‘( د  ائڪشن – د رزلٽ – د لڪ )’ وشيہ ڀوڳ ‘( د ٿنگ ائنڊ اٽس اينجوائمينٽ ) ’ دک – سک ‘ ۾ سندس نوع فلاسافيءَ جوهجي پر انهن وشين جي سماجڪ وابستگيءَ کان انڪاري نٿو ٿي سگهجي . 1965 ع ۾ هڪ طويل مضمونن جو ڪتاب جهوني ساهتڪار منوهرداس ڪوڙي مل جو ’ ساهت جو سينگار ‘ ڇپيو. ان ۾ 106 مضمون ڇپيل آهن ۽ اهي ڇهہ سؤ صفحن ۾ ڦهليل آهن . فهرست ۾ اها پڻ وچور ڏنل آهي تہ اهي ڪهڙي سال ۾ ڪهڙي مخزن ۾ ڇپيا هئا . هن جا ڪي مضمون اسڪولي مخزنن ۾ پڻ ڇپيل آهن، جيئن تہ ’ ڊاڪٽر ائني بيسينٽ جو قلمي چتر‘ سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ممبئي جي ’ جوت ‘ مخزن ۾ ۽ ’ سونهارو سنڌي هيرو ‘ (ساڌو هيرانند ) ڪملا هاءِ اسڪول ممبئيءَ جي مخزن ۾ ڇپيل آهن . سندس گهڻا مضمون هندواسي هفتيوار ۾ ڇپيل آهن . شروعاتي فهرست ۾ ئي ليکڪ پنهنجن مضمونن جي ورڇ ڏني آهي . ( 1 ) خيال خوض وارا مضمون (عدد 8 ) ’ منش جو مرتبو ‘ ، ’ اندر جا اوراڻا ‘ ، ’ پرارٿنا جي ضرورت ‘ جهڙا مضمون شامل آهن . (2) جيو ديا ( 2 مضمون )اعلىٰ شخصيتون .جن ۾ سندس 1942 ع ۾ لکيل ۽ شايع ڪيل مضمون ’ بهاءُ الله – جڳ ايڪتا جو اوتار ‘( سنڌو 1942 ع ) وري ڇپايو ويو آهي . ( 3 ) ادبي شخصيتون ( ڇهہ مضمون ) جن ۾ ’ ڪويسرياڻي ڪماري نذرولتا دت ‘ ۽ ’ سنڌي ساهتڪار پرمانند ميوارام ‘ جهڙا مضمون آهن . هن حصي ۾ پڻ سندس سنڌ ۾ ڇپايل مضمون ئي شامل آهن ، جيڪي جدا جدا اخبارن ۾ ڇپيا هئا . ( 4 ) انترراشٽريہ ، نيتڪ ۽ سماجڪ مضمون ( ڪل ڇهہ مضمون ) پنج مضمون ورهاڱي بعد جا آهن .ڪي مثال آهن ’ اڄوڪي اڻ سموسنسار لاءِ ناياب نسخو ‘( هندواسي ) ’ آخر اسين ڪهڙي وهہ ۾ وهي رهيا آهيون ‘( نو جيون ، ناگپور ) ( 5 ) نج سماجڪ مضمون ( ڪل ٽي مضمون ) جن ۾ بہ ورهاڱي بعد لکيل آهن ، ’ اڄوڪي سماج ۾ وڏن ننڍن جا بگڙيل ناتا ‘( هندواسي ) ۽ ’ ڏيهہ جا ڏيئا ‘ –گجرات راجيہ ايس. ايس. سي. امتحان بورڊ لاءِ ٺاهيل ’ سنڌي گلشن ‘.

هن ۾ هڪ باب ” ننڍيون ڪهاڻيون ۽ نقتا “ پڻ ڏنل آهي ، جيڪو هن ليک جي دائري کان ٻاهر آهي . يا باب آهن ادبي تقريرون ، ادبي مضمون ، تعليمي مضمون ، سماجڪ اخلاقي مضمون ، سماج وگيان سنبنڌي مضمون ، اتهاسڪ ڪوجناتمڪ مضمون ، سئر سفر سنبنڌي مضمون ، سحت سنبنڌي مضمون ۽ متفرقہ مضمون .اهڙيءَ طرح سندس مضمونن جي چوڏهن وشين ۾ ورڇ ٿيل آهي .شري منوهرداس ڪوڙومل ، شري ڪوڙومل چندنمل

ڪلناٿيءَ جو سپتر آهي . سندس پتا ڪي سنڌي تعليم جو ابو هئڻ جو شرف حاصل آهي ۽ شري منوهرداس پاڻ بہ سنڌ ڪان وئي ڪلڪراني ڪندو آيو آهيءِ هتي هندستان ۾ پڻ گوناگون وشين تي هندستان جي جدا جدا مخزنن ۾ سندس رچنائون ڇپبيون رهيون ۽ هيءُ ڪتاب سندس ڪل رچنائن جو مجموعو آهي . هن ڪتاب جر مضمونن تي نظرثاني ڪندي هو عام فهم اخبارنويسيءَ ۽ شاگردن جي ڏانو جي درجي تي پهچن ٿا .

سال 1966 ع ۾ سنڌيءَ جي مشهور شاعر ۽ فارسيءَ جي عالم شري هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘ جي مضمونن جو مجموعو ’ ڪک ۽ ڪانا ‘ ظاهر ٿيو.سندس مضمون جدا جدا موضوعن تي آهن . هن ڪتاب ۾ ڪل اڻويهہ مضمون آهنُ شعرۣشاعري‘ ۽ ’ هندستاني ناٽڪ ‘ ۽ ٻيا سڀ جدا جدا دلچسپ موضوعن تي آهن ، جيئن تہ ’ آرسيءَ ۾ اڇو ‘ ، ’ ايراني آڪاڙو‘ ، ’ نماٽائيءَ جي مورت گڏهہ ‘ . جڏهن بہ ڪو ڪامياب شاعر نثر ۾ لکڻ شروع ڪري ٿو تہ هڪ ڳالهہ جي تہ پڪ ٿئي ٿي تہ سندس ٻوليءَ تي دسترس آهي ، شبد ڀنڊار اٿاهہ آهي ، اظهار لاءِ تز لفظ ڪم آڻي سگهي ٿو ، تخليقي ٻوليءَ جي استعمال جو ڪافي اڀياس ۽ وسيع ۽ گهري مشاهدي جو مالڪ آهي . اهي سڀ خوبيون سدارنگاڻي ’ خادم ‘ جي نثر ۾ نمايان ٿين ٿيون .جنهن جو هڪ مختصر مثال مان سندس مضمون ’ آرسيءَ جو اڇو ‘ جي پهرين پئرا ڏيئي ڪندس .

” سندريءَ آرسيءَ اڳيان بيهي ڦٽي ڦوڪار پئي ڪئي . ڪڏهن ڪارين آبدار اکين ڏانهن پئي ڏنائين ۽ ڪڏهن گول ڇهري ۽ نزاڪتدار بدن ڏانهن . سينڌ ڪيندي سندس نگاهہ اوچتو مٿي جي هڪ وار تي وڃي پيئي جو پورو ٿي لڳو......تڏهين ڏڪندڙ هٿ سان ان وار کي آڱوٺي ۽ ڏسٽيءَ ۾ جهلي ، شوڪارو ڀري ، آرسيءَ کي مخاطب ٿي چيائين تہ ، ’ اي منهنجي خوشبختي ۽ خوبصورتيءَ جي شاهد ! تنهن ڏينهن جڏهن مون کي چٽي ڏکي ، سورهن سينگار ڪرائي ، ڪنوار بڻجڻ جو شرف عطا ڪيو ٿي ويو تڏهن مون هڪ خاص ناز ۽ مست ادا سان تو ڏانهن نهاري فخر سان پڇيو هو تہ آرسي ڙي آرسي ، مون جهڙي ڪا ٻي ؟ ان وقت منهنجي دل خوشيءَ ۾ ڦولي نہ سمائي . پنهنجو جوڀن بهار ڏسي ، ائين پئي ڀانيم گويا تون خود منهنجي شڪل تي شيدا ٿي پئي آهين ..... “ هتي مضمون ، ڪهاڻي ۽ شاعري سڀ فارن رل مل ٿا ٿي وڃن . ائين هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جي مضمونن جي شاخ ۾ هڪ اهم درجي ماڻڻ جو حقدار بڻجي ويو آهي .

سال 1966ع ۾ ’سونهري سخن‘ نالي سان ٻوڏراج جا چونڊ ادبي مضمون ڇپايا ويا . ڇپائيندڙ هو شرري نٿر رامچنداڻي . هونءَ ٻوڏراج جي سڃاڻپ هڪ روحاني شخصيت جي آهي پر هن ڪتاب ۾ ڪل 42 مضمون آهن ، جي اسڪولي ۽ ڪاليجي ڪتابن ۾ ڇپيل مضمونن جي سطح جا آهن . البت هنن کي ’ناصحانن‘ ( مورل ) مضمونن ۾ شمار ي سگهجي ٿو. ڪي مثال آهن. ’نوراني نشاط با غ – ڪلپنا جو عڪس – ۽ ڪشميري زالون – درخت سان رهاڻ وغيره .

سال 1967ع ۾ دهليءَ جي ديش ٻنڌو ڪاليج جي پروفيسر سنتداس جهانگياڻيءَ جو ڪتاب ’پاپ جي مايا‘ شايع ٿيو سري مان ته هيءَ ڪتاب ڪنهن فڪشن جي شاخ ٿو لڳي . پر هن ۾ اٽڪل سؤ صفحن ۾ ويهه مضمون ڏنل آهن . اهي سڀ مضمون ڪاليجي شاگردن جي ڏانو جا آهن . سندس ڪن مضمونن جا سرا هن ريت آهن : ’ڪوهه ڪرين ايمان‘ ، ’هي پوت امتحان جا‘ ، ’ڪجهه خواب ڪجهه حقيقت‘ ، ’راوڻ اڃا زندهه آهي‘ ۽ ٻيا پڻ اهڙا ئي مضمون آهن . هنن وشين ۾ ڪنهن هفتيوار اخبار پاڻکن ۽ ڪاليجي شاگردن جوئي چاهه ٿي سگهي ٿو. پڙهڻ سان دما غ تي زور ڏيڻو پوي اهڙي ڪا ڳالهه هنن ۾ نه آهي .

1970ع واري ڏهاڪي ۾ پهچندي ، سنڌي ٻوليءَ جي ائين شيڊول ۾ اچڻ بعد سنڌي سماج ۾ ڪيترا متضاد لاڙا ظاهر ٿيا . جيڪا ٿهي سنڌ مان تعليم وٺي آئي هئي ۽ ورهاڱي بعد جنهن ٿهيءَ سنڌ ۾ تعليم شروع ڪئي ۽ ورهاڱي بعد ترت تعليم شروع ڪئي ، انهن مان ڪيترا شخص جواني ماڻي ، وچولي عمر کي رسيا ۽ ڪي بلاغت کي ، پر نئين ٿهيءَ سنڌي تعليم ڇڏي ڏني هئي .ائين وچولي عمر جا ليکڪ ته سنڌيت جي هلچل جي حصي هئڻ ڪري پنهنجي ڪمٽمينٽ ڪري لکندا ئي رهيا ۽ نوجوان ليکڪ ’نئين ادب‘ جي فلاسافيءَ جي غلبي هيٺ ڪافي سرگرم رهيا ۽ منجهن خوب جوش ۽ جذبو هو. پر سنڌي تعليم جي ذري گهٽ عدم موجودگي سنڌي پاٺڪ کي آهستي آهستي ڪري غائب ڪرڻ شروع ڪيو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل بعد اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پنهنجي هلچل جي روپ کي بدلايو ۽ ناٽڪ ڇنڀيٽيون ، سيمينار ۽ تعليمي ڪانفرنسون ڪرڻ لڳي – اهڙيءَ طرح سنڌي ساهتڪارن لاءِ سيميناري ڪلچر جي شروعات ٿي ۽ ادب جي موضوع تي ڪيترا مقالا لکيا ويا. ساڳي حالت نئين ادب جي نوجوانن

پڻ ڪئي ۽ ڪيترا ادبي بحث شروع ڪيا جي جدا جدا اخبارن جو مواد بڻيا ۽ انهن ڪي ادبي تاريخ جي لحاظ کان ڪافي اهميت آهي . ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جي ائين شيڊول ۾ اچڻ ڪري ، ڪن راجين ۾ جتي سنڌي چڱي انداز ۾ آهن ، اتي جي صوبائي سطح تي پڻ صوبائي سرڪارين پاران اڪاڊميون برپا ڪيون ويون ۽ ائين ڪتابن ڇپائڻ لاءِ سرڪاري مدد ۽انعامن جا سلسلا شروع ٿيا ، جن جا اڳتي هلي ڪيترا ئي نفي توڙي شفي اثر ظاهر ٿيڻ لڳا آهن .

سال 1972 ع ۾ پروفيسر لالسنگ هزاري سنگهه اجواڻيءَ جو سنڌي مضمونن جو ڪتاب " اڇل " ظاهر ٿيو . ورهاڱي بعد پروفيسر لالسنگ اجواڻي سنڌي ادب ۾ هڪ طاقتور شخصيت جي روپ ۾ اڀريو . هو انگريزي ادب جو عالم ۽ سنڌي ادب جي ڄاڻو هو .نئشنل ڪاليج جو پرنسيپال ، يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بورڊ جو چيئرمين هو . مرڪزي ساهت اڪاڊميءَ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪيو ته هو ان جي سنڌي ائڊوائيزري ڪاميٽيءَ جو ڪنوينئر پڻ ٿيو .سڀ وڏا ليکڪ ڪانئس پنهنجي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکارائي ڄڻ سند وٺن ۽ پاڻ کي ڪرتارٿ ڀانئين . سندس قلم ۾ غضب جي رواني ۽ سندس ڄاڻ تي رشڪ ٿئي . پنهنجي وقت جي هڪ ’ دبنگ ‘ شخصيت ، جنهن وٽ وڏا وڏا نامر ڪئيا ليکڪ سلامي ٿين .

سندس ڪتاب ’ اڇل ‘ ۾ ويهن مضمونن مان پنج ته مهاڳ لکيل آهن ۽ ٻيا مضمون گهڻو ڪري سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ ڏنل هئا ، تنهن ڪري اهي ورهاڱي کان اڳ جا شمار ڪرڻ کپن . سندس مضمون ’ سنڌيت ‘ سنڌي سميلن ۾ ڪيل تقرير آهي ، جيڪا هن 1960 ع واري پوپال سميلن وقت صدر طور ڪئي هئي . سندس مضمون ’ جيوت جو راز ‘ ، ’پاپن ۾ پاپ ‘ ، ’ آرام حرام هئه ‘ ، ’ ويهين صديءَ جو ڌرم ‘ ، ’ هڪ عجيب داستان ‘ . اهي سنڌو مخزن ۾ ڏنل هئا . اهو ظاهر نه آهي ته انهن مان ڪهڙا سنڌ واري سنڌو مخزن ۾ ڇپيا يا ڪهڙا ورهاڱي بعد هتي هندستان جي سنڌو مخزن ۾ ڇپيا . هتي هندستان ۾ سنڌو مخزن جا چند شمارا ئي نڪتا هئا . سندس مضمونن ۾ لفظن جي تک ۽ گجگوڙ ڪافي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪي جزوي خيالن جا چمڪاٽ پڻ آهن ، پر اهڙي حاوي پوندڙ ادبي شخصيت جي قلم مان سندس ادبي پونجي طور نڪتل ڪل ويهه مضمون ، ڪيس ادب ۾ اها جاءِ نٿا ڏياري سگهن ، جيڪا حيثيت هن هڪ ادبي شخصيت طور پنهنجي حياتيءَ ۾ ماڻي .

سال 1975 ع۾ پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ڪتاب’ زنده سا قوم رهندي ‘ ( سنڌيت جي هلچل تي لکيل ليک ) شايع ٿيو ، جنهن ۾ سندس ڪي ان وقت جا ڪافي اثردار مضمون

شامل آهن. ’اڳڙين جا ٺهيل اڳوان‘، ’ڏني ماءُ توکي سورن جي لولي‘، ’پل تہ مون کي کو پيو ڏوهي ٺهرائي‘، ’لک جي لعنت هجيئي‘، ’سنڌي تون مري رهيو آهين‘، ’جهوليلعل‘، ’گانڌيڌام‘، ’زندهہ سا قوم رهندي‘، ’اتهاس پيو ٺهي‘، ’اسان جو ورثو‘.هنن مان ڪيترا مضمون سنڌين جي هلچل جو بنياد آهن ۽ وقتائتا هوندي پڻ ادبي حيثيت رکن ٿا. چاڪاڻ جو هنن ۾ جيڪا اظهار جي پختگي ۽ ٻوليءَ جو واهپو آهي، اهو ايندڙ پيڙهين جي لاءِ هڪ مثال ٿي سگهي ٿو.

سال 1979ع ۾ ’تريشا ’سيريز هيٺ،تيرٿ بسنت جا ٻہ مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا. ’خوشبوءِ‘ ۽ ’سارنگ‘. ’خوشبوءِ‘ ۾ اٽڪل ٻن سؤ صفحن ۾ تيرهن مضمون ڏنل آهن. جن مان ڪن جا سرا هن ريت آهن. ’منوهر مؤجي ڏينهن‘، ’بسنت‘، ’پيچ مؤلا پيچ‘، ’امرتسر‘، ’منهنجون ڪمزوريون‘، ’منهنجي پسندي‘، ’مان ليک ڪيئن لکندو آهيان‘، ’يم‘ وغيرهہ. ’سارنگ‘ ۾ اٽڪل اڍائي سؤ صفحن ۾ ارڙهن مضمون آهن. انهن ۾ پنج جيونين جا خاڪا آهن. جيئن ’جواهر جوت سدا جلي‘، ’سچل سرمست‘، ’يڌشٽر‘، ’رشي ڏيارام‘، ’لينن‘. ٻيا ڪي آهن، ’اها هڪ اڻ سرندڙ ڪهاڻي‘، ’هندي اتهاس — وماني نگاهہ‘، ’نالي ۾ ڇا آهي؟ ‘، ’دلي‘، ’مائر پينر‘. اهو تہ ضرور مجبو تہ تيرٿ بسنت جا مضمون انگريزي ادب جي اعلیٰ مضمون نگار جي اسٽائيل سان گڏوگڏ ڪنهن زماني جي ’ڳالهير‘ جي طرز بيانيءَ جون سڪون لاهين ٿا ۽ ادب جي تاريخ ۾ ڪين عزتدار جاءِ ملندي.

سال 1980ع ۾ شري ميول آهوجا جو ’پشپ مالها‘ پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ درسي ڪتابن جي ڍانو جا ڪل پندرهن مضمون آهن جي اٽڪل 80 صفحن ۾ سمايل آهن. هن ڪتاب جي ڪن مضمونن جي سرن مان ئي هن ڪتاب جي شاگردن لاءِ ڪارائتي هئڻ جي ۽ انهن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ’امتحان جي اهميت‘، ’فلمن ۽ ناٽڪن جو سماج تي اثر‘، ’ڪاش مان هجان ها ناري‘، وغيرهہ هن ڪتاب ۾ سنڌيت جي هلچل کان متاثر ٿي ’چيٽي چنڊ سنڌيت جو ڏينهن‘ مضمون پڻ ڏنل آهي، جو ڪنهن اخبار ۾ ڇپيل ٿو ڏسجي.

ان ساڳئي سال 1980ع ۾ اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ ودود پريشد، پٽي پاران ”ڦلواڙي“ ڇپايو ويو. هن ڪتاب ۾ سنڌي ۽ انگريزي وڀاڳ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ جدا جدا ليکڪن جا مضمون ڏنل آهن، جن ۾ مکيہ ادبي ليکڪ آهن، پوپٽي هيراننداڻيءَ جو

’ڪاليداس ۽ قدرت ‘ ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو پاشاوگيان سان وابستہ مضمون ، ’ سنڌي مرڪب لفظن جي واقفيت ‘ ، گورڌن شرما ’ گهايل ‘ جو ’ مهاڪوي سورداس ‘ ، شري ڪشنچند ٽوپٽلعل جيٽلي جو ، اتهاس جي ڪيتر جو ’ سنڌي هندن جون نڪون ۽ گوتر ‘

ان بعد مانسنگهہ چوهڙمل جو ڪتاب ’ گلن مٺ ‘ پڻ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ڇپجي ظاهر ٿيو . شري مانسنگهہ چوهڙمل هوندءَ تہ ’ هندستان ‘ روزاني اخبار جي مئنيجر (هرتا ڪرتا ) طور ۽ ’ هندواسي ‘ هفتيوار جي سمپادڪ طور مشهور رهيو ۽ هيءُ ڪتاب سندس ديهانت بعد ڇپائي ظاهر ڪيو ويو . هن ڪتاب ۾ ڪي مضمون ترجمو ٿيل آهن ۽ ڪي (گهڻو ڪري ) سندس لکيل آهن . هيءُ ڪتاب ” ڏهن گلن “ (بابن ) ۾ ورهايو ويو آهي . پهريون گل آهي ” ڀڳوان ڪيئن منهنجي جيون ۾ پرويش ڪيو “ . ان ۾ ساڌو واسواڻي ، رام ڪرشن پرم هنس ، مهاتما گانڌي ۽ اهڙيءَ ريت ڏهن سنتن مهاتمائن جا انيو درج ڪيل آهن . ٻيون گل آهي ’ مهاراشٽر جا سنت ‘ ، ٽيون گل آهي ’ سنڌ جون ڪي اوچ شڪتيون ‘ جنهن ۾ سنڌ جي اڪثر ڪانگريسي ۽ سماجي ليڊرن جي زندگيءَ جون جهلڪيون ڏنل آهن . گل چوٿون مهاتما گانڌيءَ بابت آهي . گل پنجون ’ ڀارت جون ڪي ٻيون اوچ شڪتيون ‘ آهي . جن ۾ جواهر لعل نهرو ، اندرا گانڌي ۽ سنجيہ فيروز گانڌي وغيرهہ بابت احوال آهي . ڇهين گل ۾ ’دنيا جون ڪي اوچ هستيون ‘ ۾ مدر ٽيريسا ، هينري فورڊ بابت ڄاڻ ڏنل آهي . گل ستون ’ سنڌ جون ڪي يادگيريون ‘ . هن ۾ گهڻو ڪري اتهاس سان وابستہ مضمون آهن ۽ هڪ مضمون ’ پروفيسر هاسانند – سڪن جو بادشاهہ ‘ ۽ ’ ٻيجل جي ڪهاڻي ‘ پڻ درج ڪيل آهن . گل نائون ، ’ اسراري حقيقتون ‘ جنهن ۾ لڳي ٿو تہ ريڊرس ڊائجيسٽ پاري ڪنهن ڪتاب مان ترجمو ڪري ايشور ۾ وشواس جو عناصر پيدا ڪرڻ جا ٽوٽڪا / درشٽانت آهن ، جيئن ’منهنجي اونڌي گهڙي ۾ آس جو ڏيئو ‘ ، ’ هڪ سورداس ڪيئن ڊاڪٽر بڻيو ‘ وغيرهہ . گل ڏهون ، ’ بابا گووند داس صاحب : ديوتا سروپ ‘ ڏنل آهي .

سال 1981 ع ۾ ساهت اڪادمي ( دهلي ) پاران ’ چونڊ سنڌي مضمون ‘ ظاهر ٿيو . هن ڳٽڪي جو گڏ ڪندڙ ۽ سمپادڪ ڪيرت ٻاٻاڻي آهي . هن جو ٻيون ڇاپو 1986 ع ۾ پڻ ظاهر ٿيو . هن چونڊ ۾ ڪنهن بہ قسم جو جوکم نہ ڪنيو ويو آهي . هن ۾ اڪثر مضمون انهن سنڌي ليکڪن جا ڏنا ويا آهن ، جن سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي مضمون جي صنف جو پايو وڌو . ڪوڙومل چندنمل کلناڻي ، مرزا قليچ بيگ ، پرمانند ميوارام ، ڏيارام گدومل ، ۽ ان وقت جا

مشهور ليکراج ’ عزيز ‘ ، لعل سنگهه اجواڻي ، منگهارام ملڪاڻي ، ۽ انوقت جا مشهور ۽ معروف پروفيسر ، ورهاڱي بعد جي جن ليکڪن کي شامل ڪيو ويو آهي،اهي آهن : ’ملاڪڙو‘ منو تولارام گدواڻي ، ’ شاهه جي ترقي پسندي ‘ گوبند مالهي ، ’ تخليق جا ڪي مسئلا ‘ ڪيرت ٻاٻاڻي ، ’ وڙهو چوٿا ‘ پوپٽي هيرانندڻاڻي ، ’سدا سونهاري سنڌ ‘ ليلو رچنداڻي ، ’رات‘ چندرا آڏواڻي ، ’ پشپ جو پيغام ‘ ايشوري جوتواڻي ، ’لطيف فن ‘ موتيلعل جوتواڻي ، ’ اڳ ۽ اڄ ‘ هريش واسواڻي ، ’ ايڪويهين صدي ‘ هيرو شيوڪاڻي ، شروعاتي ۾ ڪن پوين چند مضمونن کان سواءِ شخصي ۽ بياني مضمون هن ۾ تمام گهٽ ٿا ملن .

سال 1982 ع ۾ ڪيرت مهرچنداڻيءَ جو ’ پکڙيل گل ‘ ظاهر ٿيو . اهو ڪتاب گجرات سرڪار جي مالي مدد سان ڇپايو ويو .اٽڪل هڪ سؤ صفحن جي هن ڪتاب ۾ ڪل ويهه مضمون ڏنل آهن ، جي اسڪولي /ڪاليجي شاگردن جي ڏانو جا آهن . هن ڪتاب جي ڪن مضمونن جا سرا هن ريت آهن . ’پرارٿنا ‘ ، ’خود ظابطو ‘ ، ’ ڪاوڙ ‘ ، ’خوشي ‘ ، ’ اتساهه ‘ وغيره .

سال 1983 ع ۾ شري ڪيرت مهرچنداڻيءَ جو وري ٻيو ڪتاب پڻ ’ گل قل ‘ نالي سان شايع ٿيو . اهو پڻ گجرات سرڪار جي مالي مدد سان ڇپايو ويو . ۽ اهو پڻ درسي مضمونن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ۽ ڇپايو ويو ٿو ڏسجي . هن ڪتاب ۾ اٽڪل 190 صفحن اندر ڦهليل 24 مضمون آهن . جن مان ڪن جا سرا هن ريت آهن . ’ آدرشي اڏياپڪ ‘ ، ’ فلمن جو سماج تي اثر ‘ ، ’ڀارت ۾ بي روزگاريءَ جو مسئلو ‘ . هنن مضمونن جو ادبي معيار ۽ اظهار شاگردن جي ڏانو تائين محدود آهي .

سال 1983 ع ۾ ’نوان چونڊ مضمون ‘( اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن لاءِ ) شري رام لعل شرما جو ٺاهيل ، جڳديش بوڪ ڊپو ، الهاس نگر – 2 پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو . جيئن خود سري ۾ ئي ڄاڻايل آهي ته هيءَ مضمون اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن لاءِ آهن . ان حالت ۾ هنن مضمونن جي ادبي معيار جي ڪٿ ڪرڻ جي ضرورت نه آهي . هن ڪتاب ۾ ڪل 36 مضمون آهن ، جي 175 صفحن ۾ ڦهليل آهن .

سال 1984 ع ۾ شري ٻلديو گاجرا جو طويل ’ گوناگون مضمون ‘ سري سان ڪتاب ، سنڌي ٽائيمس پاران شايع ڪيو ويو . شري ٻلديو گاجرا هونءَ ته شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪلڪراني ڪنڌڙ هو ۽ بيوس جي شاگردن جو شرڌالو هو ، پر هن جي سڃاڻپ سنڌي جڳت

۾ هڪ ڪٽر ڪانگريسي ۽ ’ پارتواسي ‘ اخبار جي ايڊيٽر جي رهي آهي . مذڪور مضمونن جي ڪتاب ۾ سچ پچ گوناگون مضمون آهن ، جن جا وشيه ’ ماٺهو ڇا چوندا ‘ کان هلي ’ شاهه جي فيلسوفي ‘ کي پنهنجي گهيري ۾ آڻين ٿا .هن ۾ بياني ۽ شخصي مضمون به آهن ته ادبي نوع جا مضمون به آهن . پر سندس طرز بيان هڪ اخبار نويس جي طرز بيانيءَ کان مٿي اڀري نه سگهي آهي . خيال جي لحاظ کان ڪجهه مضمون اهڙا آهن جيڪي ادبي اهميت رکن ٿا پر ادبي درجو ماڻڻ کان ترڪي ٿا وڃن .

سال 1984ع ۾ ٿي شري ميول آهوجا جو ’ ساهت سگنڌ ‘ ساهتڪ ۽ سڀيتڪ مضمونن جو ڪتاب ڇپيو . هن ڪتاب ۾ به اٽڪل 80 صفحن ۾ اٺ مضمون ڏنل آهن ، جيڪي ادبي شخصيتن ۽ ادبي نوع جا آهن. جيئن’بيوس جاشيرين شعر‘ ، ’ شاهه جي ٻولي ‘ ، ’ سنڌي لوڪ ڪلا ‘ ، سنڌ جو اتهاس ۽ ڇيتمل پرسرام ‘ ، ’ شري اربندو گهوش ‘ وغيره . اهو ڪتاب ڪاليجي شاگردن ۾ ادبي ٻوجهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڪمائتو آهي .

ساڳئي سال ۾ اي. جي. اتم ’ سجاڳ سنڌ ‘ نالي ڪتتاب شايع ڪيو ، ان جو واسطو سنڌ ۾ ان وقت هندڙ ’ جيئي سنڌ ‘ هلچل سان آهي . اهو سنڌ ۾ هلندڙ هلچل جو دلچسپ بيان آهي . پر هن ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي پختائيءَ جي باوجود اخباري صنفن ۾ ئي شامل ڪري سگهجي ٿو .

سال 1985ع ۾ سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ آسانند مامتورا جو ڪتاب ’ هنس چگن موتي ‘ سنڌي ٽائيمس پاران شايع ٿيو . جيڪي موضوع هن ڪتاب ۾ درج آهن ، انهن مان لڳي ٿو ته اهي مضمون ورهاڱي کان اڳ جا لکيل آهن . ڪل 16 مضمون آهن ، جي اٽڪل 130 صفحن تائين ڦهليل آهن . پنج مضمون شاهه لطيف جي شعر بابت آهن . هڪ سامي ۽ هڪ سچل بابت آهن ، ٽئگور ۽ ڪوي بيوس بابت آهن ۽ ٻيا آهن ، دارا شڪوهه ، علم لغات . اهنسا ۽ هنسا بابت به مضمون آهن .شري مامتورا سڄي زندگي تعليم سان وابسته رهيو ۽ شروعاتي سالن ۾ هن ادب پڻ سِتو خلقيو ، سندس ادبي رغبت ڪري سندس اظهار پختو آهي ۽ خيال پڻ پختا آهن .پر هن جي مضمونن ۾ شخصي ڪلپنا ڪجهه گهٽ ئي محسوس ٿي ٿئي .

سال 1985ع ۾ شري ڄيٺو لعلوانيءَ جو’وطن جي صدقي‘ مضمونن جو ڪتاب ظاهر ٿيو. هن ڪتاب جي مهاڳ مان ئي مان چند جملا ڏيندس ، جي هن ڪتاب جو موضوع

۽ مراد ظاهر ڪندا . ” ستيہ ، اهنسا ، وشو شانتي ، پائيچاري جي ڀاونا ڪي هتي ڏيڻ ۾ تعليمي سنستائون خاص پارٽ ادا ڪري سگهن ٿيون .... سنڌي اسڪولن ۽ ٻارن ۾ بہ هنن قومي ڏٿن لاءِ اتساهہ جي ڪمي چٽيءَ طرح نظر اچي رهي آهي .... نئين ٿهيءَ کي پنهنجي ماترڀومي ، جنم ڀوميءَ لاءِ شهيدن جي ڏنل شهادت جي ساهسي اتهاس جي ڄاڻ ڏيڻ گهرجي . “

هن طرح شاگردن لاءِ 1986 ع ۾ شري هر گوبند رامچنداڻيءَ جو ڪتاب ’ شل سيني کي ڏيئر چمن ‘ ملي ٿو . سري مان اهو مضمونن جو ڪتاب نٿو لڳي ، پر هن ڪتاب ۾ 45 مضمون ڏنل آهن جي اٽڪل 200 صفحن تي ڦهليل آهن . هن سال ئي راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران ڏنل مدد سان آشا درگاپوريءَ — ’ساهت درپڻ ‘ نالي مضمونن جو ڪتاب شايع ڪيو . هوءَ آشا درگاپوريءَ جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور آهي ، پر هن ڪتاب ۾ هو هڪ اڀياسي شخص طور اڀري ٿو هن ڪتاب ۾ سندس مضمون ادب سان جڙيل آهن . جيئن ، ’ادب فن لطيف ‘ ، ’ ايشور ڀڳتي ‘ ، ’ اوسر جي آڪاڻي ‘ ، ’ساميءَ جو سنديش ‘ ، ’وشو اپنياس ساهت : هڪ سرسري نظر ‘ ، ’ سنڌي لوڪ ساهت جو وساريل ورق : سنڌي پروليون ‘ . هيءُ ڪتاب درسي نوع جي ڪتابن ۾ هڪ جٿادار جاءِ ماڻڻ جو حقدار آهي .

سال 1988 ع ۾ الهاسنگر مان شري ڀاون سنگهہ جي . تلريجا جو ڪتاب ’ تازا گل ‘شايع ٿيو.هن ڪتاب۾ درسي نوع جا ڪل 60 مضمون شامل آهن.آخرين مضمون’سنڌ جي ياد ‘ سنڌيت جي هلچل جي اثر هيٺ لکيل ٿو ڏسجي . هوءَ ٻين مضمونن جا سرا تہ هن ريت آهن _ ’ انڌ وشواس ‘ ، ’وگيان ۽ ڪرامت ‘ ، ’شڪر ۽ شڪايت ‘ وغيرهہ .

سال 1990 ع ۾ متفرقہ مضمونن جا چار ڪتاب ظاهر ٿيا . ’نو پرابلم ‘ ، دهليءَ جي رهواسي هرگوبند رامچنداڻيءَ ڇپايو ، جنهن ۾ مزيدار وارداتن جو ورڻن ڪيل آهي . پر حقيقت ۾ هيءُ شخصي — بياني مضمونن جو ڪتاب آهي ، جنهن ۾ ’ اڄو رهي ڪاري سان ‘ ، ’ هڪ ڪوڙ پنيان سؤ ڪوڙ ‘ ، ’ جيترو قاعدو اوترو فائدو ‘ ، ’خوشامد ‘ ۽ ’ بحث ‘ وشين تي قلم هلايو ويو آهي .هن ڪتاب جي ٻولي رواجي آهي . ممڪن آهي تہ اٽڪل ورهاڱي جي چاليهن سالن ڪان وڌيڪ عرصي ۾ جنهن ليکڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ نہ لکيو آهي ، ان جو ٻوليءَ تي ظابطو گهرگهلو ٿي ويو هجي ، اهو سڀاويڪ آهي .

ٻيون ڪتاب آهي شري هيرو ٺڪر جو ، ’ بهترين سنڌي مضمون ‘ . هيرو ٺڪر هن ڪتاب جو ليکڪ نہ پر مضمونن جي چونڊ ڪندڙ آهي . اهو ڪتاب گجرات سنڌي اڪاڊميءَ پاران ڇپايل آهي . هتي پڻ سياڻپ ڪري هيري ٺڪر ڪنهن بہ قسم جو جوکم نہ کنيو آهي ۽ گهڻو ڪري مضمون ورهاڱي کان اڳ وارن مضمون نويسن جا ڏنا اٿائين ، جن ۾ لعلچند امرڏنومل ، لالسنگهہ اجواڻي ، جٿرامداس دولترام ، هرومل سدارنگاڻي ، تيرٿ بسنت شامل آهن ۽ ورهاڱي بعد جا پڻ ناليرا ليکڪ شامل آهن ، جيئن پوپٽي هيراننداڻي ، مرليڌر جيٽلي ، هيرو شيوڪاڻي ، ليلارام رچنداڻي ، پرم ابيچنداڻي ۽ هيو ٺڪر پاڻ . وشيہ سڀ درسي نوع جا آهن . هنن ۾ شخصي ۽ بياني مضمون ، جيڪي ٿي شروعاتي مضمونن جي جان ۽ سجاڳپ ٿيندا آهن ، انهن بدران گنڀير موضوعن تي مضمون ڏنا ويا آهن .

’ چوليون ‘ نالي مضمونن جو مجموعو شري ڏيپچند بيلاڻيءَ آتم درشن پرڪاشن منڊل اجمير پاران ڇپايو آهي . اهو پڻ اسڪولي / ڪاليجي شاگردن لاءِ درسي ڪتابن جي مضمونن جو ڪتاب آهي . هن ڪتاب ۾ ڪل ايڪيتاليهہ مضمون آهن . هن جا ڪجهہ موضوع هن ريت آهن ، ’ سڌارو ڪيئن ٿئي ؟ ‘ ، ’ مقصد جي حاصلات ‘ ، ’ اتياچاري ڏنوان کان غريب بهتر ‘ ، ’ ڏن بہ هڪ مفلسي ‘ . ظاهرا اهڙا سڀ مضمون ناصحاڻا ٿيندا آهن .

ساڳئي سال الهاسنگر مان پروفيسر رام شرما جو مرتب ٿيل مضمونن جو ڪتاب ’ رنگبرنگي گل ‘ شايع ٿيو . هن ڪتاب ۾ پڻ ورهاڱي کان اڳ وارن ليکڪن جا مضمون ڏنل آهن ، جي اڳواڻ ٿي ڪيترن مجموعن ۾ دهرايل آهن . ورهاڱي بعد جا ليکڪ پڻ ماستر/ پروفيسر ٿي آهن ، جهڙوڪ : چندرا آڏواڻي ، پوپٽي هيراننداڻي ، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ، هيرو شيوڪاڻي ، ڊاڪٽر ديال آشا ۽ رام شرما پاڻ .

سال 1991 ع ۾ گجرات سنڌي اڪاڊميءَ جي مالي مدد سان منوهر نهالاڻيءَ جو ’پکڙيل گل ‘ نالي سان ڪتاب شايع ٿيو . هن ۾ جيڪي وشيہ ڏنل آهن ، اهي هن ريت آهن . ڪي مثال ، ’ وگيان رحمت آهي يا زحمت ‘ ، ’ ديش پريم ‘ ، ’ ڀارت ۾ بي روزگاريءَ جو مسئلو ‘ ، ’ ڏيتي ليتي ‘ ۽ ٻيا ڪي اهڙا مضمون . ڪل 21 مضمون آهن ، جي اٽڪل 80 صفحن تي ڦهليل آهن .

سال 1992 ع ۾ شري موتيرام سترامداس راماڻيءَ چونڊ مضمونن جو مجموعو ’ تارا – نکٽ – ڪتيون ‘ ڇپائي ظاهر ڪيو . شري موتيرام راماڻي هونءَ تہ چالو تاريخ بابت

دستاويزي مواد ميسر هٿ ڪري نالو ڪڍيو ، پر اهو مضمونن جو ڪتاب سندس روايتي ۽ اخبارنويسيءَ جي ڏانو جي عڪاسي ٿو ڪري . هن ۾ ويهين صديءَ جي ڪانگريس هلچل ۾ سنڌ جي ڀاڱي ڀائيواريءَ جي ڇاڻ ڪافي آهي ، تنهن کان سواءِ شاهه لطيف ڀٽائيءَ تي ٻه مضمون آهن . ٻيا مضمون آهن : گانڌيجيءَ جي شهيدي ، نيلسن منڊيلا ، ڄمون ۽ ڪشمير جي ڪهاڻي 1965 ع واري پاڪستان سان جنگ وغيره ، جيڪي اخبار نويسيءَ جا مثال آهن .

نامديو لاڌلا جو مضمونن جو ڪتاب 'ساگر جون سپون ' نالي سان 1992 ع ۾ ڇپيو هن ڪتاب ۾ گنڀير فلاسافيءَ جي طرز جا ڪل ڇهه مضمون آهن . ' حقيقت وادي شاعري ' ، ' انسان گنهگار يا نردوش ' ، ' جاڳرتا جو دور ۽ ڊاڪٽر مارلئنڊ ڊاڪٽر فائش ' ، ' گئٽي جو فاسٽ ' ، راجا ائڊپس ' ۽ ' هينري روسو ' هن جو فلاسافيءَ جي سطح تي آدرشوادي نظريو آهي ، ' انسان گنهگار يا نردوش ' مان هڪ مثال هن ريت آهي : " پرڪرتيءَ جي پرڪيل ٻج مان انيڪ پرڪارن جي جيون جنم ورتو . هن خودڪار نظام هيٺ ٿيندڙ جيو رچنا ۾ ضرور ڪنهن مهان شڪتيءَ جو هٿ هوندو . "

ان سال ئي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جي مالي مدد سان شري موتيرام رامچنداڻيءَ جو مزاقي مضمونن جو ڪتاب ' مهڪندڙ موتي ' ظاهر ٿيو . اهي شخصي / بياني طرز جا مضمون آهن . پر انهن ۾ ٻوليءَ جي لحاظ سان ذائقو خير ڪو آهي . هن جا ڪجهه وشيه هن ريت آهن : ' ڪئنسر کان ٻه بري بيماري ويسر جي ' ، ' ائين سڀ مرد زالون آهيون ' وغيره .

سال 1993 ع ۾ پوني مان پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ جو مضمونن جو ڪتاب ' امنگن جا آبشار ' بيسٽ سنڌي سيا پاران ظاهر ڪيو ويو . پروفيسر ايشوري جوتواڻي پڙهائيءَ جي پيشي سان وابسته رهي آهي . سندس مضمون ڪڏهن هندواسيءَ ۾ ۽ ڪڏهن درسي ڪتابن ۾ جاءِ ماڻي چڪا آهن . هاڻي هن انهن مضمونن کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپايو آهي . هن ڪتاب ۾ آيل ڪافي مضمون سئر سفر جي حصي ۾ اچي ٿا وڃن ، مثلن : 'ياترا ڪنيا ڪماريءَ جي ' ، ' نائگرا جا آبشار ' ، ' ڪشمير بي نظير ' ، ' جڳننات پوريءَ جي ياترا ' ، ' هماچل پرديش جي ياترا ' ، ' لنڊن جا ڪي آزمودا ' ۽ سنڌيت جي هلچل کان متاثر ٿي هڪ ليک لکيل آهي ، ' ڪيئن وساريان ويڙهيچن ' . هن ڪتاب ۾ ڪل 21 مضمون آهن .

سال 1994 ع جو ڪتاب پڻ پوني مان آهي ، ريتا شهاڻيءَ جو ’ ٻپهريءَ جا ٻہ پل ‘ .
هن ڪتاب ۾ ڪل 19 مضمون آهن ، جن ۾ پنج سئر سفر جا آهن . مثلن : ’ آڪسفورڊ ۾
شادي ‘ ، ’ لنڊن ۾ ميوزيڪل شوز ‘ ، ’ فارٽي سيڪنڊ اسٽريٽ ‘ . ’ لنڊن ۾ ميوزيڪل شوز —
سنگيت ان د رين ‘ ، ’ پئرس جون انڊر گرائونڊ ٽرينون ‘ ، ( ٽيوبس يا ميٽرو ) ڪي يادگيريون
پڻ آهن . ’ بلو سي راڻي — گيت رامائڻ ۽ مان ‘ . ريتا گهڻو ڪجهہ لکيو آهي . سندس قلم جي
رواني ظاهر آهي .

سال 1994 ع ۾ ئي تعليم سان وابستہ ڊاڪٽر نرملا آسناڻيءَ گجرات سنڌي
اڪاڊميءَ جي مالي مدد سان ’ ڪجهہ فرصت ۾ ‘ نالي مضمونن جو ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيو
. هن ڪتاب ۾ ڪل تيرهن مضمون آهن . ’ بيمار پوڻ جا ڪتا مٺا آزمودا ‘ ، ’ ڊسڪائونٽ جي
چڪر ۾ ‘ شخصي بياني مضمون آهن . ’ سنڌيت جو سڏ ‘ سنڌي هلچل جي زير اثر هيٺ لکيل
آهي . اڪثر مضمون شخصي بياني طرز ۾ لکيل آهن .

سال 1995 ع ۾ لوناوالا جي رهواسڻ شريمتي هيملتا بجاج ’ ناريءَ جو
سنگهرش ‘ ڪتاب شايع ڪيو . جيئن ڪتاب جي سري مان ظاهر آهي ، هيءُ ڪتاب زالن
بابت آهي . هن ۾ ڪل ٻارهن مضمون آهن ۽ ڪي سرا هن ريت آهن : ’ عورت اٻلا نہ آهي ‘ ، ’
ناريءَ کي اڃا سجاڳ ٿيڻو آهي ‘ ، ’ زال مڙس جو رشتو ‘ ۽ ’ زال گهر جي مالڪڻ آهي يا
نوڪرياڻي ‘ .

سال 1995 ع ۾ ئي پوني جي يشوڌرا واڌواڻيءَ ڀاران ، سي . ايچ . ڊيءَ جي مالي
مدد سان ، ’ سڳنڌ انجلي ‘ نالي ڪتاب ڇپايو ويو . ان ۾ اٺ مضمون آهن ۽ ليکڪا جا
سنسڪرت ٻوليءَ جي حوالي مان 1972 ع کان ڪوجنا جي ڪم سان وابستہ رهي آهي ، ان
شروعات ۾ پاڻ بابت ۽ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ بابت اٽڪل ائن صفحن جو مهاڳ لکيو آهي
، جنهن مان سندس ادب بابت سجاڳيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ سندس مضمون سماجي
وابستگيءَ وارا آهن ۽ هن جو واسطو سماجي سکيا جي دائري ۾ اچي سگهي ٿو جو هنن سرن
مان ظاهر آهي : ’ اشانتي ۽ آتنڪ جي جڙ ‘ ، ’ ڇا اوهين پنهنجن ٻارن مان خوش آهيو ؟ ‘ ، ’ اسان
جا عزيز بزرگ ‘ وغيرهہ ۽ سنڌيت جي هلچل سان لاڳو مضمون آهي ’ سنڌ کان ٻاهر سنڌي
جاتيءَ توڙي ٻوليءَ جا مسئلا ‘ . هن ڪتاب ذريعي هڪ سڄاڻ ليکڪا لياڪا پائيندي نظر

اچي ٿي . هن بعد ئي ڪتاب گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي مالي مدد سان ڇپايا ويا آهن .

احمدآباد جي شري موتيرام رامچنداڻيءَ جو 1996 ع ۾ ’چمڪندڙ موتي‘ ظاهر ٿيو . هن ڪتاب ۾ ڪل 9 مضمون آهن ، جي بياني طرز جا شخصي مضمون آهن : ’جان بچي تو لاکون پائي ‘ ، ’ٻيو اٺ لهي ہ ڪنواٽ ‘ ، ’چرئي چيلي جا ڪم ‘ ، ’ڏاڏي ڏاندو مل جا نقلي ڏند ‘ ۽ ٻيا پڻ اهڙي طرز تي لکيل مضمون شامل آهن .

ہ ڪتاب شري جينت ريلواڻيءَ جا آهن ، 1995 ع ۾ ڇپيل ’گل گرنار جا ‘ ۽ 1996 ع ۾ ڇپيل ’ڪوڙا پربل مالها ‘ . ’گل گرنار جا ‘ ۾ ڪل ست مضمون آهن ، جن مان پنج ساهت بابت آهن ، جيئن تہ : ’سنڌي گجراتي ساهت جي ڏي وٺ ‘ ، ’ ڪڇ جو درويش ڪوي ميڪرڻ ‘ ، ’سوامي پراڻناٿ ‘ ’ گجرات کي نئون موڙ ڏيندڙ ڪوي نرسي‘ ، ’ نرگڻ ڀڳتي ڪوتا سنڌيءَ جي حوالي ۾ ‘ ، ٻيا ہ مضمون آهن : ’ٻوندو ‘ ۽ ’سنڌ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا تاريخي ناتا‘ ’ٻوندو ‘ کي ڇڏي ٻيا سڀ مضمون ڪوجنا جا آهن . ’سنڌ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا تاريخي ناتا ‘ بعد ۾ سندس طويل ڪتاب طور پڻ شايع ٿيو آهي .

سال 1996 ع ۾ شايع ٿيل سندس ٻئين ڪتاب ۾ ہ گهٽو ٽٽو ڪوجنا ۽ ادبي وابستگيءَ وارا مضمون آهن . جن جا وشيہ آهن : ’سنڌي ڪتا ساهت ۾ راشٽر ايڪتا ‘ ، ’انواد بنام راشٽر ايڪتا ‘ ، ’لوڪ ڪلا جا روپ ‘ ، ’اسان جو لوڪ ورثو ’سنڌيت جي هلچل جي اثر هيٺ هن ڪتاب ۾ سندس ہ مضمون آهن ، ’لڏي جن لڏايو مون کي وطن ‘ ۽ ’بندياڻي بندياڻي ٻنيور ۾ آهيان اهيا ڏار ‘ . جينت سالن کان لکندو اچي ، تنهن ڪري سندس ٻولي پختي آهي . ظاهرا سندس مضمون عام پاٺڪ لاءِ ايتري دلچسپي رکندا ، ان ۾ شڪ آهي .

سال 1996 ع ۾ ئي مرڪ پبليڪيشن پاران گوبند مالهيءَ جي مضمونن جو ڪتاب ’رهبر منهنجي راهہ جا ‘ شايع ٿيو . هن ڪتاب ۾ جهونين ادبي جيو نين کي نئين سر ڇپائي پيش ڪيو آهي ، اهي رهبر آهن : ’ شاهہ لطيف _ سنڌي تهذيب جو روح ‘ ، ’سچل سرمست – هن جي عظمت ۽ اهميت ‘ ، ’سنڌين جو پنهنجو ڀڳوان – جهوليلعل ‘ ، ’ستگر نانڪ شاهہ ‘ ، ’ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سٽائيندڙ – سامي ‘ . هن ڪتاب جو پهريون طويل مضمون سنڌي سنسڪرتي آهي جو ڪافي دلچسپ آهي . پر هن ۾ گهٽا مضمون جيون ريکائن جي دائري ۾ اچن ٿا پر اهي ادبي مضمونن جي نوعيت جا آهن .

ان ساڳئي سال گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ جي مالي مدد سان ديپا ٽيڪواڻيءَ ’ آواز ‘ نالي ( ٻوڏڪ مضمون ) ڇپائي ظاهر ڪيا آهن. اهي پڻ درسي ۽ اسڪولي نوع جا آهن ، جن ۾ ’ جهڙو سنگ تهڙو رنگ ‘ ، ’ دل جي صفائي ‘ ، ’ پيروي ڪرڻ ‘ ۽ ٻيا ڪيترا ناصحانا مضمون آهن جي سماجي نوعيت جا ٿي سگهن ٿا ۽ ٻوليءَ تي پڻ ايترو دسترس نہ هئڻ ڪري تز اظهار جو مثال نٿا بڻجي سگهن . هن ڪتاب ۾ ڪل چوڏهن مضمون آهن ۽ اٽڪل 140 صفحن اندر ڦهليل آهن .

ان سال ئي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي مدد سان شري موتيرام رامچنداڻيءَ جو ’ انمول موتي ‘ نالي سان مضمونن جو ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيو ان ۾ ڌهري مذاق ۽ طنز جا مضمون پڻ آهن ، جيئن ’ هڪ ماروتيءَ جو سوال ‘ ، ’ ماستر موٽومل جو چمتڪار ‘ ، ’ چتارام جي ڇت ۾ سوراخ ‘ ، ’ پوڄوءَ جي پائيواري ‘ وغيرهہ . ان ئي سال ديا جشناڻيءَ جو ڪتاب ظاهر ٿيو ، جنهن لاءِ شري موتيلعل لچيرام ٻتاڻيءَ مهاڳ ۾ لکيو آهي ، ” هندو ڌرم جي جڙ تہ ستي چکي اٿس ۽ رچنائن رستي چکائي ۽ چٽائي اٿس . “

سال 1997 ع ۾ سنڌي ساهت اڪادمي گجرات جي مالي مدد سان ٽي مضمونن جا ڪتاب ڇپيا . شري تيج قابل جو ’ متفرقا مضمون ‘ ، شري امل آهوجا رحميءَ جو ’ تخليق : طنزي ۽ مذاحيہ ٻهروپي چهرا ‘ ۽ انيتا ڪيولراماڻيءَ جو ’ ٻوٽي ٻوٽي گل ٽڙيا ‘ . شري تيج قابل گانڌيڌام ۾ سنڌي تعليم سان عرصي کان لاڳو آهي ، جنهن ۾ شاگردن جي ڏانو جا گوناگون وشين تي مضمون آهن ۽ هن ڪتاب ۾ ڪي مضمون اخبارنويسيءَ جي سطح جا معلوماتي پڻ آهن جيئن ’ آزاديءَ جا پنجاهہ ورهيہ ۽ سنڌي تعليم جو وڪاس ‘ ، ’ ڪڇ جا رهواسي جت ‘ ، ’ ڪٽا مٺا آزمودا ياترا جا ‘ ، ’ پڳوان بچائي نيم حڪيمن کان ‘ وغيرهہ . امل آهوجا رحميءَ جي ڪتاب ۾ ’ سنڌيت ۽ نئين ٽهي ‘ ، ’ زالن کان ڪو پڳو ‘ ، ’ نيتا جا گڻ ‘ وغيرهہ مضمون آهن . لڳي ٿو تہ هن ٽهيءَ وٽان سنڌي ٻولي جا اسين سنڌ مان ڪٽي آيا هئاسين ، اها ڪسڪڻ لڳي آهي ۽ ان تي ٻين ٻولين جا نمايان اثر ظاهر ٿيڻ لڳا آهن ، پر جن مرڪزن ۽ بستين ۾ سنڌي ماڌيم معرفت تعليم جاري رهي آهي ، اتي گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ٻولي تہ قائم آهي ، پوءِ پڻ ڪجهہ قدر پنهنجو روپ بدلايو هجيس . انيتا ڪيولراماڻيءَ هن ڪتاب کان اڳ ٻارهن ڪتاب اڳ ئي ڇپائي چڪي آهي ۽ هن ڪتاب ۾ ڏنل تفصيلن مان ظاهر آهي تہ هوءَ 1979 ع کان اڳواٽ لکندي رهي آهي ۽ کيس ڪيترا انعام پڻ ملي چڪا آهن . سندس

مذڪور ڪتاب ۾ ڪل سورهن مضمون آهن ، جي شخصي ۽ بياني نوع جا آهن . هن جا ڪجهه وشيه هن ريت آهن : ’لباڙ هڻڻ جو فن ‘ ، ’انڪار ڪرڻ جي طاقت ‘ ، ’سفارش جو قل ‘ ، ’ فئشن هڪ ڦاهو‘ وغيره .

سال 1999ع ۾ پڻ گجرات سنڌي ساهت اڪاڊميءَ جي مالي مدد سان شري موتيرام رامچنداڻيءَ جو ڪتاب ’ اپ لپ موتي ‘ ڇپيو. هن جي رچنائن کي ’مذاحيه ۽ طنزي ‘ رچنائون ڪوٺيو ويو آهي . هن ڪتاب ۾ ڏنل وشيه ڪجهه هن ريت آهن : ’ جهڙي نيت تهڙي مراد ‘ ، ’مار ڪان وڌيڪ موتمار آهي گهل ‘ ، ’ آخر مري ويئي ويچاري مولي ماءُ ‘ .

سال 2000ع ۾ بزرگ ماستر روپڪمار گهايل جو پوپال مان ’چنتن‘ نالي ڪتاب ظاهر ٿيو . هن ۾ تيرهن مضمون ’ چنتن ‘ سري هيٺ پهريون ڀاڱو ڪري ڏنا ويا آهن ، جن ۾ انساني سڀاءَ نفرت ، محبت ، اتساهه ، پئه وغيره بابت ذڪر ڪيل آهي ۽ ٻئين ڀاڱي ۾ ٻه مضمون ، ’ وزنائتي ۽ وزن واري سنڌي شاعري ‘ ۽ ’ سنڌي لوڪ ڪلائون ‘ ڏنل آهن . پهرئين ڀاڱي ۾ ليکڪ انساني من جي ورتين جي ڳالهه پنهنجي ڄاڻ ۽ سمجهه موجب ڪئي آهي ۽ آخرين ٻه مضمون پڻ اٽڪل ڇٽن صفحن جي اندر سميٽجي وڃڻ ڪري ڪا گهري ڇاپ نٿا ڇڏين .

ان ئي سال بيسٽ سنڌي سپا پاران موهن گيهاڻيءَ جي مضمونن جو ڪتاب ’ جا چتايم چت ۾ ‘ ظاهر ٿيو . هن ۾ لڳ ڀڳ سڀ مضمون ادبي نوعيت جا آهن . هن ڪتاب جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ جو مان حقدار نه آهيان .

سال2001ع ۾ ڀڳوان سي . ٽڏاڻيءَ جو ’پشپ جا موتي ‘ ظاهر ٿيو. ڀڳوان سي . ٽڏاڻي هندواسي ۽ ٻين مخزنن ۾ پنهنجا ليک ڇپائيندو رهيو ، جي عام فهم هئڻ ڪري لوڪ پريه ثابت ٿيا . هن جا جدا جدا اٽڪل چاليهه ڪتاب ظاهر ٿي چڪا آهن . مذڪور ڪتاب ۾ سورهن مضمون آهن ، اهي گهڻي قدر ناصحانا آهن ، مثلن : ’ سيني کي پنهنجو بڻايو ‘ ، ’ پئسو پنهنجو هجي ‘ ، ’ پنهنجي زبان مٺي رکو ‘ ، ’ شيوا ڪريون ‘ وغيره .

شري لکمي ڪلاڻي سنڌي ادب ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ هڪ اهم نالو آهي . ’ رچنا ‘ ادبي رسالي ايڊيٽوريل سالن کان لکندو رهيو آهي . سندس ايڊيٽوريلس جا ڪل چار ڪتاب ڇپيل آهن . پر اهي منهنجي هن دائري کان ٻاهر آهن ، تنهن ڪري انهن کي نٿو ڇهان . هن سلسلي ۾ سندس ’ رچنا ياترا ‘ 2001 هڪ نموني جدا ٿي بيٺا آهن ، چاڪاڻ جو اهي

سمپادڪي ليک هوندي پڻ پنهنجي ليکي جدا مضمونن جي شڪل وٺي بيٺا آهن ، تنهن ڪري ان ڪتاب کي مان هن ليک ۾ شامل ڪرڻ واجب ٿو سمجهان . هن ڪتاب ۾ 61 مضمن ڏنل آهن ، جن مان ڪن جا سرا هن ريت آهن : ' شاعريءَ جو مفهوم ' ، ' ڪلپنا شڪتيءَ وارو ساهت' ، 'سنڌي ادب ۾ ليکڪائن جي حصيداري' ، ' پرمپرا ۽ جوت،' ' ٻاهريون اندريون وجود ' ، ' تهذيبي سڃاڻپ جو سنڪٽ ' ، ' ڪلا ڇا آهي ؟ ' وغيره . اهڙا ڪئين مضمون آهن جي خود مختيار نموني مضمون هئڻ جي ڪسوٽيءَ تي لهن ٿا . هيءُ ڪتاب پڻ نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج – بڙودا جي مالي مدد سان ڇپايو ويو آهي . هيءُ ڪتاب سال 2002 ع ۾ ڇپايو ويو آهي .

سال 2003 ع ۾ آتمارام گوپالاڻيءَ جو ڪتاب ' ويچارن جو جهڳٽو ' نالي سان ظاهر ٿيو . هن ڪتاب ۾ اخباري نوع جا ٽيهہ مضمون شامل آهن ، جن ۾ ڪي آهن : ' ديش کي بچايو ' ، ' پارٽ جي سياست تي غالب شخصيت ' ، ' مريادا پرشوتم رام _ اتهاس جو امر پاتر ' ، 'سوامي وويڪانند ' وغيره .هن ڪتاب ۾ ڪل 30 مضمون آهن .

سال 2004 ع ۾ شري پڳوان اٽلاڻيءَ جو راجستان سنڌي اڪادميءَ جي مالي مدد سان مضمونن جو ڪتاب ڇپايو ويو ، ' سنڌيت وڏي يا ملڪ ؟ ' ( سنڌي ڀاشا ، ساهت ، سماج جي سوچ ۽ سنڌيت تي مضمون ) . سري مان ئي لڳي ٿو تہ ليکڪ ملڪ سان محبت ۽ وفاداريءَ کي 'سنڌيت ' سان ٽڪراءَ جي حالت ۾ آڻي ٿو بيهاري. ائين تہ ملڪ جي سياسي ۽ تهذيبي مفهوم کي ڪٿي ڪيترا بحث اڳا جاري آهن ، پر هندستان جي موجودہ جوڙجڪ موجب سنڌيت ۽ ملڪ جي وچ ۾ ڪنهن بہ ٽڪراءَ جي گنجائش نٿي رهي . بهرحال اهو تہ هتي بحث جو موضوع نہ آهي . هن ڪتاب ۾ ليکڪ اٽڪل 88 صفحن ۾ 37 مضمون ڏنا آهن . ظاهرا هرهڪ مضمون جي پکيڙ محدود آهي . ظاهر آهي تہ اخبار ۾ ڇپجندڙ مضمونن جي اهڙي مجبوري ٿيندي آهي ۽ اهي مضمون اخباري نوع ۾ لکيل آهن ۽ اهي اڄوڪن سماجڪ ، ساهتڪ سوالن سان جڙيل آهن .

سال 2004 ع ۾ئي شري گيان هيمناڻيءَ ، اتر پرديش سنڌي اڪادمي ، لکنئو جي مالي مدد سان ' سنڌيت جو سڌ ' نالي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو .جيئن سري مان ظاهر آهي ، هن ڪتاب ۾ سنڌيت جي هلچل جو غلبو ظاهر آهي . اهي مضمون ڪافي سوچ ويچار جو نتيجو ٿا لڳن . هن ڪتاب جي ڪن مضمونن جا سرا هن ريت آهن : ' سنڌيت جي بچاءَ لاءِ

ڇا ڪجي ؟ '، 'سجاڳ سنڌي '، 'سنڌيت جو سڏ '، 'سنڌي سنگهٺن ' وغيره . هن ڪتاب ۾ چوويھہ مضمون آهن .

سال 2004 ع ۾ ئي شري جينت ريلواڻيءَ جو نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج بڙودا جي مالي مدد سان " ڪنياس پنيور ۾ " نالي مضمونن جو ڪتاب ظاهر ٿيو . هن ڪتاب ۾ متفرقہ موضوعن تي مضمون آهن ، ادبي جيوني ريکا ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ، ادبي مضمون ، شاهہ لطيف ڪڇ جي حوالي ۾ ، سنڌي ڪوين جو هندي يوگدان ، سنڌي جديد ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي جيون ، تنقيد جا مضمون ، رنگ رتي پرڀاتي شاعر – دلگير ، ڪوٺ – ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي ، نند ڦتائو ڪوي – گورڌن شرما ، ڊاڪٽر چينو لعلواڻي ـ فن ۽ ڪاريہ ، پوڳيل پيڙا جي اپج – اندرا شبنم . ريٽا شهاڻي . تنقيدي صنف جو جائزو . ڪڇ جو پهريون سنڌي آنچلڪ ناول . هميشهہ جيان اهي سڀ مضمون جينت ريلواڻيءَ جي کوجناتمڪ شڪتيءَ کي ظاهر ڪن ٿا.

سال 2006 ع ۾ دهليءَ جي ڇاتل سڃاتل ليکڪا وينا شرنگيءَ جي مضمونن جو ڪتاب 'سارنگ سار لهيج ' دهلي سنڌي اڪاڊميءَ جي مالي مدد سان شايع ٿيو. هن ڳٽڪي ۾ ڪيترا ئي اخبار نويسيءَ جي نوع وارا مضمون آهن ، جن ۾ ' آزاديءَ بعد پوشاڪ ، پهراءَ ۽ ٻول چال ، جوڳي ، سنڌي ۽ سيڪيولر ڀارت ۽ ڪي سياسي نوع جا مضمون ' سنڌڙيءَ جو سائين ' ۽ ڪي وقتائتا مضمون ، 'ڀارت جي قومي ٻولين جي ساهت ۾ سنڌي ساهت جو درجو – ڪهاڻي ' جو حقيقت ۾ هڪ مقالو پيو لڳي . وينا شرنگي آل انڊيا ريڊيو جي نيوز سيڪشن سان وابستہ رهي آهي، ان ڪري سندس ٻوليءَ ۾ رواني آهي ۽ سندس مضمون عام فهم آهن.

سال 2006 ع ۾ سنڌيءَ جي برک اديب ۽ مفڪر ڊاڪٽر ستيش روهڙا جو 'سچ اسچ ' ( شخصي مضمون ) شايع ٿيو. اهي مضمون ورهاڱي کان اڳ لکيل مضمونن جي سِڪ لاهين ٿا . هنن مضمونن ۾ دلچسپ نموني وندر ورونهن جا مضمون ڏنل آهن . مثلن : ' تون منهنجي پٽي ڪنهہ، مان تنهنجي ڪنهان ' ، ' سٺي نند ڪرڻ جو سولو اپاءُ – پاڙي وارن جي گلا ڪريو ' ، ' هڪ چور ڏانهن لکيل خط ' ، 'زهر پيتو مون – امرت ۽ اپسرائون ڪٽي ويا پيا ' ، ' اديب بڻجڻ جو لاثاني نسخو – چوري ' . هنن کي برابر ادبي مضمونن جي صنف جو مثال چئي سگهجي ٿو.

سال 2007ع ۾ شري هولارام هنس جي مضمونن جو ڪتاب آيو. ’ٽرين ليٽ ته ٽفن ليٽ‘. هو هندواسيءَ ۾ لڳاتار لکندو پئي رهيو ۽ عام سنڌي پاٺڪن ۾ پنهنجن آدرشوادي ۽ اتساهي مضمونن ڪري ڪافي مقبوليت ماڻي اٿائين. اهي مضمون پڻ سندس اهو رخ ظاهر ڪن ٿا. 126 صفحن ۾ 55 مضمون ڏنل آهن.

شروع ۾ ئي اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته سنڌي نثر، خاص ڪري سنڌي مضمون جو رشتو سڌي نموني سنڌي تعليم سان رهيو آهي. اڄ ڀارت ۾ سنڌي تعليم ڏري گهٽ بند ٿي ويئي آهي ۽ سنڌي شخصي بياني مضمون پڻ پوئِتو پئجي ويو آهي. البت اڪاڊمين جي امداد ۽ ٻڌي خريديءَ جي اسڪيمن جي موجودگيءَ ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا، جهونا ليکڪ يا رٽائر ڪرڻ بعد پنهنجو آزمودو ونڊڻ وارا ماستر ڪي شخصي/ بياني مضمون لکن ته ممڪن آهي.هونءَ هن صنف جو آئيندو روشن آهي، اهو ڪير چئي سگهندو! ها سيمينار ٿين پيا، مقالا لکيا پيا وڃن ۽ هنن جي ڇپجڻ جو پڻ امڪان آهي، پر پڙهندڙ ته غائب آهي. ليڪڪن ۾ پڻ نئون رت ڪٿي آهي؟ گهڻا نثرنويس ستر جو ڏاڪو پار ڪري چڪا آهن. سو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي واڳ نئين پيڙهيءَ کي ڏيڻ لاءِ هٿ ۽ اکيون آسائتيون آهن.

نوٽ : هيءُ ساهت اڪاڊميءَ پاران ڇپجندڙ ڪتاب جي باب ’ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي مضمون‘ جي سري سان تيار ڪيو ويو. بشڪريہ ساهت اڪاڊمي.

# شيخ اياز سنڌ جو ’عظيم‘ شاعر

اها حقيقت آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ جتي اڪثر ذات ۽ ڏانو جي لحاظ کان للي پٽ (Liliput) جا جيتامڙا اڳرا رهندا آهن – اتي صدين بعد هڪ گليور (Guliver) – ڊگهو قد آدم جي روپ ۾ ظاهر ٿيو . هن جي ذات ۽ ڏانءُ سنڌ لاءِ هڪ لاثاني ورثو آهي . ان لاءِ بہ رايا مشڪل ٿيندا تہ ’ انسان خطا جو گهر آهي . ‘ ۽ ’ انسان ۾ خوبيون ۽ خاميون گڻ ۽ اوگڻ سڀ ٿين ‘ . سي اياز ۾ پڻ هئا جي لازم پڻ آهن .

اياز پاڻ والٽر وٽ مئن جو حوالو ڏيندي چيو آهي ، ’عظيم شاعر جي هڪ سڃاڻپ اها آهي تہ جيئن هن پنهنجي قوم سان پيار ڪيو ، تيئن سندس قوم بہ سندس والها نہ محبت ڪئي‘

غلام ربانيءَ اياز جي مهراڻ نمبر ۾ ان ڏينهن جو ذڪر ڪري رهيو آهي ، ” ... سندس دفن واري ڏينهن حيرت انگيز منظر نظر آيا . مون زالن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا . ڪي ڏاڍي ڏک ۾ ، اياز جي مٽيءَ پنوڙي تي گلن جون پنکڙيون رکي رهيون هيون . هڪڙو قوهہ جوانيءَ وارو نوجوان اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيو هو ۽ جويي صاحب کي چئي رهيو هو تہ ، ’ سائين ، ماڻهن کي ٻڌايو تہ شيخ اياز مري ويو آهي‘ سنڌ جي نوجوان نسل جو اياز جي وفات تي اهو رد عمل هو. رڳو نوجوان نسل نہ پر اياز جا جنم جنم جا ساٿي بہ ان صدمي سٽي وڌا هئا. ظفر ڪاظميءَ ۽ تنوير عباسيءَ سڄي رات ڀٽ شاهہ تي گذاري .تربت لاءِ موزون هنڌ جو انتخاب ڪيائون ۽ پوءِ ڪنهن پيشيور گورڪن کي اها سعادت ڏيڻ بدران ، تاج جويي پنهنجن هٿن سان ڪوڏر ڪٽي ، زمين هموار ڪئي ۽ اياز جي ابدي آرامگاهہ درست ڪئي “

” ۽ اڄ ڏهن سالن جي عرصي بعد اسان وري اياز تي ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون . اها حقيقت هڪ وشواس ۽ يقين کي جنم ٿي ڏئي تہ سؤ سالن بعد پڻ اياز تي ڳالهيون ٿينديون رهنديون ، اها پنهنجي ليکي اياز جي عظمت تہ ظاهر ٿي ڪري پر ان پروسي جي پڻ امين آهي تہ صدين تائين سنڌ جو آئيندو روشن آهي . قيامت جا ددعويدار پلي ڪيتريون ئي اونداهيءَ جون پيشنگويون ڪندا رهن . “

شيخ اياز جي راءِ ۾ ’هر عظيم شاعر اهو ديوانو آهي جيڪو جوش ۾ بي انتها پٽر اڇلائي ، عرش عظيم جا در دريون ۽ روشندان پڇي وهندو آهي . ها ، حقيقت ۾ اها پرک ئي ڪسوٽي ٿيندي . اهو ڏسڻو پوندو تہ هن انساني سمجهہ ۽ سوجهہ ، احساسن ، نظارن ۽ خيالن جا ڪي نوان افق ظاهر ڪيا آهن ؟ ڪي اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن ؟

شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪٿ ڪنهن بہ وٽ جيان مڪان ۽زمان جي حوالي ۾ ئي ٿي سگهي ٿي . ان ڪري اهو ضروري ٿيو پوي تہ هو ڪهڙي وقت ۾ رهيو ، ڪهڙن شخصن ۽ خيالن جي سوچ سندس شروعاتي زندگيءَ ۾ اوسر وقت اثر وڌا . اهو سمجهڻ ضروري ٿيندو ۽ پهرئين وقت جون حدبنديون سمجهڻ بعد ئي اهو طئہ ڪري سگهبو تہ هو ڪيتري قدر حدبندين کان مٿي اڀريو آهي . ڪيتريون ۽ ڪهڙيون ٻرانگهون ڀريون اٿائين .

شيخ اياز جڏهن هوش ۾ آيو تہ ٻين مهاياري جنگ جاري ٿي ۽ هندستان جي آزادگيءَ جي جدوجهد پڻ جاري هئي . روس جي انقلاب هن بر_سغير جي آزاديءَ جي هلچل تي گهرو اثر ڇڏيو هو. ادب ۾ ترقي پسند ڌارا ڇوهہ سان ڇٽي نڪتي هئي. ڪن ترقي پسندن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اثر هيٺ هن کي اسٽالن واري سفتي ۽ مشيني طرز تي پيروي ڪرڻ جو هٿيار ڪري ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ، پر شيخ اياز پاڻ کي ترقي پسند ڌارا جي سيني شفي ۽انسانيت پرست ملهن کي گرهڻ ڪندي هڪ مٿان ٿاڦيل ڪوڙڪي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ائين انسان پرستيءَ جا نڪتل املهہ قدر — انسان سان ڀائي چارو— محبت ڏاڍ ۽ ظلم خلاف مڙس ٿي بيهڻ جا گڻ اپنايا . ’ آزادي ‘ ( ورهاڱي بعد ) هن سنڌ جي عوام ، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي مٽيءَ سان بيحد محبت ڪئي ۽ هر ڏس ۾ هو سنڌ سان ۽ پنهنجن اصولن سان وفادار رهيو.

پاڻ چواڻي سندس مشهور گيت ،جنهن ڄڻ سنڌي نؤجوانن جي دل ۾ پڙاڏو پاتو ، اهو آزاديءَ جي هلچل کان متاثر ٿي ئي لکيو هئائين .

’انقلاب! انقلاب ، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

جيئن زمين آسمان

جي کلي پئي زبان

ڪنڊ ڪنڊ ، چؤنڪ چؤنڪ

شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ

جيئن ڏيئي اٿي جواب — انقلاب

انقلاب_ انقلاب — ڳاءِ انقلاب ڳاءِ‘.

اڳتي هلي لکي ٿو ، ” انسان جي انسان سان محبت ، انسان جي ڪنهن ازلي حقيقت جي جستجو ، جي اهي انسان مان ويا ته باقي هن ۾ ڇا رهيو آهي ؟ “

۽ بئي هنڌ لکي ٿو ،” جي اهي شاعر جي پنهنجي موضي ۽ مخصوص اظهار سبب سند ٿي ويا هجن . جن جي ٻولي هڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو رکندي هجي ، جن انسان جي فڪري سرمايي کي وڌايو هجي . جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولها ڪئي هجي . جن انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي . جن پنهنجي فڪر ، مشاهدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت ڏني هجي ، جن ۾ انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي هجي . جن سالپيا کي سونهن ڏني هجي ۽ سونهن کي سالپيا ڏني هجي . جي پنهنجي خاص انداز ۾ پنهنجي قوم لاءِ هوندي به سڀ لاءِ هجن ۽ هر ڪنهن سان ڳالهائيندا هجن ، جن جو شعر اهڙو هجي جو نواڻ لاءِ ڪوشش کان سواءِ به نئون هجي ، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي هڪ ٿي ويا هجن ، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ هجي جو هر دور ان کي پنهنجي لکت سمجهي ، جن جون تخليقي مفتون وقتي هوندي به دائمي ۽ آفاقي هجن ، انهن شاعرن جي شاعري عظيم ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي ، “

ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ بعد هندستان جي آئيندي بابت هرڪنهن سياسي حلقي کي الڳ تصور هو. ڪن جو وشواس ڀارت ماتا جي يڪوجودگيءَ ۾ هو ۽ ڪن جديد طرز جي سياسي سوچ رکندي ايڪتا ۾ انيڪتا ۾ وشوا س رکيو . انيڪتا جو محور ٻولي پئي ڳڻجي ويئي ۽ ورهاڱي جا ڪارا بادل جڏهن سياسي شفق تي ايريا ۽ گهرائيندا ويا ته ٻوليءَ جي اصول کي ڪٽي سنڌ کي هڪ جدا قوم جو نظريو محمد ابراهيم جويي صاحب پنهنجي ڪتابڙيءَ ’سنڌبچايو ۽ برِ سغير کي بچايو ‘(سيو سنڌ ائنڊ سيو د سب ڪانٽينينٽ ) ڇپايو. سنڌ ۾

محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز ايم . اين . راءِ کان متاثر ٿيل هئا . ايم .اين. راءِ هندستان جو باغي ڪميونسٽ اڳوان لينن جو ساٿي هو ، جنهن سوويت يونين نهڻ وقت وچ ايشيا جي ملڪن کي سوويت يونين جو حصو بڻائڻ ۾ ڪامياب رول ادا ڪيو هو . اڳتي هلي اسٽالن سان سهمت نه هئڻ ڪري هو ڪميونسٽ انٽرنيشنل ڇڏي آيو ۽ رنڊيڪل هيومنسٽ پارٽي برپا ڪيائين .زندگيءَ جي آخري سالن ۾ هن اها پارٽي پڻ برخواست ڪري ڇڏي ۽ اعلان ڪيائين ته پارٽيءَ جو انتظام پڻ انسان جي اجهل ۽ آزاد ذهن تي ڪي قدر پابندي لڳائي ٿو . ائين شيخ اياز سنڌي قوميت جو قائل ٿيو .شروعاتي دؤر ۾ اردوءَ طرف ڇڪجي وڃڻ باوجود هن سنڌي ٻوليءَ ۾ جا موٽ کاڌي ته پوئتي منهن ڪري نه ڏنائين . سنڌ سان سندس عقيدت جو ڇيڇ ويو گهرو ٿيندو .

اپريل 1947 ع ۾ ڇپرئين ڪهاڻين جي مجموعي ’سفيد وحشي ‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ، ” مان نه پاڪستاني آهيان نه اکنڊ هندستاني ، نه سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند ۽ نه انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل . نه ساهت جي جهوني يڪرنگ جي تصور جو قائل ، نه ڍونگي ترقي پسندن جي جنسي اگهاڙپ جو مشتاق . “

” منهنجو رايو الڳ آهي ، منهنجو سياسي ۽ سماجي تصور علحدو آهي .. منهنجي نظر ۾ سنڌي هڪ جدا قوم آهن ، سندن زندگي سپيتا ، روايتون ، ٻولي ، نالا ، مطلب ته سڀ ڪجهه هندستان جي ٻين پرڳڻن کان علحدو آهي . “

ان وقت جو ذڪر ڪندي ، دهلي نواسي شري رام پنجواڻي گهڻن سالن بعد يادگيريءَ جا ورق ورائيندي لکي ٿو ، ” اپريل 1947 ع ۾ هڪ ڏينهن موهن پنجابي ۽ اياز سڌو شڪارپور کان جيڪب آباد آيا . گرمي شروع ٿي ويئي هئي ۽ ڪي گهراڻا سنڌ ڇڏڻ جي تيارين ۾ هئا . سوال اٿيو ته اسين سنڌي پنهنجي سنڌ ڪيئن ڇڏينداسين . اديب جي حيثيت ۾ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون . هڪ ڪتاب ڇپايوسين ’اسان جي سنڌ ‘ . ڪهڙيون نه اسان جون معصوم دليون هيون . اسان ائين سوچيو ڄڻ ته ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ سنڌ مان لڏ پلاڻ بند ٿي ويندي . “

ٻين مهاڀاري جنگ بعد ٻن سپر پاورس ۾ ٿڌي جنگ اٽڪل اڌ صديءَ تائين جاري رهي . ان وقت ڪيترا انسان آزادگيءَ جي جنگ لڙي رهيا هئا . سامراجي طاقتون ويندي ويندي اندروني جنگ شروع ڪري ، نون آزاد ملڪن کي تباهه ڪرڻ تي آمادهه هيون ۽

آمريڪا ۽ سندس ساٿاري ملڪ ’نئين بينڪ شاهيءَ‘ جي ذهنيت ڪري ڪيترين جنگيون، مصر – وچ ايشيا ، ويٽنام ۽ ڪوريا ۾ شروع ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا . سائوٿ آفريڪا ۾ چمڙيءَ جي آڌار تي اڇن جو راڄ قائم ڪيو ، جنهن لاءِ سيا عام ڪي ڪيترين اذيتون سهڻيون پيون .ڪيترين قربانيون ڪرڻيون پيون . ٻئي طرف چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب آيو . ۽ آمريڪا جي چانئٺ تي ڪيوبا ۾ پڻ ڪميونسٽ انقلاب آيو.ائٽمي هٿيارن جو ذخيرو وڌندو ويو. انسان ذات جي نابوديءَ جو ڪڻ ويجهو پوندو ويو. هن حالت جو بيان شيخ اياز جي لفظن ۾ هن ريت آهي .

” منهنجي شاعري ديس ۽ دنيا جي وڏن آدرشن ۽ واقعن کان ناآشنا نہ رهي آهي . نندي ڪنڌ جو ورهاڱو. ون يونٽ پاڪستان ۾ ٽي دفعا مارشل لا ، نندي ڪنڌ ۾ ٽي جنگيون ، جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ۽ ويٽنام ي جنگ ، مائوءَ جي هاري پرولتاريءَ جو انقلاب ۽ ان کان پوءِ چين ۾ ثقافتي انقلاب ، بين مهاڀاري لڙائي ، روسي انقلاب کان پوءِ پولنڊ ، هنگري ۽ چيڪوسلاوڪيا ۾ روسي والار جي خلاف بغاوت ، ايٿوپيا ۾ ڏڪار .... مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي شاعريءَ ۾ قومي ۽ بين القوامي واقعات ڏانهن اشارا دنيا جي ڪنهن ٻئي شاعر کان گهٽا آهن . “

اياز جو هڪ شعر هيئن ٿو شروع ٿئي .

”سچ اها تارازي آهي/جنهن ۾ هرڪو ائين سمجهي ٿو/هن جو ئي پڙ ڀاري آهي . “

هن قول تي شيخ اياز جي شاعريءَ جو اڀياس ڪبو تہ بنا هٽڪ چئي سگهبو تہ هو امن پرست ، آزادي پرست ۽ مظلومن جي ساٿاريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

بين القوامي سطح تي سندس شاعريءَ ۾ مکيہ لاثاني شعر جي سندس قلم مان نڪتا آهن.

’ اڄ بہ هو فاشي ڪتا
مون کي قابو ڪن ٿا
ٻورو ٻڪ وجهي ڳاٽي ۾
هو ڪنهن انهيءَ سناٽي ۾
منهنجا گيت وجهن ٿا . ‘

## "جيل جي گيٽ تي جيلر ۽ قيديءَ جي وچ ۾ گفتگو"

'.... مان اڳ بہ اندر آيو هان
( مان آزاديءَ ۾ ڄائو ها ن
۽ آزاديءَ ۾ مرڻو هان . )
مان تو وٽ ور ور ورڻو هان ...

## "ويٽنام آزاديءَ جي راهہ تي"

' ڍيرن مٿان ڍير ، ڍيربل ٻارن انگڙا
ڪنول وانگر هٽڙا ، پوڄا جهڙا پير
الا ، هي انڌير ، جيجل تنهنجي جيءَ سان '

۽

' آجي ٿيڻ جي آرزو ، بندوقون ۽ بم !
ويريءَ جا آڪاس ۾ ، هڏن سوڌا چم
اهي آزادي ڪم ، ڏونگر ڏاري ٿي وڃهي . '

ائني فرنئڪ جي ڊائري دنيا جي ادب ۾ ، ٻين مهاڀاري جنگ وقت جو يارهن سالن جي معصوم ڇوڪري ، نازي جرمنيءَ جي ترنگ بابت لکي آهي . جا سندس موت بعد ڇپي ويئي . ائني فرنئڪ لاءِ لکي ٿو :

' ائني ! منهنجي ڀينڙي ، ڏورانهين اهلا !
اڄ جو منهنجي گهاو مان ، رت ڪيا ريلا ،
انهن ۾ تنهنجا ،سهسين سڏڪا ٿو سٽان .

' لمبا جو ديس ' نالي هڪ شعر ۾ هو ڪنهن اردو شاعر کي مخاطب آهي .
ڪانگو جي آزاديءَ وقت اتان جي هيرو لمبا جو بيلجيم جي سامراجشاهہ پاران قتل ڪرايو ويو ، جنهن دنيا جي سيني ترقي پرست عناصرن ۾ غصي جي لهر پيدا ڪئي ، ان وقت جن

پنهنجي ملڪ ۾ رجعت پسند طاقتن سان سمجهوتو ڪيو هو پر پنهنجو ترقي پسند چهرو قائم رکڻ لاءِ لمبا تي شعر لکي سستي مشهوري پئي سميٽي . انهن ڪي چوي ٿو :

’بلڪ پاءُ مري ٿو پڪ ۾ ، توکي ناھ ديا
لمبا جي ديس تي ، پر تو گيت چيا
چو جو ناھ هيا، ان ۾ جوکا جيءَ جا‘.

پر لمبا جي موت اياز تي گهرو اثر ڪيو هو. اڳتي هلي ساڳئي ئي شعر ۾ چوي ٿو :
’ آءُ لمبا آهيان ، ۽ پيو منهنجو پاءُ ،
آهي جنهن جي پيڙ جو مون ۾ اج پرلاءُ ،
گهوري هن جو گهاءُ ، مون مان رت چڪي پيو ‘.
(شاعريءَ جا سپ ڪوٽيشن شيخ اياز جي ڪتاب ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ مان ڪنيل )

پنهنجي ڪتاب ’وڄون وسڻ آيون‘ ۾ ’ڪيوبا جي انقلابي ‘چي گوئيرا جي موت تي ‘ چوي ٿو :
ساري عمر غلاميءَ کان
آزادي پل جي بہ چڱو آ .
۽ تو پنهنجي پوري جندڙي
جنهن پل ۾ پرپور پري آ ،
سو پل سگهہ صدين جي آهي .

ان ئي وقت هن ’ ويٽڪانگ جو سائگان تي حملو ‘ ۽ ’ هيروشيما ‘ جهڙا شعر لکيا آهن . ’هيروشيما ‘ ۾ هو چوي ٿو :
ها ، هيءَ اسان جي ڪائي آ —
ان اوچي ڪائيءَ کي گڏجي
چا ، تو مون آگ لڳائي آ !

شيخ اياز مکيہ طور ۾ بنيادي طور هڪ شاعر هو. سياستدان نہ هو.( مظلوم بنگلا ديسي عوام سان يڪمشتي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهہ وقت لاءِ مجيب الرحمان جي نئشنل عوامي پارٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ جو اعلان ڪيو هئائين . ) هو ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو ميمبر نہ رهيو پر سدائين سندس شاعريءَ جي تارازي مظلومن طرف ٿي سرسيري رهي .

’ هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن ‘ جي مهاڳ ۾ هن گني سامتاڻيءَ سان گفتگو جو ذڪر ڪيو آهي . جو هن ريت آهي ، ” هڪ ڳالهہ هن اها ڪئي تہ جڏهن دؤر گذري ويندو ، تڏهن منهنجي سياسي شاعريءَ جي ڪهڙي اهميت رهندي ؟ جنهن تي مون چيو منهنجي ڪيتري شاعري سياسي نہ آهي ، اها تہ صاف بچي ويندي . سياسي شاعريءَ جي باري ۾ مون کي اهو چوڻو آهي تہ هر فن جيڪو سياست سان واڳيل آهي ، اهو هروڀرو امرت کان وانجهيل نہ آهي . پولنڊ جي موسيقار شاپن پنهنجي موسيقي پولنڊ جي آزاديءَ لاءِ ڪم آندي هئي ، پر اها اڃا بہ اڳي وانگر زندهہ آهي ، توڙي نہ رڳو زار پر ڪاميسار بہ ختم ٿي ويا ........ آخر مائڪو فسڪي ، يو تو شينڪو ، دوز نيسينڪي ، نازم حڪمت ، فيض ، پبلوزودا ۽ دنيا جي ڪيئين شاعر ٽئگور ۽ اقبال تائين سياست سان واڳيل رهيا آهن ، پر وقت گذرندي هنن جي شاعريءَ جي اهميت ختم نہ ٿي آهي . مون هن کي گويا جي مصوريءَ جو مثال بہ ڏنو ، جا پنهنجي دؤر جي اسپين جي سياسي حالتن کان متاثر هئي . مون هن کي روسي مصور ريپن جو پڻ مثال ڏنو.

مزاحمتي شاعريءَ جي تيستائين اهميت آهي ، جيستائين ظلم آهي ۽ ان جي خلاف آواز اٿارڻ ضروري آهي . مون هن کي مزاحمتي شاعر پال ايلوارڊ جو مثال ڏنو ۽ اسپين جي مزاحمتي شاعر البرٽي جو هيٺيون شعر پڙهايو.

’ اف ، هن ڪاري رات کي پاسيرو ڪري ننڍا سگهون ؟ هي سڀ سال خوف ۽ هراس جو ڳنو آهن ، جنهن کي ٽوڙي اسان ان روشنيءَ کي اجاگر ڪيون جا اسين چاڻون ٿا تہ مؤجود آهي ، ۽ چاڪاڻ جو اسان اهو چاڻون ٿا ، اسان اڳتي وڌون ، گيت ڳائيندا وجون مؤت تائين.‘

ها ، هتي اياز جو پنهنجي شعر مان هڪ بند :

’ جيستائين مائر جڻينديون

جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون . ‘

اياز ، ’ ڪٿي نہ پڇبو ٽڪ ‘ ( آتم ڪٿا ) ۾ پنهنجي شريڪ حيات زرينا سان تصوري گفتگوءَ جو بيان ڪندي ڪن همسفرن کي ساڻ ڪٽڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي ، جنهن ۾ هن نالا ورتا آهن ، مائيڪل اينجيلو ، جان گوگ ، پڳت ڪبير ۽ توروڊت ۽ زرينا کان اهو پڇڻ تي تہ تو سياست ۾ بہ ڪافي وقت وڃايو آهي . ڪنهن سياستدان کي سفر ۾ ڪٽندين ؟ جي جواب ۾ چوي ٿو ، ’ها حشو ڪيولراماڻي ۽ مهاتما گانڌي .

هنن ٻئي ڪيس پرک جي ڪسوٽي ڏني ، جنهن کي هو سڄي عمر پنهنجي فن کي اجارڻ ۽ اوچاين تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو .

اڳي ذڪر ڪيو ويو آهي هن پاڪستان جو نظريو زندگيءَ جي آخرين دم تائين نہ قبوليو ۽ پاڻ کي سدائين سنڌ سان واڳيل رکيائين ، سنڌي تاريخ ، سنڌ جون روايتون ، سنڌي ٻولي ، سنڌي شاعري . حقيقت ۾ ڪيس سنڌي شخص جي هر پهلوءَ سان بي انتها محبت هئي . سنڌ سان سندس رشتو پيچيدا ( ڪامپليڪس ) هو . هن ڪڏهن سنڌ کي ماءُ مڃيو ۽ اهو افسوس ظاهر ڪندو رهيو تہ ڀارت ماتا جو مفهوم تہ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اڀريو ، جنهن رنگ لڳايو ، پر اسان سنڌواسي سنڌو ماتا جو تصور پيدا نہ ڪري سگهياسين _ ساڳئي وقت هن سنڌ کي هڪ محبوبا جيان پيار پڻ ڪيو . ٻي ڳالهہ جا ذهن نشين ڪرڻ لائق آهي تہ هن لاءِ لطيف ۽ سنڌ ٻئي مٽ سٽ واري مفهوم وارا ساڳي شئہ جا بہ لفظ هئا . ائين ٿو لڳي جڏهن هو سنڌ کي مخاطب آهي تہ سندس ڪنڌ شاهہ طرف آهي ۽ جڏهن شاهہ سان ٿو ڳالهائي ، جڏهن ان جي عظمت اڳيان سيس نوائي بيٺو آهي ، ان وقت هو سنڌ جي مٽيءَ طرف نهاري رهيو آهي . سنڌ ۽ لطيف سان محبت جو اظهار هن هن ريت ڪيو آهي ، ” ها ، مان پنهنجي زندگيءَ جو پورو پوتاميل فقط ڀٽائيءَ کي ڏيڻ چاهيان ٿو . “ ۽ اڳتي لکيو اٿائين :

” اي سنڌ ! جيڪڏهن مون کي ڪنهن سگهڙ وٽ هڪ اڌ لفظ ، هڪ اڌ ٻول نظر آيو آهي تہ اهو مون هن کان کسيو آهي . مون تو لاءِ سچا ڦريا آهن ۽ پينگهن کي ڪاٽ هنيا آهن . مون رتي رتي ڪري ميڙي آهي ، ان کي ڏوڙ ڏئي وانگر سونجهي صاف ڪيو آهيءَ تو لاءِ جهوني کان جهونا ۽ نئين کان نوان ڳهڻا گهڙي ، تو کي ڪنوار وانگر سينگاريو آهي . نہ رڳو مون کي ڪوئي سڳ سوڌو پڪڙي نہ سگهيو آهي ، پر مون ڪٿي بہ پنهنجا پيرا نہ ڇڏيا آهن . مان پنهنجا هاڃا پاڻ ٿو ٻاسيان ، نہ تہ مون کي ڪوئي گواهہ نہ آهي . “

اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هن جا سنڌ ۽ شاهہ تي چيل شعر سنڌي قوم جي شعور تي وقت جي واريءَ تي نشان نہ پر جبلن ٽڪرن پٿرن ، تي نشان ڇڏي ويا آهن ۽ سنڌوءَ جا ڪنارا سندس شعرن کي ايندڙ صدين تائين پيا جهونگاريندا ۽ انهن جا چپ سندس لفظن کي چمندا رهندا ، ڇاڪاڻ جو هر لفظ سندن سيني جو آواز بڻيل آهي . سندس اٿاهہ شعرن مان هتي ڪجهہ ئي پيش رڻ جي گنجائش آهي .

’سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس جهڪايان ..... مٽي ماٿي لايان .

.... تنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان جي ،

آءُ امرتا پايان .

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس جهڪايانءُ

( اهو گيت قومي تراني جي حيثيت ٿو ماڻي . )

هڪ لوليءَ ۾ چوي ٿو :

’سنڌ بہ تنهنجي اهڙي جيجل ، جهڙي جيجل آنءُ

جي تون پنهنجي پونءِ چميندينءَ ، هرندءِ مون لاءِ هانءُ‘.

سنڌي سوروير سپوتن لاءِ چوي ٿو :

’ مون ويندي تن جا پير ڏٺا ، مون ڇا ڇا مڙس متير ڏٺا !

جي ڪيئي سج اپاري ويا ، جي ڪيئي سج سمائي ويا . ‘

آمر کي للڪاري ٿو :

’ منهنجو اگهہ پڇين ٿو آمر !

منهنجا گيت ڳنهين سگهندين تون ؟ ‘

۽

’ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا ،

سنڌڙيءَ جي سوڳنڌ ، مرنداسين پر مرڪنديٍ‘.

يا

’سنڌڙيءَ سات سچوم ، ڪوري ڪنڌ ڏنوم ،
گھوريس گھوريس سنڌ تي.‘
يا
’سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو،
سهندو ڪير ميار ڙي يار. ‘

سندس سدا حيات بيت : ’ جاڳ پٽائي گھوٽ ، سنڌڙي تي توکي سڏي ‘ سنڌي قوميت ۾ هڪ حد نشان ٿو رکي ، پر شيخ اياز کي صرف هڪ سياسي شعور وارو شاعر ڪري مڃڻ غلطي ٿيندي .هن زندگيءَ جي هر پهلوءَ سان پيار ڪيو آهي .معصوم دلڙين جو ڪچڙو پيار ، ناز ۽ نخرا ، پيار ۽ فراق ، اهي سڀ نظارا شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا .ڪڏهن چوي ٿو :

’ڪجري گجر پير هوريان تہ ڌر ،
گھاگھر نہ ڇلڪي پوي.‘
يا
’هرڪا مومل ، هرڪو راڻو
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سڃين ڪي.‘

ڪڏهن ڳائي ٿو :
’رابيل رت مايا نگر
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون. ‘

۽ ڪڏهن وري ٿر ۾ غربت جو حيبتناڪ منظر ٿو چٽي :
ڪنڊيءَ نہ سگري ، ٻير نہ پلڙو ،
سائو نہ سلڙو ، چانگون نہ ڇيلڙا ! ماروا ڪيلڙا ! ماروا ڪيلڙا !
پنڊيءَ نہ ڀيڙو ، وهہ وات ويلا ،
منهڙا بہ پيلا ، ڳوڙها ڳهيلڙا ! ماروا ڪيلڙا ! ماروا ڪيلڙا !

( مون کي تيرس ٿيندو آهي تہ هن تھ غريب ۽ ذڪر جو بيان ڪندڙ گيت جي تکي تال واري طرز تي سنڌي نؤجوان ڇيج وجھندا آهن . )

اهو گيت پڙهي شيخ اياز پاران وانگ گوگ جي پنّاٺا ڪائيندڙ چتر جو بيان دل تي تري ايندو آهي . وانگ گوگ پنهنجي ڀاءُ ٿيو کي هڪ خط ۾ لکيو هو , ’منهنجي تصوير ۾ ٻئي ڳالهيون ڏيکاريل آهن . پگهر جو پورهيو ۽ ڪاڏو . ‘ پر هتي نہ پگهر جي پورهئي جي گنجائش آهي ۽ نہ وري ڪاڏو آهي .

شاهہ لطيف صوفي درويش منصور جي شهادت کان متاثر ٿي حوصلي مند نافرماني ظاهر ڪندي هڪ بيت چيو هو :

”جر ٿر تک تنوار , وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي ,
سپيئي شيءَ ٿيا سوريءَ سزاوار,
هم منصور هزار! ڪهي ڪهندين ڪيترا . “

اهڙي جذبي تہ ظلم ۽ ڏاڍ اڳيان سر ناهي جهڪائڻو ,شيخ اياز انهيءَ راهہ تي رسيو:

’سچ وڏو ڏوهاري آهي ,
روز ازل کان پڪڙيو ويو آ
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ ,
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ . ‘

۽

’مان ڏوهي آن , مان ڏوهي آن.‘

اياز بيت ۽ وائيءَ جا نج سنڌي فارم اپنائي کين نئين زندگي بخشي ۽ نئين سر مروج بڻايو. هن غزل کي پڻ فارسي / اردو ڪوڙڪي مان ڪڍي نج سنڌي پهراڻ پهرايو, جنهن کي گيڙوءَ رتو غزل چيو پئي ويو . بيتن ۽ واين لکڻ ڪري جيڪي عوام ۾ مشهور ٿيون ۽ سندس شاهہ لطيف سان محبت ڪري ڪن اديبن ۽ نقادن کي وهم ٿيو تہ شيخ اياز سنڌي صوفي شاعريءَ جي سلسلي کي اڳتي ڇوريو آهي , پر حقيقت اها نہ آهي . اياز کي صوفي

شاعر ڪري سمجهڻ ساڻس انياءُ ٿيندو، جڏهن ڪ عوامي ذهنيت ۾ شاعري ۽ پيغمبري ٻئي گڏوگڏ هلن ٿيون تہ هن غلط فهميءَ جو امڪان ڪجهہ وڌيڪ ٿي آهي . اياز جي ذهن جون پاڙون هنري انقلاب سان وابستہ انسان پرستي ( هيومنزم ) جي فلسفي ۾ ڪتل آهن ۽ هيءُ سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي جو دنيا جي جدا جدا ذهني هلچلن کان واقف آهي . انسان پرستيءَ جو هڪ جزو قوميت جو مفهوم پڻ آهي . هن کي تاريخ ۽ قوميت جي مفهوم جي ڄاڻ هئي . قوم ۾ ٻولي ڪهڙو رول ٿي ادا ڪري هو ان حقيقت کان بخوبي واقف هو .اڳتي حوالو ڏنو ويو آهي تہ هن پاڪستان ٺهڻ کان اڳواٽ ئي اهو ظاهر ڪيو هو تہ مان پاڪستاني نہ آهيان . پاڪستان هڪ رياست طور وجود ۾ آئي ، پر هن ’ پاڪستاني ذهنيت ‘ کي جنهن مذهب جي بنياد واري اصول کي سدائين ناڪاريو ۽ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ شاعري ۽ شعور کي سنڌي تاريخ جي ’ لا ڪوفي ‘ ورثي ۽ انسانيت جي فيلسوفيءَ سان ملائي هڪ سيڪيولر ذهنيت جو مالڪ رهيو . هن هندو ۽ مسلمانن جي جيڪي ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿا هڪ ئي قوم جو حصو ڪري تسليم ڪيو . سياسي ۽ رياستي ورهاڱي بعد پڻ هن نارائڻ شيام کي هڪ علامت بڻائي ، ڀارت جي سنڌين سان ڳنڍ قائم رکيو . هن مذهب جي بنياد تي انسان کي ورهائڻ کان نابري واري . ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ سندس مذهب سان ڪو واسطو ڪونہ هو . اسلام کان سواءِ هن کي هندو ڌرم لاءِ پڻ عزت ۽ ڄاڻ هئي . هندو پراڻڪ ڪٿائن ، ديون ديوتائن ، پوڄائن جي ڄاڻ هئي . ڪيس جين ۽ ٻڌ ڌرم جي بہ چڱي ڄاڻ هئي .

جيئن مٿي لکيو اٿم تہ نارائڻ شيام ، اياز لاءِ هڪ علامت هو . نارائڻ شيام لاءِ سنڌ صرف هڪ پرڳڻو نہ پر مارئيءَ جي ملڪ مليرجيان هو . هن لاءِ سنڌ مليرجي مٽيءَ جي علامت هئي . هڪ طرز زندگي ، هڪ اتهاس ۽ تهذيب جي نمائندگي ڪندڙ هئي .هڪ وسيع حوالي ۾ نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جي گفتگو چالو رهي ۽ ان جو ذريعو بڻي شاعري نارائڻ شيام جڏهن مايوس ٿي چيو :

’جواني جنم ڀوميءَ مان ڪٽي نڪرڻ کان پوءِ اڄ ،
ٻنهي مان ڪنهن ڀهاني ڀي ڏسي هاڻي نہ ڪا سگهبي.‘

چڻ شيخ اياز هن جو جواب ڏيندو هجي :

’دل تہ چوي ٿي سارا ويچا
ياڪر پائي رک ڪريون ها
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪک ڪريون ها!
ڪيڏي اڄ اسان ۾ آ پر
چاهيون ٿا تہ بہ ڪونہ ملون ٿا !
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي ؟
ڇونہ ملون ٿا ؟ ڇونہ ملون ٿا ؟
سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن
هن دنيا ۾ ڪيئين پنهنجا
هڪ ٻئي لاءِ پرايا آهن.‘

جڏهن يادگيرين جي تهخانن مان نارائڻ شيام ڇرڪي چنڊ ڏانهن ڏسي پڇي ٿو :
’جو نوشهري ۾ ڏسندو هوس اهوئي چندرما آهي ! ‘
تہ اياز جواب ٿو ڏئيس ،
’ون بہ ساڳيو واس بہ ساڳيو ،
من بہ ساڳيو ماس بہ ساڳيو ،
ڌرتي ۽ آڪاس بہ ساڳيو ،
۽ ارتو اتهاس بہ ساڳيو ،
پنهنجو جيءُ جياپو ساڳيو... .

.........

هڪ ٻئي سان گڏ ڇونہ جيون ٿا ؟
هڪ ٻئي کي سڏ ڇونہ ڏيون ٿا ؟
هڪ ٻئي جو مڏ ڇونہ ٿيون ٿا ؟

1965ع واري سال ۾ هند پاڪ جنگ جي دوران شيخ اياز جريت ڏيکاري ۽ جنهن لاءِ خوشيءَ سان جيل جي سزا ڀوڳيائين . اهو تاريخ جو هڪ انوکو ۽ جزوي مثال آهي . ’ هي سنگرام ‘ ڪوتا ۾ نہ صرف نارائڻ شيام هڪ علامت طور تي ڪم آندو ويو آهي پر ان کو تام اسان جي گڏيل وراثت ۽ سنڌي تاريخي تحت الشعور ۾ جيڪي عڪس سمايل آهن،اهي پڻ پوري جماليات سان ظاهر ٿين ٿا .

’هي سنگرام !
سامهون آ
نارائڻ شيام!
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي ، پر
منهنجا رنگ رتول بہ ساڳيا
ڍٽ بہ ساڳيو
ڍول بہ ساڳيو
هانءُ بہ ساڳيو
هول بہ ساڳيو
هن تي ڪيئن بندوق ڪڻان مان !
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان !
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان !!
ڪيئن هڻان مان !!!

( اهم ڳالهہ اها پڻ آهي تہ ’ ڪيئن هڻان مان ‘ ۾ سوال جي نشاني بلڪل نہ آهي .)

نارائڻ شيام جي موت تي اياز جيڪو ” سر نارائڻ شيام “ رچيو ، اهو پنهنجي ليکي هڪ تاريخي ڪاوش ۽ ڪارنامو آهي ، ان ۾ بہ رايا نتا ٿي سگهن — سنڌي شاعريءَ جي اونهن تهن جو پڙاڏو آهي ، چون ٿا تہ موهن جي دڙي کي هڪ ٻئي مٿان ست دفعا ڊاهيو

هٿائون ۽ هيءُ پڙاڏو زمين دوز ٿيل پهرئين موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ، وقت جي ويڇن جي تهن کي چيري لاوا جيان ٻاهر نڪتو آهي . چون ٿا ته هماليه ٺهڻ کان اڳ پڻ سنڌو نديءَ جو وجود هو ، هيءَ آواز ان ازلي سنڌوءَ جو آواز آهي .

اهو سوچڻ غلط ٿيندو ته شيخ اياز جي گفتگو صرف نارائڻ شيام سان رهي آهي . هن ساميءَ سان به خوب رهاڻ ڪئي آهي . ساميءَ کان سوال ڪيا اٿائين . هڪ هنڌ چوي ٿو :

” ڀٽائيءَ کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ’ سامي ‘ منهنجو ڳوڻائي هو . هو منهنجي شخصيت جو هڪ پر اثرار حصو ٿي رهيو آهي . جڏهن به ماحول مون کان ڏاڍو ٿي ويندو آهي ، مان ساميءَ کان سام گهرندو آهيان . هونءَ ساميءَ سان سدائين منهنجو جهيڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانت کان لهرائيندو آهيان . اڄ جڏهن مان موت جي منهن ۾ پهچي چڪو آهيان ’ سامي ‘ مون کي وري پناهه جو پاند آڇي رهيو آهي . ڇا مان هن ويدانتيءَ مان جان ڇڏائي سگهندس ؟ ڇا مان اڪيلو ٿيو موت کي اکين ۾ گهوري نٿو سگهان ؟ هوا ٻڏا نه ترڪڻ وارا تڙ ڏسي رهيو آهي ! ڇا مان سڌو ڇلانگ ڏيئي ڇولين جي ٻاکر ۾ نٿو وڃي سگهان ؟ اڄ ساميءَ سان منهنجو پويون جهيڙو آهي ، يا ته مان هميشه لاءِ هن جي آڻ مڃيندس يا هن کي پاڻ مان تڙي ڪڍندس ، پر ڇا اسان ٻيئي ٺهي نٿا سگهون ؟ ڇا اسان ۾ ايڏو متڀيد آهي ؟ ڇا ويدانتي ناستڪ جو نهنو نانءُ نه آهي ؟“

اياز جو ساميءَ سان جهيڙو اجهو هيئن ٿو شريع ٿئي :

هيءُ جو ساگر سونهن جو ، انهيءَ کان انڪار !
سامي پنهنجي سوچ تي ، تون ئي پنهنجو ڄار ،
سچو آ سنسار ، جوٽ سنڌءِ ئي جيءَ ۾ .

۽

ڪيڏو توکي ڪؤ ، آهي مايا موهه کان ،
آڏيءَ ارهه مند جا ، جوٺا آهن ڇؤ؟
ٻورا ! تنهنجو ٻؤ ، جاڙ اجائي جيءَ سان ؟

آخر شيخ اياز پڇاڙيءَ ۾ مداحون لکڻ شروع ڪيون ، ائين لڳي ٿو ته اياز ساميءَ سان سمجهوتو ڪري ئي ڇڏيو ! هن موضوع تي ڪيترا ئي بحث ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيا آهن پر هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ته اياز جي موت بعد ’ مهراڻ ‘ جي شيخ اياز نمبر

۾ شروع ۾ ڏنل چؤسٽن ۾ ڪن مايوسيءَ جي عالم ۾ لکيل چؤسٽن ۾ پڻ زندگيءَ سان لڳاو جا اهڃاڻ ملن ٿا.

’باهوڙين بسيرو دنيا سڀ ڪنهن کي وڻيو هو،
هي جڳ سارو جوئو آهي ان کي مور نه مٺو هو،
نيٺ ڳلين مان ڳائٽين جي پيرو توکي پيٺو هو،
جيسين آهه جواني تنهنجي تير انهن کي سهٺو هو.

۽

سونهن سڄي سنسار جي تنهنجي ٻولي آهي لئي هو

۽

باهو هيءَ بازار پري آ هر شيءِ من کي موهي هو،
تون به انهيءَ کان ايئن ڇڄين ٿو ڄڻ ته ڇڪيئه ڪنهن ڇوهي هو.

اياز کي هندو ڌرم، فيلسوفيءَ کان سواءِ ٻڌ ۽ جين ڌرم جي ڪتابن جي پڻ بخوبي ڄاڻ هئي. هو پنهنجي آتم ڪٿا جي پهرئين ڀاڱي ۾ سئر سفر جو احوال ڏيندي لکي ٿو:

”مان وقت جي درياهه ۾ ٽپو ڏيئي ويرا واهه مان مٿي ٿو اڀران؟ مون کي گهوڙيءَ جا ڪندهر ٿا نظر اچن. پاري نگر! اڄوڪي نگرپارڪر جي شهر کان چوڏهن ميل ۽ ويراواهه کان اوپر طرف به ميل آهي. عيسوي ٻين صديءَ ۾ اتي جين ڌرم وارن جو مندرهو ۽ جينين جا ڪيترا ئي مندر اڄ تائين به پارڪر ۾ آهن.... جين ڌرم جا ڪل چوويهه پيشوا يا ڌرم نيتا ٿي گذريا آهن. چوويهن ڌرم نيتائن مان يارهون نمبر شري انشانات، سنڌ ۾ ڄائو هو..... مون به شاهه لطيف وانگر نه فقط جين ڌرم پر تڪششلا ۽ پيشاور ۾ ٻڌ ڌرم جا بت ڏٺا، انهن ڌرمن جا ڪتاب پڙهيا جن جي مطالعي جو اثر ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ ۽ ’هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن‘ ۾ آيل سلوڪن تي آهي.“

چو ته آتما پنهنجي ويسرائپ ۽ بي پرواهيءَ
جي ڪري پيڙا ٿي سهي

۽ ترلوڪ ۾ ڦيربون پائيندي وڃي ٿي
گوتم ، نت چوڪس رهه !

ان ڪري سارو موهه تياڳي ڇڏ
۽ هڪ پوتر ڪمل وانگر ٿيءُ
يا سر جي جل وانگر ٿيءُ
هر موهه کان آجو ٿيءُ
گوتم چوڪس رهه !

گوتم چوڪس رهه جي ورجاءَ ۾ هڪ جديد نظم جي خوشبوءِ آهي .
اياز جيني گرنت ’ پوجيه پد ‘ ( دگمبر پنٿ جو پوئلڳ ) جي ڪن ٽڪرن جو پڻ ترجمو ڪيو آهي . ان جا ڪي ۾ مثال هن ريت آهن :

”پنڇي هر ڏس کان اچن ٿا
۽ وڻن تي ويهي وسرام ڪن ٿا
پر پرهه ڦٽيءَ جو هر ڪوئي پنهنجي واٽ وٺي ٿو ،
۽ اهي سڀيئي ٻئي پار وڃن ٿا . “

آتما هڪ ڳالهه آهي ، پدارٿ ٻي ڳالهه
اهوئي سچ جو نچوڙ آهي
ٻيو جو ڪجهه به چيو وڃي
رڳو اپٽار آهي .

اياز لکي ٿو ، ”ڇا ٽئگور جي شاعريءَ ۾ مٿئين نظم جو پڙاڏو نه آهي ؟ .... در اصل ۾ ڀارت جي سوچ هڪ اٽوٽ زنجير وانگر آهي ، جنهن جو ڪڙو ڪڙيءَ سان جڙيو پيو آهي .
آخر ۾ ،
ڪوئي عيسىٰ ، ڪوئي گوتم ،
ڪوئي گانڌيءَ جي وفات ،

زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو

جنهن سان جهر ڪيوسين ذات !

هن مضمون جي پڇاڙي شيخ اياز جي ڊائريءَ جي ورقن مان هڪ ٽڪري سان ڪندس.

" الست جي عهد کان پوءِ جڏهن انسان عالم بالا مان ڌرتيءَ طرف ٿي آيا، تڏهن مان تنها پنڌ پيو هوس. جڏهن پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيس، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته پريان ڪجهه درخت نظر آيا. مون ويجهو وڃي ڏٺو ته انگور جي ول هيٺان هڪ رند لاابالي پنهنجي صراحيءَ مان جام پري پي رهيو هو. مون اجا هن سان ڏيٺ ويٺ ئي نه ڪئي هئي ته هن جام پري مون ڏانهن وڌايو. مون حيرت ۾ هن کان پڇيو،" تون ڪير آهين؟ " هن جواب ڏنو، "منهنجو نالو عمر آهي، 'عمر خيام'. مون ڪوئي عهد نه ڪيو آهي ۽ سيني کان لنوائي پڇي آيو آهيان. "

" ايتري ۾ مون کي پريان گيڙوءَ رتي لباس ۾ هڪ جوڳياڻي نظر آئي، جنهن کي هڪ ڪلهي تي يڪتارو هو ۽ ٻئي تي چوُنئري هئي ۽ هوءَ ڳائيندي ٿي آئي:

'موري جنم مرڻ ڪي ساٿي،

توهي نا بسرون دن راتي.'

جڏهن هوءَ ويجهو پهتي ته هن مون کي چيو، ' هيءَ چوُنئري ته وٺائي هيٺ رک، مان ٿڪجي پيئي آهيان. الاجي شيام ڪٿي ملندو؟'

مون هن کان پڇيو، ' مائي تون ڪير آهين؟'

'مان؟ مان ميران ٻائي آهيان.'

' ڪيڏانهن ٿي وڃين؟'

' ڪيڏانهن، خبر نه آهي شيام الائي ڪيڏانهن ويو؟'

'انهيءَ چوُنئريءَ ۾ ڇا کنيو اٿئي؟'

'ڇا کنيو اٿم، انهيءَ ۾ اهي ئي ڳوڙها کنيا اٿم جي شيام جي وڇوڙي ۾ ڳاڙيندي آئي آهيان.'

'هون، خيام کي ڳالهه نه وڻي— هن مون کي اشارو ڪيو ته سندس جام ڳيت ڏيئي پي وڃان. مون چڪي چڪي — اها تارونءَ کي ايتري تکي لڳي، جو مون جام رکي ڇڏيو.'

’ هيءُ انگور جو رس آهي ، چو نٿو پيئين ؟ ‘ خيام پڇيو.

مون جواب ڏنو ، ’ خيام تنهنجو رس ڏاڍو تکو آهي . ‘

ميران ٻائيءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو ، ’ انهيءَ رس ۾ هن چؤنئريءَ جو ڪجهه پاڻي ملائي پيءُ ، شايد ان جي تک گهٽجي وڃي . ‘

مون ’ خيام ‘ جي رس ۾ ’ ميران ‘ جا ڳوڙها ملايا ۽ پوءِ ڪيئي جام پي ويس . ‘

هن ’ ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون ‘ ۾ هڪ نؤجوان شاعر جو ذڪر ڪيو آهي . جو هٺٺهار موسيقار هو ۽ پڳت ڪنور جي مؤت تي ، دودو چنيسر تي سمفني ( هم آهنگ سازن جي سنگيت دواران ڪنهن اهم واقعي جو بيان ) پئي ناهڻ چاهي ۽ هڪ نئون موضوع پڻ مليو هوس ، جنهن جو ذڪر شيخ اياز هن ريت ڪيو آهي ، ’ ارغونن جي دؤر ۾ سنڌي زالون گهر ڪان ڪجهه پنڌ تي ٿالهه اونڌا ڪري گاهه سان ڍڪي رکنديون هيون ته جيئن ارغونن جا گهوڙا اچن ته انهن جا سنب انهن ڇيل ٿالهن تي وڄن ۽ ڳوٺ کي اڳواٽ ئي اطلاع ملي وڃي ته ارغون اچن ٿا . ‘

اڄ شيخ اياز خيام جي شراب ۾ ميران جي ڳوڙهن جو پاڻي وجهي جام پي رهيو آهي ۽ گهوڙن جي سنبن جا آواز ٿالهن تي ويجهو پوندا ٿا وڃن . . ڇا سنڌ ٻڌندي ؟ _ سجاڳ ٿيندي ؟ يا اڳتي شاهه لطيف سان گڏ اياز کي پڻ جاڳڻ لاءِ منٿون ۽ ايلاز ڪندي ، ڏاڍن کي ڏارڻ لاءِ ؟ ... جيسين هو جاڳن تيسين ڇا سنڌ جا نؤجوان ڏاڍ سهندا رهندا ؟ ڇا اهوئي سنڌ جو آئيندو آهي ؟

جواب سنڌ جي نؤجوان پيڙهيءَ کي ڏيڻو آهي .

# سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جو تاريخي پسمنظر... هڪ نظر

شاهه ، سچل ۽ سامي — ٽن شاعرن جي ترمورتي سنڌي قوم ، سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت ، سنڌي ڪلچر يا سنڌيت جي امرتا جي ضمانت آهي . هنن ٽن شاعرن ۾ سامي پڇاڙيءَ جي ڪڙي آهي . هتي مان ساميءَ جي حياتيءَ جي تفصيلن ( بايو ڊاٽا ) کان پرهيز ڪري — ان وقت جي انهن جي ڪوتا جي مکيه فيلسوفيءَ جي ڳالهه ڪندس ، جنهن هنن کي امرتا بخشي آهي .

شاهه ۽ سچل سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پيدا ٿيا ۽ سامي ڪافي وقت ميرن جي دؤر ۾ رهيو . هي اهو وقت هو جڏهن مغل سلطنت ختم ٿي رهي هئي .ڏيهي حڪومت پنهنجا پير پختا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ، اندروني طور اميرن امرائن جي سازشن جي بازار گرم هئي ، هڪ ٻئي تي چڙهت ۽ رساڪشي پنهنجي عروج تي هئي . ٻاهرين هر وجهه جو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي . نادرشاهه ۽ احمدشاهه عبداليءَ سنڌ تي ڪاهون ڪيون ۽ سڄي هندستان ۾ انگريزن پنهنجي راند اڳي ئي شروع ڪري ڇڏي هئي . سنڌ لاءِ هيءُ هڪ ولولي وارو دؤر هو. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته بحران ( ڪرائسس ) جا ٻه ابتڙ ردعمل ٿيندا آهن . انسان يا سماج ٽنهي پوندو آهي ۽ شخصي توڙي مجموعي ملهه جانوري سطح _ هيٺين سطح تي وڃي رسندا آهن ، جتي ڪانئرپ ڏاڍائيءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿيندي آهي ، ظلم ۽ اڻ سهپ شڪ ۽ تند مزاجي ، نفرت ۽ ونجوڳ حاوي ٿي ويندا آهن . ٻئي طرف ڀائيچارو ، همدردي ، سهپ ، ايمانداري ، ديانت داري ۽ سماج ۾ جيڪي سگهارا ۽ شفي ملهه آهن سي پاڻ کي پڪو ( اسرٽ ) ڪندا آهن ۽ ڏکيءَ حالت ۾ مددگار ٿيندا آهن . اهو هڪ تضاد آهي .

اهو تضاد سماج جي نرماڻ ۾ پڻ نمايان پئي رهيو آهي . جنگين ، ڪاهن ، طاقت جي لڙائيءَ جو اثر حاڪم طبقي تي پئي پيو آهي ، ان سطح تي طاقت جو ميزان ۽ انگ اکر بدلجي ويندا آهن ۽ عوام ته زمين جي گاهه جيان رهيو آهي ، جنهن کي سدائين لتاڙيو ويو آهي ، جو ختم ٿيندو آهي ته پنهنجو پاڙيهي وري لتاڙجڻ ۽ ڪٽجڻ لاءِ پيدا ٿي ويندو آهي . هن پوڻ جي گاهه جا سک ، ڏک ، ڏڪار ، ٻوڏون ، بکون ، بيماريون مؤت سڀ هڪ جهڙا هوندا آهن ۽ گڏيل هوندا آهن ، سندن اتهاسڪ پرمپرائون ، سندن انيو ساڳيا هوندا آهن . سندن ملهه

پڻ ساڳيا هوندا آهن . طاقتور کي انصاف ۽ ڪهل جي ڪهڙي درڪار ؟ هنن ملهن جي ضرورت تہ عوام کي آهي . ان طبقي کي ئي خدا جي نالي رحم جي ضرورت ٿيندي آهي . ائين هڪ ڪلچر راڄ درٻار جو ٿيندو آهي ، جنهن ۾ ٺاٺ باٺ ۽ دٻدٻو هوندو آهي . راجائن ۽ بادشاهن جي ڪامياب جنگين جا اثردار ۽ سهڻن لفظن ۾ بيان هوندا آهن . نک شک بيان واريون عياشيءَ جون ڪوتائون ٿينديون آهن . ٻئي طرف عوام جو ڪلچر هوندو آهي ، جنهن ۾ جهرٽي جي سنگيت جي رواني هوندي آهي ، ٽارين ۽ گلن جي لڏڻ جو نرتيہ هوندو آهي ، عشق جا جادو ۽ درد جون دانهون هونديون آهن . هوندا آهن سپنا ، قصا ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون جنهن ۾ ، ڪمزور پر ايماندار ، اڪيلي سر ڪو شهزادو ڪوڙ ۽ ظلم جو ڪوٽ ڪيرائي دل گهري مومل ماڻيندو آهي .

جنهن دؤر ۾ شاهہ ، سچل ۽ ساميءَ لکيو پئي ، ان وقت ڪلهوڙن جي راڄ درٻار ۾ پنجاهہ کان مٿي شاعرن شاعريءَ جو شغل پئي ڪيو . سڀ فارسيءَ ۾ شاعري ڪندا هئا ، فارسي درٻاري ٻولي هئي . هو درٻاري شاعر هئا . ڇا تہ سندن مان ۽ دٻدٻو هوندو ! پر شاهہ ۽ سچل عوام جي زبان ۾ ، عوام جي وچ ۾ رهي ، عوام جي اميدن ، انسٽن ، ڏڪن ، وسوسن ۽ خوابن جي ترجماني پئي ڪئي . هو سنڌ جي پونءِ جو گاهہ ٿي گاهہ سان هڪ ٿي ويا ۽ ائين پاڻ تہ امر ٿي ويا پر سڄي قوم کي بہ امرتا بخشيائون .

هنن شاعرن پنهنجي وقت جي ( ايٿوز ) لوڪ ڀاو ( يگ ٻوڌ ) سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو .

يگ ٻوڌ ( لوڪ ڀاو ) جي ڳالهہ سان تاريخي سلسلي جو هڪ ٻيو سڳو پڻ لاڳو آهي ، جنهن جو پڻ مختصر ۾ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي . آدي ڪال کان وٺي انسان پاڻ ڇا آهي ؟ ڇو آهي ؟ سوال پئي ڪيو آهي . قدرت جا ڪڏهن سندس ساٿي آهي ، ڪڏهن دشمن ، ان سان ان جو رشتو ڪهڙو آهي ؟ انسان پيدا ٿئي ٿو ۽ مري وڃي ٿو ، اها پيدا ٿيڻ ۽ ختم ٿيڻ جي ڪريا اٽوٽ آهي . مؤت بعد انسان ڪٿي وڃي ٿو آخر هن سرشٽيءَ جي ڪا معنیٰ ، ڪو رخ آهي . هن سرشٽيءَ جي پٺيان ڪا طاقت آهي جا ان کي هلائي ٿي . اها ڪهڙي طاقت آهي ؟ ان جو ڪو روپ ، ڪو آڪار .... ائين انسان هڪ ڳولها ۾ هلڻ شروع ٿو ڪري ، هڪ حقيقت جي هڪ سچ جي . انسان جي سامهون اچي ٿو ، اپاٺهار ، برهم ، ڀڳوان جو تصور . اهو تصور صرف انسان کي ئي آهي ، ڪنهن ڪتي ٻلي ، يا ڪنهن جانور کي نہ آهي . پوءِ ان کي

سمجهڻ ، پرکڻ ، ان جي پرسان نزديڪيءَ جو احساس . ان ايشور ، ان سچ تائين ڪيئن رسجي ؟ هو ڏسي ٿو جيڪڏهن ڪو ڪنهن ڪاموري جي ويجهو آهي ته هو پڻ ان جي طاقت جي پاڇي ۾ طاقتور آهي ۽ امراءَ ، راجا يا بادشاهه جي نزديڪيءَ ڪري ڪيترن تي راڄ ڪري سگهن ٿا ، سو ايشور ، برهم پڳوان جي نزديڪ هئڻ سان ڪيتري نه طاقت هٿ ڪري سگهبي . سو آخرين مقصد زندگيءَ ڪي ملي ٿو وڃي — ايشور پراپتي !

هن ايشور پراپتيءَ جي راهه ۾ پڻ ٻه الڳ رستا نمايان ٿيا . هڪ دل جو رشتو ۽ ٻيو دما غ جو . جنهن رستي تي دما غ هليو ، ان کي چيو ويو گيان مارگ ۽ جو دل معرفت هليو ، ان کي چيائون ڀڳتي مارگ . دما غ کي هرڪا ڳالهه سکڻي ، سمجهڻي ۽ پرکڻي پوي ٿي ، پر دل پيار ڪرڻ ڪنهن کان سکندي آهي ؟ پيار ته پنهنجو پاڻ ٿي ويندو آهي .

مٿي ٻن طبقن/گروهن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ هن سطح تي پڻ گهٽو ٽٽو ٻنهي طبقن الڳ رستا اپنايا . حڪمران طبقي ۽ سندن لاڳو پروهتن ، رشين منين گيان مارگ اپنايو ۽ هن زمين جي غريب عوام ، هن زمين جي گاهه ڀڳتي مارگ اپنايو . هڪ طبقي دما غ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻئر طبقي دل ۽ سوجهيءَ سان محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ، پر ائين هرگز نه سمجهڻ کپي ته هنن ٻنهي راهن جو ڪڏهن به ڪٿي به ميلاپ نه ٿيو ۽ سدائين ضد ۾ بيٺيون هيون . ٻنهي متن جي پاڻ ۾ رلڻ ملڻ ۽ هڪ ٻئي تي وقت پئي اثر انداز ٿيڻ ، زندگيءَ جي وهڪري جي ڪريا جيان سياويڪ ٿي هو ۽ رهندو . ها ، اتهاس ۾ ڪڏهن ڪي انتها پسنديءَ جا مثال ضرور ملندا .

مان ڇا آهيان ؟ ڇو آهيان ؟ هن سرشتيءَ جي پٺيان ڪهڙي حقيقت آهي ؟ ڪهڙو سچ آهي ؟ ان جڳياسا مان ويد پيدا ٿيا ، اپنشد پيدا ٿيا ، منهنجو منهنجي پاءُ سان ، ماءُ پيءُ سان ، پاڙي واري سان ڪهڙو سنٻنڌ هئڻ گهرجي . سماج هلائڻ لاءِ ڪهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي . هڪ ٻئي سان رشتا ناتا ڪهڙِ بنياد تي هلن . انهن پرمپرائن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو . منو نالي رشيءَ تيار ڪئي منو سمرتي . راجائن ۽ سمراٽن کي راڄ ڪيئن هلائڻ گهرجي انهن پرمپرائن جي گيان کي ڪؤٽليه پنهنجي ارٿ شاستر ۾ داخل ڪيو . سريري آنند ماٺڻ جو بيان واتساين ڪيو ڪام سوتر ۾ ۽ سگهاري سرير جي ڳالهه ڌنونتريءَ ڪئي .... ۽ يوگ جون ڪريائون بيان ڪيون پتنجليءَ . ڪلپنائن کي پر لڳائي رنگين چترن سان چٽيو ويو ، پراڻن ۾

پراڻي زماني جي رشين منين ، راجائن ۽ مهاراجائن جي ڳالهين کي ، جن کي خوب ماڻيو هر وقت جي عوام ۽ خاص .

وقت هلندي هر ڪنهن قسم جي وهنوار لاءِ مناسبت ( ليجيٽيميسي ) راجائن ۽ پروهتن جي پائيواريءَ ڌرم ، مذهب کي اڳيان آندو ۽ هر ڳالهه ۾ انتها پسندي ۽ ڪٽرپڻي جو شڪار ٿيو ، گگدام ’ عوام ‘ . وقت پٺي فيلسوفي ، اخلاق جي جڳهه ورتي انڌ وشواس سان پريل ريتين ۽ رسمن ۽ حڪمران طبقي جو عوام کي جاهل رکڻ ۾ ئي فائدو رهيو .

اهڙيءَ حالت ۾ عوام جو جواب هو مسلم دنيا ۾ صوفي مت ۽ هندستان جي هندو جنتا وٽ ڀڳتي مارگ. هتي منهنجو مقصد هندستان جي صوفي مت ۽ ڀڳتي هلچل جي اتهاس جو ذڪر ڪرڻ نه آهي ، پر مختصر ۾ مقصد اهو آهي ته سنڌ ۾ شاهه ، سچل ۽ سامي ڪهڙي پسمنظر ۾ پيدا ٿيا .

حقيقت ۾ اها غريب ـــ بيوس ۽ بي سهاري لوڪن کي ڏڍ ۽ همٿ ڏيڻ جي لهر هندستان جي بين پاڱن ۾ اڳ ئي شروع ٿي ويئي هئي ۽ اهو هڪ لوڪ چوٽيءَ جو حصو بڻجي پيو :

”جنتا کي ڪاٽينگي پيڙ ،
تلسي ، ميرا ، سور ، ڪبير . “

شاهه لطيف ڀٽائي ، سنڌ جو لاثاني شاعر ته آهي ئي ، پر دنيا جي ڳاڻ ڳٽين عظيم شاعرن ۾ شماري سگهجي ٿو . هو سالن جا سال ، جوڳين ،بيراڳين ، سنياسين جي سنگ ۾ رهيو . هن سنڌ ، ڪڇ ۽ ٿر جو خوب رٽن ڪيو جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي . زندگيءَ جا گوناگون رنگ جاچيا ۽ اهو انيو پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتي هڪ يگاني سرشتيءَ جو نرماڻ ڪيو .شاهه جو شعر پنهنجي ليکي هڪ خوبصورت ڪائنات جو وجود آهي . سندس شاعري عشق ، سونهن ، خوشين ، فراق ۽ ڳوڙها جي ڏکن ڏاڪڻ ۽ آخر ۾ اميد ۽ ابدي حقيقت سان هم آهنگيءَ جو مهاڪاويه ( ايپڪ ) آهي .خاص ڌيان ڇڪائڻ جي ڳالهه اها آهي ته صوفي شاعرن جيان ۽ ڀڳتي دؤر جي شاعرن جيان هن جي شاعريءَ ۾ مرشد يا گروءَ جو ڪوبه دخل نه آهي . پنهنجي محبوب سان هڪ ٿي وڃڻ جي مسافري وچوڙي ۽ تلاش جي ئي ڳالهه آهي . هو ڪا به هدايت نه ٿو ڪري پر آخر ۾ چئي ٿو ڏئي ته :

”پيهي جان پاڻ ۾ ، ڪيم روح رهاڻ ،
نڪو ڏونگر ڏيھ ۾ ، نڪا ڪيچن ڪاڻ ،
پنهون ٿيس پاڻ ، سسئي تان سور هيا .“

وري سوچي ٿو ، ڇا اها ئي آخرت آهي تہ پوءِ حيراني ڇاجي ؟ پوءِ ظاهر ٿو ڪري :

”ساهڙ سا سهڻي ، سائر پڻ سوئي ،
آهي نجوئي ، ڳجھ ڳجهاندر ڳالهڙي .“

ائين جستجو ، تلاش ، برهہ جي خيال جيان مڪمل نہ آهي . شاھ ڪي انسان پرستيءَ جو شاعر چئي سگهجي ٿو . شاھ صوفي مت ، سنت شاعر وغيرھ جي ليبلن کان گهڻو مٿاهون آهي .

سچل سرمست بنيادي طور صوفي شاعر آهي، پر سندس بغاوت جي جذبي ، روايتي صوفي شاعرن کان هن کي الڳ ڪري بيهاريو آهي ۽ ائين سنڌ ۾ صوفي مت هڪ قدم اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي مخصوص سڃاڻپ پيدا ڪئي . البت ڪنهن منزل تي سچل مرشد يا گروءَ جي رول کان انڪاري نہ رهيو آهي — ڪنهن منزل تائين .

’صدقي سچل مان ستگر تان ، جنهن جانب جوش جڳايو‘

پر سچل مشهور تہ ان لاءِ آهي :

’ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي ، آئون جوئي آهيان سوئي آهيان‘

۽

’نہ مين آب ، نہ ابر ، نہ آفتاب‘

ساميءَ کي هنن شاعرن جي آخري ڪڙي ليکيو ويندو آهي ، جنهن ۾ هندو فيلسوفيءَ ۽ گيان مارگ جو انوکو ميلاپ آهي، البت ويدانت جو پڙ ڪجھ ڳروئي آهي .

ساميءَ جي ڏسندي ئي ، سنڌ ۾ هڪ عجيب لهر اٿي . جنهن جو روپ ۽ اثر ڌرمي هو پر سبب سياسي هئا .

گرو نانڪ هندستان جي وڏن سنتن مان آهي ، جنهن اتهاس تي هڪ اڻ مٽ ڇاپ ڇڏي آهي . سندس پوئلڳن ڏتڙيل عوام پاران مغلن سان خوب ڇڪريون کاڌيون ۽ شهادتون ماڻيون .ائين پنجاب جا رواجي هاري ناري ، لوهار ، ڊکڻ ۽ ٻيا ڏتڙيل ۽ مظلوم هڪ ٿي ظالم سان مهاڏو اٽڪائي لڙندا رهيا . ڏهين پاتشاهي گرو گوبند سنگھہ به انقلابي قدم کنيا. انهن ڏتڙيلن کي شير جو لقب ( سنگھہ ) ڏنائين ، هڪ الڳ سڃاڻپ ڏنائين ۽ صدين جي مقبول ۽ مشهور لوڪ ڪوين جي رچنائن کي گرو نانڪ ۽ ٻين گرن جي ٻاڻيءَ سان ملائي آدي گرنٿ تيار ڪري ڪنهن شخص بدران ان گرنٿ کي گاديءَ تي براجمان ڪيائين .

ساميءَ جي وقت ۾ پنجاب تي راجا رنجيت سنگھہ جي حڪومت هئي ۽ سنڌ ۾ ميرن جو راج ، انگريزن جي راجا رنجيت سنگھہ کي هدايت ڪيل هئي ته سنڌ جي ميرن کي ڪرڙي نظر ڏيکاريندو ڪر . مقصد اهو ته مير سدائين خوف زده رهن ۽ ائين انگريزن جا محتاج بڻجن . هن حالت ۾ ديوان گدو مل ميرن کان راجا رنجيت سنگھہ کي خوش ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ هڪ مکيه ۽ هر گهٽيءَ ۾ گردوارو ٺاهڻ جي موڪل ورتي . جا ميرن ڏني ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي جتي هندو بستيون هيون ، هر ڪنهن ڳوٺ ۾ گردوارو برپا ٿي ڪيو ويو. سنڌ ۾ گرو نانڪ ۽ ٻين درويشن جي سکيا قبولڻ لاءِ زمين اڳواٽ ئي هموار هئي . شاه ۽ سچل ڪٽرپڻي خلاف ۽ يائيچاري ، ايڪي جي هوا هلائي ڇڏي هئي .هندو ٺورائيءَ ۾ هئا . گرو پنٿ جي سکيا صوفي مت موجب هئي . ڪين پڻ هڪ اخلاقي سهارو مليو ۽ پنجاب بعد گرو نانڪ جي گهٽي ۾ گهٽي مچتا سنڌ ۾ ٿيڻ لڳي .

هن ماحول ۾ ساميءَ پنهنجي زندگيءَ جو ڳپل حصو امرتسر ۾ گهاريو ۽ هو گرو گرنٿ صاحب کان گهڻو متاثر ٿيو ، پر اهو مچڻو پوندو ته سندس لاڙو فيلسوفيءَ طرف وڌيڪ هو ، جو هن پاڻ چيو آهي ’ ويدن جي واٽي ٿو سنڌيءَ م سڻايان ‘ . سندس شاعريءَ جا مکيه وشيه آهن ، مايا ، ستسنگ ، ۽ پيار .

گيتا ۾ هڪ ڳالهه چيل آهي _ ارجن کي گيان ڏيندي ڀڳوان ڪرشن ، پنهنجو وات کولي سڄي برهمانڊ جي ليلا ڏيکاري ٿو . جنهن موجب هيءُ جيڪو اسان ڏسون ٿا، محسوس ڪريون ٿا ، ان جي ڪابه حقيقي هستي نه آهي . اها آهي مايا _ هڪ ڏيک آهي . هڪ دفعو اها ڳالهه قبول ڪجي ته هڪ لازمي سوال اٿي ٿو ته جيڪڏهن سڀ مايا آهي ته ڇو آهي ؟ اهڙي حالت ۾ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ؟ وري گهاٽي جي ڏاند جيان جتان شروعات

ڪئي هئي ، اتي جو اتي اچي پهتاسين . پر زندگيءَ کي هڪ وهڪ آهي ، پرواهہ جي تک آهي ، سچ ، چنڊ ، تارا هلن پيا ، ڪجهہ بہ بيهي ڪونہ ٿو ، تنهن ڪري انسان کي پڻ هلڻو آهي ۽ ان کي مقصد ڏيڻو آهي . اها آهي هن سڄي مايا جي پٺيان حقيقت . سچ ، طاقت جي ڳولها .... ايشور جي ڳولها .... آخري ميلاپ اهو هڪ مقصد بڻجي پوي .... ۽ آخر منزلون طئہ ڪندو ، هلندو الڳ الڳ رستا اختيار ڪندو ، انسان اهڙي مٿاهين منزل تي رسي جو آخر کيس محسوس ٿئي تہ جو ڳولهي رهيو هو اهو پاڻ ئي آهي ، اهو ايشور سندس اندر ۾ آهي ، کيس اهڙي ڪشالي بعد اهو سڀ ڄاڻي مايوسي ٿيندي يا کيس آنند ملندو .... نہ هو تہ هنن غم ۽ خوشي ۽ سيني متضاد جذبن کان مٿيرو ٿي ويندو ۽ هن مسافريءَ جي الڳ الڳ منزلن ۽ دؤرن ۾ هلندي متضاد ملهن ، صحيح ، غلط ، اڇو ڪارو وغيرهہ جا سوال تہ ايندا ئي نہ .... ۽ اهو سفر هر ڪنهن جو پنهنجو نجي آهي ، شخصي آهي ، ملهن ۽ روحانيت جي ڳالهہ جو ڪنهن سماج يا مذهب جي رسمي ڍانچي سان پري جو واسطو آهي .

اسان جي قوم هندستان ۾ تاريخ جي وڪڙ ۾ اچي ويئي آهي ۽ پنهنجي ٻن پيڙهين کي پنهنجي انمول ورثي کان وانجهي رکيو اٿائين ، يا چئجي تہ هو لاوارث ٿي ويا آهن ۽ ٻولي وڃائي ويٺا آهن . اهو تمام ضروري آهي تہ ٻي ٻوليءَ ۾ ئي سهين کين پنهنجي ورثي جي جهلڪ پسائجي ، جو ان مان سندن اڄ وڌي . ڪجهہ وڌيڪ ڄاڻڻ جي خواهش سندن من ۾ پيدا ٿئي ۽ ائين پنهنجي ٻولي ۽ ساهت ڏانهن موٽي جڙي وڃن .

ڪيمن يو . مولاڻيءَ ساميءَ جي سلوڪن جو هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجو تاريخي فرض نباهيو آهي . مان کيس مبارڪون ٿو ڏيان .

(نوٽ : شري ڪيمن يو. مولاڻيءَ جي ڪتاب "سامي ڪي شلوڪ " ( هنديءَ ۾ ترجمو ) جي مهاڳ طور لکيل تان — بشڪريہ ڪيمن يو. مولاڻي )

# ’ گهر ‘ جي ڳالهه رديفن ذريعي

آدي انسان غفائن ۾ ڇتر ڇو ڪڍيا ؟ ڪنهن جا پير وڻن جي پتن جي تال تي ڇو ڪڇيا ؟ ڪنهن جي ڇپن تي جهرڻن جي آواز سان گڏ آلاپ ڇو آيو ؟ ڪنهن آدي گيت ڪيئن ، ڪهڙو ۽ ڇو ڳايو ؟ اهي سڀ سوال ايترا ئي ڪهنا آهن ، جيترو انسان خود . ڪوبه انسان ان جو خاطرخواهه جواب نه ڏيئي سگهيو آهي . ائين ساهت بابت پڻ انيڪ سوال جواب آهن . آخر ڪو ساهت پڙهي ڇو ٿو ؟ گهڻا ئي جواب آهن . مون وٽ هڪ ئي جواب آهي . مان ڇو پڙهندو آهيان . مان هڪ شخصي جواب ڏيڻ چاهيندس .مان ساهت ان ڪري پڙهندو آهيان ته جيئن مان پنهنجي آس پاس جي دنيا مان ڪنجي هڪ الڳ نموني نئين دنيا سان جڙي سگهان ۽ مان نئين دنيا سان جڙي ويندو آهيان . ڪڏهن ڪنهن مبهم جذبي ۽ خيال جا تز لفظ ملي ويندا اٿم . ڪڏهن ڪا ڪلپنا ، ڪو خيال ذهن جي ڪنهن اونداهي يا اڻ ڇاتل ڪنڊ ڪي وڄ جي چمڪاٽ جي شعاع سان روشن ڪري ويندو آهي . ڪڏهن نوان احساس محسوس ڪندو آهيان . ڪڏهن ڪو خيال ، ڪي نظارا ، ڪي انيو مون کي ايترو هلڪو ڪري ڇڏيندا آهن جو مان هن زمين کان پاڻ کي ڪجهه مٿيرو سمجهندو آهيان ۽ اهو سڀ مان ماڻيندو آهيان .

به پل پنهنجي لاءِ بچائي رکون ،
ڏکيا سچ سليون ، شاعري پڻ چئون .

واسديو موهيءَ جي غزلن ۾ مون اهو سڀ يا ڪجهه پاتو آهي ، تنهن ڪري تي مان واسديو موهيءَ جا غزل ماڻيندو آهيان . شعوري سطح تي واسديو موهيءَ جا غزل ، سندس انداز — بيان/ ٻوليءَ جي تخليقي طور ڪم آڻڻ جي فن ۾ رديفن جي نئين نموني استعمال ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا .

مون کي شاعريءَ جي علم عروض جي ڪتابن جي ، انهن جي حوالن جي دهرائڻ جي ضرورت نہ آهي . انهن رديفن بابت ڇا لکيو آهي ، ڪٿان آيو ، اهي سڀ تفصيل تہ مان نٿو ڄاڻان ، پر اهو ضرور آهي تہ لوڪ گيتن/ گيتن ۾ دهراءُ ٿيندو آهي ، جنهن کي گيت جو ورجاءُ (رفرين ) ڪري سڏيندا آهن ۽ ڇاڪاڻ تہ غزل پڻ گهڻو تڻو ڳايو ويندو هو ، پر ان ۾ اها رفرين يا ورجاءَ واري چيز سسي هڪ رديف تي پيئي آهي. قافئي طور اکر ۽ ان جو استعمال ايتري ڪاريگريءَ سان ڪيو ويندو هو جيئن اها هڪ ڳهٽي طور ڪم اچي . ائين جڏهن غزل جي ڳائڻ جو مفهوم گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ غزل هڪ مڪمل خيال جي دلفريب اظهار طور خلقڻ لڳو تہ لفظن جي ٽڪراءَ ، ترڪيبن ، ربط ، چهبڪ بندي جهڙن اوزارن جو استعمال ٿيڻ لڳو ۽ رديف ذري گهٽ غزل مان غائب ٿي ويو ۽ مشاعرم ۾ تہ معتبر شاعر ترنم ۾ شعر چوڻ پڻ هڪ عيب سمجهندا هئا . اهو ماحول گهڻوئي وقت رهيو . البت هن دؤر ۾ ڪي مسلسل غزل جا تجربا پڻ ٿيندا رهيا ، پر اهي پڻ قافيي سان نباهيندا هئا .

هن پس منظر ۾ واسديو موهيءَ رديف کي هڪ نئين انداز ۾ پيش ڪيو آهي . سندس غزل ۾ رديف صرف هڪ ڳهڻو نہ آهي ؛ پر هڪ لفظ يا لفظن جي مجموعي کي گڏي هڪ هيري جيان تراشيو آهي ۽ ان هيري جي هر ڪنڊ کي مرڪز بڻائي _ ان آتما کي سرير ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جو ڪڏهن نئون اڇوتو احساس آهي ، ڪو ڪڏهن خيال جو ڇهاءُ تہ ڪڏهن ڪو مبهم اشارو

جيتري قدر ٻوليءَ جي تخليقي استعمال جو سوال آهي ، واسديو موهيءَ جي ٻولي ٻن سطحن تي ڏيان ڇڪائي ٿي . ٻولي سڌي سنواٽي ، بنا جهوٻي ۽ پنهنجي رواجي ۽ سهج نموني لکجي . نثر کي وڌيڪ ويجهي هجي . ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ڪبير ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ گهڻائي مثال ملندا . واسديو موهي پڻ هن ڏس ۾ شعوري طور قدم کنيو ٿو ڏسجي .( مثال اڳتي ). ٻي خوبي جيڪا هن جي آهي ڪائناتي وستن ۾ حواسن جي مٽا سٽا ، جتي گل ڳائيندا آهن . خاموشي خوشبوءِ ڦهلائيندي آهي ، روشني ڇهندي آهي ، تارا پيرن ۾ وچڙندا آهن . ان جا پڻ ڪيترا مثال واسديو موهيءَ جي غزلن ۾ جابجا ملندا .

سندس غزلن ۾ سنڌ جي ساروڻي ، ڳوٺ ، سرحد ، ندي ، ٻولي ( الف ) جي حوالي سان ۽ سنڌيت جي پاڙ کي ڦولهڻ جي جستجو هڪ مکيہ پهلو آهي . ڪيترن ئي غزلن ۾ تہ ڪردار پڻ آهن . جو سج بہ ٿي سگهي ٿو ، ڪو ٻيو پڻ ٿي سگهي ٿو ، سمنڊ ۽ چنڊ پڻ ٿي

سگهي ٿو . مڪمل غزل انهن جي الڳالڳ اپينيہ ۾ مدرائن تي آهي _ جڻ غزل نہ پر هڪ نرت جو تاثر هجي .

موهيءَ جو مجموعو ' ڇهنب ۾ ڪڪ ' گهر جي تلاش کي نذر ڪيل آهي . سندس غزلن مان هن تلاش جو سفر هن ريت آهي . گهر هن لاءِ سنڌ جي علامت آهي . پاڙن ڳولهڻ جي جستجو آهي . ٻوليءَ ۽ مٽيءَ سان لڳاءُ آهي :

پراڻين شين کي ڏسي خوش ٿئي ٿو ،
جڏهن ڳوٺ مان ڪواڇي خوش ٿئي ٿو .

مٽيءَ ۾ جذب ڪي سڏڪا ٻڌائيندءِ ،
غزل جو سنڌ وارن تي لکيل آهي . (8)

جڏهن دبئيءَ ۾ نارائڻ شيام ، تنوير عباسي ، موتي پرڪاش ، گوپ ' ڪمل ' جي منهنجي گهر ۾ شعر و شاعريءَ جي مختصر محفل ٿي ۽ رهاڻيون ٿيون ، اهو آزمودو موهيءَ جي قلم مان هن ريت ظاهر ٿيو :

ڪلڪندي لهر سان ملي جڻ لهر ،
هند ۽ سنڌ شعر جون گونجون . ( 2 )

۽

نہ وڇوڙي نہ پيار جي ٿي ڳالھہ ،
سنڌ چوندي ٿي جو دليون سڏڪيون . (31)

ڪيترا ئي سال هو دل ۾ هڪ مايوسيءَ جو احساس ڍوئيندو رهيو . ڀارت ۾ سنڌين جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت بابت بي رخيءَ تي ارمان ڪندو رهيو ۽ چيائين :

هاڻي ليٽيل نظر اچي ٿو الف ،
ان کي سنڌي بہ خال ٿو ڀانئي .

هو سپنن جي دنيا ٺو خلقي ۽ ڏسي ٿو ’ منهنجو ڳوٺ ڇير ‘

ڏڏڙيل سج زمين ڇهي ، هڪلون ڏنار جون ،
ٽن ٽن سان ڳانيون موٽن ، منهنجو ڳوٺ ڇير .

ائين سڄي غزل جا بند پيرن ۾ ڇير پائي سڄي ڳوٺ ۾ جهومڻ ٿا شروع ڪن . سندس رديف ’ گهر لڳندو ‘ جو هر هڪ شعر هڪ سڄو ماحول پيدا ٿو ڪري :

آرتي ، رنگ ، مٺائي ، ڪل ڪل ،
ڪوبہ ڏڻ ٻڌجي پوان گهر لڳندو.

’ ڪيم ڇو ‘ ، ’ ڪئسي هو ‘ ، ’ تون ڪيئن آهين ‘ ،
ڪنهن بہ ڌرتيءَ تي ٻڌان گهر لڳندو .

هڪ ٻئي غزل جو رديف آهي ’ جهنگ ۾ ‘ . هاڻي هن ڪهڙي خوبصورتيءَ سان اهڙي غير رواجي رديف سان غير رواجي طرح نباهيو آهي :

ڪيڏو ڳالهائن ٿا هڪ ٻئي سان پکي ،
هڪ بہ ناهي شهر جو ڪو جهنگ ۾ .

( ظاهر آهي تہ شهر ۾ ڪوئي ڪنهن سان ڳالهائي ئي نٿو . )

هڪ هرڻ آهي جو ڊڪندو ٿو رهي ،
ڪهڙي ڪهڙي ڊپ کان بچندو جهنگ ۾ .
( فراريت ، بيسود آهي . )

’جهنگ ۾ ‘ رديف جو اهڙو واهپو پنهنجي انداز ۾ انوکوئي آهي .

موهيءَ جو هڪ غزل آهي ، جنهن جو رديف آهي ’نانگ ‘ ۽ هن ڪنهن چترڪار جيان نانگ جا ڪيترا ئي نقش پيش ڪيا آهن . شيخ اياز جي هڪ گيت ۾ ’نانگ ‘ جو ذڪر سجهيم ٿو ، پر سڄو سارو غزل نانگ تي لکي هڪ ڪردار جيان پيش ڪرڻ جي جريت موهيءَ ئي ڪئي آهي .

شيش گهر ۾ اڪيلي سپ جو چرڻ ،
هر طرف کان اچي وڃي ٿو نانگ.

ويڙهجي وينو شو جي گردن جي ،
حوصلو ڪيڏو ڏس رکي ٿو نانگ.

واسديو موهيءَ ’ پٿر ‘ رديف سان شهر جي فسادي ماحول کي مهارت سان چٽيو آهي :

شهر ۾ هو حراس ، مينهن وسيو ،
باهه سان گڏ ، هو وڏ ڦڙو پٿر.

هيٺيون شعر هڪ جهوني فلم ، ’نشانت ‘ جي آخرين شاٽ جي يادگيري ڏياري ٿو ته ٻار ڪيئن ظلم خلاف پٿر هڻڻ سان پنهنجي غصي کي ظاهر ٿو ڪري :

رت وهيو پئي مٿي مان ناڪر جي ،
ڳوٺ جي ٻار هو هنيو پٿر .

ڪجهہ سال اڳ گجرات ۾ زلزلو آيو. ڪيتري تباهي ٿي ۽ واسديو جي قلم مان هڪ غزل نڪتو، جنهن جو رديف آهي ’ بستي ‘ :

ڏار ڏرتي ، ڦٽي ويئي ڏرتي ،
قارون قارون ڪئي ويئي ڏرتي .

۽ ان حادثي بعد شروع ٿي سرڪاري ڪاروائي _ گهٽي هاءِ گهوڙا ڪري سڄي دنيا امن مدد حاصل ڪئي ويئي ۽ زميني حقيقت :

گهٽگهرا ڪيترا ٿيا پيدا ،
بس پني تي چٽي وئي ڏرتي .

پر هن زندگيءَ ۽ موت جي گهڙيءَ ۾ پڻ پنهنجي جذبي جي گهراين کي هو لڪائي نٿو سگهي. آخر غزل اچي ٿو ۽ پاڻ سان ڪٽي ٿو اچي مارئيءَ جو حوالو :

ڪيئن پنهنجي مٽي وساري ڪو ،
چمندي ڏرتي ، وسي ويئي بستي .

موهيءَ ڪن غير جاندار شين کي رديف ذريعي هڪ انوکي شخصيت بخشي آهي. انهن کي زندگيءَ جي الڳ الڳ رديفن سان ڳنڍيو آهي .

اپ ڪيڙي ، پنهنجن سان مرڪي ،
ڏيئو ناري ، سچ وينو آ .

پيشانيءَ جي مرڪ لڪي ڪئن ،
جڳ سينگاري سچ وينو آ .

غير جاندار شين جو سلسلو جاري رکجي ۽ هن سلسلي جي آخرين غزل جو رديف آهي ' چانئٺ تي '. صرف رديف بابت سوچڻ سان هن چانئٺ سان لاڳو ڪيترين ئي ڳالهين/ شين/نظارن جو تصور ڪري ٿو سگهجي!

هوءَ پروليءَ جيان ڪري ورتاءُ،
هرڪو جذبو رهيس چانئٺ تي.

واسديو موهيءَ غزلن ۾ ڪي ڪردار پڻ خلقيا آهن. سندس هڪ غزل ۾ هڪ 'ٻيڙو' ڪردار رديف طور آهي. هن زماني ۾ ' ٻيڙي ۽ ٻيڙايي' جون گهڻ ڪندڙن ڪيفيتون ڇٽيون ويون آهن :

واڻ جي ڪٽ ڇڪي ٿو ٻيڙو،
سوچ ۾ ننڊ اٿي ٿو ٻيڙو.

گهر مداريءَ جو ڪو ڪيل ٿيو،
آ گرين تي نچي ٿو ٻيڙو.

هتي آ گرين تي نچڻ جو اصطلاح خوبصورتيءَ سان اٿيو ويو آهي، 'ٻيڙي' جي لاچاريءَ ۽ بي وسيءَ جو چتر ٿو چٽي. گوپ ڪمل لاءِ لکي ٿو:

شهر ساري ۾ پتيون ڇٽندو آ،
پاڻ اڳيان شيشو جهلي بهندو آ.

موهن گيهاڻيءَ لاءِ لکي ٿو :
دڙي سان سگ پلائيندو، لڄي ٿيندو،
پو موهن ڪيئن سڏائيندو، لڄي ٿيندو.

ءُ

پٽيون اوچيون ڪري گهر اڏائيندو،
ڪو آڪيرو ڦٽائيندو لڄي ٿيندو.

واسديو موهيءَ هڪ ڪردار خلقيو آهي ’مٽڪو‘. سندس آزاد ڪوتائن جو سڄو ڪتاب مٽڪوءَ کي ڪٺي لکيو ويو آهي. مٽڪو هڪ ڳوٺاڻو شهر ۾ پنهنجي محنت وڪڻڻ جي مقصد سان اچي ٿو. شهر جي بي رخي، شهر جي ڪٺورتا، بي وابستگيءُ پنهنجو رت چوسائيندڙ (ايڪسپلائيٽيشن) جي جيئري جاڳندي شڪل آهي مٽڪو اهو ڪتاب هندي ءُ گجراتيءَ ۾ ترجمو ٿي گهڻي ساراهه ماڻي چڪو آهي. مٽڪو ڪردار کي هڪ رديف جيان ڪٺي واسديو هڪ سڄو غزل خلقيو آهي. جڏهن مٽڪو سڄي ڏينهن جو پگهر وڪٺي رات جو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچي ٿو :

روز جي هڻ پتوڙ، اونده تہ بہ،
ڪٿن نہ سج وڪٺي ٿو اچي مٽڪو!

ءُ گهر وارن کي ڏي ڪيئن ٿو ڏيندو رهي_ مل ۾ اسٽرائيڪ آهي. پيٽ خالي آهي :

چلهہ ءُ چمني ٺڏي، اڳيان ڪارڊ،
’مان مجي ۾‘ لکي کلي مٽڪو!

واسديو موهيءَ جي شاعري خاص ڪري غزل جهڙي کهني گهاڙيٽي ۾ هڪ نئين سرشٽي پيدا ڪرڻ جو انجام ڪٺي آئي آهي.

وري بہ چوندس تہ منهنجي هيءَ ڪاوش بيسود آهي، چاڪاڻ تہ واسديو موهيءَ جي شاعري پڙهي ماڻڻ جي وٿ آهي نہ ڪ ڪنهن تشريح يا بحث مباحثي جي.

هتي ويٺي ويٺي گهڻو وقت ٿيو،
ٿڪا آهيون، هل هاڻي گهر ٿا هلون.

’( ڪونج‘ جي واسديو موهي خاص انڪ لاءِ لکيل – بشڪريہ ’ڪونج‘)

# دبئيءَ جي ادبي ڪلاس ۾ پڙهيل مضمون

1۔ گهرجن ڪردار۔ آڪاڻين لاءِ
2۔ ياهو......ياهو
3۔ سنڌي پاڻڪ جي پڪار
4۔ آتم ڪٿا هڪ چمچي جي
5۔ زمانو خراب آهي
6۔ ڳانءِ جي ڳولها
7۔ نالي ۾ ڇا آهي ؟
8۔ اسان جي ٻولي !

# گھرجن ڪردار _ آڪاٽين لاءِ

مون ڪي هڪ آڪاٽي لڪٽي آهي . چون ٿا تہ آڪاٽيءَ ۾ آڪاٽي نہ هئڻ گھرجي ، اهو تہ تمام جهونو نمونو آهي ، پر مون ڪي آڪاٽي لڪٽي آهي . فئشن تہ پيا بدلبا. لفظن مان معنىٰ ڪيئن ڪڍي سگهبي . آڪاٽيءَ مان آڪاٽي ڪيئن ڪڍي ڇڏي سگهبي ، پر مان جيئن اڄ تائين جيئن آڪاٽي لڪي ويئي آهي ائين لڪندس تہ جهوني زماني جو ليبڪ ڳٽيو ويندس ، مون ڪي ڪوبہ نئون ليبڪ ، نئين چيتنا وارو ليبڪ قبول نہ ڪندو. هونءَ تہ چيتنا هر ڪنهن جي پنهنجي آزمودي مان ٿيندي آهي . شهر ۾ وڪامجندڙ هر چيز تي جيئن مئنيوفيڪچر جي تاريخ ۽ ايڪسپائريءَ جي تاريخ جو ليبل لڳو آهي ، اهڙيءَ طرح چيتنا جي ڪا ايڪسپائريءَ جي تاريخ بہ آهي ڇا ؟ مون ڪي نون ليبڪن ڪان گهٽو ئي ڪجھ سڪٽو پوندو ، پر ڪيتري ڪوشش جي باوجود وزن منهنجي پڪڙ ۾ نہ اچي سگهيو ، ڇاڪاڻ تہ استاد وزن جو مطلب اهو سمجهايو تہ هڪ ماترا جو مطلب هڪ ساھ ڪٽڻ جي وٿي آهي ۽ منهنجو ساھ ڪڏهن بہ ساڳي رفتار سان نہ هليو آهي . اڪثر ڌپ ۾ رهندو آهيان ، ڇڻ ساھ سدائين مٺ ۾ هوندو اٿم ۽ سياڻن جو چوڻ آهي تہ مٺ پيڙيائي پلي ، پر يا وزن هٿ اچي يا ساھ پر ساھ هر ڪنهن کي پيارو ٿيندو آهي ، تنهن ڪري وزن تان هٿ ڪنيو اٿم ۽ هٿ ۾ وزن سدائين آهي ، اها ٻي ڳالھ آهي .

ڇڏيو ان ڳالھ کي . ها آڪاٽيءَ کي ڳالھ پڻ چوندا آهن ، جيتوڻيڪ ڳالهير ٿيڻ سيپتا جي خلاف آهي ، پر مون واعدو جو ڪيو آهي سو آڪاٽي تہ ٻڌائڻي پوندي . واعدو نہ پاڙيندس تہ اوهان ڇا جو ڇا سوچيندا .... هونءَ ڪرشن پڻ گيتا ۾ ارجن کي چيو آهي تہ من جي

رفتار تي ڪنهن چڱي ڀلي جو قابو پائڻ سولو ڪم ڪونہ آهي . اسان سڀ خبر نہ آهي ڇا جو ڇا سوچيندا آهيون . اسان کي ڪو اختيار آهي ڇا ؟ هونءَ تہ هرڪو خود مختيار آهي ، پر آهي ڪو ، جو خود مختيار نہ هجي ؟ اسان هر ڳالهہ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جا محتاج تہ آهيون ئي . هن آڪاڻيءَ جي ڪٿي ڳالهہ وئو . اوهان ٻڌڻ پڙهڻ کان انڪاري ٿيو تہ ڪو آڪاڻيءَ کي وجود آهي ؟

ائين ڳالهيون تہ تمام گهڻيون ٿينديون آهن . ڳالهين کان گهڻا ۽ ڳرا الزام ٿيندا آهن ، پر تنهن هوندي بہ مان اوهان کي آڪاڻي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪيئن رهي سگهندس . مون کي خبر آهي تہ اوهان ڇا ٿا سوچيو . اهو ڪو آڪاڻي ٻڌائڻ جو نمونو تہ نہ آهي . مان مڃان ٿو تہ اهو آڪاڻي ٻڌائڻ جو نمونو نہ آهي ، پر مان ليکڪ آهيان . هونءَ ليکڪن جي ڪيسن ۾ ڪردار پيا هوندا آهن ۽ انهن ڪيسن ۾ ڪجهہ گچر مچر ريکائن جا پنا پڻ هوندا آهن . هو رانديڪن جيان پنن جي گچر مچر ريکائن تي لفظن کي هلائيندا . ڪٿي ڪو نئون رستو ملين تہ ٽڙي پوندا ، پنهنجي پني پاڻ ٿپريندا ، پاڙي وارن کي گهرائي پني ٿپرائيندا ۽ وڏي حال ۾ ڪتاب جو مهورت ڪري نہ سمجهہ ۾ ايندڙ لفظن جي پرمار وسڪي ۽ ڪاڪٽيل تي ڪندا . مون وٽ اهو سڀ ڪجهہ نہ آهي . مون کي پهرين ڪردار ڳولهڻا پوندا . اهي هوندا هن سماج ۾ ئي آهن . مان گهٽو ئي ڪين پنهنجو ڪريان ، ڪيترا لفظ سيکاريان ، پر آخر هو مون مٿان حاوي ٿي ويندا آهن ، لفظ معنيٰ ئي ٻي چڙائيندا آهن ۽ مون تي قهر ڪري ويندا آهن . مان پني تي ڪي ليڪون ڪڍان مس تہ دما غ ۾ وري ٻيون ليڪون ابرن . دما غ مان رموٽ ڪنٽرول وانگر ڪيترا ئي اشارا ڪريان ، ڪردار انهن ريکائن کان اڳتي نڪري ويندا آهن .

مون کي معاف ڪجو . هاڻي مان اشتهار ٿو ڏيان . جيئن ئي موزون ڪردار مليا ، آڪاڻي اوهان کي ضرور ٻڌائيندس . اهو منهنجو واعدو آهي .

## گهرجن ڪهاڻين لاءِ ڪردار

جيئن سنڌي ليکڪ بڻجڻ لاءِ ڪنهن بہ شرط يا لياقت جي ضرورت نہ آهي ، تنهن ڪري ڪردار پڻ احساس ڪمتريءَ کان نجات محسوس ڪن . ڪنهن بہ قسم جو شرط ۽ ڪنهن بہ لياقت جي يا سفارش جي ضرورت نہ سمجهن .

# ياهو..... ياهو

” ياهو .... چاهي ڪوئي مجهي جهنگلي ڪهي .... “ اهو گيت اسان جي زماني ۾ پيار چئوس ، محبت چئوس ، ڪٿي عشق سمجهو ، جي اظهار ڪرڻ جو طريقو هو ، پر اسان مڊل ڪلاس ماڻهو برفاني پهاڙن تي ڪتي ٽي وڃي سگهياسين . ائين پاڻ کي تہ جهنگلي چوائڻ کان وانجهيل ٿي رهڻو پيو ۽ وري سدائين اهو ڊپ تہ آخر گڏيل ڪٽنب ۾ پاتي ، پاڙي وارا ۽ اسڪول جا شاگرد ، ماستر ڇا چوندا ! هاءِ ڙي زمانا — سدائين تنهنجي ڊپ جي پاڇي هيٺ جيئرو ٿو رهڻو پوي .

پيار جي اظهار جو نمونو وقت پئي ڪيئن نہ بدلجي ويو آهي . هاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽريٽ ڪرڻ جي عمر ۽ وقت نہ رهيو آهي ، نہ تہ هن وشيہ کي ڪٿي پي ايچ . ڊي .ٿيان ها . عشق/ محبت/ پيار جو ڊاڪٽر . گهر ٻاهران سدائين نؤجوانن ۽ نؤجوانڙين جو ميڙ آڪو لڳو پيو هجي ها ! ڪيڏو نہ سڪدايڪ خيال ! پر حقيقت ۾ اڄ جي نؤجوانن کي اهڙي ڊاڪٽر جي ضرورت ئي نہ آهي . هو ڄمندي ڄام آهن .اهو ڪو پيو وقت هو جڏهن عشق جي مارئي کي عشق جو ’مريض ‘ ڪري تصور ڪيو ويندو هو. ائين مان عشق/ محبت/ پيار سڀ گڏي ويو آهيان . پر عشق/ محبت/ پيار /نينهن ، هنن سڀني ۾ ڪيترو نہ فرق آهي . جڏهن عشق جو تصور ٿو ڪجي تہ ڪنهن حويليءَ جا فانوسا ، غاليچا ۽ صراحي ٿي ذهن ۾ اچي ، ’محبت ‘ ۾ اردو شاعريءَ جو سڄو ماحول ساقيءَ جي بي رخيءَ تي پريشاني ، زندگيءَ طرف مايوسيءَ ، شڪايت ۽ شڪوي جو عالم اڳيان ٿو اچي بيهي ’پيار ‘ لفظ سان ، وڻ ، پهاڙ ، نديون ، سانوڻي رات جا چتر ذهن تي اڀرن ٿا ، پر ’نينهن ‘ سان اونداهي رات ۾ ڪنهن جهوپڙيءَ اندر ٻرندڙ ڏيئو اکين ۾ روشني ، ڇپن تي معصوم مرڪ ڦهليل محسوس ٿي ٿئي .

وقت پٽي نينهن ، پيار وغيره جي اظهار جو نمونو پڻ بدلجي ويو . ڪنهن وقت پيار جي اظهار تي بندش ۾ ڪامياب پيار جي نشاني هئي .

’ نهائينءَ ڪان نينهن سک منهنجا سپرين ،

سڙي سارو ڏينهن ، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري . ‘

هن نينهن جي نهائينءَ ۾ ڪو وڏو سورمو پڇي راس تي سگهندو هو ۽ اهو نينهن امرتا جي ضمانت هوندو هو.

پوءِ ٻيو وقت آيو ، جڏهن فارسيءَ واري، عاشق جون ڇهہ نشانيون ظاهر ڪري ٻڌايون :

آهہ سرد ، رنگ زرد ، چشم تر ،

انتظاري ، بي قراري ، دربدر .

گذريل صديءَ ۾ فرانس ۾ ميلن ڪوليا دڪي تي رهڻ جو فئشن هوندو هو . جو دڪي لڳندو هو اهو ئي پيار ڪندڙ ليکيو ويندو هو .

ويهين صديءَ جي ٽئين چوٿين ڏهاڪي ۾ وري ماستر چندر ، اڪين جي ٻوليءَ جي ڳالهہ ڪئي ، اردو شاعرن اڪين جي تيرن ۽ ابرو ڪمان جي فوج آڏو ، توبهہ توبهہ ڪري ، جانا گيسيون ۾ري يا جان ڇڏائي ۽ جان قربان ( ! ) ڪئي .

ڪالهہ ڪالهوڻي ڳالهہ آهي ، صدا پئي بلند ٿي .

” پيار ڪيا تو ڊرنا ڪيا ،

پيار ڪيا ڪوئي چوري نهين ڪي ،

ڇپ ڇپ آهين ڀرنا ڪيا . “

سائين ، ڪٿي منهنجو نهائينءَ وارو نينهن ۽ ڪٿي وري پيار جا نعرا ! ۽ ياهو... ياهو.....

سيڪسي

ماءِ ايوري ٿنگ از سيڪسي

۽ اڳتي

وري بہ اهو مئو ’ياهو‘ چڱو هو.

# سنڌي پاڻڪ جي پڪار

اسان جي دوستي عجيب هئي. هو مون کي مامو چوي ۽ مان کيس مامو چوان. حقيقت ۾ اسان جو ڪو رت جو رشتو نہ هو. سالن جا سال نہ ڳڏجون ۽ جڏهن ڳڏجون تہ ائين لڳي ڪڏهن جدا ئي نہ ٿيا هئاسين. تنهن ڏينهن ڳڏيو. ڏاڍو مايوس هو. روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين، ’يار، اڄ امان ياد اچي ويئي.‘

همدردي ڪندي چيومانس، ’مائٽ ڪنهن ڪان ٿا وسرن، ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ ياد ايندا ئي.‘ چيائين، ’مان تمام ننڍو هوس. اوندهہ ڪان ڊپ لڳندو هوم. هاڻي بہ لڳندو اٿم. امان کي کيل ڏسڻ جو شوق. بابو گهر مان نڪري ۽ هوءَ مون کي وٺي کيل تي نڪري. مون کي ڊپ لڳندو هو. مان ضد تي تہ مان نہ هلندس. هوءَ مون کي جنسي چماٽن سان راند ڪرائيندي دڙون ڪڍندي کيل تي وٺي هلندي هئي. منهنجي اکين جي نہ گنگا جمنا، سڏڪن ۽ زمين تي ليٽڙيون پائڻ جو مٽس ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو هو ۽ وري ڊپ اهو ڏيندي هئي تہ پٺهين کي خبر پيئي تہ ڳاڙها مرچ وجهنديسانءِ. کيل جو سوچي حراس ۾ ڪنبڻي وٺي ويندي هئي. اهو سڀ سوچي هاڻي پڻ سرير مان سيساٽ پيو نڪري.‘

’پر ماما، ايتري جهوني ننڍي هوندي جي ڳالهہ ياد ڪري تون هاڻي ڇو ٿو مايوس ٿين؟‘ مون همدردي ظاهر ڪندي چيو.

هن جي صبر جو ڄڻ بند ٽٽي پيو. جڏهن آواز نڪتس تہ ڄڻ ڪنهن نانگ جي ڪکيل جيان دانهن ڪندي چيائين، ’يار، مان ويو هوس پڇن ٻڌڻ، پر اتي الائي ڇا پئي هليو.

چيائون پئي ساهتڪ سيمينار آهي . ڦاسڻ کان پوءِ ڦٽڪڻ کھڙو ؟ هرڪو اسٽيج تي اچي واڪا ڪري ، ’سنڌي پڙهو . اسان جو ساهت دنيا جي بهترين ساهت سان برميچي سگهي ٿو. پاڻڪ ڪونہ آهن . ڪو ڪتاب خريد ڪونہ ٿو ڪري . سنڌي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ سان سنڌي قوم بچي ويندي . سو مون پڻ جذبي ۾ اچي ڪي ڪتاب خريد ڪيا . ‘

مون چيو، ’اها تہ تو سٺي ڳالھہ ڪئي نہ ؟ ‘

هن رڙ ڪندي چيو ، ’سٺي ڳالھہ وري ڏوڙ جي ڪيم . پڙهڻ شروع ڪيم تہ مون کي لڳو تہ ڪوئي زوريءَ چماٽون هڻي پڙهڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي .ڪيتري ڪوشش ڪيم ، ڪجھہ سمجھہ ۾ ئي نہ پيو اچي . صرف ائين پيو لڳي تہ ڪوئي ڳَتڙ کان جهلي پاٽيءَ جي ڪنهن بيٺل دٻي ۾ منهنجي سسي وجهي چوي ٿو، ’سنڌي ساهت پڙهہ ، پڙهہ ...، بس ان تڪليف ڪري امان جي زوريءَ ڪيل تي وٺي وڃڻ واري ڳالھہ ياد آئي آهي‘.

همدردي ڪندي چيومانس ، ’پر آخر ڪتاب ۾ اهڙو ڇا هو ؟ ‘

چيائين ، ’ يار ، توکي تہ خبر آهي ، پاڻ مئٽرڪ تائين ڪيئن آهستي آهستي ڪاهون ڪري پهتاسين . واھ يار ، اسان جو بہ زمانو هو . شاعر اسان پڻ ڏٺا . اصل ڪويسر ! اسان جي گهر جي ڀرسان درٻار جو ڀائو گرمکداس هوندو هو . ڇا تہ ڀڄن ڳائيندو هو. ڪٽاھ پرساد جي لالچ ۾ مان بہ روز هليو ويندو هوس . جڏهن ڳائيندو هو تہ دک وچان سندس آواز گهٽجي ويندو هو، اڪين مان ڳوڙها ۽ نڪ بہ وهڻ لڳندو هوس . جڏهن تان هٽندو هو تہ سندس ٻڍي وات مان ڪي ڦينگون پڻ نڪرنديون هيون . پر يار ، ڪوي وڏو هو . وٺي وٺي ڀڄن تيار . هڪ دفعي ڪا فلم لڳي ، هرڪو پيو ان فلم جو گانو ڳائي . هن ساڳي طرز تي هڪ ڀڄن تيار ڪيو ۽ سنگت کي جهومائي ڇڏيائين . چي : راڌا ڪرشن کي چوي ٿي ، ’ تون منهنجو ڄمون آن — مان تنهنجي چاشني . ‘چاشني ۽ ڄمونءَ جو رشتو اٽوٽ . ( طرز — تو ميرا چاند ، مئن تيري چاندني ) سندس ڀڄنن جون ڪيتريون ئي چؤنپڙيون ڇپيل هيون . هي هڪ ڀڄن مٿان ڪنهن نہ ڪنهن فلمي گيت جي طرز لکيل هوندي هئي . هرڪو پيو ڀڄن جهونگاريندو هو‘.

ڪڏهن ڪڏهن چنڊ جي ڏينهن ڀڳت واسو پڻ ٽڪاڻي جي پڊر ۾ اچي ڀڳت وجهندو هو . نچندو خوب هو ، پر آواز گهگهو هوس . وچ وچ ۾ ڀائو گرمکداس ڏوهيڙا پڻ ڏيندو رهندو هو ۽ جڏهن هو هڪ ٻئي جي ساراھ ڪري ٿڪجندا هئا تہ ستسنگين کي موؤج

اچي ويندي هئي . هڪ ڏينهن ڪٿان ڪو باندر اچي سهڙيو ۽ ڏند شيڪي پڳت صاحب سان گڏ نچڻ لڳو ۽ ٻائو صاحب بود ۾ پرجي جهمريون هڻڻ لڳو ۽ اتي جو اتي شاعري ڪيائين ، 'باندر ٿو نچي — ڏسو باندر ٿو نچي .' سائين ، سنگت ۾ ٽهڪڙا پئجي ويا هئا . واهه جو موج متي .

هتي هندستان ۾ سائين ، پروفيسر رام پنجواڻي ، بلين بلين ، ڏاڍي وڏي شڪتي هو . هزارن ۾ خلق هجي جهولي لعل جي ڌني لڳارائيندو ۽ هڪل پيئي پوندي ' تاڙيون ' . پائي ، جهولي لعل جي ڌني ۽ تاڙين جو ٺهڪو چا تہ مزو ايندو هو ، وري مسخرو اهڙو جو خلق ۾ کل ئي کل _ سندس اردو شاعريءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي ، پر منجهس ڳوڙهي اندروني روحاني معنيٰ جام هوندي هئي .

تن ڏينهن ۾ بائيسڪوپ يا کيل تي وڃڻ جي موڪل وٺڻي پوندي هئي . موڪل تڏهن ملندي هئي جڏهن بابي کي ٻاڏائي ڪنونس ڪبو هو تہ کيل ڌرمي آهي ، يا منجهس ڌرمي سکيا جو ڪو سبق سمايل آهي . کيل تان موٽڻ بعد بابي کي زور ڏيڻ ، سربستي آکاڻي ٻڌائڻ ڊائلاگ ۽ گانن جو مسوّدو ٻڌائڻ لازمي هوندو هو . يار ، هاڻي جي کيلن جي ڳالهہ الڳ آهي . هن ڪلرواري زماني ۾ چوڪريون لڳنديون تمام سهڻيون آهن ، پيو سڀ ٺيو پلو . گانا بہ ڪي سنا ٿين جي ڳائي سگهجن . جيئن هڪ ڪان سو تائين ڳٽپ . چني آئي هئہ . تنهن ڏينهن مون وارو نبو ويو تہ ڪاڪوس ۾ پيو ڳائي .... آئي هئہ — آئي هئہ .

ننڍي هوندي اسڪول ۾ بہ جڏهن ڪا آکاڻي ( اسٽوري ) لکڻ لاءِ ملندي هئي تہ ماستر جي هدايت هوندي هئي تہ آخر ۾ لکٽو آهي 'مورل آف اسٽوري از...' . جيڪڏهن آخري سٽ ۾ اها سکيا نہ رکي ويندي هئي تہ مارڪون ڪٽبيون هيون .

هاڻي هيءُ سنڌي ساهت وري ڪهڙو آهي . هڪ مائي ليکڪا آهي نالو اٽس ڪلا پرڪاش ، چون ٿا سئيون آکاڻيون لکندي آهي . سندس آکاڻين جو ڪتاب وٺي آيس ، ٻہ آکاڻيون پڙهيون اٿم . منهنجو تہ ڪارو منهن ٿي ويو آهي . هڪ ننڍي چوڪريءَ کي چاچو چڙٻ ٿو ڏئي . هوءَ اها ڳالهہ سالن جا سال سانڍي ٿي رکي . اڙي يار ، ٻار مڇ جو وار ، جيئن ورائينس تيئن وري. مار تہ ٻار جي سنوار ٿيندي آهي دپ دڙڪو تہ ٻار کي ڏبو نہ . جيڪڏهن سڀ ٻار هن چوريءَ وانگر سمٺا ٿيا ۽ ... چڏ يار ، پاڻ کي تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي— آخر اهو سڀ ساهت آهي ؟

وري هو مٿو ماريو مٿي ۾ تيل نٿو وجهي. ان تي آڪاٽي آهي. اڳي ته وارن ۾ چتي ڪڏائي چيڙي رکائيندا هئا. بادام روغن جي مالش ڪرائيندا هئا. هاڻي وار تيل کان سواءِ اٿيا! ۽ اها ئي آڪاٽي. ور ور ڇوڪريءَ کي پيو سڏي ته سندس نظر اٿين وارن تي وڃي. يار، توبهه لڳي پيئي آهي.

هڪ همراهه انجنير آهي ۽ شاعر پڻ. نالو اٿس گوپ ڪمل. شاعري ڪئي اٿائين 'سرحد تي گل نه پوکبا آهن'. ها سرحد تي گل نه پوکبا. سندس واسطو ڪنهن اناڙيءَ سان پيو ٿو ڏسجي. سرحدن تي ته جنگيون ٿينديون آهن. مون چيو ڪٿي اها ڪوتا پڙهان. يرمار! ڳالهه ئي ابتي لڳي پيئي آهي _ مطلب اٿس ته سرحدن تي گل ڇو نه پوکجن. آهي نه ابتي کوپڙيءَ وارو ماڻهو. بابا، اهڙيءَ شاعريءَ کان جانو آهي، گيسي آهي.

هڪ ٻيو شاعر واسديو موهي. ڪتاب لکيو اٿائين 'مٽڪو'. مون سمجهيو ته تڪارام جي اڀنگن وانگر، ڪي مالها جي مڻڪن وانگر ٻچن هوندا. ڪنهن اجائي مزور تي خبر نه آهي ڇا ويٺي لکيو اٿائين. اڳي شاعريءَ ۾ هونديون هيون — خوبصورت پريون، راجڪماريون، راجڪمار، هوائي ڪٽولا ۽ عشق ۽ پيار جون ڳالهيون — پر هن ته شاعريءَ جي نالي جي بي عزتي ڪئي آهي.

هڪ ڪتاب آهي موهن گيهاڻيءَ جو 'پوپٽ پکڙيندي'، چون ٿا اها پڻ ڪوتا آهي. حقيقت ۾ هن ڪتاب جو نالو هئڻ کپي 'ڏينين جو مانارو'. پني جو اجايو زيان ڪيو ويو آهي. سڄو ڪتاب ڏهن ٻارهن صفحن ۾ اچي سگهي ها. شريڪانت صدف جو هڪ ٻيو شاعريءَ جو ڪتاب آهي، 'نانگن جا ٻر'. مون پڙهيو ڪونهي. خؤف ٿو لڳي.

منهنجا دوست! منهنجا همدرد! جنهن جو قسم چئين ڪٺان. مان ممبئيءَ کان ڪراچيءَ تائين سمنڊ جي مٿان هلڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو، پر يار، سنڌي ساهت کي پڙهڻ جي مون ۾ همت نه آهي. ڪير سنڌي ليکڪن کي چوي 'يارو! خدا جي واسطي منهنجي اکين تي ڪپڙو ٻڌي _ مون کي اونداهي ڪمري ۾ ڪاري ٻلي ڳولهڻ لاءِ مجبور نه ڪريو......'

# آتم ڪٿا هڪ چمچي جي

اڄ من وري ماضيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي . ڪيترين نہ يادگيرين ! ڇاڻ ٿي نہ هئي تہ من جي سطح کي ڇيڙڻ سان ڪيترين ئي ڳالهين جي بنهہ وساري ويٺو هوس ، وري ڏوڪي اڳيان ايندين ۽ اظهار پائڻ لاءِ پريشان ڪنديون . پريشاني ، ڏپ ، ۽ سندن مان پيدا ٿيل خفي هئڻ جو لڳاتار ۽ بي صبريءَ ڪجهہ بہ ماڻڻ نہ ڏنو اٿم . ڪجهہ ماڻڻ لاءِ من جو ٿانئيڪو هئڻ ضروري آهي ، پر هڪ احساس آهي ، هر ڪن ڪنهن اڻ ڇاتل دٻاو هيٺ 'جلد ، جلد' گذري وڃڻ جو !

مان مائٽن جي پڇاڙيءَ جو اؤلاد مون کان ٻيا ڀاتي گهڻا وڏا جن سان/ ايتري نسبت محسوس نہ ڪيم . منهنجي ٻالپڻ ۾ ٽي شخص اهم جاءِ والارين ٿا . ماءُ _ پيءُ ۽ مون کان وڏو ڀاءُ ، جيڪو مون کان ٽي سال وڏو هو . هاڻي جڏهن سوچيان ٿو تہ منهنجي زندگيءَ جي شروعات ئي رد_ عمل جي سلسلي سان ٿي آهي . منهنجو ڀاءُ وڏو هو تنهن ڪري منهنجي ڀيٽ ۾ طاقتور ۽ ۽ مان ڪمزور ، شايد منهنجي پيدا ٿيڻ ڪري سندس حيثيت کي لوڏو محسوس ٿيو ، تنهن ڪري هو اڳرو ( ائگريسو ) ۽ مان نماڻو — هو ڪليل رنگ جو ۽ مان ڪارو . مان ٿورو وڏو ٿيس تہ هن پنهنجي جسماني طاقت جتائڻ جي ڪوشش ڪئي . راندين ۾ حصو وٺندو هو ۽ مون کي سدائين اهو احساس ڏياريندو هو تہ مان ڪمزور ۽ گيدي آهيان ، تنهن ڪري مون جسماني ورزش ڏانهن ايترو ڌيان نہ ڏيئي پاڻ کي دماغي طور سرس ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي . سدائين اسڪول ۾ وقت تي وڃڻ لڳس . سنو ٻار ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪيم . هو سنگهہ جي شاخا ۾ ويندو هو ، جنهن جي فلاسافي اڳرائيءَ ( ائگريشن )

تي ٻڌل هئي ۽ مان وري ڪانگريس جي سيوا دل ۾ ويس ، جنهن جي فيلسوفي اهنسا جي متي تي ٻڌل هئي .

جڏهن تمام ننڍو هوس تڏهن سندس مار کان منهنجو پيءُ ئي مون کي بچائيندو هو ۽ مون کي خبر نہ آهي ، احساس ڪڏهن ٿيو تہ بابا مون کي بچائي سگهندو ، تنهن ڪري مون دل و جان سان بابا سامهون سرخرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي . مون اهو طئہ ڪيو تہ ڪندس اهو جيڪو بابا کي وڻندو . ڳالهائيندس اهو جيڪو بابا کي وڻندو . راند ڪندس تہ پاءُ کان هارائيندس ۽ ذلت سهڻي پوندي ۽ بابا کان الڳ ٿي ويندس . تنهن ڪري بابا سان ئي پنڌ ڪرڻ وڃڻو آهي .بابا جي معمولي ناراضگي منهنجي من ۾ غير سلامتيءَ جي احساس جو بڻڻ دٻائيندي هئي ۽ مان پريشان ٿي ويندو هوس . اها فطرت هاڻي بہ هلندي اچي . ڪنهن طاقتور شخصيت جي پاڇي ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهندو آهيان ، تنهن ڪري سندس پاڇي کان ٻاهر نڪرڻ جي جريت نہ ڪئي اٿم .

سو هن پس منظر ۾ شروع ۾ مان بابا جو چمچو ٿيس ، پر اهو چمچو لفظ تڏهن مروج نہ هو . اهو بہ زمانو هو جڏهن چمچو سچ پچ چمچو ليکيو ويندو هو . پر اڄ جي مفهوم موجب مان ڄڻ پيدائشي چمچو آهيان . اها ڳالهہ مڃڻ ۾ مون کي اعتراض ٿيڻ نہ گهرجي . هر ڪو رشتو ٻہ طرفو ٿيندو آهي . چمچي جي رشتي جو ٻيو جوڙ وات آهي . ائين هڪ طرف ڪمزور تہ ٻئي طرف زوراور هئڻ ضروري آهي . هڪ جو ڪم آهي ڏيڻ ۽ ٻئي جو ڪم آهي قبولڻ .سو هن رشتي ۾ جيڪا ٽلٽ آهي اها طاقت طرف آهي . ڪڏهن ڪڏهن ڪو چمچو وڏيڪ ۽ وڏي طاقت وارو ٿيندو آهي ۽ ڪو گهٽ ۽ ننڍي طاقت وارو جو اها تہ پنهنجي پنهنجي قسمت آهي ۽ جڏهن ننڍي طاقت وارا چمچا وڏي طاقتور تائين نہ پهچي سگهندا آهن تہ نفرت ۽ خنديءَ وچان ڪار ڪائيندا وتندا آهن ، " سالو چمچو ! " ۽ ائين خبر نہ آهي تہ چو سالي ۽ پيٽيوئي جي رشتي ۾ پڻ سالو لفظ نفرت جي اظهار لاءِ گار طور ڪم ايندو آهي ؟ هتي بہ هڪ وٺڻ وارو ۽ هڪ ڏيڻ وارو هوندو آهي ۽ وٺڻ وارو پنهنجي طاقت جتائڻ چاهيندو آهي ، تنهن ڪري شايد ائين آهي . ڪيترا ايرڪا ۽ ڪيني وچان چوندا آهن ، شينهن جو پڇ ٿيڻ کان ڪتي جو وات ٿيڻ بهتر آهي . جيتوڻيڪ عالم آشڪار آهي تہ ڪتي جو پڇ تہ آخر ڪتي جو پڇ ٿيندو آهي ۽ شينهن جي ماپ سندس پڇ سميت ڳڻبي آهي .

جيئن هر ڪنهن رشتي سان آهي ، اهو رول سدائين ساڳيو نہ رهندو آهي . ڦرندڙ گهرندڙ رول آهي . ڪڏهن وات پڻ چمچو ٿي پوندو آهي ۽ ڪٿي چمچو وات ، سوال آهي طاقت جي ميزان جو. سڄي راڄنيتيءَ جو ڍانچو ۽ آفيسر شاهيءَ جو سرشتو چمچاگيريءَ جي هن نيتيءَ جي اصول تي ٻڌل آهي . هن سڄي سرشتي جي ڪاميابيءَ جو راز هن منتر ۾ آهي .

ڪڏهن ٿجي چمچو ، ڪڏهن ٿجي وات ،

ڪر هيٺن کي مات ، تہ نانءُ ٿئي وڏ وڏيري ۾ .

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪو چانديءَ جو چمچو ، ڪو اسٽيل جو ۽ ڪو وري ايليميونم جو يا ڪاچ جو . اها هڪ اهم عالم آشڪار حقيقت آهي تہ سنڌي دماغ انسان ذات کي ٻہ شيون ڏنيون آهن ۽ انهن بنيادي شين کي ڇڏي ٽين شئہ انسان ذات حاصل نہ ڪري سگهي آهي . اڳتي نہ وڌي سگهي آهي . هڪ آهي ڦيٿو ۽ ٻيو ايڪسچينج يا ڪرنسي يا پئسي جومفهوم . انسان ذات اجا پئي لوڙي . اها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجي ڄاڻ موجب مصر جي آثار قديم جي ڄاڻن کي فروهن جي مقبرن مان جيڪي شيون لڌيون آهن ، انهن ۾ چمچي جو ذڪر ڪٿي ڪونهي، پر اهو انومان ضرور آهي تہ موهن جي دڙي ۾ جيڪڏهن چمچو نہ مليو آهي هئڻ ضرور کپي ، ڇاڪاڻ تہ ويدن جي رچنا سنڌوءَ جي ڪناري تي ٿي آهي ۽ آريہ لوڪ هون ڪرڻ وقت ' سواها ' چوندي جيڪو گيهہ وجهندا هئا ، اهو تہ ضرور چمچي سان وجهندا هوندا . تنهن ڪري انومان اهو ڪرڻ کپي تہ چمچو پڻ سنڌي جينيس جي پيدائش آهي .

منهنجا دوست ! منهنجا همدرد ! منهنجا سائين مان هڪ تاريخي سلسلي جو پيدائشي چمچو آهيان . مان انهن مان آهيان جن جو نالو تاريخ ۾ نہ ايندو آهي . مان صرف ڪاميابين ۽ ناڪامياين ۾ هڪ ڪڙي آهيان . ڇيهہ نہ آهيان . ڏيئي جي وٽ ۽ تيل ٿي سگهان ٿو پر شعاءُ نہ . هلچلن جا قدم ٻڌجي سگهان ٿو پر تلڪ ۽ گل قبول ڪندڙ سر نہ .

مان گهڻن ئي وقتن تي يا ساڳئي وقت ڪيترن جو چمچو رهيو آهيان . نالا انيڪ آهن . هاڻي في الحال تہ مان ڪنڊ جي برنيءَ ۾ پيل چمچو آهيان ۽ انتظار اٿم تہ پل بہ پيا ماڻهو ڪنڊ ڪائين .

# زمانو خراب آهي

هيءَ ڪٿا بنڌل ۾ ٻڌايل ڳالهه نہ آهي. اڪين ڏٺل ۽ ڪنن ٻڌل ڳالهه آهي. هڪ ٻار لاڏ وچان ماءُ جي گود ۾ ٿو وهي ۽ ٻار جي مٿي تي ممتا جو هٿ گهمائڻ ٻدران ۽ پڇڻ ٻدران تہ ڪيس ڪهڙي شئہ جي ضرورت آهي، ماءُ پڇيس ٿي ٽماٽي جي اسپيلنگ ٻڌاءِ. ٻار جو منهن ڪومائجي ٿو وڃي. ڪيس ٽماٽي جي اسپيلنگ ياد هئي يا نہ، سندس اکين ۾ ڊپ ۽ هراس پرجي ٿو اچي ۽ هو ڪجهه ٻٽ ٻٽ ڪندي پريل گلي سان ڪي مبهم آواز ڪڍڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ڪري سگهي ۽ ماءُ جي غصي ۽ ملامت جو شڪار بڻجي شرمندگيءَ (هيوميليشن) وچان آهستي آهستي هليو ٿو وڃي.

اڪثر ڪنهن کي فيبروري مارچ مهيني ۾ گهراءِ تہ جواب ملندو، اسان نہ اچي سگهنداسين. ٻارن جا امتحان آهن ۽ ڪي دوست ڦرتيءَ سان اهو پڻ چئي ڇڏيندا آهن تہ اسان جي گهر ۾ هنن ڏينهن ۾ مهمانن جي اچڻ تي بندش آهي. لڳندو آهي تہ ٻار نہ آهن، ڄڻ ريس ڪورس جا گهوڙا آهن، جن کي چهبڪ هڻي پهريون نمبر اچڻ جي ڪوشش آهي.

ريس ڪورس ۾ گهوڙا آهن ڊڪڻ لاءِ تيار،

پهريون نمبر اوس هڪ ايندو، ٻيا مڙيئي گڏهہ آهن.

جڏهن مائٽن کي چٽبو آهي تہ سندن هلت اسپاويڪ آهي تہ جواب ملندو آهي، اڄ ڪلهہ چٽاپيٽيءَ (ڪامپٽيشن) جو زمانو آهي. مڃان ٿو تہ ڪامپٽيشن جو زمانو آهي، پر ان جو مطلب اهو تہ ڪونهي تي هرڪو پهرئين نمبر جي ڊوڙ ۾ هجي. هرڪو ٻار ڪنهن خاص

دماغي معيار ۾ الڳ الڳ رچي سان ڄمي ٿو ۽ اهو وساريو ٿو وڃي . آخر هيءَ سڄي هتاش آهي ڇا لاءِ ؟ هن جو ڪارڻ ڪهڙو ؟

لڳي ٿو ته اسان جي پيڙهي تمام ائمبيشيس ٿي پئي آهي ۽ تمام گهٽي رفتار سان ڪاميابيءَ جي خيال سان جڪڙيل آهي .هاڻي صرف ڪاميابيءَ جي ڏاڪي تي مٿئين ڏاڪي تي پهچڻ ئي مقصد رهيو آهي . حقيقت ۾ صحيح رخ ڪٽجي ته ائمبيشيس ٿيڻ ڪا خراب ڳالهه نه آهي . خطروان ڳالهه جو آهي ته اڳتي وڌڻ ۽ آخرين ڏاڪي تي نه پهچڻ جي حالت ۾ جيڪو فرسٽريشن ٿئي ٿو سو سڄي سماج لاءِ هاجيڪار آهي . مائٽ پنهنجا فرسٽريشنس ۽ پنهنجين ائمبيشنس جو هٿيار پنهنجن ٻارن کي بڻائين ٿا ۽ ائين ڪيترين حالتن ۾ ٻارن کي بيحد بوجهه ( پريشر ) جو شڪار ٿا بڻائين . اسان جي سماج ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ هن دؤر ۾ ٻيا سڀ قدر لڙهي ويا آهن ائين ٿو لڳي ۽ ائين هڪ طرفو رخ سماج جي ٻهومکي ۽ گهڻ طرفي اوسر ۽ واڌاري لاءِ پشو پيش هاجيڪار ٿيندو ، اهو ڊپ تمام حقيقي آهي .حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته تاريخ جي پاسخاطري پڻ سدائين ڪاميابيءَ سان ئي رهي آهي ، ناڪامياب شخص جو نالو تاريخ ۾ مٽيرو نه آهي . نالي جو ناڪاميابيءَ جي حوالي ۾ صرف هڪ نالو ئي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪمزورين کي ڪٽي ملامت سان ڇٽيو ويو آهي ، پر اها حقيقت آهي ته اڳي تاريخ ۾ ڪو به مڊل ڪلاس ايترو طاقتور نه رهيو آهي ، جيترو هن لوڪشاهيءَ جي دؤر ۾ رهيو آهي ، تنهن ڪري هن ڪلاس جو ايترو فرسٽريشن تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو ويو آهي . هن فرسٽريشن جو مقدار ئي چنتا ۾ وجهندڙ آهي .

اڄڪلهه نؤجوانن ڪان اوهان اها ڳالهه مشڪل سان ٻڌندا ته فلاڻو ڪ فلاڻو سنو شخص آهي . هاڻي حسرت سان چوندا ته فلاڻو ڪيترو نه وڏو ماڻهو آهي ۽ ماڻهوءَ جو وڏو هئڻ سندس بئنڪ بئلينس تي مدار ٿو رکي . اڳي پڻ پئسي کي اهميت هئي ، پر هئڻ جيتري . هر چيز ، هي قدر تي پئسو حاوي پئجي وڃي ، ائين ڪونه هوندو هو. ڪيترائي پيرا اشتهار پڙهندو آهيان — نوڪريءَ لاءِ گهرجي رزلٽ اوريئينٽيڊ نؤجوان . مطلب ته نتيجو پيدا ڪريو. ڪيئن به نتيجو يعني پروفٽ ڏيکاريو . اوهان اهو سڀ ڪندي ڪوبه صحيح يا غلط ڪم ڪريو ، پرواهه نه آهي. سان جي وقت ۾ ئي ڪڊس اينڊس مينس تي بحث ٿيندو هو ته غلط طريقي سان صحيح نتيجي تي نٿو پهچي سگهجي . حاصلات ڪنهن غلط ذريعي جو جواز نه آهي ، پر هن پيڙهيءَ کي اهڙي ڪنهن سوچ جي ضرورت ئي نه آهي . سندن لاءِ پئسي جو

ڪوبہ مذهب ۽ رنگ نہ ٿيندو آهي ، پئسي لاءِ سڀ ڪرڻ روا آهي . اڳي ڪهل ، ديا ، فضيلت سنن ڳڻن ۾ شمار ٿيندا هئا ۽ هاڻي گهرجي مارڻ جي اچا شڪتي ( ڪلر انسٽنڪٽ ) . ائين هڪ پيرو اوهان مارڻ ڪٽڻ شروع ڪريو تہ اها ڳالهہ صرف ٻاهر تائين تہ محدود نہ رهندي ، اها اوهان جي شخصيت جو حصو بڻجي ٿي پوي ۽ اوهان جي شخصي زندگيءَ ۾ پڻ پيهي ٿي اچي — پوءِ آخر ان جو انت ڪٿي ؟ ممڪن آهي تہ اهو سڄو رد_عمل وچولي طبقي جو زمين کان الڳ ٿيڻ ، پاڙان پٽجڻ ۽ روايتن کان ٽٽڻ ڪري غير سلامتيءَ جي احساس ۽ هراس جو نتيجو هجي . پر انساني ماپي ۾ هن صورتحال جي قيمت تمام ڳري ٿي ادا ڪرڻي پوي .

اهي تمام گنڀير سوال آهن ، جي اڄ سماج وگيانين جي جي من ۾ اهم آهن ۽ هو هن طرف توجہ ڏيئي رهيا آهن . انسان ڪا مشين تہ نہ آهي ، جنهن بابت ڪا اڳڪٿي ڪري سگهجي . اسان جي من تي تہ ڪو بہ بند ٻڌي نٿو سگهي ، پر حالت گنڀير آهي ، اها پڻ حقيقت آهي . هن سڄي معاملي جو هڪ پيو رخ پڻ آهي .

هتي پهچي مون کي ننڍي هوندي جي هڪ ڳالهہ ٿي ياد اچي . اسڪول ۾ ڪيترا ئي ڀيرا بحث وشيہ طور ڏيندا هئا تہ ” اسان خوش آهيون يا اسان جا ابا ڏاڏا “ . ڏاڍو بحث ٿيندو هو ۽ گهڻو ڪري گهڻائي اهو محسوس ڪندي هئي تہ اسان اسان جا ابا ڏاڏا خوش آهن . هونءَ بہ اوهان ڪيترين صديون اڳ جون چنيون پڙهندا تہ اوهان کي نوجوانن بابت شڪايت ملندي ۽ احوال ملندو تہ زمانو ڏاڍو خراب آهي ، مطلب موجوده زمانو ڏاڍو خراب رهيو آهي !

مون هن حالت جي منو وگيان جي لحاظ کان ڇيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . حال جي تڪ ۽ تلخي رهندون پائيندي رهندي آهي . سپنا ڏسڻ جي شڪتي صرف نوجوانيءَ ۾ ٿيندي آهي ۽ ماضيءَ ۾ حفاضت آهي . ذهن رنجش جون گهڙيون وساري ، خوشنما واقعن ۽ حوالن کي ورجائڻ ۾ سنتوش محسوس ڪري ٿو . ائين ماضيءَ جو ورجاءُ ماضيءَ ۾ رهڻ جي پاونا (Nostalgia) تمام وڻندڙ لڳندي آهي . سنو ۽ سهڻو لڳندو آهي . شايد اهو ئي سبب آهي جو صدين کان اهو ئي راڳ آلاپيو ويو آهي تہ ’ هاڻي جو زمانو خراب آهي ‘ . هن سڄي روئداد ۾ مان پاڻ کي ڪٿي ٿو ڏسان ؟

چون ٿا تہ سقراط تي اهو الزام هو تہ هو نوجوانن کي ڪاري ٿو . سندن ذهن خراب ٿو ڪري . مان پڻ پاڻ کي هن حالت ۾ نوجوانن سان ئي وابستہ رکڻ چاهيندس ، ڇاڪاڻ تہ مان پڻ خواب ڏسڻ جي توفيق رکان ٿو . اڄ جي نوجوانن جي حق ۾ هڪ ڳالهہ ضرور چئبي تہ ڪين

زندگيءَ مان ڇا ڪپي تنهن بابت تمام چٽا آهن. پختا پڻ آهن. مريادا، شرم ۽ حياءَ جهڙن ڏياون هيٺ پنهنجي زندگيءَ جي اهم فيصلن جي ڏور ٻين جي هٿ ۾ نٿا ڏين ۽ منجهن آزاد نموني فيصلن ڪرڻ جي سگهه آهي. اها سگهه تمام وڏي وٿ آهي. اڳي ڳالهه کي گهمائي ڦيرائي، تهن ۾ لڪائي، ور وڪڙ ڏيئي ڳالهائڻ کي ئي سياڻپ سمجهيو ويندو هو ۽ اڄڪلهه جي نوجوانن ۾ ڪو ور وڪڙ نه آهي. هو تمام سڌو ۽ تز ڳالهائيندا آهن ۽ هن ڏس ۾ ٻي ڏيا آهن. پنهنجي حق ۾ ٻي ڏيائي ۽ سڌي ڳالهه ڪرڻ جو ساهس پڻ اهم گڻ ليکڻ کپي.

سو مان نوجوانن کان پاڻ کي الڳ ڪيئن ٿو ڪري سگهان. پل ته ٻڍا ۽ بزرگ صدين واري ڪرت چالو رکن ۽ واڪا ڪن ته 'زمانو خراب آهي'.

# گانءِ جي ڳولها

سچي رات جو اوجاڳو هو. هوائي جهاز ۾ پڻ ننڊ نہ آئي هئي. گھر پهتس تہ سڀ تياري ٿي چڪي هئي. چيائون، "تنهنجي ماءُ جي جاءِ تي هئي. پني تون پاءِ." مون بہ ڪٽي ها ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو گانءِ جي ماني ڏنائون. منهنجو پائٽيو راجو پڻ ساڻ هو. ڪمپائونڊ جي دروازي ڪان ٻاهر نڪري هو ڪار طرف وڃڻ لڳو ۽ مان مونجهاري وچان ڄڻ سڙڪ تي ٻن پاڳن ۾ ورهائجي ويس. منهنجي ائين موڳو ٿي بيهڻ تي راجوءَ چيو،" اچو ڪار ۾ ٿا هلون. 'چيومانس،' گانءِ تہ هتي ئي ڪٿي ملي ويندي ايترو ٿورو پنڌ بہ نٿو پڇيئي؟"

مرڪي وراڻيائين، " چاچا اوهان ڪار ۾ وهو تہ سهين. " ائين مان ڪار ۾ اچي ويٺس. مون ڪان سٺو نہ ٿيو. وري دهرايم، " ڪمال آهي — گانءِ ڪي ماني ڪارائڻ لاءِ ڪار ۾ ٿوهلين، هتي ڪنڊ ۾ ئي ڪٿي ملي ويندي. "

راجوءَ چيو، " چاچا ست جڳ جون ڳالهيون ٿا ڪريو، چا دبئيءَ ۾ گانيون عام جام رستي تي رلنديون آهن؟ "

چيم، " دبئيءَ ۾ تہ مون ارڙهن سالن ۾ هڪ دفعو بہ گانءِ نہ ڏٺي آهي. پر هيءَ تہ ممبئي آهي. هندستان آهي. گانءِ ماتا جو ملڪ آهي. "

راجوءَ ٺهڪ ڏئي دهرايو، " گئو ماتا جو ملڪ. " ۽ ائين اسان جي گانءِ جي ڳولها شروع ٿي، جڻ ڪولمبس جي ۽ واسڪوڊيگاما جي آمريڪا ۽ هندستان جي ڳولها هجي. هو پهرين ميونسپالٽيءَ جي گند جي دڙ طرف هليو. جڏهن گند جي دڙ پرسان ڪا گانءِ نہ

ڏسي نراس ٿيو تہ چيائين ، ” لڳي ٿو تہ وقت گذري ويو آهي . هينئر گانيون ملڻ ڏاڍو مشڪل آهن . “

مون چرچو ڪيو ، ” ڇا هتان جون گانيون پڻ اسپيشلا ئيزڊ ڊاڪٽرن جيان يا وڪيلن وانگر اپائنٽمينٽ سان ملنديون آهن ؟ “

چيائين ، ” وڏو چڪر آهي . ميونسپالٽيءَ جو سخت قائدو آهي تہ ڪابہ گانءِ رستي تي نظر نہ اچڻ کپي ، پر گانءِ وارن ۽ ميونسپالٽيءَ جي پنگين ۾ سمجهوتو آهي . هر ڪنهن کي هفتو ملندو آهي . انسپيڪٽر اچن يا آفيسر اچن ، ان کان اڳ گانيون ڪچرو کائي روانيون ٿي وڃڻ کپن . جيتوڻيڪ آفيسرن جي پڻ حصي پتي ٻڌل هوندي آهي . “

راجو گاڏي هلائيندو رهيو . اوچتو سندس چهري تي روشني ڏسڻ ۾ آئي ، ڇڻ ڪنهن ستارن جي ماهر ( ائسٽرونامر ) نئين گرهہ جي کوجنا ڪئي هجي . چيائي ، ” چاچا ، هري راما هري ڪرشنا مندر جي ٻاهران تہ پڪ ئي پڪ گانءِ ملندي . “ ائين ڪار جو رخ هري راما هري ڪرشنا مندر طرف ڪيائين . اسان جي قسمت ۾ اتي پڻ نراسائي هئي . ۽ راجوءَ جي چهري تي ڪي ايل .سهگل جي گيت ’ اب جي ڪي ڪيا ڪرينگي ، جب دل هي ٽوٽ گيا ‘ . جهڙا ڀاو ظاهر ٿيا .

آخر دلداري ڏيندي چيومانس ، ” يار ، پڇڻا نہ منجهڻا ، جي پڇن سي وير . “ هاڻي تون پڻ پڇا ڪر . سامهون چؤواٽي تي پوليس وارو بيٺو هو . ممبئيءَ ۾ پانڊو حولدار پاڙي جي اچي ڪاري جو مالڪ ٿيندو آهي.اهو سوچي راجوءَ گاڏي بيهاري حولدار کان پڇيو ” ڀائي، گانءِ ڪٿي هوندي ؟ “ پهرين تہ حولدار ائين ڏيکاري ڏني ڄڻ گونگو ٻوڙو هجي ، پر ماروتي گاڏيءَ جو مان رکي زبان کوليائين . چي : ” گانءِ ؟ ... آ ...ها... آ...آ...گانءِ ؟ نہ ...آ...آ... ڀُولهيوس هتي ڪٿي هوندي . يا ڏسو نہ ، اڳتي سگنل پگهل آهي ، چؤنڪ تي ٽرئفڪ ڪنٽرول ڪندي هوندي . “

وري گاڏيءَ جو پيٽرول ٻرڻ لڳو . ڪنهن چؤنڪ تي سگنل پگهل هجي ، يا پوليس وارو چانهن پيئڻ ويو هجي ، اتي گانءِ عام طور آفيشئيٽ ڪندي آهي ، پر هتي بہ قسمت ساٿ نہ ڏنو .

آخر راجوءَ چيو، ”هاڻي ته ڪنهن به حالت ۾ ڳانءِ ملندي. اسان جينين جي مندر ڏانهن ٿا هلون. هڪ ته جينين جي مندر ٻاهران ڳانءِ کي ڳاهه ملندوآهي ۽ پرسان ڪچري جو ڍير پڻ آهي، تنهن ڪري ڳانءِ لاءِ هڪ ٽڪيٽ ۾ ڊبل ڪيل وانگر ڊبل...... آهي.

پريان ئي مندر جي چوٽيءَ تي لهرائيندڙ جهنڊو ڏسي راجوءَ جي چهري تي اهڙا ڀاو ظاهر ٿيا جڻ بيابان ۾ ڀٽڪندڙ مسافر ڪنهن خيابان جو نظارو ڏٺو هجي. مندر جي پرسان پهچي ڳانءِ نه ڏسي راجو وري مايوس ٿيو، جڻ آسمان ۾ آيل بادل کي ڪو هوا جو جهوٽو ڪنيي ڪٿي ويو هجي.

پڇا ڪرڻ لاءِ مان پڻ هيٺ لٿس. ڪچري جي ڍير جي پرسان لڳ ڀڳ ننگو ڪارو گدلو ٻار ڪچري مان ڪجهه ڳولهي ڪائي رهيو هو ۽ رستي جي ڪنڌ ۾ هڪ فقير ويٺو هو.

راجوءَ وري همت ڪئي 'پڇڻا نه منجهڻا' جو منتر اچاري فقير کان پڇيائين، 'هتي ڪا ڳانءِ هوندي هئي. ڪيڏي ويئي؟'

فقير جڻ ڪجهه ٻڌو ئي ڪونه. جڻ عميق ۾ ڪي موتي پئي ڳولهيائين. آخر چيائين، ”ڳانءِ، ڪهڙي ڳانءِ؟ ڪامڌينوءَ بابت ٻڌو اٿم ته ان جي هر ڀڳ ۾ ڳولها پئي ٿي آهي. پر عجب اهو ته جن کي ملي آهي تن کي به ڄاڻ نه پيئي آهي ۽ ويٺا پڇن ته ڪامڌينو ڪٿي آهي؟ اڙي بابا، جيڪو سامهون ٻکيو، ننگو ٻار ڏسين ٿو، اها جنتا ئي ڪامڌينو آهي، ڪيس هرڪو ڏهي رهيو آهي، پر هن کي ماڻڻ لاءِ توکي جهنڊي ۽ ڏنڊي جي ضرورت آهي.“ مندر جي چوٽيءَ تي لهرائيندڙ جهنڊي طرف اشارو ڪيائين يا آسمان ڏانهن _ خبر نه پيئي.

# نالي ۾ ڇا آهي ؟

شيڪسپيئر جو چوڻ ، يا سوال ڪرڻ ، ” نالي ۾ ڇا آهي ؟ گلاب جي گل جي سرهاڻ ۾ جو فرق نہ پوندو ، جيڪڏهن نالو ٻيو ڏيندا . “ ڪيترا ئي دفعا حوالي طور پڙهي چڪو آهيان ، پر هن بيان ۾ منطقي لحاظ کان نقص آهي ، فئلسي آهي . گلاب جو گل گلاب جي گل جي سرهاڻ ڏيندو . گلاب کي موگرو يا رات جي راڻي چوڻ سان گلاب جي گل جي سرهاڻ ۾ فرق نہ پوندو پر غلط بياني ضرور ٿيندي .

ڏٺو وڃي تہ نالو سڄي اتهاس ۾ مکيہ موٽيويٽنگ فئڪٽر رهيو آهي . هر حاڪم پنهنجو نالو ڪڍڻ لاءِ يا ڌاڪو ڄمائڻ لاءِ ڪئين جنگيون ڪيون آهن . ڪيترن شاهوڪارن سخا جا ڪم ڪيا آهن ۽ انهن ڪمن/ عمارتن سان پنهنجو نالو ڳنڍي ڇڏيو اٿائون . ڪڏهن تہ ائين لڳندو آهي تہ نالي/ ناموس جي بک پيٽ جي بک کان بچڙي آهي ، ڇاڪاڻ تہ آخر پيٽ جي بک جي ڪا حد ٿيندي آهي ، جنهن بعد ڪيترا بہ طعام هجن پيٽ قبول نہ ڪندو ، پر نالي ۽ ناموس جي بک لامحدود آهي . مزو وري اهو جو نالو انسان پنهنجي سڃاڻپ ڪري ڪم آڻي ٿو ، جنهن نالي سان ڪيس ايترو پيار ٿو ٿئي ، جنهن لاءِ ڪا بہ جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي ، سو سندس چونڊيل نٿو ٿئي . سندس نالي جي چونڊ تي سندس اختيار نٿو ٿئي ، اهو نالو سندس مٽ مائٽ يا پاڙي اوڙي وارا ڏيندا آهن .

نالا مذهب ، ٻولي ، تاريخ ، ڪلچر ۽ مخصوص ماحول جي عڪاسي ڪندا آهن . ڪو زمانو هو جو هندن جا اڪثر نالا سندن ديوين ۽ ديوتائن جي نالن تان ڪنيا ويندا هئا يا سندن ڌرمي ڪتابن جي سورمن تان نالا رکيا هئا . سنڌ ۾ ڪجهہ عرصو سک ڌرم جي اثر

هيٺ سک گرن جا نالا مروج ٿيا . جيئن نانڪ ، گوبند وغيره . وري رام ، ڪرشن ، ديوي ، لڇمي وغيره به تمام لوڪ پريه نالا هئا .

نالن مان ڪنهن دؤر جي سموري سماجي سرشتي جو پتو پوي ٿو. ڪوبه ڪوجنيڪ جيڪڏهن ڪوجنا ڪرڻ چاهي ته نالا هڪ اکٽ پندار ٿي ڪم اچي سگهن ٿا . سنڌ جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ ڪي نج نالا هن ريت ٻڌبا هئا ، جي اڄ ڪنهن زمين دوز عمارت جي ملبي جيان زير زمين آهن .هاڻي ڪير ٿو اهي نالا رکي ؛ مرچو ، بصر ، وڇائٽ ، ولائٽ ، وينسي ، ڍولڻ ، ڦيرو ، جهنگلي ، بمبو ، ڀڳڙو ، هولو ، سدورو ۽ ڇوڪرين جا نالا گومي ، گوني ، ماڪٽي ، طوطي وغيره . هنن نالن پٺيان ڪيترا راز لڪل هوندا .

نالو ڪهڙو به هجي پر هر ڪنهن کي پنهنجو نالو پيارو لڳندو آهي ، ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ۽ وري اها به حقيقت آهي ته جيئن خوبصورت عؤرت کي آئيني سامهون بيهڻ جو شوق ٿئي ، تنهن طرح ڪنهن ناليري شخص کي وري وري پنهنجو نالو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو شوق ٿئي . ڪنهن زماني ۾ ٽائيمس آف انڊيا جي ڊاڪٽين وٽ لفٽ جي پرسان ئي هڪ فوٽو هوندو هو ، جواهر لعل نهرو ۽ اندرا گانڌيءَ جو جهڪي اخبار جون هيڊ لائينس ڏسي رهيا هئا ته سندن تقرير ڪيئن ڇپي آهي ۽ فوٽو ڏسڻ ۾ مشغول هئا . جواهر لعل نهرو هڪ قسم جو هندستان جو بي تاج بادشاهه هو ، سندس ناموس ۽ نالو هر هندستانيءَ جي زبان تي هو ، پر وري به نالي ڏسڻ جي لالسا کان مڪتي نه پائي سگهيو.

مون هڪ سنڌي ليڊر بابت ٻڌو آهي ته هفتو لاڳيتو سندس نالو اخبار ۾ نه ايندو هو ته سندس موڊ خراب ٿي ويندو هو ۽ ايڊيٽر کي فون ڪري ڏوراپو ڏيندو هو. گذريل سال ئي ٻه سنڌي ليڊر اچي وڙهيا ، جن ۾ هڪ اخبار جو ايڊيٽر هو. جنهن چيو ته ڪيس نام نهاد ليڊر جي جنم ڏينهن جي موقعي تي پرچو ڪڍڻ لاءِ ڪيس باقي رهيل سٺ هزار روپيا نه مليا هئا . ليڊر جي شڪايت هئي ته ڪيس بلئڪ ميل ٿي ڪيو ويو ۽ آخر ٻنهي ڪير ڪنڊ تي گڏجي قوم جي شيوا ڪرڻ جو اعلان ڪيو. نالي لاءِ ته اهي سڀ رمزون ۽ رانديون ٿينديون آهن .

هڪ خوديءَ جو خان خود پرست دوست دبئيءَ ۾ مهمان ٿي آيو . هتان جي سيٺين جا ناز نخرا ڏسي هڪ ٽنها ٻڌايائين ( تز لفظ ياد نه اٿم ) .

چيائين : مون منجهان مان ويئي ته باقي بچيو ڇا ؟

ترت جواب ڏنومانس _ " 'مون' ۾ آهي ڇا ؟ 'مان' ويئي ته سک ٿيو. "

فيلسوفيءَ جي لحاظ کان پڻ عالم ۾ پهتل شخص چوندا آهن ته خلقڻهار پنهنجو پاڻ پسڻ ۾ پسائڻ لاءِ هيءَ ڪائنات پيدا ڪئي آهي ۾ هر صدا ڀڳوان يا خدا جي نالي سان ٿيندي آهي. ڀڳت ڪنور رام پڻ اهوئي ڳايو ’نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو.....‘

۾ پوءِ مان ڪيئن ميجان ته نالي ۾ ڇا آهي ؟

# اسان جي ٻولي

ٻولي انسان جي جهوني ۾ جهوني روايت آهي. هرڪا ٻولي پنهنجي مخصوص ڪلچر جو ڪرنگهو آهي. ٻوليءَ مان سوين سالن جو اتهاس ليئا پائيندو نظر ايندو آهي. ٻولي ڄڻ ان خطي جو تاريخي ڪئپسول آهي، ٻيو ته جيئن انساني من الڳ الڳ تهن ۽ سطحن تي هلچل ڪندو آهي، اهڙيءَ ريت لاشعور يا نيم شعور جيان ڪيترا تاريخي آزمودا پڻ ٻوليءَ ۾ لڪل ٿيندا آهن. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هن سڄي اپکنڊ ۾ سنڌ ئي آهي، جنهن جو عربي ٻوليءَ سان سڀ کان پهرين واسطو پيو هو ۽ عربي ٻولي پڻ فاتحن سان گڏ سنڌ ۾ آئي. مان ٻوليءَ جو ماهر نه آهيان، پر اها خبر اٿم ته ڪيترائي لفظ عربي ٻوليءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيا آهن، جن جي وقت پٽئي معنىٰ بدلجي ويئي آهي.

سنڌيءَ ۾ اؤلاد جو مطلب آهي ٻار، پوءِ اهي ڇوڪرا هجن يا ڇوڪريون، پر عربيءَ ۾ اؤلاد صرف ڇوڪرن لاءِ ڪم آڻين. طعام، عربيءَ ۾ کاڌي کي چون ته اسان وٽ خاص کاڌي کي طعام چون. عربيءَ ۾ سون کي زيب چون ۽ سنڌيءَ ۾ سونهن کي زيب چون يعني سونهندڙ هار کي زيبائتو چون. ائين لفظن جي معنىٰ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندي وقت پٽئي ڪيئن بدلجي ويندي آهي، تنهنجو مثال 'عامل' لفظ آهي. عربيءَ ۾ 'عامل' چون مزور کي. اهڙو شخص جيڪو پورهيو ڪري. ڪنهن لکيو آهي ته جڏهن سنڌ ۾ عرب ڪاهه ڪري آيا، تڏهن جن ماڻهن سندن مزوري ڪئي، سندن لاءِ پورهيو ڪيو، انهن کي عامل چيو ويو ۽ اڳتي هلي جيڪي دربار ۾ نوڪري ڪرڻ لڳا اهي عامل سڏجڻ لڳا ۽ اڳتي هلي ته 'عامل' هڪ خاص آکه تي پيئي، جيڪي پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهن ئي نه. ويتر ج ڪلهوڙن

خداباد جو شهر جوڙايو جو صرف ڪي سال ئي گاديءِ جو هنڌ رهيو ته ان وقت جيڪي هندو اتي سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئا ، انهن ته پاڻ کي خدابادي عامل چوائي ڇڏ خود خدا سان ڪلهي گس پڻ ڪئي .( اهو پڻ وقت هو .) ساڳي طرح عربيءَ ۾ حاڪم جي دفتر کي چون ديوان . جنهن حاڪم جي نوڪري ڪئي ۽ سرڪاري نوڪر ٿيو ، اهو سنڌيءَ ۾ ٿيو ديوان .

عربيءَ ۾ اوطاق کي چون مجلس . جتي وڏيرو ويٺو هجي ۽ آئي وئي مهمانن جي مهمان نوازي ڪري . لڳي ٿو ته سادن سودن سنڌين جي ذهن تي مهمان نوازيءَ جو ، ڪاڏي پيتي جو ايترو ته اثر ٿيو جو سنڌين ۾ ڪاڏي پيتي جي دعوت کي چون مجلس .

شاهه سائينءَ پنهنجن بيتن ۾ هڪ لفظ ’ قصر ‘ ڪم آندو آهي جنهن جو مطلب آهي ’ محلات ‘ . جيولس سيز کي پڻ چون ’ قيصر ‘ . انهن ٻنهي ۾ ڪو لاڳاپو آهي يا نه ، اها ڄاڻ ڪونه اٿم پر قيصر ۽ قصر هڪ ٻئي جي ويجها ضرور لڳن ٿا . هتي دبئيءَ ۾ وڏي دڪان’ اسٽور‘ کي چون محلات ، پر سنڌيءَ ۾ محلات لفظ جي معنىٰ ئي بدلجي ويئي آهي .

هڪ ٻيو لفظ آهي ’ شوق ‘ ، مطلب بازار ۾ ايندڙ شخص ( گراهڪ ) کي چون شوقين ، جنهن مان وقت پوندي ٿيو شونقين . مطلب ته ڪو ڳوٺاڻو هر هر عربن جي شهر جي بازار ۾ وڃي ۽ اتان نيون نيون شيون وٺي اچي ته اهو ٿيو ’ شونقين ‘

اومان ملڪ ۾ ضلعي کي چون ولائت . ائين ڳوٺ کان ضلعو يعني سرڪاري مرڪز ڪافي پري محسوس ڪيو ويندو هوندو ، تنهن ڪري اهو پري واري سرڪاري مرڪز ولائت سڏجندو هوندو . اڳتي هلي جڏهن يورپين لوڪن جو راڄ شروع ٿيو ته عام لاءِ اتان جي مرڪزي راڄڌانيءَ جي جاءِ ولائت ٿي ، پر اهو لفظ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ نه ، پر ٻين ٻولين ۾ پڻ سيني يورپ جي ملڪن لاءِ ڪم اچڻ لڳو.

ائين ڏسندي ڏسندي لفظن جي معنىٰ بدلجي ويئي آهي .ڪو وقت هو ته چمچو صرف ڪاڏو ڪائڻ جي ڪم ايندو هو ۽ باسڻن جي فئمليءَ جو هڪ حصو هوندو هو . هاڻي ’چمچو ‘ هن سڄي سرشتي جي ڪرنگهي جي هڏي ٿي پيو آهي ، سڄي سماج ، شيوا منڊليون ، سياسي آکاڙا ، سرڪاريون ، آفيسون ۽ گهر پڻ چمچاگيريءَ کان آجا ڪونه آهن . ڪو وقت هو ته ’ مکڻ ‘ ڊٻل روٽيءَ تي هڻي کائبو هو يا ڪرشن ڀڳوان جي پوئواري ڪري ائين ڪچو به کائي وٺبو هو ، پر اڄڪلهه مکڻ کائڻ کان سواءِ ( چاڪاڻ ته ڊاڪٽرن تمام گهڻو

اعتراض ورتو آهي ) خوشامد جي معنىٰ ڏيندي ڪم اچي رهيو آهي . اڳتي طرقي ڪرڻ لاءِ جڻ ڏاڪڻ بڻجي پيو آهي .

مان جهوني زماني جو ماڻهو آهيان . چمچي سان ٿي ڪاڏو ڪائي چاٽان . ان جو ٻيو اپيوگ ڪرڻ جو هنر نہ سکيو آهيان . چاڪاڻ تہ مکڻ ڊٻل روٽيءَ کي لڳائي ڪائي ڇڏيندو آهيان ، تنهن ڪري هر ڏس ۾ ناڪام آهيان . سوچيان ٿو تہ اخبار ۾ اشتهار وجهارايان :

’ گهرجي ماهر ، جيڪو هڪ ڇاهتر سالن جي ٻڍي کي چمچو ڪم آڻڻ سيکاري . گهرجي مکڻ جيڪو ڪائڻ کان سواءِ ٻين سيني ڳالهين لاءِ ڪم ايندو هجي ‘. ڪا اخبار هن صفت ۾ اهو اشتهار ڇاپي مون لاءِ ڪاميابيءَ جا دروازا کولي .

# ڪن سڄڻن بابت

1ـ شري ڪيرت ٻاٻاڻي
2ـ شري لڇمڻ ڪومل
3ـ شري واسديو نرمل

( اهي مضمون ’ ڪونج ‘ جي خاص پرچن ۾ شايع ڪيا ويا . )

# ڪيرت ٻاٻاڻي ـ هڪ تاثر

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪي مون زندگيءَ ۾ الڳ الڳ روپن ۾ ڏٺو آهي. پهرين هڪ استاد جي صورت ۾ ، پوءِ هڪ دوست ۽ رهبر جي صورت ۾ ، ۽ اٽڪل پنجاهہ سالن جو سفر مون سندس پاڇي ۾ ڪيو آهي ، سندس قد هر ڪيترو ۾ ايڏو وڏو پئي رهيو آهي ، جو مان چاهيندي بہ سندس پاڇي کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو آهيان.

ڪيرت جي وڏي ۾ وڏي "ڪمزوري" اها آهي جو هو ڪنهن سان دشمني ڪري نہ سگهي؟ دوستيءَ ۾ گهٽو غم کائڻ جي قوت رکي ٿو.

سندس هن رويي ڪري اسان جيڪي سندس تمام ويجها دوست آهيون ، ڪيترا ڀيرا خفي ٿي پوندا آهيون تہ هيءُ ڪهڙو شخص آهي جو غصي ٿيڻ بجاءِ ويٺو مرڪي! سندس صبر کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. پر جي ڪنهن وقت ڪيرت جي صبر جو پيالو ڇلڪيو تہ سرن جي ٽن وانگر دليل ڪٽي ٽٽي پوندو ۽ اڳلو وائڙن وانگر خاموش ڏسندو رهندو چڻ ڌهي پوندو. ڪجهہ منٽن بعد ڪيرت وري ساڳيو ۽ اڳلي کي وشواس ئي نہ ايندو تہ هيءُ ساڳيو ڪيرت آهي. سندس دل ڪنهن بہ قسم جي ونجوڳ ۽ ڪيني رکڻ کان قاصر آهي. سندس دل شفاف ۽ صاف ڪنهن نندي ٻار جيان آهي ، تنهن ڪري ڪيرت وشواسي پڻ حد درجي جو آهي ، ڪيترا ويجها دوست ڪيس "ڪن جو ڪچو" ڪري ليکيندا آهن. هر ڪنهن کي ٻڌندو ۽ وشواس پڻ ڪندو آهي ۽ ڪيترا ئي ڪلم ڪلا سندس سادگيءَ جو فائدو وٺندا آهن تہ ڪيرت کي "بيوقوف" بڻائي آياسين. پر هو چوندو آهي تہ مان انسان جي بنيادي سنائيءَ مان وشواس وڃائڻ جهڙو عظيم گناهہ ڪيئن ڪريان؟

ڪيرت رويندرناٿ ٽئگور جي ”ايڪلا چلو“ واري متي تي هلي نه سگهندو آهي. هلچل جي قافلي ۾ سدائين ڪن ٽن چئن کي اتساهت ڪري پاڻ سان گڏ ڪٽي ۽ اڪيلو نه هلي. هلچل جي الڳ الڳ رستن ۽ منزلن تائين سندس ڪيترا ساٿي ٽڪجي ساٿس گڏ هلڻ کان پاسو ڪري ويهن ته هو ڪن ٻين کي اتساهت ڪري هلي. جيڪي ڪجھ وقت لاءِ ساهي پٽڻ لاءِ پاسيرا ٿي ويهن. هو پنهنجي پاڻ کي جسٽيفائي ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي دليل پيش ڪندا آهن. پر ڪيرت سڀ ٻڌي اڳتي لاءِ رٺائون ٺاهيندو رهندو آهي. ائين پڻ ٿيو آهي جو ڪالھ جا نڪتچين ساٿي، وري ڪنهن موڙ تي ساٿس اچي گڏيا آهن. سبب اهو آهي جو هو شخصي سطح تي ڪنهن سان دشمني رکڻ نه پري رهيو پر هر ڪنهن سان پيار ڪندو آهي ۽ عزت سان پيش ايندو آهي.

شخصي سطح تي ليڪڪن دوستن مان ڪنهن کي به مسئلو درپيش آيو ته هرڪو ايندو ڪيرت وٽ. سندس ڪلها موڪرا ۽ مظبوط آهن. روئڻ لاءِ ڪير به ڪم اچي سگهي ٿو ۽ هو پڻ ديرينائيءَ ۽ بزرگيءَ سان پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ڪيرت ڪميونسٽ آهي. هڪ سچو ڪميونسٽ _ ڪامريڊ آهي، جنهن کي ڪميونسٽ وٽ هيومن فيس چئجي. انسان جي سنائي، انسان جي عظمت ۾ سندس اڻوٽ وشواس آهي ۽ ساڳي نموني هڪ ” نئين انسان “ جي پيدا ٿيڻ ۾ پڻ وشواس آهي، جيڪو وشواس ئي سندس اڻ ٽڪ شڪتيءَ جو چشمو آهي.

# لڇمڻ ڪومل هڪ پيارو شخص

لڇمڻ ڪومل ڪي مون حصن ۾ ڏنو آهي.

پهريون حصو سال 1956 ع جو آهي. ڊسمبر جو مهينو. دهليءَ جي ٿڌ ۽ تنهن وقت دهلي ’ دور است ‘ جو احساس ذهن تي حاوي هو مالي ڏکاين ڪي منهن ڏيئي سنڌي ليکڪن جي هڪ وڏي وفد ٿاهي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ پهرين ايشين ليکڪن جي ڪانفرنس لاءِ نڪري پياسين. مان سيني ۾ ننڍو ليکڪ هوس. اهو وقت اهڙو هو جو اسان پنهنجي کيسي ۾ ريزو ڏسي رات جو ان ڍابي جي ڳولها ڪندا هئاسين، جتي روٽيءَ سان گڏ دال مفت ۾ ملندي هجي. اهڙي صورت حال ۾ هڪ ’اديب دوست‘ اسان جنهن اسڪول ۾ رهيل هئاسين، اچي اسان کي نيرن ڪائڻ جو نوتو ڏنو. جنهن اديب دوست جي گهر اسان صبح جي نيرن ڪئي، اهو هو لڇمڻ ڀاٽيا. اڳتي جڏهن هو ممبئيءَ سميلن ۾ ڊسمبر 1958 ع ۾ گڏيو تہ سندس واقفيت تي پيئي لڇمڻ ڀاٽيا ’ ڪومل ‘. ان وقت تائين هو سنڌيءَ جي شاعرن ۾ شمارڄڻ لڳو.

ڪيس’ دوست ڪيئن ڪجن ۽ دليون ڪيئن ڪينچجن‘ جي اصل ڏات مليل هئي. اها ڏات ڪيس هن پيرسنيءَ ۾ پڻ ساٿ ڏيئي بيٺي آهي ۽ هن درنگ دنيا جي آزمودن ۽ تلخين هن جي ان ڏات ۽ ڏانو تي نفي اثر نہ ڪيو ڏسجي. جڏهن گڏجي ويهي هن جون ڳالهيون ’ گشا پتا ‘ ٻڌبا آهن تہ اهي وندرائيندڙ ۽ دلچسپ لڳندا آهن. هو سيني ڪي پنهنجو ڪري ڇڏي، ائين هرڪو سندس صحبت جو مزو ماڻي. ڪجهہ سالن بعد هو دهليءَ جي مشهور سنگيتڪار ڪان موتيهار سان گڏ اچي ممبئيءَ سهڙيو. سندس ئي قلم مان

نڪتل ۽ اوپيرا ممبئيءَ جي وڏي هال ’ شنمکانند ‘ ۾ پيش ڪيا ويا . انهن سيني جو من موهيو ۽ ائين لڇمڻ ڪومل هڪ برجستي شاعر طور پنهنجي ڇاپ ڇڏي . ( بد نصيبان اهي دستخط هاڻ وٽس پڻ نہ آهن . ) دهليءَ جي ادبي ۽ ڪلچرل سرگرمين سان سدائين دامنگير رهيو. ’ ٽائيمس آف انڊيا ‘ انگريزي اخبار جي اقتصادي شعبي ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. ڏينهن جو شيئر بازار جي لهندڙ چڙهندڙ اگهن جي ترنم ۾ گهاريندو هو، شام جو آل انڊيا ريڊيو تي شيوائون آڇي محفل مچائيندو رهيو.

........ .......... .......... ..........

1970 ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب ۾ ’ نئون ‘ لفظ گهڻو جيان وڃڻ لڳو. ’ نئين ادب ‘ جو پڙاڏو هر هنڌ گونجڻ لڳو . ان وقت سنڌي سميلن دهليءَ ۾ ٿيو ۽ لڇمڻ ڪومل پنهنجي آزاد ڪوتا ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو. ائين 1975 ع ۾ سندس پهريون شاعريءَ جو ڪتاب ’ جيءَ جهروڪو ‘ ڇپيو ۽ ترت ئي ڪيس ساهت اڪاڊيميءَ جو انعام مليو ۽ ائين جيڏن ۾ اڇي سرخرو ٿيو . ساڳئي دؤر ۾ ’ سوويٽ لئنڊ ‘ اخبار پاران ’ امن انعام ‘ شروع ٿيا . اتم لڇمڻ کي مشهور روسي ڪوي ’ مايا ڪووسڪي ‘ جون ڪوتائون ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنيون ۽ اهو ترجمو ’ نئين دنيا ‘ پاران ڇپايو . هن طرح لڇمڻ کي سوويٽ لئنڊ پرسڪار مليو ۽ سوويٽ يونين ۾ ڪيترين رياستن جي ڪن معزز شخصيتن سان گڏ دؤرو ڪرڻ جو وجهہ مليو. لڇمڻ پنهنجي دلبريءَ جي سياو ڪري ترقي پسند ۽ جدت جي ٻنهي ادبي ڌارائن سان نباهيو.

......... ......... ......... ..........

انعامن جي دنيا هڪ عجيب اسرار آهي .

هرهڪ ڪلاڪار ۾ خود نمائيءَ جو انش ٿيندو آهي . ڇيو ويو آهي تہ خود خلقٹهار تي جڏهن خود نمائيءَ جو جذبو طاري ٿيو تہ ائين برهمانڊ رچيو ۽ هن سخت گهيرن ۾ گهيريو . نظام ۽ هن جي گوناگيت جو مزو ماڻڻ لاءِ ڪنهن ٻار جيان خوش ٿي هن ليلاجو مزو ماڻيندو آهي ۽ حيرت انگيز ٿي خود نمائيءَ ۾ مخمور ٿي ماڻي رهيو آهي . هن نموني سوچجي تہ هر ڪلاڪار ۾ اهي الاهي گڻ گهٽ يا وڌ انداز ۾ مؤجود آهن . نہ تہ تہ ڪو شاعر پنهنجي رچنا ٻئي سان ونڊي ، داد حاصل ڪرڻ لاءِ ماندو ڇو رهي ؟ اڪثر ليکڪ ۽ شاعر جڏهن ڪٿي گڏجن تہ پنهنجن رچنائن ٻڌائڻ ۽ انهن بابت ڳالهائڻ ۽ داد حاصل ڪرڻ مان آنند ماڻيندا آهن،

اهو سک منهنجو ماڻيل آهي ۽ پنهنجن ٻين همعصر ليکڪن کي ساراهه ۾ مخمور ٿيندو ڏٺو اٿم .

انگريزي ٻوليءَ ۾ ٻه لفظ آهن . هڪ آهي 'چائيلڊ – لائيڪ ' جنهن جو مطلب ٻار جيان معصوم آهي ۽ ٻيو لفظ آهي 'چائيلڊش ' ٻاراڻو . معصوميت ته ٻارن ۽ درويشن جي صفت ٿيندي آهي ۽ اهڙي حوالي ۾ شاعر ، پيغمبر ۽ درويشي طور تصور ڪيا ويندا آهن . شاعري ۽ پيغمبري اهو سلسلو ڪافي عمدو آهي _ ۽ ڪڏهن ڪير 'چائيلڊ – لائيڪ ' مان 'چائيلڊش' ٿي پوي ته اهو سنڌو پار ڪرڻ مشڪل نه آهي_بس هڪ اهڙي ٻاراڻي لڇمڻ 'ڪومل ' ڪان ٿي ويئي .

......... ......... ......... .........

اڄ ڪلهه ادب جي ڪيتر ۾ انعامن جي دنيا ئي نرالي آهي . هنن انعامن ڪري اديبن جو معيار انعام حاصل ڪرڻ تي مقرر ٿئي . اديبن جا جدا جدا گروهه ٿهن . هتي گروهن ۾ رساڪشي ٿئي ۽ هرڪو گروهه پنهنجن ليکڪن کي نقلي ڪاٺ جون ٽنگون ڏيئي سندن قد وڌائي ۽ انهن اسٽلٽس تي قد وڌي وڃڻ بعد ئي انعام لاءِ چئه چواءَ – ادبي دلال پيدا ٿين _ ادبي چور ، ادبي جاسوس ۽ ادبي عدالتون وجود ۾ اچن . لڇمڻ ڪومل جي ٻاراڻي حرڪت پڪڙجي پيئي . ادبي عدالتن فتوائون ڏنيون – هو ڪيترا سال 'ٽيپ' ڪاٽيندو رهيو . سندس ڇهري تي اها ئي معصوميت ۽ دل ۾ ساڳيوئي پيار قائم رهيو .

........ ........ ........ ........

ڪيترا سال بعد ۾ دبئيءَ ۾ نارائڻ شيام آيل هو . ڪن پنهنجي ڄاڻ جو غلبو وجهڻ لاءِ نارائڻ شيام کي سندس ڪي شعر ٻڌايا ، جي اردو يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ تان ورتل هئا . نارائڻ شيام پنهنجي مخصوص مشڪ چپن تي آڻي چيو ، "ها، توهان صحيح ٿا چئو. پوءِ ڀلا ؟ مون کي شاعر طور تسليم نٿا ڪريو ته اهو اوهان جو مسئلو آهي . "

مون وٽ اڳين يادگيري تري آئي جڏهن مان شاگرد هوس ۽ پروفيسر ليکراج 'عزيز' جي علمي خزاني جو فيض حاصل ڪرڻ لاءِ آتو هوس . ڳالهه شاعريءَ جي ٿي هلي . هن شاهه جا ڪيترا بيت ٻڌايا جي ڪبير جي بيتن جو ڄڻ ترجمو هئا . سندس چوڻ موجب اهو 'سرڪو ' ٿيندو آهي جو شاعريءَ ۾ روا آهي . سندس چوڻ هو ته ڏسڻو اهو آهي ته هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ اچڻ ڪري سندن شاعريءَ جي خوبصورتي قائم رهي ٿي يا نه .

حقيقت ۾ خيالن جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ جون ٻه ڪي سرحدون مقرر ٿيل نه آهن. خيال ۽ ڪلپنا ته پکين پرندن جيان آزاد آهن. ڇا جيڪو ماڪ جو ڦڙو ڪنهن گل تي ڪري اندلٺ جا سڀ رنگ پاڻ ۾ سميٽي ٿو رکي؟ اهو منظر ڪنهن هڪ ملڪ يا هڪ وقت ۾ ئي ٿئي ٿو؟ انساني ذهن ڪلپنا جي پرن، پوپٽن جا رنگ کڻي، پرواز ڪري ٿو ته ان ۾ اوهان ڪهڙي حد مقرر ڪندا؟

........ ........ ........ .......

هن سچي صورت حال جو مان اکين ڏٺو شاهد نه آهيان. ستاويهه سال مون پرڏيهه ۾ جيئڻ رهڻ ڪاڻ جدوجهد ڪئي آهي. مان ان وقت ’جيءَ جهروڪو‘ پڙهي نه سگهيس. ان ڪي هاڻي پڙهي رهيو آهيان. هن جي پنيان لاڳو ’تاريخ‘ کان آزاد ٿي ۽ اهي ڪوتائون ماڻي رهيو آهيان.

اڄوڪي رات —
مهربان آهي —
اکين کي چئو
جو گهرڻ چاهين _ گهري وٺن.
سواءِ سپنن جي.

.... ....

اکرن کي ائين خرچ نه ڪر —
اکرن مان ڪي سٽون جڙن ٿيون.
سٽ سٽ مان ڪي گيت پيا گونجن.
گيتن ۾ ئي
دل جا سانديل سور سوين ڪي سڏڪن ٿا
جيءَ جا ڪيئين بند جهروڪا کلي پون ٿا
هن شاعر کي چئه!
اڄ جي هن بازار واد جي دؤر ۾
جيءَ پٿر جا نه
پر جيءَ اسٽيل جا ٿين ٿا.

سندس جهروکا ۽ دروازا علم مؤجود آهن !
وري ’ ڪلوگ بيگ ‘ جي وڏيل ٻانهن ۾ ـ
هٿ ڪنهن ڏياٽيءَ جي لاٽ طرف وڌيل آهن .
چپ
ڪنهن گلاب ڪي چمڻ لاءِ ڪليل آهن .

چا سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙيون ڪوتائون هجن جو اڄ پڻ ڪو ماڻي سگهي — سني ڳالهه نه آهي !

.............. ............ ...........

جڏهن مان لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل جو نثر پڙهندو آهيان ، منهنجي ذهن ۾ هڪ منظر اڀرندو آهي . اڳئين وقت جو دؤر — ڪنهن شاهراهه جي سراءِ ۾ ته هڪ قافلي اچي ڏاٻو ڪيو آهي . ماني ڪائي قافلي جا همراهه اچي اوطاق ۾ وارد ٿيا آهن . شمعون ٻري رهيون آهن ۽ هڪ قصاگو پنهنجي ڳالهه يا قصي ڪي ڪٽي رهيو آهي . ڳالهه مان ڳالهه نڪري رهي آهي . آڪاٽيءَ اندر آڪاٽي — قصاگوءَ جي فصيح زبان مان ڪيترا شهزادا ، ٻانها ۽ شهزاديون ٻاهر نڪري ، ٻڌندڙن جي ڪلپنا ۾ ساڪار ٿي رهيا آهن . ڪنهن جادوءَ جي اثر هيٺ قصاگوءَ جي آواز جي جادوءَ ۾ سڀ منڊيل ۽ قصو جاري آهي ،

ها ، اها ئي آهي لڇمڻ ڪومل جي نثري خاصيت . سندس آتم ڪٿا ته گهٽائي پڙهندا ، تنهن ڪري ان مان مثال ڏيڻ کان پرهيز ڪندس .

......... ......... .........

ٿي ماڪ وسي ميخاني ۾ ،
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا
ڪي ڳاٽ ڳهر مان چرڪن ٿا
۽ جام جهلي واجهائين ٿا.          ( شيخ اياز)

مان پنهنجي ڪئميرا زوم ۾ ٿو ڪريان ۽ ڳولهڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان ته هنن ڪڙي ڪڙڪائڻ وارن ۾ لڇمڻ ڪومل ڪٿي آهي ؟

# واسديو نرمل _ ڪي يادگيريون

مون واسديو نرمل کي پهرين اسڪول ۾ ڏٺو. مان نائين درجي ۾ هوس ۽ هو مئٽرڪ ۾. اسڪول جي هال ۾ هڪ شاگرد اسٽيج تي آيو ۽ پڙهايو ويو ته هو شاعري پڙهائيندو. ان وقت اسان درسي ڪتابن ۾ شاعري پڙهنا هئاسين، شعرن جي ظاهري ۽ لڪل معنيٰ ماستر پڙهائيندا هئا ۽ گهڻو ڪري سيني شاگردن هن مان اهڙي ڪنهن شاعريءَ جي اميد ئي ڪئي ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. جڏهن هو ڏٻرو شاگرد اسٽيج تان هيٺ لٿو ته رسمي طور سيني ڪي تاڙيون وڄائٽيون پيون، پر سندس شاعريءَ مان جلد نجات ملي ۽ ماسترن ان جي ’اندروني‘ معنيٰ سمجهائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي، اهو اسان شاگردن لاءِ وڏو آٿت هو. اهو ئي هو منهنجو واسديو نرمل سان پهريون ساڪيات درشن!

ان وقت اسڪول جي ’جوت‘ نالي ماهياني يا ٽماهي مخزن نڪرندي هئي. جنهن جو ايڊيٽر هوندو هو ماستر ڪنعيالعل ’ڪان‘. هو اسڪول جي شاگردن کي مخزن لاءِ ڪجهه لکڻ لاءِ همٿائيندو هو. واسديو نرمل کي شاعر طور تسليم ٿيندو ڏسي ۽ پنهنجو نالو ڇاپي ۾ ڏسڻ جي لالچ ۾ مان پڻ شري ڪنعيالعل ’ڪان‘ وٽ شاعريءَ جون ماترائون سکڻ لاءِ هليو ويس ۽ منهنجو هڪ اڌياتمڪ شعر ’جوت‘ ۾ ڇپيو. ڪجهه وقت لاءِ سڳن آهوجا سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي آيو ۽ واسديو نرمل ڪانئس ڪي علم عروض جا وزن سکي ورتا! پر مان اهڙي ڪا همٿ ڪريان، ان کان اڳ ئي سڳن آهوجا اسڪول ڇڏي چڪو هو. مون علم عروض جا وزن، مفعولن فاعلات، اسڪول جي پرشين ماستر کان سکيا، پر تبيعت جي

سستيءَ ڪري هر ڪنهن شعر جي تقطيع ڪرڻ کان مون شاعريءَ کي ماڻڻ کي وڌيڪ ترجيع ڏني.

مئٽرڪ پاس ڪري واسديو نرمل ڪاليج هليو ويو ۽ جڏهن مان ڪاليج پهتس ته هو انجنيئر بڻجڻ لاءِ سانگليءَ هليو ويو. ان وچ ۾ مان سنڌي ساهت منڊل ۾ وڃي شاعريءَ جهڙي ڏکئي فن کان عار ڪري نثر طرف مڙي ويس ۽ ان دؤر ۾ چاڪاڻ جو هرڪو ڪهاڻي لکندو هو، مان پڻ ڪهاڻيون لکڻ لڳس.

واسديو جڏهن وئڪيشن ۾ ممبئيءَ ايندو هو ته ادبي ڪلاس ۾ هن سان ملاقات ٿيندي هئي. ائين اسان جو ساڳئي اسڪول جي شاگرد هئڻ جو رشتو هڪ قسم جي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. ان دؤران اسان هڪ ٻئي سان خطن ذريعي پڻ رابطو قائم رکيو.

واسديو انجنيئر بڻجي واپس موٽيو ۽ مون پڻ پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي. مخزنن ۾ سندس شعر ڇپبا هئا ۽ ڪڏهن منهنجون آکاڻيون/ طنزون/ ليک ڇپجندا رهندا هئا .ان وقت تائين مان سنڌي ساهت منڊل جو جائنٽ سيڪريٽري ۽ سنڌيت ۽ سنڌي لپيءَ جي هلچل جو هڪ سرگرم رڪن بڻجي چڪو هوس. هلچل کي وڌيڪ وقت ڏيئي سگهندس، اهو سوچي مون ايل.آءِ.سي.ڇڏي اچي، ماستري ڪئي. ساڳئي سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول جي منجهند جي شفٽ ۾، جتي انگريزي ۽ گجراتي ماڌيم هو ۽ اسڪول جو نالو هو ماسٽرس ٽوٽوريل هاءِ اسڪول. صبوح جي شفٽ ۽ منجهند جي شفٽ جو مالڪ هڪڙوئي هو شري ڏرمداس ڪتري، جيڪو سنڌي عربي لپيءَ جي هلچل جو سچ پچ ڪرنگهو هو.

واسديو نرمل جي ممبئي ميونسپالٽيءَ جي 'ڊي' وارڊ جي آفيس اسان جي اسڪول کان اٽڪل پنج سؤ فٽن جي مفاصلي تي هئي، سو هڪ نيم ٿي ويو، اسڪول بند ٿيڻ بعد مان هليو وڃان واسديو نرمل جي آفيس ۾ ۽ ترت هو پڻ پنهنجو دفتر بند ڪري، پوءِ اسان نانا چؤنڪ جي ورنداون ريسٽارينٽ ۾ اچي چانهن پيئون. ان وقت جڏهن اسان کي ڪا گرل فرينڊ هئڻ گهربي هئي، ڪا محبوبا هئڻ گهربي هئي، ڪا به ڪانه هئي. ٻئي اڪيلا روح. پوءِ ممبئيءَ جارستا. گهڻو ڪري ڳالهيون اهي ٿين ته ڪنهن جي ڪهڙي رچنا ڇپي آهي، يا نئين تيار ٿي چڪي آهي يا ڪن ليکڪن جي ليکن بابت. البت جڏهن واسديو چانهن ۽ ڪافيءَ سان گڏ ڊوسو پڻ گهرائيندو هو ته ڄاڻ پئجي ويندي هئي ته اڄ واسديو ڪو نئون شعر رچيو آهي، جو ٻڌائيندو ۽ مون کان داد حاصل ڪندو. هن جي وارڊ ۾ گهڻيئي

ٿئيٽر هوندا هئا ، تنهن ڪري هن ڪي سيني فلمن جي پريمئر شو جون پاسون ملنديون هيون . اسان ڪئين پريمئر شوز گڏ ڏٺا . اهو پڻ عيش هوندو هو . شو جي رات واسديو نرمل منهنجي گهر ۾ رهندو هو . صبوح جو منهنجي ماءُ جي هٿ جي ڪوڪي چانهن جي نيرن ڪري آفيس طرف اسهندو هو . منهنجو اسڪول ته منجهند جو هوندو هو .

مان جڏهن ماستري ڇڏي ڪنهن ٻي ڪرت ڪي لڳس ته اهو سلسلو ٽٽي پيو . ان وچ ۾ واسديو نرمل ناٽڪن جو الٿو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ موتي پرڪاش سان دوستي نباهڻ لاءِ مان پڻ ناٽڪن جي ريهرسل تي وڃڻ لڳس . ناٽڪ واسديو نرمل جو الٿو ڪيل هجي ته هو نيمائتو ريهرسل تي اچي . مان ناٽڪ منڊليءَ جي خزانچي طور پنهنجون شامون گذارڻ لاءِ ريهرسل تي وڃڻ لڳس ۽ ان دؤران مون ناٽڪ جي باريڪين ۽ لکڻ بابت چڱي ڄاڻ حاصل ڪئي ، جنهن اڳتي هلي مون کي ناٽڪن لکڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي .

واسديو جي سادگيءَ ناٽڪ جي ڪيتر ۾ هڪ حادثو پڻ پيدا ڪيو . سندس الٿو ڪيل ناٽڪ ڪنهن منڊليءَ سندس نالو ڏيڻ کان سواءِ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو . پوءِ ته هڪ ٻي ناٽڪ منڊلي جنهن ۾ موتي پرڪاش ، آنند ٽائي ، مدن جماٽي ۽ مان هئاسين ، تن ساڳيو ناٽڪ واسديو نرمل جي نالي سان ٻه ڏينهن اڳواٽ پيش ڪري ڏيکاريو . اسان لاءِ اهو هڪ ليکڪ جي عزت جو سوال هو .اها هڪ ٻي ڳالهه آهي ته اڳتي هلي واسديو نرمل ان منڊليءَ سان صلح ڪري ٻيو ناٽڪ ڏنو ۽ وقت پئي سڀ رقابتون ، ويڇا ختم ٿي ويا . ها ناٽڪ ۾ اها ايڪتا پيدا ڪرڻ جي سگهه قائم آهي .

ناٽڪن کان سواءِ واسديو ڪيترن سالن کان ٻال منو وگيان تي پڻ دلچسپ ڪالم 'ڪونج ' مخزن ۾ ڏيندو هو . اهڙي نموني سندس ' امان توکي خبر آهي ؟ ' ، ' هائي هات ' ۽ ويجهڙ ۾ ٻارن جون آکاڻيون واسديو جي هڪ اهڙي ادبي دين کي ظاهر ڪن ٿيون ، جن طرف نقادن جو ڌيان ئي ڪونه ويو آهي . هن ڪيتر ۾ سندس حاصلات لاءِ هڪ الڳ ليک جي ضرورت آهي .

هڪ ڳالهه جا واسديو جي گهڻن ئي دوستن ۽ گهڻگهرن کي پشيمان ڪندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن چڙ به ڏياريندي آهي ، اها آهي سندس سادگي . سندس سادگي ۽ معصوميت جو گهڻن ئي اجوڳ فائدو ورتو آهي . جڏهن سادگيءَ کي هن درنگي دنيا جو دستور ڪمزوري ۽ ڦلهڙائي ڪري سمجهي ته سمجهه ۾ نه ايندو آهي ، افسوس ڪنهن تي

ڪجي . جڏهن ڪنهن سنگيت ڊائريڪٽر کي واسديو وٽ اچڻ گهرجي ، اتي واسديو پاڻ ئي ان وٽ وڃي پهچندو . جڏهن ڪنهن پبلشر کي واسديو جي گهر جا چڪر ڪاٽڻ گهرجن ، اتي واسديو پاڻ ئي وڃي حاضر ٿيندو . جڏهن ڪنهن ناٽڪ/فلم جي ڊائريڪٽر کي واسديو جي خوشامد ڪرڻ کپي ، اتي واسديو پاڻ ئي پهچي ڪيس مدد ڪرڻ جي آڇ ڪندو . اهي سڀ ڳالهيون ڏسي ڪڏهن ڪڏهن منهنجو ۽ سندس گهٽگهرن جو رت ٽهڪڪندو آهي ، پر اهو ڏسي واسديو پاڻ ٽهڪ ئي ٽهڪ ڏيندو آهي .

مان دبئيءَ ۾ ستاويهه سال رهيس . واسديو سان ايترو رابطو نہ رهيو ، پر جڏهن بہ هو گڏجي ، لڳي ئي نہ تہ اسان جدا ٿيا آهيون . شايد شاهہ لطيف اهڙن ماڻهن لاءِ ئي چيو آهي:

" ڪي ويجها ئي ڏور ، ڪي ڏور بہ ويجها سپرين "

واسديو نرمل جو منو وگيان تي هڪ ڪتاب ظاهر ٿيل آهي ، جنهن جا بہ ڇاپا نڪري چڪا آهن ۽ انعام بہ کٽي چڪو آهي .

سنڌيءَ جي بيباڪ ۽ پرسڌ ليکڪا پوپٽي هيراننداڻي واسديو نرمل بابت لکي ٿي: انسان جو من هڪ درياهہ آهي ۽ من جا ويچار ۽ ڀاو ان درياهہ جون ترنگون . شعر جي پدن ۽ بندن ۾ سمايل ويچار ڄاڻي اسين شاعر جو من پڇاڻي وٺون ٿا .

آهي ڪو بانڪو، جو ڄاتيءَ جو آئيندو ٺاهي ؟ سر جو سانگو لاهي ؟

واسديو نرمل جي هيءَ پڪار سنڌيت جي هلچل جي پڪار آهي . نرمل چوي ٿو :

جن سنڌين لاءِ دنيا گهر ، سي ڳولهين نئون نواس ،
الا ڙي هيءُ بہ زمانو آيو .

۽ جيوت چاولا سندس هڪ غزل جو مثال ڏئي ٿو :

" لڙڪن سان لکندو اتهاس ، سنڌين جو بي جوڙ تيا ڳ ! "

جيڪو شاعر هن نموني هر سنڌيءَ جي دل جي ڀاون جي ترجماني ڪري ٿو، سو ئي حقيقت ۾ سنڌي شاعر آهي. واسديو نرمل پنهنجي ٻوليءَ لاءِ قرب جتائيندي چوي ٿو :

’ نرمل گهڻيون ڪي سهڻيون ٻوليون جهان ۾ آهن،
ڪجهہ اوُر آهہ ،ليڪن ، سنڌي زبان سهڻا !‘

۽ هو ڪيترو نهٺو آهي، اهو بہ سندس ئي لفظن ۾ ......

’ شل انهيءَ جي لائق ٿيان،
جيڏي ڪرين ٿو واکاڻ، سڄڻ !‘

( مرڪ – جولاءِ_آگسٽ _1993 ع )

( بشڪريہ آڪاشواڻي )

# سنڌيت جي هلچل بابت ....

1ـ چاليهن سالن جي سنڌي هلچل (پندرهين اکل ڀارت سنڌي
سيمينار جئپور ۾ پڙهيو ويو — ڪونج پرچو جنوري 1995ع)

2ـ دبئيءَ ۾ ڪلچرل ۽ ادبي سرگرميون (سنڌي)
ـُ رچنا جي خاص دبئي انڪ لاءِ لکيل

3ـ جهوليلعل هڪ تاريخي پسمنظر

4ـ سنڌيت جي هلچل هڪ جائزو ۽ اڳتي قدم

5ـ اوائلي سنڌي سڀيتا. (آڪاشوائي ڀوپال تان نشر ٿيل)

6ـ هڪ مختصر جائزو — آزاديءَ جي هلچل ۾ سنڌ جو رول

# چاليهن سالن جي سنڌي هلچل

سنڌي هلچل جي نمايان ڪاميابين جهڙوڪ ، سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي ، سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ سان هٿ چراند ۽ سنڌي جاتيءَ ۾ ڏڦير وجهڻ جي ڪوشش کي گهڻي قدر ناڪامياب ڪرڻ ، مرڪزي سرڪار ۽ راجيہ سرڪار جي اڪاڊمين پاران تسليمي ۽ ڪاريہ ، سنڌي وڪاس بورڊ جو ٺهڻ ، انهن سيني شفي حقيقتن جي باوجود اڄ سنڌي ليکڪ/ ڪلاڪار/ دانشور ملول ، نراش آهي . سبب ڪهڙو آهي ؟

سبب سنڌي پاٺڪ/درشڪ جي ذري گهٽ عدم مؤجودگي آهي . ائين لڳي رهيو آهي تہ سنڌي جاتيءَ جي رنگ منچ تي دڪانت ناٽڪ ٿي رهيو آهي ۽ هال ۾ سڀ ڪرسيون خالي آهن !

هن حالت جا سبب ڪهڙا آهن ؟ منهنجي خيال ۾ اهي سبب آهن جيڪي سڄي دنيا ۽ ڀارت جي اٿل پٿل ڪري پيدا ٿيا آهن ؛ پر اسان جي مخصوص حالت ڪري اسان تي انهن جو اثر وڌيڪ نمايان آهي .جيئن زور پوڻ جي حالت ۾ زنجير جي ڪمزور ڪڙي ٽٽي پوندي آهي ، ساڳي طرح بوجو پوڻ جي حالت ۾ ڀهرين گهرو اثر اسان جي سنڌي جاتيءَ تي ٿيو آهي . انهن سببن جو بيان هن ريت آهي :

(1)ورهاڱي کي اٽڪل اڌ صدي گذري چڪي آهي ۽ هنن پنجاهہ سالن ۾ انساني زندگيءَ ۾ جنهن تيز رفتار سان تبديليون آيون آهن ، اهڙي رفتار سان اڳي ڪڏهن ڪونہ آيون

آهن . هرڪا چيز ، ادارا ، سنسٿائون جنهن رفتار سان ٺهن ٿيون ، ان کان اڳ مدي خارج ٿي رهيون آهن ، يا ٽٽي رهيون آهن . اسان جا ذهني اثر يا رد_عمل علم ۽ ڄاڻ جي تکي وهڪ سان قدم ملائي نٿا سگهن . نتيجو بحران آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ دوري آهي .

سنڌي جاتيءَ جي سطح تي ڏٺو وڃي ته گذريل پنجاهه سالن ۾ ٻه پيڙهيون نيون اچي چڪيون آهن . جيڪي ماپا ، طور طريقا ۽ حل پنجاهه سال يا ويهه سال اڳ مقبول ۽ ڪامياب هئا ؛ اهي اڄ بي سود ۽ ناڪامياب ثابت ٿين ته ڪا نئين ڳالهه نه آهي .

جيئن هر گهر ۾ اڄ پيڙهيءَ جي وڇوٽي محسوس ٿي رهي آهي ۽ نتيجي طور وچ ۾ دوري وڌي رهي آهي ، تيئن جاتي سطح تي پڻ اسان ساڳي ڳالهه محسوس ڪري رهيا آهيون۽ اسان جا دانشور ملول آهن .

( 2 ) آرٿڪ طور هيٺئين وچولي طبقي مان ، مٿئين وچولي طبقي ۾ داخلا ڪارڻ ، سيني ٻولين ۾ هڪ رخ پيدا ٿيو آهي ته پنهنجي ٻولي ڇڏي ، انگريزي ٻولي اپنائجي . هرڪا ٻولي آهستي آهستي پنهنجا پاڻ وڃائي رهي آهي . پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ اهو طبقو تمام ٽڪرو وڏي رهيو آهي ۽ سڄي پارٽ ۾ ڇڙوڇڙ هئڻ ڪري ، تمام گهٽ تعداد ۾ هئڻ ڪري ۽ هاري ناري مزدور طبقو نه هئڻ ڪري ، هندستان ۾ سنڌي ڳوٺ نه هئڻ ڪري اسان تي اثر تمام گهرو ٿي رهيو آهي ، تنهن ڪري ٻين ٻولين لاءِ هيءُ رخ هراس جو سبب نه بڻيو آهي ؛ پر اسان لاءِ اهو هراس ۽ چنتا جو باعث آهي . تنهن ڪري اسان جو دانشور ملول ۽ نراش آهي .

( 3 ) ڏي وٺ جو ماڌيم بدلجي ويو آهي . ڇاپي جي ماڌيم کي پوئتي ڇڏي هاڻي اليڪٽرانڪ ماڌيم اڳرو آيو آهي جنهن هڪ نئون انقلاب آندو آهي — خاص ڪري دور درشن ، ويڊيو ۽ سٽيلائيٽ چئنل ، خبرچار ۽ وندر جو مفهوم بدلائي ڇڏيو آهي . عوام مان پڙهڻ جي عادت گهٽجي رهي آهي ۽ سنڌي جاتيءَ جي مالي آسودگيءَ سبب گهڻو ڪري سيني وٽ جديد ساڌن مؤجود آهن . تنهن ڪري ادب ۽ پڙهڻ مان رچي ختم ٿي ويئي آهي/ رهي آهي . نتيجو اهو ٿي ، سنڌي پاڻ غائب ٿي رهيو آهي ۽ مفڪرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي بابت نراسائي ۽ ملولائي آهي .

( 4 ) هڪ خاص سبب ۽ تمام اهم سبب آهي ؛ سنڌي جاتيءَ جي هن اٿاهه ملڪ۾ ڇڙوڇڙ حالت ، پنهنجي زمين ۽ سرڪار جو نه هئڻ . زمين ۽ تاريخ جولڳاتار سلسلو

ڪيترن ئي روايتن ۽ ادارن کي تقويت بخشيندو آهي ، جيئن ڪنهن وڻ جون پاڙون زمين ۾ پختيون هونديون آهن ته طوفان جي سٽ سهي سگهندو آهي . سنڌي هندو جاتي ڀارت ۾ بنا پاڙ آهي ، تنهن ڪري هوا جي رخ موجب وهڪري ۾ وهي رهي آهي ؛ ( ان مان آرٿڪ فائدا ڀلي ٿيا هجن ) پر اها حقيقت هيبتناڪ انديشن سان ڀرپور آهي ، جنهن ڪان عام سنڌي اڻ ڄاڻ آهي ۽ مفڪر بيوس ٿي اهو دکانت کيل ڏسي رهيا آهن .

نتيجو سنڌي جاتيءَ جي آئيندي بابت ڊپ ، نراسائي — ملولائي .

سنڌي جاتيءَ جي آئيندي بابت سوچيندي دک درسي درشٽيءَ جا ٻيا به ڪيترا ئي سبب ٿي سگهن ٿا / آهن ، پر منهنجي خيال موجب مٿيان سبب مکيه آهن . هن پيچيدي صورتحال ۾ هن اگري چڪرويوهه مان نڪرڻ جو اپاءُ ڪهڙو آهي ؟

ان لاءِ ڪرامت وانگر ڪو هڪ ۽ يڪ ٽڪ علاج ته ڪونهي . مسئلي جي منجهيل سٽ جي ڪن ڌاڳن کي ڇيڙي سگهجي ٿو ، ان اميد سان ته من ڪو رستو نڪري پوي .

( 1 ) شروعات اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان ڪجي — سڀا جي اڪثر ڪاريه جو رخ جدوجهد وارو رهيو آهي ، ائين نه آهي ته سڀا صرف جدوجهد ڪئي آهي ، ناٽڪ اتسو ۽ سيمينارن جي شروعات به سڀا ئي ڪئي آهي ، پر جدوجهدي رخ سڀا مٿان حاوي رهيو آهي ، جا هڪ حقيقت آهي . هلچل مان حاصلاتن کي ٺوس نموني جو رخ ڏيڻ ۽ رچناتمڪ ڪاريه لاءِ ضروري واهڻ وسيلا سڀا ميسر ڪري نه سگهي آهي . ضرورت آهي ته سڀا ان اوڻائيءَ کي درست ڪري ۽ رچناتمڪ/ جوڙجڪي ڪم لاءِ جوڳو ۽ موزون ڍانچو ٺاهي الڳ الڳ سنسٿائن ڀاران ٿيندڙ ڪاريه کي دشا ڏئي ۽ موزون ڳنڍ قائم ڪري .

( 2 ) ڪافي وقت کان اها ڪوشش جاري آهي ته ڪنهن نموني سنڌي ٻارن/ وڏن کي سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس هلايا وڃن . کي ڪوششون ٿيون آهن ، جيڪي خاطرخواهه نه هئڻ سبب ڪامياب نه ويون آهن . ان ڏس ۾ زوردار ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي .پر اهو ضروري آهي ته جن کي ٻوليءَ سان ڳنڍجي اهي اڳتي پڻ ڳنڍيل رهن. اها باترتيب رٿا عمل ۾ آڻڻ ضروري آهي . هڪ اهو ئي رستو کليل آهي ، جنهن مان اڳتي لاءِ ڪا اميد جاڳي سگهي ٿي . سنڌي سيکارڻ لاءِ آڊيو ۽ ويڊيو ڪئسيٽ پڻ تيار ڪري سگهجن ٿيون ، جن ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ سان گڏ سنڌي ڪلچر ۽ تاريخ جون کي جهلڪون پيش ڪري سگهجن ٿيون .

( 3 ) مٿي ذرتيءَ کان الڳ هئڻ جي ڳالهہ ڪئي ويئي آهي . هن مسئلي جو حل اڳتي هلي تاريخ ڪهڙو ٿي پيش ڪري ، سو چوڻ مشڪل آهي ، پر في الحال ذهني سطح تي ڪنهن قسم جو ڳنڍ پيدا ڪري سگهجي ٿو . جيڪڏهن اهو ممڪن ٿي سگهي تہ سنڌيءَ ۾ پروگرام سٽيلائيٽ تان ڏيکارڻ جو بندوبست ڪرايو وڃي ، جن کي هند ۽ سنڌ جا سنڌي ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جا سنڌي ڏسي سگهن . پروگرام ڪجهہ سنڌ ۾ ۽ ڪجهہ هند ۾ ، ائين تيار ڪرڻ ۽ ڏيکارڻ ڪري ذهني ليول تي ڳنڍ پيدا ڪي سگهجي ٿو ۽ ائين اسان پنهنجي ٻوليءَ لاءِ نوان چاهڪ ۽ درشڪ پيدا ڪرڻ ۾ شايد ڪامياب وڃون .

ڀارت ۾ سنڌين جي آسودگيءَ ۽ ڏيساور ۾ سنڌين جي آسودگيءَ مان سنڌي پروگرامن کي اتساهڻ لاءِ ڪي دل وارا سنڌي ملي نٿا سگهن ڇا ؟

( 4 ) اسان جا ليکڪ جيڪو ادب پيدا ڪري رهيا آهن ، اهو ڪافي خشڪ آهي . اهو عام پاٺڪ جي پهچ کان مٿي آهي . اهو فني باريڪين ۽ دماغي ڪوٽ ڪوٽان وارو آهي . ( مان ڪنهن قسم جي ذڪر طور نٿو ڪريان . ) پر اسان وٽ وندر ورونهن جو ادب غير مؤجود نہ آهي ؟ ياد رکڻ گهرجي تہ شروعات ۾ هر پاٺڪ ادب کي/ فن کي وندر جو واهڻ ڪري اپنائيندو آهي . اسان وٽ وندر جو ادب تمام گهٽ آهي ، جا ڳالهہ نون پاٺڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهڻ جي قابل آهي . اهڙي هن ڪوٽ ڏانهن سنڌي اديبن کي سجاڳ ٿيڻ کپي .

( 5 ) جتي سنڌي بستيون آهن ، اتي سنڌي ٻارن لاءِ ٻالڪن جون ٻاريون برپا ڪيون وڃن ، جتي ڪين وندر ۽ راند روند سان گڏ سنڌي هئڻ ۾ فخر جو احساس پيدا ڪرايو وڃي . سنڌ جي تاريخ مان سنڌي سوروين جا قصا ٻڌائي ، سنڌ ۽ سنڌي جاتيءَ سان ڳنڍ جي اهميت ۽ ضرورت سمجهائي وڃي .

اهي صرف منجهيل سٽ جا ڪي ڌاڳا آهن ، جن کي ڇورڻ سان ، هن پيچيدي حالت مان شايد ڪي ڪندون سلجهي نہ سگهن تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ حالتن جي ڇڪ ڪجهہ گهٽ محسوس ٿي سگهي ٿي/ ٿيندي ۽ ائين گهٽ ٻوساٽ ۽ ملولائي ڪجهہ گهٽجي سگهي ٿي / گهٽجندي ۽ ائين ڪندي شايد ڪٿان ڪو اميد جو ترورو نڪري اچي .

# دبئيءَ ۾ ڪلچرل ۽ ادبي سرگرميون ( سنڌي )

’ دبئي ‘ لفظ ذهن جي آرسيءَ تي ڪيترا نہ الڳ الڳ چٽ اجاگر ٿو ڪري ! ڪن لاءِ واريا سو رڻ پٽ ، اٺن جا ڪافلا ! ڪن لاءِ وري هر گھر ٻاهران پيٽرول جا کوھ ! ڪن لاءِ سپنن جي نگري جتي رستا سون جا ۽ پئسا وڻن تي ٿيندا آهن . جتي پهچڻ سان غريبي بک سڀ مسئلا جادوئي چراغ سان ختم ٿي ويندا آهن . دبئيءَ جو مٿيون ڪوبہ چتر صحيح ڪونهي پر پنهنجي ليکي سڀ چتر سچا آهن .

ڏسندي ڏسندي دبئيءَ جي آدمشماري پنجن هزارن مان بدلجي اٽڪل ويھ سالن اندر پنج لک ٿيڻ تي آهي ، پر انهن پنجن هزارن ۾ پڻ گذريل سوا سؤ سالن کان وٺي ڪيترا ٺٽي (سنڌ ) مان آيل ڀاٽيا هتي رهيل آهن . ان وقت هن بيابان ۾ ڪين کھڙي ڳالھ ڇڪيو هوندو ! چون ٿا تہ دنيا ۾ بهترين موتي ايران ( هاڻي عربي نار ) ۾ ٿيندا هئا ۽ اٺين موتين جي وڻج سندن من موهيو هو . مرحوم شيخ راشد جي من ۾ هڪ خواب هو دبئيءَ کي دنيا ۾ وڻج واپار جو مکيہ مرڪز بڻائڻ جو . سندس خواب جي تعمير ۾ ڪيس سنڌ جي سنڌي ڀاٽين ۽ ٻين هندستانين خوب مدد ڪئي . جاگيرون ننڍين ننڍين شيخن جون ۽ راڄ انگريزن جو . هنن جاگيرن کي چوندا هئا Trucial states ـ 1951ع ۾ ستن جاگيرن گڏجي” متحد عرب اميرات“ ملڪ ٺاهيو ۽ انگريزن واڳون ڇڏيون . ان وقت هن زمين جي ٽڪري تي پيٽرول نڪتو ، ڇڻ وهندڙ سون نڪتو ۽ ڏسندي ڏسندي بريٽ ۾ يورپ ۽ آمريڪا جا نوان شهر ٽرانسپلانٽ ٿيڻ لڳا . شهرن ٺاهڻ لاءِ هرڪا چيز دنيا جي هر ڪنهن ملڪ مان اچڻ لڳي ۽ مزدور ( ليبر ) آيا گھڻو تڻو هند ۽ پاڪ مان . اوچتو ايتري آدم اچڻ ڪري واپار وڌڻ لڳو ۽ ائين هڪ سلسلو

شروع ٿي ويو. شروعات ۾ چاڪاڻ ته شهر ٿاهٽا هئا ، تنهن ڪري مزدور طبقي جي اڪثريت رهي. ڪٽنب تمام گهٽ هئا. شروعاتي دؤر ۾ ڪرشن ڀڳوان جو مندر ( جنهن کي پاٿين جو مندر چيو ويندو آهي ) ۽ گردوارو سماجي سرگرمين جا مرڪز رهيا هوندا ، پوءِ انڊين ايسوسئيشن ۽ اڳتي هلي انڊين اسپورٽس ڪلب مرڪز بڻيا ۽ هندستانين جي تعليمي گهرجن جي پورائي انڊين هاءِ اسڪول ڪئي. هنن سيني سنستائن جو پايو وڌو سنڌين ۽ اڃا تائين بانيڪار سنڌي آهن.

هن پسمنظر ۾ آهستي آهستي ڏٽن وارن ملهائڻ لاءِ ۽ ڪلچر جي بک مٽائڻ لاءِ ڪن شخصن قدم کنيو. شروع شروع ۾ پاڻ ۾ ئي گڏجي وندر ورونهن جو پروگرام ڪري وٺندا هئا ، جنهن ۾ شيام ماڙڪاڻي جوسٺو ڳائيندڙ آهي ، سرگرم بهرو وٺندو هو. آهستي آهستي هندستان جا فنڪار اچڻ لڳا ، پر شخصي سطح تي. ڀڳونتي ناواڻي به ڦيرا ڏئي ويئي. خوب محفلون مچايائين. گردواري ۾ عوام جي لاءِ پروگرام ۽ هونئن راتيون شخصي محفلون. ان وچ ۾ مايا ايسراڻي ۽ سرڳي جيٺالعل پڻ دبئيءَ مان ٿي ويا. گهنشيام ڀڳت پڻ چڱي مؤج مچائي. سڪي سيلن پاران هوليءَ جو ڏڻ ملهائڻ لاءِ هڪ دفعو سرڳواسي پروفيسر رام پنجواڻي پڻ آيو. رام پنجواڻيءَ جو اچڻ دبئيءَ جي ڪلچرل دنيا ۾ اهم واقعو هو. هن شري رام بخشاڻي ۽ مورج مل منگهناڻيءَ جي چولي ۾ چٽنگ ڪٽي وڌي جو هو اڄ تائين باقاعدي سنڌي ڪلچر جي سرپرستيءَ ۾ سرگرم آهن. شري رام بخشاڻيءَ جي شخصي ڪوشش سان هتي ٽي دفعا ڊراما فيسٽيول ڪيا ويا. هر ڀيري ٽي مڪمل ( فل لينٿ پليز) لڳاتار ٽي ٽي ڏينهن پيش ڪيا ويا. اهڙن موقعن تي هتان جا مڪاني فنڪار خاص ڪري رام بخشاڻي پاڻ پڻ اسٽيج تي اچي اداڪاري ڪندو رهيو. رميش ڇاڇاڻيءَ کي هتان جي مڪاني فنڪارن کي ڊئريڪٽ ڪرڻ لاءِ خاص گهرايو ويو. مڪاني طور ’سماج شيوڪ‘ ۽ ٻيا کي ناٽڪ ڪيا ويا ، جن ۾ رام بخشاڻي ۽ موتي پرڪاش اهم رول ڪيو هو. ان وچ ۾ دبئي ٽي. وي. تي ڪم ڪندڙ مسٽر سليم جعفريءَ عابدا پروين کي دبئيءَ ۾ به ڀيرا گهرايو. عابدا پروين پڻ عوام جي پياس مٽائڻ لاءِ گردواري ۾ پروگرام ڏنا، جنهن جو سهرو شري واشو صراف تي آهي. پرائيويٽ محفلن لاءِ هتي مهيش چندر پڻ ايندو رهيو آهي ۽ ڪافي اڳ رام ناواڻيءَ سان گڏ پڻ آيو هو

هن سڄي پسمنظر ۾ دبئيءَ جي شهر ۾ سنڌي ڪلچرل سرگرمين لاءِ زمين هموار ٿيندي رهي ۽ شري رام بخشاڻيءَ جي سرپرستيءَ جي هيٺ ”اسين سنڌي“ نالي هڪ سنستا ٺهي، جنهن باقاعدي ڪلچرل پروگرامن جي شروعات ڪري ڇڏي. پهريون پروگرام دبئيءَ جي مڪاني فنڪارن جو شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪوشي لعلواڻي، ايشور آڏواڻي، وشنو گر، شيام ماٽڪاڻي وغيره خاص حصو ورتو ۽ بخشاڻيءَ جي ڊيئرن ڊانس ۾ حصو ورتو، ٻين پڻ ڪيترن ٻال ڪلاڪارن ڀرپور حصو ورتو. ان موقعي تي ناٽڪ ”گامٽو ڊاڪٽر“ نالو ڦيرائي ”دٻا دٻ دواخانو“ نالي سان پيش ڪيو، جنهن ۾ پڻ رام بخشاڻي، رميش ڀاٽيه، بي. ڊي. ڀاٽيه جي فئملي، وشنو گر، موتي پرڪاش ۽ ورشا ڪٽواڻيءَ خوب ڀاڻ ملهايو. ٻيون پروگرام هڪ يادگار پروگرام هو ”سنڌ جي سار“. ممبئيءَ جي سنستا ”توهان جا سنڌي“ شانتي شهاڻيءَ جي مدد سان ٻن ڏينهن جو پروگرام – نماءُ، جنهن ۾ حيدرآباد جي قلعي جو دروازو – سنڌ جون ڪيتريون يادگار شخصيتن جا فوٽا – سنڌ جون رليون – ساز–سنڌوءَ جو پاٽي – شاهه جو رسالو – رام پنجواڻيءَ جو آدم قد چتر ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي زندگيءَ سان وابسته چتر – سنڌي ڪاڏو ۽ سنڌي پروگرام جنهن ۾ مکيه طور حصو ورتو چندرو آتما، سڌا ملهوترا ( موٽواڻي )، سترام روهڙا ۽ ٻين ڪيترن ڪلاڪارن بهرو ورتو. هن ۾ سيني ڪاميٽي ميمبرن روايتي ( ٽريڊيشنل ) ڊريسون پاتيون هيون ۽ اهو رواج اڃا تائين هلندو اچي ته ڪاميٽيءَ جا ميمبر هر سنڌي جلسي تي سنڌي پوشاڪ پائين.

’اسين سنڌي‘ پاران ڪيترائي پروگرام ٿيا آهن ۽ مڪاني فنڪار رچي راس ٿيا آهن. هڪ پروگرام ۾ شري رميش ڀاٽيه جو همبوڇي ... ڇي .... تمام ڪامياب اسم رهيو. ايشور آڏواڻي اسين سنڌي سان ته اڃا تائين آهي پر پنهنجو ڇڄنن ۽ گيتن ڳائڻ لاءِ امبي گروپ به ٺاهيو اٿائين. ڪوشي لعلواڻيءَ ڪيترا سنڌي ڪامياب ڪئسيٽ ڪڍيا آهن جن ۾ مکيه آهن ٻارن جا گيت ۽ لاڏا ۽ ائين هند ۾ پڻ مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي.

گذريل سال اسين سنڌي پاران انيلا سندر جا به سنڌي بئلي هتان جي النصر ڪلب ۾ پيش ڪيا ويا هئا ۽ تمام پسند پيا. هڪ هو”جاني نه ٿي جدا مون کان“ ۽ ٻيون هو ”سک سڄڻ جي“. اهڙيءَ طرح دبئيءَ جي سنڌين بئلي ڏسڻ جو انوکو آنند هتي پهريون دفعو ماڻيو.

دبئيءَ جي فائيو اسٽار هوٽل ’دبئي انٽر ڪانٽينينٽل‘ ۾ ڪاڏي سان گڏ ٿئيٽر جي شروعات پڻ اسين سنڌي ڪئي ۽ ٻه راتيون لڳاتار ٻه ناٽڪ پيش ڪيا. ”گهر گروءَ جو در“ ۽

" ماڻهوءَ چا چوندا ". ايڇهس. پي. مينگهاڻي سنڌو ڪلامندر جا ڪلاڪار وٺي آيو هو ۽ هتي دبئيءَ جا ڪلاڪار هئا رجهام بخشاڻي، ناري ساولاڻي، موتي پرڪاش، وشنو گر، نريندر ساڌواڻي ۽ ورشا ڪتواڻي.

اسين سنڌي پاران هر سال چيٽي چنڊ جو ڏڻ النصر ڪلب جي سومنگ پول ايراضيءَ ۾ ملهايو ويندو آهي. ڪي سال ته مڪاني فنڪار ٻن هزارن ڪان مٿي درشڪن کي وندرائيندا رهيا ۽ ڪنهن سال وري ڀارت مان ڪلاڪارن کي گهرايو پئي ويو آهي. هن پروگرام ۾ پڳوان چاولا ۽ پارٽي (لوڪ سر) ماڻهن کي موج وٺائي آهي ۽ گذريل سال وري ڪاجل ڪيولراماڻي، سشي آهوجا ۽ رميش راجپال جو پروگرام رکيو ويو هو

هنن سيني سرگرمين جو روح روان آهي اسين سنڌيءَ جو صدر شري رام بخشاڻي جنهن کي هتان جي ڄاڻو ۽ قابل شخصيتن جو سٿ ساٿ آهي، جنهن ۾ مکيه آهن شري ناري ساولاڻي، موتي پرڪاش،رميش ڀاٽيه، ايشور آڏواڻي، ڪوشي لعلواڻي، وشنو گر ۽ ٻيا.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته سليم جعفري سنڌ مان عابدا پروين کي دبئيءَ ۾ ٻه دفعا گهرايو. ساڳي ريت هوٽل پروموشن جي سلسلي ۾ پاڪستاني سفارت خاني پاران الڻ فقير ۽ سليمان شاهه کي پڻ گهرايو ويو پر انهن جي اچڻ جو فيض عوام کي ڪونه پهتو 1986 ع ۾ ڪنهن آڊيو ڪئسيٽ جي مالڪ دبئيءَ ۾ پهريون دفعو سنڌ جي سنڌي فنڪارن کي گهرائي عام پروگرام ڪيو جنهن ۾ جلال چانڊئي، ممتاز لاشاري ۽ قادر بخش مٺوءَ شرڪت ڪئي. پروگرام غلط هٿن ۾ هئڻ ڪري بريءَ طرح ناڪامياب ويو. ڪي سنڌي سڄاڻ دوست ممتاز لاشاري ۽ قادر بخش مٺوءَ سان گڏيا ۽ ڪچهريون ڪندي اهڙو خيال ظاهر ڪيائون ته جيڪڏهن سنڌي سنستا گهرائيندي مفت ۾ صرف هوائي جهاز جي ڀاڙي ۽ رهائش تي پروگرام ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين.

اسين سنڌيءَ جا پروگرام تمام ڪاميابي ۽ مقبوليت حاصل ڪري چڪا هئا. پر سنڌ جي سنڌين مان هتي واپاري طبقو بلڪل نه آهي ۽ مڊل ڪلاس ۾ پڻ ڪي انجنير ۽ بئنڪ ۾ ڪم ڪندڙ ۽ نوڪرين وارا هٿن تي ڳڻڻ جيترا آهن. باقي آهن ڪمي (ليبر) ۽ نئڪينس وارا. عطا محمد "سنڌي"، محمد ساليهه ٽيٻو ۽ منظور پٽيءَ سان گڏ پهريون پروگرام 6 جون 1988 ع تي "سنڌي سدائين گڏ" سنستا ٿاهي پيش ڪيو، جنهن ۾ موهن گيهاڻيءَ جو فيچر ڇهن گيتن جو سلسلو روپ گيهاڻيءَ پڻ پيش ڪيو ۽ ڪامينٽريءَ کي

آواز روبرو اسٽيج تي اچي موتي پرڪاش ڏنو . ان پروگرام ۾ دبئيءَ ۾ رهندڙ هند جي سنڌين کي خاص دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو ۽ ائين هن پليٽفارم تي هند ۽ سنڌ جا سنڌي گڏ ٿيڻ لڳا . سنڌ مان شرڪت ڪئي ممتاز لاشاري ، قادر بخش مٺو ۽ نظير احمد . پروگرام نهايت ڪامياب ويو. ٻيون پروگرام ڊسمبر 1988ع ۾ پيش ڪيو ويو. ان پروگرام ۾ لطيف اوارڊ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو ۽هڪ ادب يا ڪلچر جي ڪيتر مان مقبول هستيءَ کي هند مان ۽ هڪ کي سنڌ مان گهرائي اوارڊ ڏيڻ جي رسم شروع ڪئي ويئي. ڊسمبر 1988ع جي پروگرام ۾ سنڌ مان لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينا بلوچ ۽ هند مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي لطيف اوارڊ ڏنو ويو. پروگرام ڏيڻ لاءِ سنڌ مان آيا زرينا بلوچ ، فيروز گل ، محمد آچر ، سرمد سنڌي ۽ دبئيءَ مان روپ گيهاڻيءَ نارائڻ شيام جي گيتن ۽ غزلن جي بنياد تي شرڌانجلي طور هڪ فيچر پيش ڪيو ، جو موهن گيهاڻيءَ تيار ڪيو ۽ ڪامينٽري لکي ۽ آواز مليو ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ دري شهوار ( مرزا قليچ بيگ جي پر پوٽي ) جو. هن موقعي تي سنڌ مان عوامي شاعر مرحوم استاد بخاري ۽ هند مان ڪيرت ٻاٻاڻي خاص طور تي آيل هئا . هن پروگرام ۾ هلندي هلندي خواجا عباس اجمل شيخ ، امداد علي ۽ شاهد سومرو پڻ شامل ٿيا آهن ۽ ٻين ڪيترن سنڌين جو رول پئي رهيو آهي . هن سنستا ۾ ڪوبہ عهديدار ڪونہ آهي ۽ اجتماعي طور عني گڏيل آڌار تي ڪم هلندو آهي .هنن پروگرامن ۾ البت پيڪو ( گلئمر ) ڪونہ ٿئي . هيل تائين هتي وحيد علي ، اسلم تينو ،برڪت علي ، منظور سڪيراڻي ،شبير سمون ، تبسم ۽ محمد يوسف هن پليٽفارم تي اچي چڪا آهن . هيل تائين جن کي اڳتي هلي لطيف اوارڊ مليا آهن ، اهي آهن سنڌ مان — محمد ابراهيم جويو ، ظفر حسين شاهہ ، محمد يوسف ۽ هند مان پوپٽي هيراننداڻي ، گوبند مالهي ۽ داداهوندراج ' دکايل ' . روپ گيهاڻي شروع کان هن سنستا سان وابستہ آهي ۽ هر پروگرام ۾ ڀهرو وٺندي ٿي رهي . هن سنستا کي شري مورج مل منگهناڻيءَ جي سرپرستي حاصل آهي .

هنن سيني ڪلچرل سرگرمين کي المنصور و ويڊيو وارن پنهنجي پاران ويڊيو تيار ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلايو آهي ۽ ائين ايندڙ پيڙهين لاءِ اهو ڪلچرل ورثو محفوظ رکيو آهي . ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اهي ڪئسيٽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ويا ۽ اتي سنڌين ۾ سنڌي ڪلچر بابت ڪافي سجاڳي پيدا ٿي ائين محسوس ٿئي ٿو ۽ اتي پڻ ڪلچر سنستائون ٿين تہ سنڌي ڪلچر جي ڦهلاءَ ۾ هٿي ملندي ، اهڙي اميد آهي . هن

ڪارنامي ۾ جس جا پاڳي آهن شري خوشي ڪتواڻي ، المنصور ويڊيو جو مالڪ جو ڪنهن بہ نالي ، ناموس ۽ فائدي جي اميد کان سواءِ اهو ڪم ڪندو ٿو اچي ۽ سندس گھر واري ورشا ڪتواڻي پڻ دبئيءَ ۾ اسٽيج جي بهترين اداڪارا آهي .

موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش دبئيءَ ۾ 1977 ع ۾ آيا ۽ انهن کان ڪجھہ مهنا اڳ هتي پوني مان گوپ ڪمل حاضر هو . موهن گيهاڻي 1978 ع ۾ آيو ۽ گوردن شرما پڻ 1983 ع ۾ انڊين هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي آيو . شروعاتي دؤر ۾ شخصي طور تي پاڻ ۾ ڪاڏي پيتي تي رهاڻيون ٿينديون هيون ۽ ادبي بحث مباحثا پڻ ٿيندا هئا . گوپ ڪمل اهڙن موقعن تي ڪي تازيون لکيل ڪهاڻيون پڙهندو هو ۽ تنقيد ٿيندي هئي . اهڙي نموني ڪنهن کي ڪڏهن لکڻ جو موڊ ٿيو تہ پڙهندو هو . هن دؤران گوپ ڪمل جا ڪتاب " چورايل خوشيءَ جو سک " ۽ " هاءِ منهنجي نظر " شايع ٿيا . موتي پرڪاش پنهنجا شعر ڪڏهن ڪڏهن ٻڌائيندو هو ۽ پنهنجو ڪتاب " چٽنگ وچ چولي " ڇپائي ظاهر ڪيائين . ائين محفلون جاري رهيون . هر ڪنهن محفل ۾ جنهن ڪي جيترو وٽندو هو ڏيبي ۾ وجهندو ويندو هو ۽ ائين ڪجھہ پئسا گڏ ٿيا تہ پوپٽي هيراننداڻيءَ تي ويڊيو تيار ڪرڻ جي شروعات ڪئي ويئي . ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي پٽ انوپ ٻاٻاڻيءَ پوپٽيءَ تي ويڊيو تيار ڪئي ، جنهن ۾ پوپٽيءَ جون يادگيريون ۽ پوپٽيءَ بابت ٻين جا تاثر باتفصيل ڏنل آهن . خيال اهو بيٺو تہ ويڊيو جي Archive اهميت هجي . هن ويڊيو بعد سلسلو اڳتي وڌي نہ سگھيو آهي . ان وچ ۾ 1984 ع ۾ موتي پرڪاش ۽ موهن گيهاڻي سنڌ جو سفر ڪري آيا ۽ هڪ نئون اتساهہ کڻي آيا . ڪلا ۽ موتيءَ سفرناما لکيا ۽ ڇپايا . 1986 ع ۾ هند مان نارايڻ شيام ۽ سنڌ مان ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڊاڪٽر قمر عباسيءَ ڪي گھرايو ويو.خوب ادبي گڏجاڻيون ٿيون . انهن ڪي هوٽل ۾ رهائش لاءِ ميزبان وري بہ موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش ٿيا . 1987 ع ۾ واسديو 'موهي ' انڊين هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي آيو ۽ هن ڪيميا ( ڪئٽيلسٽ ) جو ڪم ڪيو . باقاعدي سنڌي ساهت سنگت برپا ٿي ۽ مهني جي پهرئين هفتي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جي گھر شام جو ادبي ڪلاس جو سلسلو جاري ٿيو ، جتي دبئيءَ جا مڪاني ليکڪ/شاعر پنهنجون رچنائون پڙهندا آهن ۽ تنقيد ٿيندي آهي . اشاعت جو چڻ هڪ سلسلو ٿي پيو آهي جنهن جو روح روان واسديو 'موهي ' آهي . گوپ ڪمل جا ٻہ ڪوتائن جا ڪتاب " سرحد جا گل " ۽ " نند قتل " نڪتا آهن . ڪلا پرڪاش جا ٻہ ناول ، " وقت ـ وٿيون ـ وڇوٽيون " ۽ " آرسيءَ آڏو " نڪري چڪا آهن .

هن سڄي پسمنظر ۾ موتي پرڪاش جو پٽ شريڪانت ’صدف‘ هڪ پختو غزلگو شاعر طور نڪري نروار ٿيو آهي. سندس پهرئين غزلن جي مجموعي ”نفرتن جا گل“ ڪافي مقبوليت حاصل آهي. سندس ٻئين مجموعي جو قلمي نسخو تيار آهي.

واسديو موهيءَ پنهنجو ”مٽڪو“ نالي ڪوتائن جو انوکو ڪتاب ظاهر ڪيو آهي. ڪنهن هڪ ڪردار کي کڻي ڪوتائن جو هيءُ مجموعو منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ۽ ڪامياب تجربو آهي. ائين دبئيءَ جي سنڌي ليکڪن وت آهر سنڌي ادب جا گهڻا پڙ ڪان وسان ڪين گهٽايو آهي ۽ واقعي تحسين لائق ڪم ڪيو اٿائون.

هن دؤران هند ۽ سنڌ مان ڪيترا اديب ادبي ڪلاس ۾ ايندا رهيا آهن. شيخ اياز هتي لنڊن مان موٽندي پنهنجي گهر واري ۽ پوٽيءَ سان گڏ آيو. آئسٽوريا هوٽل ۾ سندس شان ۾ رايل ٽريڊرس جي شري ناري ساولاڻيءَ طرفان پارٽي رکي ويئي. اها پنهنجي قسم جي پهرين آجيان هئي. هن کان اڳ شخصي سطح تي ڪن نارائڻ ’شيام‘ ۽ تنوير عباسيءَ جي پڻ ائمبئسڊر هوٽل ۾ آجيان ڪئي هئي. لنڊن ويندي هتان جمال ابڙو پڻ ٿي ويو آهي ۽ حميد سنڌي پڻ ڊسمبر ۾ هتان ٿي ويو آهي. ادبي ڪلاس ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، استاد بخاري، زرينا بلوچ، پوپٽي هيراننداڻي، محمد ابراهيم جويو، گوبند مالهي، ظفر حسين شاهه، هوندراج ’دکايل‘، ارجن ’سڪايل‘، ايم. ڪمل، ستيش روهڙا ۽ لکمي کلاڻي شرڪت ڪئي آهي.

هن ادبي سنگت جو روح روان واسديو موهي آهي ۽ سرپرستي موتي پرڪاش جي آهي، جيتوڻيڪ هتي ٻئي کي عهديدار ڪونه آهن.

(رچنا جي خاص دبئي انڪ لاءِ لکيل)

# جهوليلعل (هڪ تاريخي پسمنظر)

رچرڊ برٽن سال 1851ع ۾ هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو، ’سنڌ اينڊ د ريسس انهبيٽ د وئلي آف د انڊس‘ (Sindh and the races that inhabit the valley of Indus)

اهو سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ اوائلي ڪتابن مان هڪ اهم ڪتاب آهي ۽ سنڌي تاريخ بابت هڪ ڪارگر دستاويز طور ڪم اچي ٿو. ان ڪتاب ۾ عام سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي عقيدن بابت لکندي هن بيان ڪيو آهي ته مکيه پير يا اوليا يا اوتار جن کي هندو ۽ مسلم ٻئي مڃيندا آهن، اهي آهن:

(1) لعل شهباز جنهن کي هندو راجا ڀرتري ڪري مڃيندا آهن.

(2) پنو سلطان – پير عالم شاهه جنهن کي پير پنو ڪري ڪوٺين.

(3) خواجا خضر جنهن کي زندهه پير ڪوٺيو ويندو آهي.

(4) شيخ طاهر، جنهن کي اڏيرو لعل پڻ ڪوٺيو ويندو آهي.

مٿين پيرن مان زندهه پير کي هندو درياهه شاهه ڪري پوڄيندا آهن، جيڪو پاڻيءَ جي ديوتا ورڻ ۽ سنڌو نديءَ جو اوتار آهي. درياهه پنٿي پوڄارا تمام سختيءَ سان پنهنجو ڪرم ڪانڊ نڀاهيندا آهن. هو چاليهه ڏينهن اپواس رکن، ان دؤران شراب ۽ تماڪ نه ورتائڻ جي سخت پابندي ڪن ۽ هرڪنهن لذت کان پاڻ کي وانجهيل رکن. چاليهن ڏينهن بعد هو

سنڌوءَ جي ڪناري يا ڪنهن ڍنڍ ، واهه يا کوهه تي وڃي پوڄائون ڪن ، ٿي پيرا ڏات وٺي ، پتاشو ڪائين ۽ پنجڙا ڳائين. ( ص. 327 )

ويجهڙ ۾ وليم ڊئلرمپل جو ڪتاب ڇپيو آهي ، " دهلي – سٽي آف جنس " يعني دهلي جنن جو شهر. جنهن ۾ پڻ خواجا خضر جو ذڪر آهي ۽ اهو ڪافي دلچسپ آهي ۽ جل جي پوڄا سان وابسته لوڪ ڪٿائن جي سلسلي جي ڳانڍاپي ڪي ڪي قدر چٽو ڪري بيهاري ٿو. چاڪاڻ جو پاڻي ( جل ) جي پوڄا جهوني ۾ جهوني روايت آهي . خواجا خضر بابت مڃتاآهي ته هو سيني صوفين جو محافظ آهي ، مسافرن کي پٽڪڻ کان بچائي ٿو ۽ غورابن يعني ٻيڙين کي ٻڏڻ کان بچائي ٿو. هو گمراهن کي الاهي نظر سان نوازي ٿو ۽ ڪين گيان ٿو بخشي

هن جي وقت بابت ڪيترين ئي متصاد ڳالهيون ڪيون ويون آهن . ڪرسچن ۽ مسلم سلسلي موجب هو جهوني ٽيستامينٽ ( انجيل جي جهوني حصي ) ۾ ابراهيم جڏهن بابل ڇڏيو تڏهن سندس همراهه هو ، ڪن جو چوڻ آهي ته موسيٰ جڏهن ڳاڙهي سمنڊ مان اسرائيل کي پيئي نيو ته هن درويش کيس مدد ڪئي . ڪي وري هن کي سڪندر جو ساٿي ڪري مڃين . ڪيترا هن راءِ جا آهن ته بائيبل ۾ پرليه جو ذڪر ڪيل آهي ، جنهن ۾ صرف هڪ شخص حضرت نوح وڃي بچيو هو ۽ هيءَ دنيا وري نئين سر پوءِ پيدا ٿي آهي ، چي : خواجا خضر سندس پر پوٽو هو . ائين خواجا خضر جو واسطو پرليه بعد وقت جو آهي . هو سدائين ساوا ڪپڙا پائيندو هو ، جنهن به زمين کي هٿ لڳائيندو هو ، اها سائي سبز— نباتات سان پرجي ويندي هئي. هو نديءَ ۾ سدائين وڏي مڇيءَ تي سواري ڪندو هو.

پراڻي سميرجي Gilgamesh Epic جو نناويهه ، جيڪو اشرو بنيپال جي لئبرريءَ ۾ لڌو ويو آهي ، جو عيسوي سنه کان 2600 سال اڳ جو چيو وڃي ٿو — ان ۾ به خواجا خضر جو ذڪر آهي ، جنهن ۾ هن کي ٻوڏ کان بچڻ جو ديوتا ڪري بيان ڪيو ويو آهي .ائين دنيا جي لکيل ساهت ۾ پهريون ڪردار جنهن جو بيان ڪيو ويو آهي ، اهو خواجا خضر آهي .

ايئن جڏهن ڪي عليٰ صوفي جيڪي هندستان ۾ آيا ، نظام دين اوليا ( دهلي ) ، شيخ باهودين ( ڏکڻ هندستان – دولت آباد ) ۽ لعل شهباز ( سيوهڻ – سنڌ ) ، سيني هنڌن تي خواجا خضر جو ذڪر آهي . دولت آباد ( ڏکڻ هندستان ) ۾ باهودين جي خانقاهه پرسان جيڪو کوهه آهي ، اهو خواج خضر جي ڪرامت جو نتيجو چيو وڃي ٿو . ' شاهه جهان ناما ' ۾

پڻ دهليءَ جي جمنا جي ڪناري خضر گهاٽ جو ذڪر آهي . ائين هندستان جي جدا جدا هنڌن تي هن جي پوڄا ٿيندي رهي آهي . صوفي سنتن اهو پڻ ظاهر ڪيو تہ خواجا خضر وشنوءَ جو ئي روپ آهي . پنجاب ۾ هو نديءَ جو ديوتا ليکيو ويو ۽ ڪيترن ئي مندرن ۾ هڪ وڏي مڇيءَ تي نديءَ ۾ ويندي ڪيس چترن ۾ ڏيکاريو ويو آهي . سنڌ ۾ ڪيس ڪي راجا خضر ڪري چوندا هئا ، ناڪوئنا سندس پوڄا ڪندا هئا . چڱن جي سيسا برهمڻن کي ڏيندا هئا ۽ ڏيئا ٻاريندا هئا . ( ص . 300 )

پرليہ جو ذڪر دنيا جي سيني پراڻڪ ڪٿائن ۾ آهي ۽ پاڻيءَ جا ديوتا پڻ دنيا جي هر ڪنهن سڀيتا جي پراڻڪ گرنٿن ۽ ڪٿائن ( مٿالاجي ) جا پاتر آهن . پوءِ اها گريس جي مٿالاجي هجي ، مصر جي ، چين جي يا ٻئي ڪنهن بہ سڀيتا جي . اها پرليہ انسان ذات جي ان غير شعوري سطح جي ياداشت جي اهڃاڻ آهي ، جڏهن هيءَ پرٿوي برف واري اوستا مان اپري موجودہ اوستا ۾ اچي رهي هئي ۽ ائين زندگيءَ جي شروعات سان اها ڪهني يادگيري مجموعي طور تي ظاهر آهي .

هندستان جي جهونن پراڻن ۾ ان جو ذڪر آهي ، جنهن ۾ منوءَ کي آدي شخص ڪري ڏيکاريو ويو آهي . چون ٿا تہ جڏهن منو سنان ڪري رهيو هو تڏهن هڪ مڇي سندس هٿن ۾ آئي . منوءَ ان مڇيءَ کي وڏو ڪيو . وقت پٺي مڇي وڏي ٿيندي وئي ۽ جڏهن هن پاپي دنيا کي ناس ڪرڻ لاءِ پرليہ آئي تڏهن مڇيءَ جي چوڻ تي منوءَ ٻيڙي تيار ڪئي مڇيءَ سان ڳنڍ اها ٻيڙي ڪانہ ٻڌي ۽ ائين هو پرليہ جي ڪوپ کان بچي سگهيو . متسيہ پراڻ ۾ هن مڇيءَ کي وشنوءَ جو اوتار ڪري ليکيو ويو آهي ۽ ائين وشنو ڀڳوان کي دنيا جي شروعاتي ديوتائن سان جوڙيو ويو . ساڳئي نموني سميريا ۾ ديوتا ايذڪي ذيو سودرا جيڪو هندستاني پراڻن واري منوءَ جيان ئي اڪيلو هو ، تنهن پرليہ کان بچايو ۽ ميسيپوٽيما جي مٿالاجي يعني ديومالا ۾ هن جو روپ مڇيءَ جو ڏيکاريل آهي . اهو مڇيءَ وارو ديوتا هر ڪنهن تڪليف جي وقت بچائڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي .

ڏٺو وڃي تہ پرليہ وقت جي لحاظ کان ديو مالائي يگ جي ڳالهہ آهي ۽ نہ ڪ اتهاسڪ يگ جي . پر ڏٺو وڃي تہ ديومالا پڻ اتهاس نہ هجي ، ان ۾ ڪلپنا شڪتيءَ جو انس ڪجهہ سرسرو هجي ، پر ان جي بنياد ۾ ڪي تاريخي حقيقتون ٿينديون آهن . وقت هلندي ڪجهہ وڌايو ويندو آهي ، ڪجهہ گهٽايو ويندو آهي . وقت جي ڌارا ۾ ڪجهہ ڇٽي ويندو آهي

۽ وري ڪي نيون ڏارائون پڻ شامل ٿي وينديون آهن . ديو مالا ۽ لوڪ ڪٿائن ۾ عام انسان جون اميدون ، اڻسنا ، ناڪاميابيون ، ڊپ ۽ ڏکين حالتن کي بدلائڻ لاءِ ڪرامتن ۽ ڪرامتي ڪردارن جو وجود ضروري ٿيو پوي . ديو مالا انسان جي سماج ۾ جيئڻ پنهنجي ماضيءَ جو تصور ٿو ڪري ، اهو آئينو آهي . زندگي هڪ چالو سلسلو آهي ، جنهن کي ماضي پڻ آهي ، حال پڻ آهي ، ۽ ڀوشيہ پڻ آهي . حال ماضيءَ سان ڳنڍيل آهي ، تنهن ڪري ماضي ( تواريخ ) سڃاڻپ ( آئڊينٽٽي ) جو هڪ اهم جزو ٿيو پوي . ائين ديو مالا کي پنهنجي سڃاڻپ جي ماضيءَ کي سجهڻ جو آئينو ، سمجهڻ سان گڏوگڏ ڪيترا ڀيرا ديو مالا کي ڪن ملهن جي مجتا ۽ روايت جو سرچشمو ڪري پڻ سماج ڪم آڻيندو آهي ، تنهنڪري ديو مالا — يا لوڪ ساهت ۾ وقت جي تقاضا موجب ڦيرون ڦارون ، گهٽ وڌايون ٿينديون رهنديون آهن .

پرليہ ، نوح ، منو ، وشنو ، متسيہ اوتار اهي وقت جي لحاظ کان ديو مالا جا ئي ڪردار آهن ۽ هن سلسلي ۾ جهوليلعل پڻ هڪ چمتڪاري اوتار جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو آهي ۽ ائين لوڪ پرمپرا جو حصو آهي ، جنهن جو ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ ذڪر نہ آهي . جهوليلعل جو وجود وشواس جو معاملو آهي نہ ڪ تاريخ جو . هيءَ پراڻڪ ڪٿائن جي سلسلي جي ڪڙي آهي .

جنهن دؤر ۾ جهوليلعل جي پرگهٽ ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي ٿي وڃي ، ان دؤر کي تاريخي نقط نظر سان ڏٺو ويندو تہ ظاهر ٿيندو تہ اهو سومرن جو دؤر هو . سومرا هندو هئا ، جي ڪن سياسي سببن ڪري مسلمان ٿيا . سندن نالن کان سواءِ سندن رهڻي ڪهڻي ، ويچار ، وهنوار ، وشواس _ انڌ وشواس هندو رهيا. اها هڪ عالم آشڪار ڳالهہ آهي تہ جڏهن هڪ سيپتا جو ٻي نئين سيپتا سان ٽڪر ٿيندو آهي تہ ان ٽڪر جي وقت بعد ، وقت گذرئي نئين ۽ جهوني سيپتا ۾ ڏيٺ_ ويٺ ٿيندي آهي ۽ ائين ٻئي سيپتائون هڪ ٻئي کي گهڻو ڪجهہ ڏينديون وٺنديون آهن پر بنيادي وشواس ۽ عقيدا ساڳيا رهندا آهن . مشهور ليکڪ وي . ايس . نئپال پنهنجي ڪتاب " بيئانڊ بليف " جنهن ۾ هن الڳ الڳ ملڪن جي مسلمانن ( جن اسلام تاريخي حالتن ڪري قبول ڪيو ) جو ذڪر ڪندي زمين ڌرم ( ارٿ رليجئن ) جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ان زميني ڌرم جو اثر ڪافي ديرپا ٿيندو آهي .

هن پسمنظر ۾ ڪن مسلم ڪٽرپنٿين جو هئڻ ممڪن آهي ۽ هندن تي زيادتيءَ جي ڳالهہ پڻ قبول ڪري سگهجي ٿي پر ان ۾ ظالم مسلمان مرخ شاهہ جهوليلعل کي

ڪرامتي اوتار قبول ڪري اهو پڻ معنىٰ خيز آهي. ائين سنڌ ۾ هڪ مرڪب تهذيب جو بنياد پيو. جيڪا تهذيب/ڪلچر سنڌي هندن ۽ مسلمانن جو گڏيل ورثو آهي. هتي مان وري رچرڊ برنس جي ڪتاب مان حوالو ڏيندس — "سترهين صديءَ جي آخر تائين سنڌ ۾ نوي سيڪڙو آدم هندن جو هو ۽ جيڪي مکيه پير مسلمان پوڄيندا هئا، تن جا هندو نالا پڻ گڏ گڏ مروج هئا. ان مان انومان آهي ته ڪيترين پوڄا جون جايون مسلمانن جيئن جو تيئن اپنايون، جتي يوني(پٿرن ۾ قدرتي يا هٿراڌو سوراخ آهن) ۽ لنگ، ڍنڍن ۽ تلاون جي پاسي ۾ نمايان آهن."

اها پڻ هڪ تاريخي ۽ اهم حقيقت آهي ته سڄي هندستان تي جڏهن اورنگزيب جو ڪٽر اسلام راڳا ڪري رهيو هو، ان وقت پڻ سرمد ۽ دارا شڪوح جي سرپرستيءَ هيٺ سنڌ ۾ صوفي مت جي ڏارا زور شور سان وهي رهي هئي، جنهن ۾ هندو ۽ مسلم ٻئي تري رهيا هئا. اهو ئي اسان جو وحديت ۽ يڪ وجوديءَ جو ورثو آهي. سنڌي ڪيترو به ڪٽر هندو ڇونه هجي. تڏهن پڻ شاهه لطيف جي بيتن ۽ واين کي ڪن لاٿار نه ڪندو. جهوليلعل هن سنسڪرتيءَ جي علامت آهي.

# سنڌيت جي هلچل — هڪ جائزو ۽ اڳتي قدم

## ( هلچل جي بانيڪارن لاءِ بحث جي بنيادي پيپر طور تيار ڪيل )

سنڌيت جي هلچل کي پنجاهہ سالن کان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي .اها هلچل ڪيترن ئي دؤرن ۽ موڙن مان گذري آهي .وقت پوندي هلچل ۾ ڪيترا عناصر داخل ٿيا آهن ، هڪ وهندڙ نديءَ جيان ڪيترين ئي ڌارائن جو ميلاپ ٿيو آهي ۽ سطح تي ڪيترا ئي ڪک پن تري مٿاهينءَ تي آيا آهن . هلچل جي گهرائي ۽ رخ تي گنڀير سوچ ويچار جي ضرورت آهي .ان لحاظ کان هيءَ هڪ ڪوشش آهي تہ هڪ بحث جاري ٿئي ، جنهن ۾ سنڌيت جي هلچل جا سرگرم مفڪر ۽ سنڌيت جي هلچل جا گهڻگهرا بحث ۾ حصو وٺي الڳ الڳ پهلن ۽ ڪندن کان اوک ڊوک ڪن.

سنڌيت جي هلچل بابت سوچيندي ڪيترا ئي سوال هڪ ئي وقت ذهن تي اڀرن ٿا . هيءَ سنڌي ٻوليءَ کي برقرار رکڻ واري هلچل آهي ؟ هيءَ سنڌي ادبي هلچل آهي ؟ هيءَ سنڌي ڪلچر کي قائم رکڻ جي هلچل آهي ؟ هيءَ سنڌي جاتي جا سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ آئي آهي ، ان جي الڳ سڃاڻپ قائم رکڻ جي هلچل آهي ؟ آخر سنڌيت ڇا کي ٿا چئون ؟

هڪ لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ هيءَ هلچل انهن سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي آهي ، جيڪي ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي آيا ۽ سندن الڳ سڃاڻپ قائم رکڻ جي هلچل آهي . جنهن ۾ سنڌي ٻولي ، سنڌي ساهت ۽ سنڌي ڪلچر اهم سوتر آهن .

هن هلچل جو پسمنظر سمجهڻ لاءِ سنڌي سماج ۾ آيل تبديلين کي سمجهڻ ضروري ٿيو پوي . جيڪي تاريخي لحاظ کان تمام اهم آهن ۽ هندستان جو ورهاڱو سنڌي جاتيءَ لاءِ هڪ طوفان — زلزلو ۽ زندگي موت جي سوال سان گڏ ڪيترين ئي تبديلين لاءِ هڪ اهم واتر شيڊ ثابت ٿي رهيو ۽ سڀ تبديليون هر لحاظ کان هن گهٽنا جي حوالي ۾ ڏسڻ ضروري ٿيو پوي .

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته هر سماج هڪ وهندڙ درياهه آهي . ڪٿي به ڪو سنڌو، ڪاما يا فل اسٽاپ نٿو اچي . ان لحاظ کان ورهاڱي جو اثر سنڌي جاتيءَ تي ڪهڙو ٿيو، تنهن لاءِ ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ سنڌي جاتيءَ جا مختصر ۾ اهم رخ سمجهڻ ضروري آهن .

انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌي ننڍا وڏا واپاري هئا ،ڪي پرڏيهه ۾ وڻجارا ٿي ويندا هئا . گهڻو ڪري هٽ هلائيندا هئا . البت ڪي پڙهيل ميرن جي دربار ۾ منشي ٿي ڪم ڪندا هئا ، پر سنڌي هندن ، ويجهڙ جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪو فوج ۾ اڳواڻيءَ جو ڪم نه سنڀاليو. شري پيرو مل مهرچند ’سنڌي هندن جي تاريخ‘ ۾ ’آڏو مل‘ جو ذڪر ڪري ٿو جو تلوارباز هو ۽ ڪلهوڙن تي ايترو اثر وڌائين جو تنهن بعد حيدرآبادي عامل پنجاب مان حيدرآباد سنڌ اچي رهيو، پر ان بعد ڪنهن به هندو سپهه سالار طور يا ڪنهن خاص ڪارنامي جو ذڪر نٿو اچي .سنڌي هندو ائين سياسي طور طاقت جي مرڪز کان پري هئا . انگريزن سنڌ فتح ڪئي تنهن بعد اٽڪل نوي سالن جي عرصي ۾ سنڌي هندن ۾ نمايان تبديليون آيون .

سنڌ ممبئيءَ سان لاڳو ڪئي ويئي ته سنڌي هندو جيڪي ڪيترين صدين تائين ڌرم جي لحاظ کان ٿورائيءَ ۾ هئا ، اهي گهڻائيءَ جو حصو ٿي ويا ۽ منجهن پاڻ ۾ وشواس پيدا ٿيو. هندستان جي مسلمانن جيان سنڌ جا مسلمان پڻ روسامي ڪري هر ڪنهن انگريزي چيز کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ انگريزي تعليم کان پڻ ڪنارو ڪري ، پنهنجي وڃايل عظمت جي خيالي دنيا ۾ رهڻ لڳا، نتيجي ۾ هو پٺتي رهجي ويا ۽ سنڌي هندو هر ڏس ۾ اڳتي وڌي آيا .

ميرن جي وقت ۾ جزوي هندن کي ڪا زمين هوندي هئي . انگريزن جي دؤر ۾ وياج بدلي ۽ بئي نموني سنڌي هندو زمين وٺڻ لڳا . ائين واپاريءَ سان گڏوگڏ ڪيترا هندو زميندار پڻ ٿيا . پر سندن ملهه ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ ذهنيت ننڍن دڪاندارن/واپارين واري ئي رهي ۽ ائين جاگيرداري سرشتي جي ناڪاري رخن کان پاڻ کي آجو رکيائون .عيش عشرت کان پري سندن مقصد وڌيڪ پئسو ڪمائڻ ۽ وڌيڪ جائداد هٿ ڪرڻ هوندو هو.

سنڌي هندن انگريزي تعليم خوشي ۽ اتساهه سان اپنائي ۽ سرڪاري نوڪرين ۽ پيشن ۾ اڪثريت ۾ رهيا . سنڌي هندن ۾ وچولو طبقو پيدا ٿيو. راڄ جي ڪاروباري سرشتي تي نمايان طور ڇانيل رهيا ۽ ڪامورائي طاقت سندن هٿن ۾ رهي . هن سڄي واردات جو هڪ ٻيو نتيجو پڻ ٿيو ۽ تعليم ۽ سهوليت جي خيال کان گهڻا هندو شهرن ۾ اچڻ لڳا ۽ هڪ نئين ماحول مان اثرانداز ٿيا . جنهن جا ديرپا نتيجا سندن سوچ جي دائري کي وسيع ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا .

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌي هندن صدين بعد اڻ سڌي نموني سياسي طاقت ماڻيندي آزاديءَ جي هلچل ۾ سياست ۾ داخل ٿيا .

سنڌ ممبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد وري مذهبي لحاظ کان سنڌي هندو ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿيا ، پر ان وقت تائين ڪيترين ئي هلچلون مٿن ساڳيا اثر ڪري رهيون هيون .

آريہ سماج جي هلچل هندن ۾ پنهنجي ماضيءَ بابت فخر جو احساس پيدا ڪيو . هندو مها سڀا سياسي پارٽيءَ طور سنڌ ۾ داخل ٿي چڪي هئي .آر . ايس .ايس .پنهنجي شاخائن ضريعي نوجوانن ۾ وڙهڻ جي قوت کي برتري ڏيئي رهي هئي ۽ ٻارن ۾ پنهنجي مسلمان پاڙيسرن خلاف هندوپڻي ، نفرت ۽ اڻ سهپ جي ويچار ڌارا جو ڦهلاءُ ڪري رهي هئي .

رواجي حالتن ۾ ڪنهن بہ اقليت لاءِ ڪٽر پڻو يا پنهنجي بچاءُ جو سياويڪ طريقو آهي Communalism of minority is Defensive mechanism . جيئن اڳتي چيو ويو آهي تہ سنڌي هندو سنڌي سنڌ جي اقتصاديت ، تعليم ۽ سياسي ميدان ۾ قبضو ڪري چڪا هئا .

مسلمان گهڻائيءَ ۾ هوندي پڻ طاقت جي ڪنهن بہ مرڪز تي نمايان نہ هئا ، البت انگريزن جي پاليسيءَ ڪري ڪي زميدار سياست ۾ حصو وٺڻ لڳا . رواجي مسلمان هندن جي ڪاميابيءَ تي حاسد بڻيو رهيو ۽ ائين اقتصادي ڦرلٽ سبب نفرت جو شڪار بڻجي چڪو هو. انهن سڀني ڳالهين گڏجي هندو ۽ مسلمانن جي مانسڪتا ۾ ڪيترائي مونجهارا ۽ تناءُ پيدا ڪيا ، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ قسم جو تناو واري ماحول جنم ورتو .

سياسي طور گهڻا سنڌي هندو ، هندن جي برتريءَ جي ذهنيت وارا هئا ۽ سندن ذهني وفاداري هندو مها سڀا جي ويچار ڌارا سان هئي ، پر عملي طور هو ڪانگريسي بڻيا . ائين ڪانگريس جڻ سنڌي هندن جي پارٽي بڻجي پيئي .ڪانگريس قومي پارٽي هئي ۽ قومي سطح تي ان ٿورائيءَ وارن جي حق جي ڳالهہ پئي ڪئي ، ائين قومي سطح تي سنڌي

هندو اڪثريت سان جڙڻ ڪري ۽ سنڌ جي ليول تي ڪانگريس پاران ٿورائيءَ وارن جي حقن جي حمايت حاصل ڪرڻ ڪري ٻنهي فائدي ۾ هئا . ان ڪري ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ ۾ ئي دانشمندي سمجهيائون . پر شخصي سطح تي گهڻا تڻا ڪانگريس جا ليڊر پڻ هندو مها سڀائي ذهنيت جا هئا.

هنن حقيقتن جو هڪ ٻيو پڻ اهم پهلو هو. سنڌ ۾ صدين کان صوفي مت جو پرچار هو ۽ سنڌي هندو ۽ مسلم عوام اها وات اپنائي هئي ۽ تصوف سندن سوچ جو حصو بڻجي چڪو هو. ڪلچرل ليول تي . ادبي محاذ تي ڪن ڳاڻ ڳڻين شخصيتن کي ڇڏي سنڌي ادب هڪ يڪي ايڪائي ( هڪ يڪو يونٽ ) هو ۽ سنڌي عوام جي ذهنيت ڪٽرپڻي کان آجي هئي . شخصي سطح تي هندن ۽ مسلمسنن جا ناتا خوشگوار هئا . هڪ ٻئي سان خوشي غميءَ ۾ شامل ٿيندا هئا . ڪيترا هندو مسلمانن جي پيرن جا پوئلڳ هئا۽ ڪيتريون سنڌي مسلمانن جون ريتيون رسمون ، وشواس ـ انڌ وشواس گهڻو تڻو ساڳيا هئا . شاهه لطيف جي وائي ٻڌي سنڌي هندو پڻ اوتري ئي وجداني حالت ماڻيندو هو . جيتري ڪو سنڌي مسلمان.

حقيقت اها آهي ته گنگا جمنا جي هندن شروعات کان وٺي نه سنڌي هندن کي نج هندو قبول ئي نہ ڪيو آهي ۽ اڄ پڻ پاڪستان جا ٻيا مسلمان سنڌي مسلمانن کي مسلمان طور قبول ڪرڻ کان انڪاري آهن . ان جا گهڻا ئي تاريخي سبب پڻ آهن . جن جو تفصيلوار بيان ڪرڻ هن مضمون جو حصو نہ آهي .

ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ ئي آزاديءَ جي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪن ڪاليجي نوجوانن تي ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ويچا ڌارا جو اثر ٿيو . جن پنهنجي ويچار ڌارا ڦهلائڻ لاءِ رسالا ۽ اخبارون شريع ڪيون ۽ ڪن ٽريڊ يونينن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو . پر سندن ويچار ڌارا گهڻي قبوليت حاصل ڪري نہ سگهي . پر هنن جهڙا ويچار ڌارا جا پختا ۽ جنوني جوان سنڌ اڳ نہ ڏٺا هئا . ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو نظريو اهو هو تہ هندستان هڪ قوم نہ پر ڪيترن ئي قوميتن جو مجموعو آهي ۽ هن بنياد تي ڪميونسٽ پارٽيءَ مسلم ليگ جي الڳ پاڪستان جي گهر جي پٺڀرائي ڪئي . پر سجاڳ مسلمانن . سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ سنڌي ڪم ڪندڙن ورهاڱي کان عين اڳ پاڪستان جي وجود ۽ مسلم ليگ جي اصلي ارادن کي ڀانپي ورتو ۽ کين لڳو تہ پاڪستان جو قيام سنڌ جي فائدي ۾ نہ هو. جي . ايم . سيد جي رهبريءَ هيٺ سنڌ سنڌين لاءِ هلچل شروع ٿي ۽ مسٽر محمد ابراهيم

جويو صاحب انگريزيءَ ۾ هڪ چؤنپڙي ظاهر ڪئي ، جنهن جو عنوان هو Save sindh Save the continent . هن سڄي هلچل ۾ ڪميونسٽ ويچار ڌارا وارا عناصر هن هلچل سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا . ائين سندن من ۾ سنڌ لاءِ پيار ۽ فرقيپرستيءَ خلاف نفرت جا سلا اڀريا . هنن سنڌي تاريخ جو اڀياس ڪيو ۽ ائين سنڌ جي صوفي روايتن کي ڦولهڻ ۽ نئين سر اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،پر ورهاڱي جي گوڙ شور ۾ اهو آواز ڇڻ رڻ ۾ واڪا هو ۽ ان جو خير ڪو اثر ٿيو.

سنڌ ۾ مٿيون حالتون هيون ، جڏهن سنڌين ڀارت ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي . ائين ويجهڙ جي تاريخ ۾ اهڙي دردناڪ لڏپلاڻ ڪڏهن ڪونہ ٿي هئي . هڪ زلزلو هو ، جنهن سان هڪ ڌرم کي مڃيندڙ جاتيءَ جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين نڪري ويئي . هڪ طوفان هو جنهن صدين کان پنهنجي زمين ۾ پنهنجون پاڙون ڦهلائي بيٺل وڻن کي ڏونڌاڙي ڇڏيو ۽ طوفان جي زور انهن جي پنن کي سڄي هنستان ۾ ڦهلائي ڇڏيو.

ائين ورهاڱي جواثر سنڌي جاتيءَ تي جو ٿيو سو هن ريت هو .

سڀ زمينون ڇڏي هٿين خالي سڄي هندستان ۾ ڏاٺو ڏاٺو ٿي ويا .

تعليم يافتہ طبقو نوڪرين جي تلاش ۾ _ جتي ڪين جيڪا نوڪري ملي حاصل ڪري پيٽ گذران ڪرڻ لڳا ، پر اهو سلسلو پڻ ڪيترا ئي سال هليو ۽ ڪيترن ئي ڪٽنبن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪافي پٽڪڻ بعد ئي ٺانئيڪو ٿيڻ جو وجهہ مليو.

جتي سنڌي رهيا اتي سنڌي تعليم شروع ٿي . اسڪول ۽ ڪاليج کليا تہ جو تعليم جو سلسلو رڪجي ويو هو ، اهو جاري ٿيو ۽ ائين شهري ۽ ڳوٺاڻن سنڌي هندن ۾ سنڌو مٽجڻ لڳو ، ڇاڪاڻ تہ تعليم ذريعي ئي نوڪرين جا دروازا کلڻ جو امڪان هو.

جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ سنڌ ۾ جيڪي ڪانگريس جا ليڊر هئا اهي ذهني طور فرقيپرست هئا . هنن جي خيال ۾ ملڪ جو ورهاڱو ڌرم جي آڌار تي ٿيو ۽ سندن انومان هو تہ اڳتي پڻ سياست جو بنياد ڌرم رهندو ۽ هاڻي جو مسلم پاڪستان تيار ٿيو آهي تہ هندن لاءِ هندستان پڻ سياسي حقيقت آهي . ائين اڪثريت جا ليڊر ٿيڻ جي موهہ ۾ هنن سنڌين کي صلاح ڏني تہ هندستان ۾ جتي آهيو اتان جي مڪاني ماڻهن سان جذب ٿي وڃو.

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ مهاڀارت جي زماني کان وٺي گنگا جمنا واديءَ وارن سنڌين کي شڌ هندو ڪري تسليم ڪونہ ڪيو آهي . سنڌين لاءِ اهو هڪ مسئلو هو . چاهين تہ بہ هو شرڻارٿي ڪري پيئي قبوليا ويا . جذب ٿي وڃڻ جو هڪ طريقو اهو ڏسيو ويو تہ

سنڌي ٻوليءَ جي مسلمانکي لپي بدلائي ديوناگري ڪئي وڃي .حقيقت ۾ سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل هلندي فرقيپرستيءَ جي ماحول ۾ دائود پوٽي سنڌي ماترائن ( اعرابن ) کي عربي وک تي اپنائڻ جي پيشڪش ڪئي هئي ۽ ان جي رد_عمل ۾ ڪن قديم پرست هندن سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت جي بنياد جي خيال جي پوئواري ڪندي ، سنڌي ٻوليءَ جي لپي مٽائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي . هن جو هيءُ تحرڪ صرف هڪ سياسي پئنترو هو . ان ۾ ڪا بہ عالميت ، صداقت ۽ وشواس جو عناصر نہ هو ، پر اهو ساڳيو ويچار هندستان ۾ فرقيپرستيءَ جي سياست ۽ سنڌين کي جذب ڪرڻ جي خيال جي Corollor طور پيش ڪيو ويو . هن خيال جو ڪيئن وروڌ ٿيو ، اهو هڪ الڳ باب آهي .

سنڌ جي عوام ورهاڱو عارضي طور قبوليو هو . ڪيترن کي اهو انومان هو تہ جيئن اڳي جنگين وقت ڪٿي محفوظ جاءِ تي پناهہ وٺبي هئي ۽ جنگ بند ٿيڻ بعد واپس اچي پنهنجا گهر ٻار وسائبا هئا ، اهڙيءَ ريت هو واپس سنڌ ۾ وري اچي سگهندا . اڪثر قدرتي حادثن ، پليگ ۽ ٻوڏ ۾ پڻ اهڙي صورتحال پيش ايندي هئي . ڪيترن پنهنجي مسلم دوستن کي گهر جون چاٻيون امانت طور ڏنيون هيون .

سنڌي ليڊر اڪثر هندو ذهنيت جي هئا ۽ سنڌ ۾ هندو سياست هندو مهاسڀا وارن جي هٿ ۾ هئي ، انهن هندستان جو ورهاڱو سياسي ۽ جذباتي سطح تي قبول نہ ڪيو . انهن وٽ آزاد اکنڊ ڀارت جو سپنو هو . ( گوڊسي جنهن مهاتما گانڌيءَ جي هتيا ڪئي ، ان جون هائيون اڃا تائين سندس گهر ۾ آهن ۽ سندس آخرين اڇا اها هئي تہ سندس هائيون سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪيون وڃن ۽ سندس گهر وارن سندس هن اڇا کي اڳتي هلي پوري ڪرڻ جي اميد ۾ سندس خواهش جو مان رکيو آهي . ) ائين نہ سمجهن گهرجي تہ مان گوڊسي کي هيرو ڪري پيش ڪري رهيو آهيان . صرف هندو مها سڀا جي فلاسافيءَ جي ڳالهه آهي .

ڪلچرل سطح تي ڪيترين ناٽڪ ٽولين ، ڪيترن ڳائيندڙ ٽولين ڪيترن شهرن ۾ وڃي پروگرام ڪيا ۽ سنڌر راڳ ، سنڌي ناٽڪ جي لاٽ قائم رکيائون ۽ سنڌين ۾ هڪ وشواس ۽ امنگ پيدا ڪيائون . هڪ جا اهم ڳالهه هن دؤران ٿي ، اها هئا سنڌين پنهنجو اشٽ ديوتا ورڻ ديوتا 'جهوليلعل' وري ڳولهي ورتو ۽ جاتي ديوتا طور اپنايو . ائين سنڌين کي هڪ ڪلچرل سجاٽپ ملي ويئي . هر ڪنهن بستيءَ ۾ جهوليلعل مندر منڊليون ۽ ميلا ٿيڻ لڳا .

هنن سنڌ تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ سنڌ ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي لپيءَ جي مٽائڻ جي مخالفت ڪئي .

سنڌي جاتي ورهاڱي وقت ( اٽڪل ڏهہ لک ) هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وٽڙجڻ لڳي ۽ ڪنهن بہ قسم جو ڳنڍيل سماج ۾ نہ رهيو . ڪٽنب الڳ ٿيا . پيرن هيٺان زمين غائب . روايتن جي سلسلي ۽ سماج جي ايڪائيءَ ڪري شخص جا حفاضت محسوس ڪندو آهي ، ان کان وانجهيل . جيئري رهڻ جي جدوجهد ۾ سنڌي شخص پاڻ کي تمام غير سلامت سمجهيو . اهڙيءَ حالت ۾ انسان جي جهوني ۾ جهوني روايت ٻولي سندن ذهني سهارو بڻي انسان ٻوليءَ کان سواءِ سوچي ئي نہ سگهندو آهي . همٿ ۽ محنت سندن هٿيار بڻيا .

ورهاڱي وقت نوجوان ٿهيءَ مان ڪي شاگرد جن جو لاڙو سماجواد ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏانهن هو ۽ اتي سنڌ ۾ ئي پنهنجي فيلسوفيءَ جي ڦهلاءَ جي لحاظ کان اخبارن ۽ رسالن ذريعي ادب ۽ ادبي هلچل سان وابستہ هئا ۽ جن جي وابستگي جي . ايم . سيد جي هلچل سنڌ – سنڌين سان هئي ۽ جن سنڌ کي هڪ الڳ قوميت ڪري پئي تسليم ڪيو ، انهن هن جذب ٿيڻ جي نعري کي غلط چئي للڪاريو ۽ هڪ تاريخي رول ادا ڪيو. اها ٽولي سنڌي ڪلچر جي غير ڪٽرپڻي ۽ عوام جي صوفي روايتن کان باخبر ۽ باشعور هئي . هتي هنن ادبي هلچل جي شروعات ڪئي . ڪنهن هڪ اڌ کي ڇڏي هنن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي عملي سياست کي تلانجلي ڏيئي پنهنجي زندگيءَ جا بهترن ڏينهن سنڌي ٻولي ، ادب ۽ ڪلچر کي برقرارا رکڻ جي هلچل کي ڏنا . انهن سان ڪي بزرگ اديب پڻ اچي شامل ٿيا .

جنهن هڪ مکيہ حقيقت سنڌي عوام کي جذباتي طور هڪ ڪيو ، اهو هو سنڌي ٻوليءَ کي پارتي وڌان ۾ جڳهہ نہ ملڻ . ان غير تسليميءَ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي ۾ سنڌي جاتيءَ کي هر ڏس ۾ نظرانداز پئي ڪيو . سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل پارت ۾ سنڌين لاءِ محروميت جو احساس برپا ڪيو ۽ ائين سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل شروع ٿي .

تاريخ جي آئيندي ۾ ڪيترائي ڳجهہ لڪل هوندا آهن . آئيندي بابت اڪثر اندازا ۽ اڳڪٿيون غلط ثابت ٿينديون آهن . تاريخ جي وهڪري کي هڪ پنهنجي نج ۽ انوکي ادا آهي . سنڌ جي بزرگ ڪانگريسي اڳوانن جي سوچ تہ هندستان ۾ سياست جو دارومدار ڌرم

ٿيندو ، پوريءَ طرح غلط ثابت ٿي . هندستان جي سياست جو آڌار ٻولي بڻي ۽ ذات پات بڻي.هن سڄي مساوات ( ايڪئيشن ) ۾ سنڌي ڪٿي بہ ڪو جزو ( فئڪٽر ) ٿي نہ پئي سگهيا .

جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ سنڌي ادب ، ڪلچر ، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل ۾ ڪي بزرگ اديب ۽ نوجوانن جي ٽولي مک ۾ هئي . ڪنهن شهر ۾ ادبي ڪلاس شروع ٿيا ، رسالا نڪتا ۽ سنڌي سميلن وقت ڪيترن ئي شهرن مان جٿا پهچڻ لڳا .

هن ئي وقت سنڌي نام نهاد ليڊر ٻوليوار راڄن ٺهڻ بعد پاڻ کي اجايو سجايو/ الڳ محسوس ڪرڻ لڳا ۽ سنڌيت جي هلچل ، جنهن جي هنن مخالفت ڪئي هئي ، ان هلچل تي قبضو ڪري ان جا سرمور بڻيا .

سندن زبان ۽ سندن وشواسن ۾ گهڻو تفاوت هو ۽ پنهنجي هٺ ڌرميءَ تي قائم رهي سنڌي ٻوليءَ جي ورهاڱي واري قدم تہ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپي ديوناگري هجي ، ان تي قائم رهيا ۽ ائين ڀارت ۾ پڻ سنڌي جاتيءَ جو ورهاڱو قائم رکيائون .

آخر اٽڪل ويهن سالن جي جدوجهد بعد سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جڳهہ ملي .

ڀارت جي ورهاڱي بعد جيڪا ٿهي جيڪا ٿهي هتي آئي ، اها لڳ ڀڳ نہ رهي آهي . هنن پنجاهہ سالن ۾ سنڌي جاتيءَ ۾ ٽي نيون پيڙهيون اچي چڪيون آهن ۽ سنڌي سماج جي سڄي رچنا ( ڪمپوزيشن ) بدلجي چڪي آهي . اسان جن سان مخاطب آهيون ، اهي بدلجي ويا آهن . سندن وشواس ، سندن ذوق ، سندن شوق ، سندن پسنديون— ناپسنديون، اٿڻ ويهڻ ، سڀاءَ سڀ الڳ آهن .

ڇيد ڪجي تہ هاڻي سنڌي سماج جي حالت ڪهڙي آهي ؟

گهڻا سنڌي هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ مخصوص بستيون ٺاهي ويٺا آهن ۽ ائين ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌي بستيون آهن ۽ سنڌي سماج ۾ آسودگي اچي رهي آهي . ڪيترن ئي شهرن ۾ ريزڪي ڌنڌن ۾ خاص ڪري ڪپڙي ، ڪرياني ۽ اليڪٽرانڪ واپار ۾ سندن اڪثريت آهي ۽ ڇانيلل آهن . هندستان جي آرٿڪ ترقيءَ جو فائدو واپار ۾ هن ڪلاس کي پڻ مليو آهي . پئسي اچڻ ڪري سندن خود ۾ وشواس موٽي آيو آهي . ننڍن شهرن ۾ رهڻ ڪري ننڊي شهري ذهنيت جا شڪار آهن . ڏيکا ڏيکيءَ ، ريس ، هوس ، هٺ ٻئي سان

سماجي سطح تي چٽاپيٽي ۽ ڪنزيومر ڪلچر جي دٻاءُ هيٺ ڏيکاءُ پرستيءَ جو شڪار آهن پر سنڌي گهڻو تڻو شهري زندگي ماڻي رهيا آهن.

هرڪو دڪاندار فطرتي طور اهو چاهيندو آهي ته گراهڪ ڪيس پنهنجو ڪري سمجهي. تنهن ڪري سنڌين مڪاني ٻولين ۾ ماهريت حاصل ڪئي آهي ۽ ان ٻوليءَ جو سندن مادري ٻولي سنڌيءَ تي پڻ اثر ٿيو آهي. سنڌي ماڌيم ڪي تلانجلي ڏني ويئي آهي ۽ ڪن ڳاڻ ڳڻين سنڌي اسڪولن ڪان سواءِ سندن تعليم جو ماڌيم هندي ۽ ٻين پرانتن ۾ اتان جي مڪاني ٻولي آهي. هو سنڌي سڏيا وڃن ٿا. ٻيا ڪين سنڌي طور سڃاڻن ٿا. تنهن ڪري پاڻ کي سنڌي سڏائين ٿا. پنهنجي ڪلاس جي ڪردار موجب ڌرم جي ظاهري پهلوءَ کي اهميت ڏين ٿا ۽ ائين سنڌين جي جاتي ديوتا جهوليلعل جو ڏينهن ملهائين ٿا، پر ساڳي جوش سان گڻيش اتسو، گربا ۽ ٻيا مڪاني ڏڻ وار پڻ ملهائين ٿا. پاڻ ۾ مڪاني ٻولي (هندي علائقن ۾ هندي) ۽ مائٽن سان هندي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪن ٿا. اڪثر ٻارن ڪان جڏهن پڇجي ٿو ته جواب ملي ٿو ته سنڌي ڪجهه ڪجهه سمجهون ٿا پر ڳالهائڻ ۾ هٽڪ ٿي ٿئي.

اهو حال آهي هيٺئين مڊل ڪلاس جي سنڌين جو، پر مڊل ڪلاس ۾ پڻ جو طبقو مٿاهين سطح تي آهي، اهو ٻين جاتين جي ساڳئي اقتصادي حالتن وارن جيان پنهنجن ٻارن کي انگريزي ماڌيم جي اسڪولن ۾ موڪلي ڪين انگريزي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏياري ٿو. البت اسان وٽ نسبتي لحاظ ڪان ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ هن ڪلاس جي اڪثريت آهي ۽ ٻين ٻولين کي پنهنجي رياست هئڻ سان گڏوگڏ اتي هاري، ناري، مزدور ۽ ٻيا سڀ طبقا مؤجود آهن، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ تي هن رجحان جو جيترو گهرو اثر نمايان ٿئي ٿو، انهن تي اهو انگريزيءَ طرف ڀاڄ جو اثر اڻ لکو ٿو ٿئي ۽ سنڌي ٻار جڏهن سنڌي ٻولي ڇڏي ٿو ته وڃائيس سنڌي ڪلچر جو طور طريقو ڇڏائجي ٿو وڃي، جا حالت ٻين ٻولين جي ٻارن سان نه آهي. هڪ اهم ڳالهه جا سنڌين جي خلاف آهي، اها آهي ته اسان ڀارت ملڪ ۾ آدم جو اڌ سيڪڙو مس آهيون ۽ سو پڻ ڇڙ وڇڙ حالت ۾.

ٻين ٻولين سان ڪيترائي سياسي، اقتصادي ۽ جاگرافيءَ جا حوالا ڪين مددگار آهن، پر سنڌين لاءِ اهي سڀ ڳالهيون غير مؤجود آهن. تنهن ڪري اسان لاءِ اهو سوال هڪ اگري روپ ۾ ظاهر ٿي بيٺو آهي ۽ هڪ عجيب قسم جو لاپرواهيءَ جو عالم ڏسي رهيا آهيون.

هن پسمنظر ۾ هڪ ٻي ڳالهه جا ڏيان ڇڪائي ٿي . اها بلڪل مٿئين بيان جي برعڪس آهي ۽ اچرج جهڙي ڳالهه ڇئبي .

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل دؤران هلچل جي اڳوانن سنڌي ٻوليءَ کي پڻ ٻين ٻولين جيان هڪ جهڙا حق ڏيڻ جي گهر ڪئي هئي ۽ ائين مرڪزي سرڪار ۽ پرانتڪ سرڪارين کان گهرن جو سلسلو جاري رهيو . گجرات ، مڌيه پرديش ، دهلي ، اتر پرديش ۽ مهاراشٽر ۾ سنڌي اڪادميون آهن . ڪين لکن جي سرڪاري بجيٽ آهي ۽ مرڪز ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اوج ڏيڻ لاءِ قومي ادارو راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد National council for promotion of sindhi languageقائم ڪيو ويو آهي . هيءُ سنڌي هلچل جي ڪاميابيءَ جو نتيجو آهي ۽ سرڪار پاران هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي ، پر هن جا ڪجهه اڻ وڻندڙ نتيجا پڻ نڪتا آهن .

اهي اڪادميون گهڻو ڪري سياستدانن جي ورسائڻ جو ساڌن بڻيون آهن ۽ هنن کي هلائڻ وارن کي ٻولي ساهت ۽ ڪلچر جي ڄاڻ يا بلڪل نه آهي ۽ جيڪڏهن آهي ته تمام سطحي آهي . ڪتابن لاءِ انعامن ۽ مدد جو سلسلو شروع ٿيو آهي . سيمينار ڪرايا وڃن ٿا . ورڪشاپ ڪيا وڃن ٿا . اهي سڀ پنهنجي ليکي سٺا ڪاريه آهن ، پر ڇاڪاڻ جو بانيڪارن جو ادب ۽ ڪلچر سان ڪو سنٻنڌ ڪونهي ، تنهن ڪري معيار جو خيال نه رکي ياري دوستيءَ کي نڀاهڻ جو وڌيڪ خيال رکيو ٿو وڃي ، جنهن جو لازمي نتيجو آهي مڪاني سطح تي ليکڪن جي گروهه بازي ۽ ڪيترن پينشنبردارن جي ليکڪ برادريءَ ۾ ٻوڏ جيان آمد . لکڻ هڪ ساڌنا آهي ، جنهن جو هڪ عرصو ٿيندو آهي . هرڪو ساهت پريمي شوق مان راتو رات ساهتڪار نٿو ٿي سگهي ، پر اسان اهو ڪرشمو سنڌي ساهت ۾ ڏسي رهيا آهيون . ٻڌو ويو آهي ته سنڌي ساهت ۾ روز هڪ نئون ڪتاب نڪري رهيو آهي ۽ هڪ ڪتاب به سرڪاري ادارن کي ڇڏي ڪو خريد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي . پڙهڻ جي ڳالهه ته الڳ جي آهي .

اهو ذهن نشين هجي ته جيڪي سنڌي طرف نئين سر ايندا انهن جو مطالعو انگريزي ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ٿيل آهي . هو معياري ۽ نئين طرز تي پيدا ٿيل ادب ۽ عام معلومات جي ڪتابن کان واقف آهن ۽ ڪنهن خاص معيار جا ڪتاب ۽ سندن ذوق (ٽيسٽ) جو خيال رکي ادب رسائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته بهتر ڪم ٿيندو . ٻارن لاءِ ڪارٽون سنڌيءَ ۾ ڊب ڪري سگهجن ٿا . ائين هر ڪنهن عمر لاءِ موزون مواد پيدا ڪرڻ جي

جوابداري هموار ڪرڻي پوندي. ڇڻ ته نئين سر هڪ جنگ لڙڻي پوندي ۽ ڪيترا ئي مورچا سنڀالڻا پوندا. هن سڄي ڪاريه ۾ Man power and resources لاءِ رٿا تيار ڪرڻ ضروري ٿيندي. ( اڄڪلهه جو ساهت پيدا ٿي رهيو آهي، سو سٺ سالن جي عمر کان مٿي وارن جي ٽيسٽ جو آهي.)

هن حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، گهڻگهرن ۽ دانشورن وٽ ڪهڙا / ڪي اپاءَ آهن يا گريڪ ڊڪانت ناٽڪ جي پاتر جيان قسمت جي هٿ ۾ ڪيڏوڻا ٿي، اڳ لکيل ناٽڪ جو رول نباهيندا، يا پنهنجي لاءِ ڪو رول، ڪو رستو، ڪجهه قولهه، ڪا سوچ، ڪو پيچرو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا؟ هيءَ ڪوشش پڻ ان ڏس ۾ هڪ اڻ پوري ئي سهين سمجهڻ گهرجي.

ڪي سجهاءَ هت بحث لاءِ ڏجن ٿا.

ٻولي ۽ زمين جو اٽوٽ رشتو آهي. هر ٻولي ڪنهن زمين جي ٻولي ٿيندي آهي. البت اها پڻ حقيقت آهي ته ڪيترا ڪٽنب ۽ قبيلا صدين کان پنهنجو ملڪ ڇڏي وڃڻ بعد به پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي ٻولي ڳالهائين ٿا، پر اهو صرف ' ٻولڻ ' تائين ۽ اهو پڻ ان ئي صورت ۾ جا ان وقت پاڻ سان کڻي آيا، جنهن ۾ ٻيا ڪيترا ئي عناصر داخل ٿيل آهن.

پر انڊسٽريل انقلاب ٻوليءَ جو سڄو مفهوم بدلائي ڇڏيو آهي. ارڙهين صديءَ ۾ ٻوليءَ جو مفهوم هن ويهين صديءَ ۾ بدلجي ويو آهي. ٻوليءَ ۾ نه صرف گهڻا ڪتاب ميسر آهن پر عوامي تعليم ( ماس لٽريسي )، ۽ سماجي، سياسي ۽ ڪلچر جي حوالن ٻوليءَ کي گهڻا ئي رخ بخشيا آهن. تنهن ڪري ٻولي ۽ زمين جو رشتو پڻ اسٽيٽڪ نموني سوچڻ غلط ٿيندو.

جيئن وڻ ٻوٽا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پوکجي سگهجن ٿا، ٻي زمين کين اپنائي ٿي، البت ڦلڻ ڦولڻ کان اڳ سندن مرجهائڻ سڀاويڪ آهي، انهن ڦلن ڦولن ۾ نئين زمين جون پڻ ڪي خاصيتون اچن، اهو پڻ ضروري آهي ۽ ساڳي ڳالهه دماغي سطح تي ويچارن کي اپنائڻ سان لاڳو آهي. انهيءَ منطقي رستي تي هلندي جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جو پڻ ٽرانسپلانٽ ڪرڻ جو تقور ڪڻي هلون ته زمين جو نه هئڻ هرويرو تمام وڏي محدودگي شايد ثابت نه پڻ ٿئي.

هي ڳالهه آهي ٻوليءَ ۾ تحرڪ ( مومينٽ ) جي . اها حقيقت آهي ته اسان وٽ هندستان ۾ صرف هڪ ئي طبقو آهي . ٻوليءَ کي جيڪا طاقت ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن ۽ جدا جدا ڪرت ۾ رڌل ماڻهن ۽ گهڻي ڪندين استعمال مان هلندي آهي ، اهو رستو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڀارت ۾ في الحال بند آهي . جتي سنڌي رهن ٿا ، اتان جون ٻوليون آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ تي اثر ڪري رهيون آهن ۽ اهو اصول قبول ڪجي ته ٻوليءَ جو بگاڙو آخر ٻوليءَ جي شاهوڪاري وڌائي ٿو ته هرو ڀرو ايتري نراسائيءَ جو سبب نظر نٿو اچي .

هڪ ڳالهه جنهن کي اسان نظر انداز ڪيو آهي . اسان ڳالهه ٻوليءَ جي ٿا ڪريون ۽ صرف انهن کي سنڌي ڳالهائيندڙ قبول ٿا ڪريون ، جيڪي سنڌي هندو ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي آيا ۽ انهن جو اؤلاد ته اسان جي سڄي هلچل ٻوليءَ جي بنياد تي هئڻ جي باوجود اڻ پوري آهي . هتي ڀارت ۾ پڻ سرڪاري طور قبول ٿيل سنڌي علاقا آهن . اهي آهن ڪڇ ، جيسلمير ، ٻاڙمير . ڪجهه ڪٽن لاءِ هڪ تصويري دنيا ۾ وڃون . هندستان جو ورهاڱو نه ٿئي ها ته هندستان جي ٻوليوار راڄين جي برپا ٿيڻ سان اهي حصا سنڌ جا ٽڪرا نه هجن ها ؟

ڪيترن ئي سببن ڪري اسان جي تحريڪ جي اڳوانن هن ڏس ۾ ڪابه پهل نه ڪئي آهي . هتي سوال ٻوليءَ جي حوالي ۾ هنن ڀاڱن کي پاڻ سان ڳنڍڻ جو آهي .ٻولي ۽ ڪلچر جي ليول تي انهن سان ڳنڍ پيدا ڪرڻ جي البت ٿوري گهڻي ڪوشش ٿي آهي ، پر هيءَ هڪ رستو آهي جنهن تي گهڻيون ئي ٽڪڙيون پليون ٻڌڻ جي گهرج تي سوچيو وڃي ۽ صاف سوچ سمجهه سان هڪ ائڪشن پلان تيار ڪيو وڃي ته اڄ جي سنڌي ٻوليءَ جي ’جڪڙ‘ واري حالت مان ڪجهه راحت ملڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي .

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا اکل ڀارت سطح تي پنهنجي جنون سان جدوجهد ۽ ساهت ۽ ڪلچر جي مدد ۽ واڌاري جوڪم ڪري رهي آهي . نرتيه اتسو ، ناٽڪ اتسو ، سنگيت اتسو الڳ الڳ هنڌن تي ٿيندا رهندا آهن . اٽڪل ٻه اڍائي لک روپيه ڪيترن ئي ڪيترن جي ماهرن کي ڏنا ويندا آهن .

اندين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ مان شروع ۾ چڱيون اميدون هيون ، پر هو هڪ اسڪول ڪولي ان ۾ الجهي ويا آهن ، پر اميد آهي ته جلد هن ماحول مان نڪري ايندا ، چاڪاڻ ته وٽن ڪيترن ئي ڪارين کي ڪرڻ لاءِ سپنا آهن ، پر محدودگيون ۽ مجبوريون پڻ ڪوڙ آهن .

ممبئيءَ ۾ آل انڊيا ليول تي ۽ ڪيترن شهرن ۾ ڪيترئي سنگيت منڊليون ۽ ناٽڪ منڊليون آهن ۽ اهڙين مڪاني سطح تي سيپيٽڪ اڄ مٿائڻ لاءِ موجود آهن . پر سنڌن معيار ۽ شعور ساڳيو ڪونهي ( ممڪن پڻ ڪونهي ) ۽ نئين ٽهيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ اسمرٿ آهن . اسان جي پروگرامن ۾ اڪثريت سٺ سالن کان وڏڙن جي هوندي آهي .

سنڌي اخبارون پڻ ڇٽن ڇهن پيجن جون مڪاني سطح تي جام نڪرن . مڪاني سياست جي ڇهچٽي کي ڪافي نمڪين بڻائين . ادبي رسالا مکيه طور ٽي آهن ، جي ڪڏهن باقاعدي ته ڪڏهن دير اوير نڪرن ٿا ، اهي آهن شري ٺاڪر چاولا جي 'سپون' ، هري موٽواڻيءَ جي ' ڪونج ' ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ' رچنا ' . ' هندواسي ' پڻ سنتن مهاتمائن ۽ ست پرشن کي شرڌانجلي ڏيڻ لاءِ باقاعدي نڪرندي آهي .

گذريل پنجاهه سالن ۾ وقت به وقت ڪيترين سنستائن سنڌي بستين ۾ سنڌين کي سنڌي ٻولي سيکارڻ جا ڪلاس شروع ڪيا آهن پر انهن مان ڪو خاص ڪڙ تيل نه نڪتو آهي . اڄوڪي حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪي اهم فيصلا ڪرڻا پوندا . منهنجي خيال ۾ ڪن اهم سوالن جو بدليل حالتن ۾ وري نئين سر جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي .

( 1 ) لپيءَ جو سوال :

( ا ) سنڌي ٻوليءَ جي لپي مٽائڻ جي ڳالهه اڄ کان پنجاهه سال اڳ پل ڪيترن ئي غلط سببن ڪري ڪٿي ويئي هئي پر ان جا نتيجا هر ڪو ڏسي سگهي ٿو ته اڄ ٻوليءَ تان ئي هٿ کڻڻ جي نوبت اچي پهتي آهي . ڪن ڳاڻ ڳڻين بستين ۾ شايد سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ سنڌي ٻولي پاڙهي ويندي هجي پر عام طور سنڌي ٻولي خاص ڪري هندي علائقن ۾ ، مڌيه پرديش ، راجستان ، دهلي ، اتر درديش ۽ گجرات ۾ پڻ نٿي پاڙهي وڃي . ٻه پيڙهيون اهڙيون آهن جي سنڌي ٻولي لکي پڙهي نٿيون سگهن ۽ جي ڪن هنڌن تي سنڌي ديوناگريءَ ۾ پاڙهي ٿي وڃي ته اها اپنگ سنڌي آهي ، جا سنڌيءَ طرف چاهه پيدا ڪرڻ بدران ٽاهه پيدا ڪري رهي آهي . ڪنهن به ٻوليءَ ۾ شونق پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ڏاڪن جي ضرورت پوندي آهي ۽ اهي ڏاڪا ديوناگري سنڌيءَ لاءِ ادم موجود آهن . نتيجو سنڌين جي سنڌي ٻوليءَ طرف بي رخي ۽ لاپرواهي . ائين اسان به پيڙهيون وڃائي ويٺا آهيون .

( ب ) جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته وچولي طبقي جو مٿاهون طبقو هر ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ سوڌو انگريزيءَ طرف مائل آهي ۽ سنڌين ۾ چاڪاڻ جو هن طبقي جي اڪثريت آهي ، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي ۾ اها گنڀير حالت جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي .

( ٻ ) سنڌين جا ڪيترا گهر ڏيساورن ۾ آهن . اتي ڪنهن به پارتي ٻولي ( ڪن هنڌن تي هنديءَ کان سواءِ ) پاڙهڻ جو بندوبست ڪونهي . تعليم توڙي وهنوار جي ٻولي انگريزي آهي . سنڌي ڪٽنب ملڪ کان ڪٽيل آهن ، پر ڪلچر سطح تي سجاڳ آهن ، تن لاءِ ٻولي سکڻ جو ڪو طريقو نه آهي .

مٿئين صورتحال جي مدنظر اهو ضروري آهي ته اسان جيڪي به پيڙهيون وڃايون آهن ۽ اڳتي اها ڳالهه هڪ قائم حقيقت نه ڪٿي ، اسان کي سنڌي ( ري ڪليم ) واپس وٺڻا آهن . هن واپسيءَ لاءِ ڪي پليون ( برجز ) ٺاهڻ ضروري آهن . ان لاءِ ضروري آهي ته پل طور سنڌي ٻوليءَ کي به وڌيڪ لپيون — ديوناگري ۽ رومن ڏنيون وڃن ، جن ذريعي سنڌين جي سنڌي ٻوليءَ طرف واپسي ممڪن ٿي سگهي . ائين ڪنهن مخصوص حالتن ۾ ڪن خاص حڪمت عمليءَ ( Strategies ) جي ضرورت پوندي آهي . هونئن ته سنڌي ٻوليءَ جي لپي اها ئي رهندي جا سنڌ وارا چاهيندا ، چاڪاڻ ته هو چار ڪروڙ آهن ۽ ملڪ انهن وٽ آهي . هيءَ صلاح صرف پارت توڙي ڏيساورن ۾ خاص حالتن جي مدنظر ڏني ويئي آهي . ضروري آهي ته سنڌي هلچل جا اڳوان ۽ مفڪر هن ڳالهه تي دل کولي ڀرپور نموني بحث ڪن ۽ سنڌي جاتيءَ جي حالتن جو هر طرح گهڻ ڪندو جائزو وٺڻ کان پوءِ ئي ڪنهن نتيجي تي پهچن .

پر منهنجي خيال ۾ ديوناگري ۽ رومن کي سنڌي ٻوليءَ جون واڌو(ائڊيشنل) لپيون ڪري قبول ڪرڻ ضروري آهي . هڪ وار اسان اهو قبول ڪريون ته پوءِ هن فيصلي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ نتيجي طور هيٺيان قدم ترت کڻڻا پوندا .

( 1 ) عالمن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري ۽ رومن لپيءَ جو يڪ سرو معيار مقرر ڪرڻ ضروري ڪاريه ٿيندو ، چاڪاڻ جو وقت پوندي سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي اکرن جي اچارن ۾ الڳ الڳ پرانتن ۽ ملڪن ۾ بدلاءُ اچڻ لڳو آهي ۽ جيڪڏهن جيئن ڳالهايو ٿا تيئن لکو وارو اصول اپنايو ويندو ته هڪ ئي لفظ جي الڳ الڳ صورتخطي مروج ٿيڻ جو امڪان آهي ، جا ڳالهه ٻوليءَ ۾ ڪافي مونجهارو پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ ائين

ٻولي ڳنڍڻ جي ماڊيم بدران ويڇي جو واهڻ ٿي سگهي ٿي . تنهن ڪري عالمن ۽ ڀاشا وگيانين کي هڪ معيار مقرر ڪرڻو پوندو .

( 2 ) بالغن جي تعليم جي طرز تي ڪورس تيار ڪري الڳ الڳ منزل ۽ عمر وارن لاءِ ڪتاب تيار ڪرڻا پوندا .

( 3 ) صرف سنڌي آئيوٽا سيکارڻ سان ڪم ختم نہ سمجهڻ کپي . ان کان پوءِ پڻ ڪيترا فالو اپ ڪرڻ لاءِ هن ڪلاس لاءِ ڪين ساهتڪ/ ڪلچرل مواد ڏيڻ جي رٿا تيار ڪرڻي پوندي .مون ويجهڙ ۾ هڪ ڪتاب پڙهيو آهي " ائن آئيڊيا آف انڊيا " ، جنهن جو ليکڪ سنيل کلناڻي آهي . منهنجي ڄاڻ موجب هو شري منوهرداس ڪوڙي مل جو پوٽو آهي . مون کي ڄاڻ نہ آهي تہ سندس عمر ڪيتري آهي . ائين اسان وٽ سنگيت جي ڪيتر ۾ گهنشام واسواڻي اپري آيو آهي جو نوجوان ۽ سنجيدو شخص آهي .

( 4 ) جتي ممڪن هجي تہ اتي آر . ايس . ايس . جي طرز تي سنڌي ٻارين شروع ڪيون وڃن ، جيئن راندين روندين وندر ورونهن سان گڏوگڏ ٻارن جي من ۾ سنڌي هئڻ جي فخر جو احساس پيدا ڪري سگهجي .

تمام اهم ۽ تڪڙو ڪم اهو ٿيڻ گهرجي تہ اڄ ڪامپيوٽر ذريعي ، هندي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ چئٽنگ ۽ اي .ميل ڪري سگهجي ٿي ، اهڙو سافٽ ويئر موجود آهي .سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهو هارڊ ويئر مؤجود آهي ، جنهن کي همٿائڻ کپي . يو . اين .او . ۾ ساڳئي وقت هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمي جو ڪامپيوٽر ذريعي بندوبست آهي . البت ٻولين جو عدد محدود آهي . اها جاچ ڪرڻ ضروري آهي تہ اهڙو سافٽ ويئر پيدا ڪري سگهجي ٿو ، جنهن موجب ڪامپيوٽر ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجي لپين ديوناگري ۽ رومن ۾ ٽرانسليٽريشن ممڪن ٿئي ؟ جيڪڏهن اهو ممڪن ٿي وڃي تہ هن کوجنا ۾ پئسو سيڙائڻ سڪارتو ٿيندو .

( ب ) اقتصادي طاقت ( ايڪانامڪ ڪلائوٽ )

ڪو وقت هو جو ملٽري طاقت جي پوئواري ڪندي هئي . ٻن مهاڀاري جنگين بعد سياست ۽ ٽئين جنگ جي پسمنظر ۾ اٽڪل اڌ صديءَ تائين نظريي ( آئڊيالاجيءَ ) تاريخ جي چر پر ۾ اڳرائي حاصل ڪئي ۽ هاڻي اها حيثيت اقتصاديت کي آهي . سياست اقتصاديت جي پوئواري ڪري رهي آهي ۽ مکيہ رول اقتصاديت کي مليو آهي ۽ ائين

گلوبلائيز ٽرسٽ ۽ اوپننگ اپ ۽ مارڪيٽ ايڪانامي – سياسي – ملڪي ۽ انٽرراشٽريرشتن جو هڪ نئون جوڙ پيدا ڪري رهيا آهن.

جيئن اڳي چيو ويو آهي ۽ وري دهرائجي ته هندستان ۾ ۽ هندستان مان ٻاهر ڏيساورن ۾ وسيل سنڌي هڪ واپاري قوم آهن ۽ آرٿڪ سرشتي جا فائدا هن ڪلاس کي گهڻي ۾ گهڻا مليا آهن. ملڪ ۾ سيڙپ وجهڻ جو جوڳو فائدو وٺڻ لاءِ پرديس ۾ وسيل ٻين پرانتن جا نواسي پنهنجن سياسي رشتن ناتن ڪري ڪيتريون سهوليتون حاصل ڪري رهيا آهن، جا ڳالهه سنڌين لاءِ ڏکي آهي. ڪين اهي سهوليتون هر ليول تي خريد ڪرڻيون ٿيون پون. وڌن مالي طاقت آهي پر مالي طاقت بنا سياسي طاقت جي مدد جي ڪين ولرنيبل بڻائي رهيا آهن. هندوجا ڀائرن ڪنهن نموني هن ڪلاس جي اڳواڻي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن سنڌي جاتيءَ جي يڪمشت ۽ گڏيل مالي طاقت جي ذريعي اڳواڻي حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجي ۽ جاتيءَ جي مالي طاقت جي آڌ مچائي ان کي آزمائي ڏسن. نتيجا هر ڪنهن لاءِ ڏسڻ جوڳا آهن. اثر رسوخ خريد ڪرڻ لاءِ جڻ هڪ سوڙهي ۽ اڻانگي رستي مان گذرڻو آهي. البت لوڪل سطح تي اهو اثر رسوخ خريد ڪرڻ جو طريقو سنڌي واپاري جاتيءَ لاءِ ڪمائتو ثابت ٿيو آهي. پر هيءُ رستو آخر خطري کان خالي نه آهي. تنهن ڪري هڪ يڪو پليٽفارم ناهي، پنهنجي مالي طاقت جو مظاهرو ڪن ۽ پاڻ کي سنڌي تي آرگنائيز ڪن. اهو سندن ئي فائدي ۾ آهي. اهو احساس منجهن پيدا ڪرڻ ضروري آهي ۽ واپاري ليول تي پڻ تاريخي حالتون سنڌين کي گڏ ٿيڻ لاءِ مجبور ڪن، اهڙي امڪان کان انڪاري نٿو ٿي سگهجي.

(ت) نئين ليڊرشپ جي ضرورت

هاڻي جي شخص سنڌيت جي هلچل سان ڳنڍيل آهن، سي گهڻو ڪري اٽڪل ستر ۽ پنجاسي سالن جي عمر کي وڃي رسيا آهن. دعا ته هر ڪو اهائي گهرندو ته اڃا پڻ وڏي حياتي ماڻين، پر حقيقت ته اها آهي آخر ڪيستائين؟

هنن سڄاڻ سڄڻن جن پنهنجي جواني قوم لاءِ قربان ڪئي، انهن جي ۽ اڄ جي ٽهيءَ ۾ ٻن پيڙهين جو فرق آهي. سياويڪ نئين ٽهيءَ کي صورتحال ڏسڻ جو الڳ طريقو آهي. سندن خيال، سندن مسئلا، سندن حل، سندن راهون جدا آهن. اڄ جي ليڊرشپ ۽ اڄ جي پيڙهيءَ جو پاڻ ۾ وارتالاپ (ڪميونيڪيشن) ٽٽي چڪو آهي. نه چاهيندي پڻ هڪ شيشي جي ديوار وچ ۾ آهي، جو هڪ ٻئي جو آواز پڻ نٿا ٻڌي سگهون.

اهو چوڻ تہ اسان جي ساهتڪ / ڪلچرل هلچل ڪي ،سنڌي سجاڳپ ۾ وشواس رکندڙ هلچل ڪي نئين ٿهيءَ جي رهنمائيءَ جي ضرورت آهي عيان ڪي بيان ڪرڻ ٿيندو. اسان جي ڪن دوستن جا ٻار هاڻي جذباتي سطح تي هن هلچل سان لڳاءُ رکڻ لڳا آهن. هن ڏس ۾ هڪ رٽ دما غ ۾ آئي آهي، جا مان اوهان سان ونڊڻ چاهيندس.

اتم جي ڌيءَ آشا چاند دبئيءَ ۾ رهندي تمام سٺو ڪم ڪري رهي آهي. ڪيرت جو پٽ ارون ڪيرت جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو آهي. سندر اگناڻيءَ جو پٽ هڪ وڏي عهدي تي آهي ۽ پنهنجي اثر رسوخ سان جذباتر طور سنڌي هلچل سان ڳنڍجي ويو آهي. ومي سدارنگاڻي سنڌالاجيءَ مان اتساهت ٿي سٺو ڪم ڪري رهي آهي. موتي پرڪاش جو پٽ شريڪانت پنهنجي سر سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مجيل شاعر آهي. ( منهنجو مقصد موروثي ليڊرشپ نہ آهي. اهي نالا جيڪي سجهيا آهن، اهي لکيا آهن. لسٽ ۾ ٻيا گهڻا نالا اچي سگهن ٿا. ) اهڙن ٻي پيڙهيءَ جي سنڌين جو هڪ ميڙ ڪوٺائي، هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ برين اسٽارمنگ اجلاس جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. مٿين ڪابہ پابندي نہ هئڻ گهرجي، ڀل تہ پنهنجي بحث جا مدا پاڻ ڳولهين. پنهنجي ارد گرد جي سماج جو ڇيد ڪن، مسئلن تي آڱر رکن، پنهنجي نظر سان منجهيل سٽ ڪي وري نئين سر سلجهائڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ڪنهن نموني سنڌي جاتيءَ جي اڳيان هڪ نئين مجموعي ليڊرشپ جي صورت ظاهر ٿئي ۽ ممڪن آهي تہ ائين لاٽ مان لاٽ پيدا ٿئي جا ٽين پيڙهيءَ تائين پهچي. اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ڪو بہ اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي آزمودي موجب نہ جيئندو آهي. هر شخص ۽ هر پيڙهي پنهنجي زندگيءَ جي طرز ۽ رستو پاڻ ٺاهيندي آهي.

(ٿ) ٿنڪ ٽئنڪ جي ضرورت

اڳي هلچل جي اڳوانن لاءِ اهو ممڪن هوندو هو تہ هو خود پڙهيل ڳڙهيل ۽ عالم هجن. سندن ڄاڻ ۽ انيو گهڻ پاسو هجي. ايترا سياڻا ۽ بيدار هجن جو پنهنجي ليکي صحيح فيصلا ڪري سگهن، جيتوڻيڪ اڳين راجائن ۽ حاڪمن وٽ پروهتن، ديوانن، وزيرن ۽ صلاحڪارن جو هڪ اٽالو هوندو هو.

هاڻي هن ڄاڻ جي وسڦوٽ ( انفارميشن ايڪسپلوزن ) جي يگ ۾ ۽ الڳ الڳ وشين جي ماهرن جي يگ — جتي هر ڪو ماهر پنهنجي وشيہ ڪي ننڍي ۾ ننڍو بڻائي ان بابت گهڻي ۾ گهڻي ڄاڻ رکي ٿو، ڪنهن بہ شخص يا سنستا لاءِ سڀ پڙهڻ ممڪن نہ آهي. اڄ هر

سنستا ۾ هر هلچل کي انهن کن ڄاڻو ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي جي پنهنجي وشيہ ۾ ماهر آهن جو وقت تي کنهن بہ کيتر بابت جديد ، تز ۾ گهڻ پاسي ڄاڻ ميسر ڪري سگهن ۽ اهڙن شخصن جي مجموعي کي چون ٿنڪ ٽئنڪ ( ڄاڻ – ويچار پندار ). اڄوڪي حالت ۾ جيڪڏهن سنڌيت جي هلچل کي باقاعدي کنهن انتظام هيٺ ، پيشيور ( پروفيشنل ) نموني هلائڻو آهي تہ اهو ضروري آهي تہ هلچل لاءِ الڳ الڳ وشين جي ماهرن جو گروپ ٺاهيو وڃي ، جنهن ۾ اتهاسڪار، سماج شاستري ، فنڪار ، ودوان ، اقتصاديت جا ماهر ۽ ٻين وشين جاڄاڻو ، ڊسيپلينس جا ڄاڻو شامل هجن . اهو ضروري نہ آهي تہ اهي سڀ شخص سنڌي هجن . ٻين ٻولين جي ماهرن جي مدد پڻ وٺي سگهجي ٿي .

( ث ) سيني کان اڳ جنهن مکيہ ڳالهہ ڏيان لهڻو ، اها آهي تہ هندستان ۾ "مارگ" ۽ وديشن ۾ " گئلاپ" جهڙين ڪمپنين کان سنڌي سماج جي سروي ڪرائي ، سنڌي سماج جي جدا جدا پهلن بابت اسٽڊي تيار ڪري هڪ سنڌي سماج جو پروفائيل وقت بہ وقت اپ ڊيٽ ڪجي . انگن ، اکرن ۽ رجحانن جي ڄاڻ پوڻ کان پوءِ ئي ، ان سماج کي رسڻ لاءِ رستو ٺاهي سگهبو. آخر اسان جي گفتگوءَ جو نشان ڪير آهي اها ڄاڻ بہ تمام ضروري آهي .

اهي تہ ٿيا منهنجا سجهاو ( سجيشنس ) اسان وٽ ڇيد ڪرڻ وارن ، رستي ڏيکارڻ وارن ، ڪرسيءَ تي ويهي ويچارن ۽ فيلسوفيءَ جا بيان جاري ڪرڻ وارن جي کابہ کمي نہ آهي . آخر جيڪڏهن مٿين ڳالهين مان ڪجهہ بہ ڪرڻو آهي تہ آخر ڪير ڪندو ؟

اڄ اسان وٽ آل انڊيا ليول تي سنڌيت لاءِ ٽي سنستائون ڪم ڪري رهيون آهن .

( 1 ) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ، جئپور.

( 2 ) انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ، آديپور ، گانڌيڌام ( ڪڇ )

( 3 ) راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد نئين دهلي (N.C.P.S.L.)

ٽيون نمبر سنستا سرڪاري سنستا آهي . کيس پنهنجي نيتي ۽ پنهنجو مخصوص سرڪاري ڪم ڪرڻ جو طريقو آهي .

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي اهي ٻئي سنڌين جون پنهنجون سنستائون آهن ، جن جي واڳ ڏور سنڌي ٻوليءَ سان ثابتي وفاداريءَ وارن ڪارپردازن جي هٿ ۾ آهي ۽ سنڌي هلچل جو ڪرنگهو ليکڪ برادري هنن سنستائن سان ڳنڍيل آهي . اهو ضروري آهي تہ انهن ٻنهي سنستائن ۾ جي دهراءَ جا ڪم آهن ، سي

ختم ڪري ، هڪ نموني ڪو ڳنڍ پيدا ڪري ڪو آرڊينيشن پيدا ڪرڻو پوندو ۽ هڪ اڳوات رٿيل رٿا موجب جدا جدا ڪيتر ورهائي ڪم جي ورهاست ڪرڻي پوندي . ٻنهي سنسٿائن کي پروفيشنل ليول تي آڻڻو پوندو . هونئن قرباني تمام وڏي وٿ آهي ، پر قربانيءَ جو جذبو شخصي ٿيندو آهي ، جنهن کي انسٽيٽيوشنلائيز نہ ڪري سگهبو آهي . ادارا اڳتي بہ هلائڻا آهن ۽ هڪ نئين رٿيل مقصد کي برثواب ڪرڻ لاءِ هلائڻا آهن . ڪن خوابن کي ساڪار ڪرڻ لاءِ هلائڻا آهن ۽ نئين سوچ نئين طرز تي هلائڻا آهن .

چا اهو ممڪن ٿي سگهندو ؟

چا هن لاءِ گهربل ناڻو ملي سگهندو ؟

ڪير ڪندو ؟

اهي سڀ سوال آهن .

جواب اميد تہ بحثن مان پيدا ٿي ايندا .

( نوٽ : هيءُ پيپر سال 2000ع ۾ تيار ڪيو ويو هو . افسوس تہ هن پيپر تي بحث اڳتي وڌي نہ سگهيو . _ موهن گيهاڻي .)

# اوائلي سنڌي سڀيتا

ڀارت ۾ سنڌي جاتي سڀ کان آدم جو اڏ سيڪڙو آهي ۽ سڄي ملڪ ۾ ٿڙيل پکڙيل حالت ۾ آهي. ڏکين حالتن جي باوجود سنڌي جاتي آرٿڪ طور بي نظير ترقي ڪئي آهي، پر جاتيءَ طور هڪ الڳ سڃاڻپ جي سنگهرش ۾ رڌل آهي.

هن پسمنظر ۾ نئين ٽهيءَ کي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيو پوي ته اوهان هڪ عاليشان ۽ عظيم دنيا جي جهوني سڀيتا جا وارث آهيو. اوهان جي ٻولي دنيا جي شاهوڪار ٻولين مان آهي ۽ سنڌي ساهت دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ساهت سان برميچي سگهي ٿو.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ عالمن ٽن ملڪن جي سڀيتائن کي جهوني سڀيتا وارا ملڪ ليکيندا هئا، اهي هئا، نيل نديءَ جي ڪناري تي مصر، يوفريٽز ۽ ٽائگريس ندين جي ڪنارن تي بئبيلونيا (بابل) ۽ ٽينگسي ۽ هوانگو ندين جي ڪناري تي چين. پر 23_1922ع ۾ سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلع ۾ ڏوڪري اسٽيشن ڀرسان کوٽائي ڪندي قديم آثارن جي ماهرن کي جنهن سڀيتا جو ثابتيون مليون، ان ڀارت کي اڳين سڀني سڀيتائن ۾ جهوني ۾ جهوني مرڪز طور ظاهر ڪيو ۽ ائين سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا جنهن کي موئن جي دڙي جي سڀيتا ٿا چون (مائونڊ آف ڊيڊ) ان دنيا جي اتهاس ۾ هڪ نئون ورق ورايو. هن کوجنا جو سهرو آهي سر جان مارشل شور ۽ شري راکلداس بئنرجيءَ جي سر تي، جن موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جي سربراهي پئي ڪئي.

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان معلوم ٿيو آهي تہ هتي ست شهر هئا ، جن جا آثار هڪ ٻئي مٿان ڏٺا ويا آهن . سنڌو نديءَ ۾ ٻوڏ سبب هڪ شهر ناس ٿي ٿيو تہ مٿس ٻيو شهر پئي اڏيو ويو . ائين انومان آهي تہ اهو شهر واپاريا ٻين ڪن سببن ڪري تمام اهم هوندو جنهن ڪري ڇڏڻ لاءِ اتان جا رهواسي تيار نہ هئا .

پنج هزار سالن کان مٿي هيءُ شهر ويهين صديءَ جي نئين طرز تي ٺهيل شهرن جهڙو آهي . ڇا تہ گهر ، رستا ، بازاريون ، پاڻيءَ جي نيڪال جو نمونو ، وندر جون جايون ، سڀ نئين شهر جي رٿا موجب ٺهيل آهن . رستا ڪشادا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن ۽ گهٽيون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڪٽن ٿيون . پاڻيءَ جي نيڪال جون ڪسيون ڍڪيل آهن . عمارتن ۾ انهن جون پٽيون ٿولهہ ۾ اٺ ڏهہ فوٽ آهن ۽ تلاءُ 29 فوٽ ڊگهو 22 فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ گهرو آهي . پر وارن ڪمرن ۾ هڪ کوهہ آهي ، جنهن جو پاڻي اڄ پڻ ڪم آڻي سگهجي ٿو .

اتان جي ماڻهن ڪي زيورن جو تمام گهڻو شونق هوندو هو . هر قسم جا زيور لڌا ويا آهن . انهن زيورن لهڻ بعد سر جان مارشل ان وقت السٽريٽيڊ لنڊن نيوز ۾ لکيو هو تہ :

The gold ornaments are so well finished and so highly polished that they might come out from Bond street jweller , rather than a pre historic House of 5000 years ago . ( Feb.27 . 1926 ) سون جا گهڙيل زيور ايترا تہ فينيستائيءَ ڪاريگريءَ سان جوڙيا ويا آهن ۽ سندن پالش ايتري اعليٰ درجي جي آهي جو لڳي ٿو تہ هو اهي بانڊ اسٽريٽ ( لنڊن ) جي دڪان مان آندا ويا آهن ۽ نہ ڪ ڪنهن پنج هزار سال پراڻي گهر مان .

جنهن ٻيءَ ڳالهہ تمام گهڻو ڌيان ڇڪايو آهي ، اهي آهن مهرون ، جن تي ان وقت جي لپيءَ ۾ اکر اڪريل آهن ، جا ٻولي ۽ لپي اڃا تائين نہ پڙهي وئي آهي . جڏهن ماهر اها ٻولي پڙهي سگهندا تہ اتهاس جي ڪيترن ئي حيرت انگيز ڳالهين تي روشني پوڻ جو امڪان آهي . مهرن تي ڪيترن ئي جانورن جا چتر آهن . انومان آهي تہ اهي سينگار جو ڪم ڏينديون هيون يا اهي ان وقت جي ناڻي جا سڪا آهن . هتي ڪنير جو هنر پڻ ڪماليت تي پهتل هو ۽ سرون تہ عاليشان آهن ۽ ڪيترن ئي ٿانون ۽ ٺڪرين تي دلڪش چٽسالي ٿيل آهي .

موئن جي دڙي جا رهواسي ديوي ماتا ۽ شو لنگ جي پوڃا ڪندا هئا ، اهڙو انومان آهي . وڻن ٽڻن جي پڻ پوڃا ٿيندي هئي . وڻ ٽڻ ، ڦل ، ڦول ۽ جهنگل هن سرشٽيءَ ۾ ڪيتري

اهم جاءِ والارين تا ، اهو احساس ان وقت جي سنڌين ۾ پڻ هو . اهو احساس هاڻي انترراشٽريه سطح تي ٿيڻ لڳو آهي ۽ هر ملڪ پردوشڻ ختم ڪرڻ لاءِ وڻن کي نه ڪٽڻ ۽ جهنگلن جي حفاضت ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي .

جيئن ته آڳاٽيون سڀيتائون ندين جي ڪنارن تي هيون . جل جي پوڄا پڻ جهوني آهي . ائين ظاهر آهي ته درياهه شاهه جي پوڄا جو سلسلو گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار سالن کان پڻ پراڻو آهي .

عجب جي ڳالهه اها پڻ آهي ته سنڌو ماٿريءَ مان ڪنهن به قسم جا هٿيار ڪونه مليا آهن . ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته اها هڪ امن پسند سڀيتا هئا ۽ سنڌواسين جو لاڙو سڀيتا ۽ بهترين زندگي بسر ڪرڻ ڏانهن هو . ان وقت جي سڀني سڀيتائن سان سنڌين جو ان وقت پڻ ناتو رهيو هو ۽ ائين سنڌين جي وڻج واپار ڪري پرڏيهه ۾ وڃڻ جي پرمپرا پڻ ڪافي پراڻي آهي .

سنڌ جي تاريخ مان ٻيون ڪيتريون اهم ڳالهيون هن ريت آهن .

ويدن ۾ جن کي پڻي لوڪ ڪري ڪوٺيو ويو آهي ، سي سپ حقيقت ۾ سنڌي واپاري هئا جي فينيشنس طور ان وقت سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا ۽ ان وقت انترراشٽري واپار جي ٻولي اها ئي بڻي .

ويدن جي رچنا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ٿي آهي . جيڪي دنيا ۾ جهوني ۾ جهونا رچيل گرنٿ آهن . سنڌ جي راجا سماس سڪندر اعظم جو خوب مقابلو ڪيو ۽ جنگ ڪندي شهيد ٿي ويو پر آڻ نه مڃيائين .

البرونيءَ پنهنجي ڪتاب انڊيڪا ۾ سنڌو سنبت جو ذڪر ڪيو آهي جو سندس دوري وقت يارهين صديءَ ۾ مروج هو . ماهرن جو چوڻ آهي ته عيسوي سنه 626 جي چيٽ جي پهرينءَ تي سنڌو سنبت جي شروعات ٿي هئي .

سنڌي سنگيت ايران جي بادشاهه بهرام گور کي ايترو متاثر ڪيو جو پنهنجي شاديءَ جي موقعي تي سنڌ جي راجا کان سنڌي سنگيتڪارن جي قبيلي جي گهر ڪيائين . آهستي آهستي هو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پکڙجي ويا ۽ سرن جر هڪ جهڙائيءَ تي کوجنا ڪندي اهو معلوم ٿيو آهي ته اسپين ڪانٽو جاندا ۽ سنڌي پيرويءَ جا سر ساڳيا آهن ۽ جپسي لوڪ پڻ جي سڄي يورپ ۾ پکڙيل آهن ۽ وٽن راڳ جي دلڪش ۽ روح کي لڀائيندڙ

پرمپرا آهي ، اهي پڻ سنڌي بنياد جا آهن . ڪجهه سال اڳ شري پڳوان گدواڻيءَ انگريزيءَ ۾ ناول لکيو هو " رٽرن آف د آرينس " جنهن ۾ هن صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ سندس ڪوجنا ۾ ڪيس يورپ جي جپسين جو سهڪار مليو آهي ، جن پنهنجا لوڪ گيت وٽس موڪليا پئي آهن ۽ هو ڪوجنا ڪري ان نتيجي تي پهتو آهي تہ سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا گهٽ ۾ گهٽ اٺ هزار سال جهوني آهي .

هڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي وشال هردي وارا آهن . ذات پات ۽ ڇوت ڇات کان پري آهن ۽ اهو گڻ سنڌين کي هند جي ٻين ڪٽر پرست لوڪن کان الڳ ڪري ٿو بيهاري .

ڇا ڪنهن جاتيءَ جو ماضي ايترو عاليشان آهي ۽ جنهن اتهاس تي ۽ ڪيترين ڳالهين تي فخر ڪري سگهجي ٿو ، ڇا اهڙي جاتيءَ جو آئيندو اونداهو آهي ؟ اهو ممڪن آهي ؟ ان جو جواب آهي تہ وقت پري نہ آهي تہ اسان سنڌي پڻ سنڌي هئڻ تي فخر محسوس ڪريون ۽ ڳاٽ اوچو ڪري چئون " اسان سنڌي آهيون . "

( آڪاشواڻي پوپال تان نشر ٿيل )

# سنڌ جو آزاديءَ جي هلچل ۾ رول

## ( هڪ ڪئپسولي احوال )

ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل ديس جي هر حصي سان گڏ سنڌ بہ پنهنجو رول ادا ڪيو آهي . 1857ع ۾ شڪارپور ، سکر ۽ حيدرآباد ۾ سپاهين آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ عوام ان کي ساٿ ڏنو . انهن کي کهڙي نموني توبن جي منهن سان ٻڌي مؤت جو ڪاچ ٻڌايو ويو " انهن جا اکين ڏٺا احوال مؤجود آهن . ان وقت عام چوڻي مشهور ٿي ، فرنگ مارئي فرنگ (فريب)فريب پٺاريو . سوداگر ٿي آيو . 14 سيپٽمبر 1857ع تي نيٽو انفنٽريءَ جي 21 ريجيمينٽ ڪراچيءَ ۾ بلوو ڪيو ماٿهو توبن سان اڏايا ويا . ڪي ڦاهيءَ چاڙهيا ويا. 1885ع ۾ پهرين ڪانگريس ۾ سنڌ مان بہ ڊيليگيٽ ڏيارام ڄيٺمل ۽ اڌارام مولچند شامل ٿيا . 1886ع ۾ ڪلڪتي ۾ هيرانند شوقيرام ۽ ديوان گوبند بخش .

1893ع ۾ ايلن . او .هيوم ( جنهن ڪانگريس جو پايو وڌو )ساڌو هيرانند کي لکيو تہ مون کي ٽي نالا مليا آهن " هڪڙو اوهان جو ۽ بہ ٻيا ،جن ۾ هڪ هو شري ٽهلرام کيمچند جيڪو سنڌ ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جو ڪاربہ هلائي سگهي ٿو

ممبئي پرانتڪ ڪانگريس 1895ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪئي ويئي . آجيان ڪميٽيءَ جو چيئرمين هو ميراالهہ بخش خان ٽالپر ۽ ڪانفرنس جو صدر هو نارائڻ جي . چندورڪر . خاص بهرو ورتو هرچندراءِ وشنداس ۽ غلام علي چاگلا .

1905 ع ۾ بنگال جو ورهاڱو ٿيو. 1906 ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو ، ان اجلاس ۾ سوديشي ولائتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ قومي سکيا ۽ تعليم تي ٺهراءَ بحال ٿيا . هن ۾ گرم ڌر پڻ شامل ٿي . لال_بال_پال .

حيدرآباد سنڌ ۾ ڪن جوانن ڪاروائي شروع ڪئي ۽ ' وندي ماترم منڊلي ' برپا ڪئي ويئي. هن منڊليءَ جا مکيه ڪاريه ڪرتا هئا لالچند امرڏنو مل ،جيوترام بي . ڪرپالاڻي، جوهرمل ٿي . منسکاڻي ، جهمٽ مل جڳتياڻي . لالچند مرڏنو مل حيدرآباد جي نو وديالیہ ۾ ماستر هو ، هن ديس پريم جي وس ٿي وندي ماترم جو ڪم ڪرڻ لاءِ ماستري ڇڏي ڏني . شاگردن چوئٿرام گدواڻيءِ تولارام ٻالاڻي جن اڳتي هلي نالو ڪڍيو ، انهن هن وندي ماترم منڊليءَ پاران ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ڪيترا ئي ميڙ ڪري آزاديءَ جي هلچل جو پيغام پهچايو.

خبر نہ آهي تہ ڇو هوشيار شخص جوانيءَ ۾ ئي هليا ويندا آهن . اسڪول ڇڏي تولارام ٻالاڻي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي پنهنجي قومي گيتن ۽ پر اثر تقريرون ڪري ، گيت ڳائي آزاديءَ جو پيغام ڦهلائيندو رهيو . هن هڪ اخبار پڻ ڪڍي ، جنهن جو نالو ' ماتا ' رکائين . آخر 29 سالن جي عمر ۾ سوامي رام تيرٿ وانگر جل سماڌي ورتائين .

لالچند امرڏنو مل سنڌي ادب جو برک ليکڪ آهي ، سوديشيءَ تي سندس لکيل ناٽڪ ۽ گيت عوام ۾ خوب پسند ڪيا ويندا هئا ۽ عام ۽ خاص پيا جهونگاريندا هئا .

حيدرآباد ۾ سوديشي اسٽور کوليو ويو ، هڪ هڪ روپئي جا شيئر وڪڻي ڏهن هزارن سان اسٽور شروع ڪيو ويو ، جتي قومي ديوانا اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ رٿون رٿيندا هئا . لالچند امرڏنو مل ۽ سندس ساٿي کلهن تي کاڌيءَ جا تاڪيا کڻي گهر گهر ۾ وڃي وڪڻندا هئا .

سنڌ ۾ پهريون سياسي مقدمو 1909 ع ۾ داخل ڪيو ويو . ٿيو ائين تہ ٻين سنڌ پراونشل ڪانفرنس وقت لوڪمانيہ تلڪ جي ويچارن تي هڪ ڪتابڙي " سوديشي هلچل يا محب_اي_وطن سريجت تلڪ جا رايا " ڇپائي ورهائي ويئي . ليکڪ گورڌن شرما هو ۽ اها ڪتابڙي ديش ڀڳت ويرو مل بيگراج جي پريس مان ڇپي هئي ۽ ڇاپيندڙ هو چيتو مل هريرام سرڪار کي اها ڪتابڙي ديش دروهي قرار آئي . گورڌن شرما کي 5 سال جيل ۽ ڪاري پاڻيءَ جي سزا ، ويرو مل بيگراج کي ٽن سالن جي سزا ۽ ساڳي سزا شري چيتو مل کي ڏني ويئي .

هن دؤران حيدرآباد ۾ برهم چريہ آشرم کليو. اهو پڻ آزاديءَ جي هلچل جو مرڪز بڻيو. جڏهن ڪاڪا صاحب ڪاليلڪر زير زمين هو تہ هن کي اتي سنسڪرت جي ماستر طور رکيو ويو ۽ سندس سچي نالي جي ڪنهن کي ڄاڻ ڪونہ پيئي.

انڊين نئشنل ڪانگريس جو 28 اجلاس 1913ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. 1912ع ۾ بانڪيپور (بهار) ڪانگريس ۾ سنڌ پاران 3 ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا. سيٺ هرچندراءِ وشنداس، غلام محمد ڀرگڙي، هاسارام وشنداس ناراڻي جن ايندڙ اجلاس ڪراچيءَ ۾ ڪرڻ جي نينڊ ڏني. سيٺ هرچندراءِ وشنداس آجيان ڪميٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو ۽ غلام علي چاڳلا ۽ هيرانند کيمسنگهہ جنرل سيڪريٽري ٿيا.

هن ڪانگريس بابت مادرن رويو ۾ اهو پڻ لکيو ويو، 'سميلن ۾ سنڌ جا مسلمان، ڊيليگيٽ ۽ ملاقي ٿي آيا. هيل تائين هندستان ۾ ڪانگريس جا جيڪي سميلن ٿيا هئا، تن ۾ ايتري تعداد ۾ مسلمان شريڪ نہ ٿيا هئا. انڊين نئشنل ڪانگريس جي اتهاس ۾ هيءُ نئون ورق وريل هو. جنهن جو شرف سنڌ کي مليو.

1914ع ۾ ڪاما گاٽا جهاز ۾ سوامي گووندانند ۽ سندس ڀاءُ ناراڻداس بہ سوار هئا. هن جهاز جو واسطو آمريڪا ۾ برپا ڪيل گدر پارٽيءَ سان هو ۽ سندن مقصد 21 فيبروري 1915ع تي آزاديءَ جي جنگ جو ناد وڄائڻ هو، پوءِ پلي اهو هنسڪ هجي. هند کي ڪيئن بہ آزاد ڪرايو وڃي، پر ڪن ديش دروهين هن منصوبي جي ڄاڻ سرڪار کي ڏني. سوامي گووندانند ۽ سندس ڀاءُ گرفتار ٿيا ۽ کين پنجن سالن جي سزا ملي. انهن جوو مهندار بابا گردت سنگهہ انگريزن کي گوهي ڏيئي روءِ پوش ٿي ويو ۽ ائين ٿي سال سنڌ ۾ زير زمين رهي ڪم ڪندو رهيو.

1919ع ۾ جليانوالا جي ڪوس سڄي هندستان ۾ جوش جي لهر پيدا ڪئي ۽ سنڌ جي وڏي عالم ۽ ٻي ڊپي ڄيٺمل پرسرام پنهنجي اخبار 'هندواسيءَ' ۾ شاهہ لطيف جي بيت مان هڪ ٽڪرو ڪٽي 'ڪسڻ جو ڪوپ وهي' سري سان ليک لکيو. مٿس ڪيس هلايو ويو ۽ ارڙهن مهينن جي سزا مليس. ساڳئي سال رولٽ ائڪٽ خلاف هريرام ماڙيوالا 'نيو ڪال' نالي انگريزيءَ ۾ چوُنپڙي لکي ڇپائي ۽ مٿس چوُنپڙي ڇاپيندڙ شري درگداس سان گڏ ڪيس هليو، جنهن ۾ ماڙيوالا کي ارڙهن مهينا ۽ درگداس کي هڪ سال جيل جي سزا ملي.

گانڌي جيءَ ينگ انڊيا ۾ لکيو تہ چؤنپڙيءَ ۾ ڪابہ اعتراض جوڳي ڳالھ لکيل نہ آهي ۽ ڪورٽ غلط سزا ڏني آهي .

اسهڪار هلچل ڪان اڳ 1920ع ۾ لوڪمانيہ تلڪ سنڌ جي دوري تي آيو . سندس هر هنڌ شاندار آجيان ڪئي ويئي . لوڪمانيہ سان گڏ سنڌ ڪانگريس جو اڳوان ڊاڪٽر چوئٿران گدواڻي ساڻس گڏ رهيو . لوڪمانيہ تلڪ سنڌ دوري بابت لکيو , ’ حياتيءَ جي هن پوئين وقت ۾ سنڌ جيڪو منهنجو سواگت ڪيو آهي ۽ سنڌ جي ڪم ڪندڙن ۾ مون جيڪو اتساھ ڏٺو آهي , تنهن مون کي بلڪل خوش ڪيو آهي .

تلڪ جي دوري سنڌ ۾ اسهڪار هلچل تي زبردست اثر ڪيو . چونڊن جو بهشڪار سنڌ ۾ ٿيو ۽ سڄي هندستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ووٽ داخل ٿيا .اسهڪار هلچل جو گهڻي ۾ گهڻو اثر اسڪولن جي شاگردن تي پيو . پهريون شاگرد جنهن اسڪول جو بهشڪار ڪيو سو هو آسانند مامتورا جو اڳتي هلي مشهور ليکڪ ۽ ممبئيءَ جي اسڪول جو پرنسيپال ٿيو . سندس اسڪول جي پرنسيپال تاراچند اسڪول جا سرڪار سان لڳ لاڳاپا ٽوڙي پنهنجي اسڪول کي سوراج مهاوديالیہ بڻائي ڇڏيو.

سڄي سنڌ ۾ جتي ڪتي قومي اسڪول کلي ويا , ۽ هزارين شاگرد انهن اسڪولن ۾ پڙهڻ لڳا . ڊي .جي . سنڌ ڪاليج مان شاگرد نڪري آيا , جن آزاديءَ جي هلچل ۾ اهم رول ادا ڪيو , جن ۾ مکيہ هئا شري هيرانند ڪرمچند , جيڪو ’ هندستان ‘ اخبار جو ايڊيٽر رهيو , شري نيوندرام وشنداس ( مهاراشٽر ۾ ايم . ايل . اي . رهيو ) چوئٿرام وليچا , رام بي . موٽواڻي وغيرھ . ڪيترن وڪيلن ڪورٽن جو بهشڪار ڪيو ۽ ائين عوامي ڪورٽون برپا ٿيون , جتي جلد فيصلا ٿيڻ لڳا .

اسهڪار هلچل ۾ سنڌ مان 200 ڪان وڌيڪ ڇٽا جيل ۾ اماڻيا ويا .

’ هندو ‘ اخباي جا اٺ سمپادڪ هڪ ٻئي پٺيان گرفتار ٿيا , پر هر روز اخبار نئين جاءِ تان نئين نالي سان نڪرندي رهي . اهڙو بي ڊپي اخبارنويسيءَ جو مثال ٻئي ڪنهن هنڌ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو آهي .

شراب جي بهشڪار ۽ ڪاڏيءَ جي پرچار جو پڻ تمام زور هو . سنڌ جو مکيہ منتري اللهہ بخش سومرو پڻ ڪلهي تي ڪاڏي کڻي وڪڻندو نظر ايندو هو . 1926ع ۾ جيرامداس دولترام هندستان ٽائيمس جي سمپادڪي ڇڏي اچي ڪانگريس پاران چونڊون لڙيو ۽

ڪامياب ويو. سائمن ڪميشن جي بهشڪار وقت سنڌ مان مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبر هرچندراءِ وشنداس وٽ سروجني نائيڊو خود سنڌ ۾ آئي ۽ کيس مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ووٽنگ وقت حاضر رهڻ جو عرض ڪيائين. هو سخت بيمار هوندي به پاڻ کي اسٽريچر تي کڻائي دهليءَ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سائمن ڪميشن جي خلاف ووٽ ڏيڻ لاءِ ويو ۽ ائين پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏيائين. هو 1913ع ۾ ڪانگريس اجلاس جي آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هو.

1930ع ۾ لوڻ ستياگرهه ۾ سنڌ مان گانڌيجيءَ سان گڏ شري آنند هگوراڻي پڻ شامل هو. ٻيا پنج ستياگرهي جيڪي سنڌ مان آيا، انهن کي سنڌ ۾ ستياگرهه ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

سروجني نائيڊو ڌراسنا ۾ لوڻ ستياگرهه ڪرڻ ويئي ته سندس جٿي ۾ 21 سنڌين جو جٿو پڻ شامل هو.

شراب ۽ وديشي ڪپڙي جي بهشڪار جي هلچل ۾ ڪيترن عورتن حصو ورتو، جن ۾ مکيه هيون ڄيٺي سپاهيملاڻي جا اڳتي هلي مهاراشٽر وڌان سڀا جي ڊپٽي اسپيڪر بڻي ۽ ممبئيءَ ۾ سهڪاري متي تي فليٽ ٺهرائي هزارن سنڌين کي اجهو ڏنائين. ڪڪي پيڻ لالواڻي، پاربتي گدواڻي، ڪملا هيرانند، ديوي هاسومل ۽ ٻيون ڪيتريون زالون شامل ٿيون، جي زندگي ڀر خلق جي شيوا ۾ لڳيون رهيون.

سول نافرماني هلچل ۾ ڪانگريس ۽ ٻين ڪيترين سنستائن کي غير قانوني ظاهر ڪيو ويو. هن هلچل ۾ سنڌ ۾ 1200 ڄڻا گرفتار ٿيا. هن دور ۾ پڻ وري لڳاتار اخبارن جي ايڊيٽرن کي گرفتار ڪيو ويو. ائين هڪ ٻئي پٺيان 14 ايڊيٽر گرفتار ٿيا.

1942ع ۾ جڏهن گانڌيجيءَ انگريزن کي هندستان ڇڏڻ جو نعرو هنيو ته سڄي هندستان ۾ ڳالهه ڪانگريس جي هٿن کان ٻاهر نڪري ويئي. ڪانگريس جي هلچل ته پنهنجي ليکي زبردست هئي، نوجوانن ۾ جيڪو جوش هو اهو ڪنهن نديءَ جي بند ٽٽڻ جيان پوري جوش سان سنڌ ۾ پڻ ڦهلجي ويو. هن هلچل ۾ سنڌ اندر ڪانگريس جا 2600 ليڊر ۽ ورڪر جيلن ۾ ويا. سنڌ جي آدمشماريءَ جي لحاظ کان اهو هندستان جي ڪنهن به پرانت کان مٿيرو آهي.

سنڌ ۾ شاگردن پاڻ کي خوب ملهايو ۽ هن هلچل ۾ اتهاس ۾ نندي ۾ نندي ڇوڪري هيمون ڪالاڻيءَ شهادت جو جام پيتو . هنن کي خبر پيئي ته انگريزي فوج جي هڪ ٽرين سکر پرسان گذرڻي آهي . هنن ان ٽرين کي ڪيرائڻ لاءِ پٽا اکيڙڻ جو پروگرام تيار ڪيو هيمون ڪن ساٿين سان جڏهن پٽا ڪڍي رهيو هو ته پريان سامهون پوليس وارا ڏٺائين . هن ساٿين کي ڀڄي وڃڻ اِ حڪم ڏنو ، پر پاڻ پڪڙجي پيو . مٿس ڪيترو ئي زور رکيو ويو ، تڪليفون ڏنيون ويون ته پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌائي ته کيس ڇڏيو ويندو ، پر هن نالا نه ٻڌايا ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو . هند سرڪار هن جي مان ۾ پوسٽ ٽڪلي ظاهر ڪئي آهي ۽ سندس پتلو پارتيه پارليامينٽ ۾ پڻ رکيو ويو آهي .

ٻئي گروپ جو رهنما شري پرچو وديارٿي هو . هن پنهنجي ساٿين سان انگريزن کي خوب ٽوٽا چٻايا . ٻه دفعا جيل مان ڀڄي نڪتو ۽ آخر جڏهن پڪڙجي پيو ته کيس 140 سالن جي سزا ملي . هندستان آزاد ٿيڻ بعد سياسي قيدين جي مٿا سٽا ۾ هو پڻ آزاد ٿيو ۽ ڀارت ۾ آيو . اڳتي هلي هو الهاسنگر مان مهاراشٽر وڌان سڀا جو ميمبر ٿيو ۽ سڄي عمر عوام جي شيوا ۾ گهاريائين .

ڪانگريس جو ٻيون اجلاس وري ڪراچيءَ ۾ 1931ع ۾ ٿيو . جنهن پڻ سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل کي تيز ڪيو . هندن ۽ مسلمانن خوب پنهنجو پاڻ ملهايو .

گانڌيجي سنڌ ۾ ٽي ڀيرا آيو . هر وقت سندس سپائن ۾ اڪيچار ماڻهو شامل ٿيا . سنڌ ۾ ذات پات جي عدم موجودگي ڏسي هو ايترو ته متاثر ٿيو جو خواهش ظاهر ڪيائين ته ڪاش ايندڙ جنم ۾ هو سنڌي ٿي ڄمي .

آچاريه جيوترام بي . ڪرپالاڻي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ رهيو ۽ جيرامداس ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري ، جنهن کي مهاتما گانڌي سچو سون ڪري مڃيندو هو ، جو آزاديءَ بعد منسٽر پڻ ٿيو ۽ آسام جو گورنر ۽ راڄيه سڀا جو ميمبر پڻ بڻيو .

هوندراج 'دکايل' قومي شاعر هو . سندس گيت هر ميڙ ۽ پرڀات ڦيرين ۾ ڳايا ويندا هئا . اڳتي هلي هو ونوبا ڀاوي جي ڀودان هلچل جو اهم انگ بڻيو . کيس بعد ۾ پدم شريءَ سان نوازيو ويو .

پروفيسر هاسانند جادوگر ڪانگريس جي ميڙن ۾ خلق کي جادوءَ جي ڪرتبن سان وندرائيندو رهيو . هو ڪنهن به اجوري کان سواءِ سماج سڌار جو ڪم ڪندو رهيو .

هن دوران ڪئين قومي پروانا سنڌ ۾ اچي زير زمين ٿيا . ڪجهہ وقت اروڙا آصف علي ۽ سماجوادي هلچل جو اڳوان اڇيوت پٽورڌن ، جنهن مهاراشٽر جي ڪولهاپور ۾ پتري سرڪار قائم ڪئي ، اهو ڀائي پرتاب جي گهر اچهو وڃي رهيو. ڀائي پرتاب ۽اڇيوت پٽورڌن جو اهڙو تہ پيار ٻڌجهي ويو جو اڇيوت پٽورڌن جي ڀاءُ ڀائي پرتاب جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ سندن پٽ آنند پٽورڌن اڄ هندستان جي اول نمبر ڊاڪيومينٽريون ٺاهڻ وارن ۾ شمارجي ٿو. ڪيترائي شخص بي نام شهيد ٿيا .

جڏهن 1920 ع جي ڍاڪي ۾ پرڏيهہ ۾ آزاد هند سرڪار برپا ڪئي ويئي تہ ان جو پهريون پرڌان منتري عبداللهہ سنڌي هو . ائين سنڌ جو آزاديءَ ۾ حصو ڪنهن جو بہ ڳاٽ اوچو ڪرڻ لائق رهيو آهي ، جنهن لاءِ اسان سنڌين کي فخر آهي .

ق.ت :

ورهاڱي بعد محمد عثمان ڏيپلائيءَ 'سانگهڙ' نالي ناول لکيو آهي ، جنهن ۾ هر هلچل کي پڻ آزاديءَ جي هلچل جو حصو ڪري ڏيکاريو ويو آهي . هن ڏس ۾ گهڻي تحقيق جي ضرورت آهي ، تنهن بعد ئي هن تحريڪ جو صحيح جائزو وٺي سگهڻ ممڪن آهي .

ٻئي طرف وري ڪي هندو ذهنيت وارا ڀڳوان گدواڻيءَ جي ناول 'رٽرن آف آرينس' کي تاريخ ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن . تاريخ ڪلپنا جي نہ پر تحقيق جي محتاج آهي .

# تاثر

1_ پاڪستان جو ماضي —حال ۽ مستقبل.

سائين جي. ايم. سيد ڪتاب تي نظرثاني

(ساهت سگنڌ 1973ع)

2_ لڇمڻ ڀاٽيہ 'ڪومل' جي مقالي

'سنڌي شاعريءَ ۾ مروج صنفون' دهلي سيمينار تي تاثر.

3_ 'مٽڪو' (واسديو موهي) —رچنا.

4_ 'چانو ويڙهيل جسم'

گوپ ڪمل جي ڪتاب تي تاثر. (رچنا)

5_ سنڌي راڳ —

(عابده پروين پروين ۽ سندس شوهر کان ورتل انٽرويو)

# پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل — جي . ايم . سيد

مسٽر جي .ايم .سيد هندستان جي سياست جي پراڻن پانڌيئڙن مان هڪ آهي . سندس هڪ خصوصيت مهاتما گانڌيءَ جيان پنهنجي غلطين جو عوامي اقرار ڪرڻ . سندس اخلاقي طاقت ۽ سچائيءَ جي قوت جو ثبوت آهي.سندس ڪتاب نئين سنڌ لاءِ جدوجهد ( ٻه ڀاڱا ) " پيغام لطيف " ، " جيڪي ڏٺو هو مون ... " ۽ هاڻي ڇپيل ڪتاب " پاڪستان جو ماضي ، حال ۽ مستقبل " سندس عوامي زندگي ، مظلومن سان همدردي ۽ حق لاءِ لڙائيءَ جا دستاويز هئڻ سان گڏوگڏ سندس بنيادي خيالن جا پختن دليلن سان پر ۽ مضبوط قلعا آهن .

هتي سندس ٻن بنيادي خيالن جي اوک ڊوک ڪجي ٿي .

( 1 ) سنڌ جاگرافي ، تواريخ ، زبان ۽ ڪلچر جي لحاظ کان هڪ الڳ ملڪ ۽ قوم آهي ؛

( 2 ) " پاڪستان جي خيال " ۽ " پاڪستان جي وجود " ۾ تضاد .

سندس خيال ته سنڌ هڪ الڳ هستي آهي ۽ صرف ڪن جزوي حالتن هيٺ هندستان جو حصو ٿي رهي آهي ۽ وري ترت ئي وقت ملندي خود مختيار رهي آهي ، تنهن ۾ ڪافي قدر صداقت آهي . " سنڌ پنهنجي جاگرافيائي حدن ، آبهوا ، تاريخي پسمنظر ، روايات ، ڪلچر ، زبان ، رسم الخط ، سوشل ۽ ايڪانامڪ طريقن موجب گذشته زماني کان وٺي آزاد ۽ جداگانه زندگي بسر ڪندي آئي آهي ، سواءِ ڪن ٿورن وقتن حادثن ڪري عارضي طرح آزادي وڃائڻ جي دؤرن جي . سنڌ ۽ هند سدائين ٻه جدا ملڪ ٿي رهيا آهن . جا ڳالهه قديم جاگرافي ۽ تواريخ مان ظاهر ٿئي ٿي . " پير علي محمد شاهه راشديءَ جي 15 نومبر 1943 ع ۾ لکيل خط مان حوالو . ( صفحو 31 ) اها حقيقت آهي ته سنڌ هندي اپکنڊ مان بيابان ذريعي الڳ ٿيل آهي . جيڪڏهن " قوميت " جي خيال ۽ يورپ ۾ جاگيرداري سرشتي ٽٽڻ ۽ جاڳرتا سان قومن جي اسرڻ جي تواريخ ۽ قوم جي بنيادي خصوصيت يعني الڳ ٻولي ، ساڳي تواريخ ، ساڳيو ڪلچرل ورثو ۽ خاص جاگرافي حالتن جي ڪسوٽيءَ تي سنڌ کي الڳ قوم ڪري

شمار ڪيو وڃي تہ سنڌ هڪ الڳ قوم آهي . ائين سنڌ جي هڪ الڳ قوم هئڻ جي ناتي پاڪستان ۾ " جيئي سنڌ " هلچل کي ڏسڻو پوندو تہ هن هلچل جو آغاز پاڪستان جي اولھ واري حصي کي زوريءَ " هڪ يونٽ " ڪرڻ جي مخالفت جي بنياد تي ٿيو پر هاڻي هن هلچل جو آخرين ڏاڪو " آزاد ۽ خود مختيار سنڌ " آهي .

هن" آزاد ۽ خود مختيار سنڌ "جي خيال سان جڙيل آهي ، سندس پيو بنيادي خيال " پاڪستان جو خيال " ۽ " پاڪستان جو وجود " ۾ تضاد ۽ اهو تضاد جناب جي . ايم . سيد جي زندگيءَ جو پڻ وڏي ۾ وڏو تضاد آهي . اهو جي . ايم . سيد ئي هو ، جنهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان بابت ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ بحال ڪرايو ۽ ائين سنڌ ئي هڪ صوبو هو جنهن پاڪستان جي خيال جي تائيد ڪئي . ڪيترا سڄاڻ سڄڻ پڻ اهو سوال پڇندا آهن تہ جي . ايم . سيد جي آزاد سنڌ لاءِ هلچل ۽ پاڪستان لاءِ تائيد ۽ سنڌ ۾ مسلم ليگ کي پيدا ڪري هڪ طاقتور جمائت بڻائڻ " موقعي پرستي " نہ آهي ؟ موجوده ڪتاب ۾ جي . ايم . سيد اهو چٽو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ائين بلڪل نہ آهي . سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان بابت ٺهراءُ پيش ڪندي ، هيءُ صاحب پنهنجي تقرير مان کي ٽڪرا هن ريت پيش ڪري ٿو :

" بر صغير ۾ هند جاگرافيائي طرح هڪ ملڪ شمار ڪري نہ ٿو سگهجي ... بلڪ ان کي هڪ ملڪ سڏڻ حقيقتن جي برعڪس ٿيندو ... "

" جيڪڏهن اسان جو مقصد هڪ آزاد ۽ ترقي يافتہ متحد قوم بڻائڻ جو آهي تہ ان جو بهتر ذريعو اهو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ انهن جي ڪلچر ، فلاسافي ۽ روايات جي مدنظر ترقي ڪرڻ لاءِ مناسب موقعا ۽ سهوليتون مهيا ڪيون وڃن تہ اڳتي هلي هو خوشنما مرڪز جو مجموعو بڻجي پوندا . "

" جمهوريت جي معنىٰ عوام جي حڪومت آهي ۽ ان عوام جو هم جنس هئڻ سپ ڪان ضروري آهي . انهيءَ آزادانہ طور بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي ڪم ڪرڻ لاءِ درميانہ عرصي جي ضرورت آهي ... "

ائين پاڪستان جو خيال جو شاعر اقبال پيش ڪيو اهو هندستان جي نقشي اندر ئي الڳ محدود خود مختياريءَ جو خيال ۽ سو پڻ درميانہ عرصي جي ضرورت جي لحاظ سان پيش ڪيو . پر جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو تہ بنيادي خيال سان بلڪل ابتڙ ۽ ائين سنڌ

پنجاب جي ڪالوني بڻجي پيئي . اوپرن سنڌ سان ڪهڙا ڪلور وهايا آهن . انهن جو بيان هن ڪتاب ۾ تفصيلوار ڪيل آهي .

پاڪستان جي وجود جي تلخ حقيقت مسٽر جي . ايم . سيد کي منطق طور آخرين ڏاڪي تي وٺي ويئي آهي ۽ هو " پاڪستان جي وجود " کي اسلام جي بنيادي اصولن خلاف هئڻ تو قرار ڏئي ۽ ائين سندس اهو خيال سندس سوچڻ جي سلسلي جي ترقيءَ ۽ سچ جي تهه تائين پهچڻ جي خواهش سندس اخلاقي قوت جو ثبوت آهي .

پاڪستان جو وجود اسلام جي بنيادي اصولن خلاف آهي . ان جي وضاعت جي . ايم . سيد صاحب ، مولانا عبدالله سنڌي ۽ علاما امداد علي قاضي جهڙن عالمن جي حوالن سان ڪئي آهي .

مولانا عبدالله سنڌيءَ جي مثال موجب " هندستاني مسلمانن جي ذهن تي سندس " شخصيت " بنسبت هڪ وهمي تصور ويٺل آهي ، جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪوبه وجود ڪونهي . "

" اسان ڪنهن زماني کان هڪ اهڙي اسلامي جماعت ۽ قوم جو نالو وٺي رهيا آهيون ، جنهن بابت نه اسان جي ذهنن ۾ ڪو صحيح نقشو مؤجود آهي ۽ نه اهي دنيا ۾ ڪٿي مؤجود آهن . اسان پاڻ کي هڪ اهڙي خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي ، جو نه رڳو اسان ٻين مسلم ملڪن جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد جي تاريخ کان غير واقف رهجي ويا آهيون پر خود پنهنجي ملڪ ۾ اسان جي سامهون ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو مؤجود نه آهي . "

علاما امداد علي قاضي لکي ٿو ، " مثلا چوڻ ۾ پيو اچي ته پاڪستان وسيلي اسلامي مقصد جي بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ ايندي .... اوهان خدا جي ڏنل پروگرام ۽ اڳين مسلمانن جي قائم ڪيل روايتن کي ذهن ۾ رکي پوءِ ويچار ڪريو ته پاڪستان قراني مقصد کان ڪيتري قدر نه دور آهي .... "

ائين پاڪستان جي خيال ۽ حقيقت ۾ تضاد ۽ اسلام جي بنيادي اصولن ۽ پاڪستان جي خيال ۾ تضاد آهي ۽ هن ٻنهي تضاد کي سمجهائڻ ۾ سمايل آهي پاڪستان جو آئيندو ، جنهن بابت مسٽر جي . ايم . سيد چوي ٿو ، " هڪ ڳالهه صاف نظر پيئي اچي ته مذڪور بالا سامراجي گروهه پاڪستان تي سندس تسلط ۽ استحصال جي ڳالهه کان باز نه

ايندو. ٻئي طرف ، انهن چئني صوبن جا قوم پرست پنهنجي حق جي خود ارادي کان هٿ نہ کڻندا..."

" مسلمانن جي قوم جي نظرئي خلاف بينگالين بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪري ورتي آهي. سنڌ جا قوم پرست افراد مهاجر پنجابي سامراج جي ظلم ۽ استحصال کان تنگ اچي ، "جيئي سنڌ " نالي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي رهيا آهن ، جا نيٺ ڪامياب ٿيڻي آهي...."

_ آمين _

## ساهتيہ اڪادميءَ جي سيمينار سنڌي شاعريءَ ۾ مروج صنفون/ تاثرات

شري لڇمڻ ڀاٽيا ’ ڪومل ‘ مٿئين موضوع تي مقالو پيش ڪيو آهي . ڪنهن ماهر قصاگو جيان پنهنجي چتر زباني ۽ انداز بيان سان اسان جي انتظاريءَ کي انتها جي چوٽيءَ تي رسائيندي حيرت انگيز انداز ۾ ’ ويهن سالن ‘ جي گهيري مان پاڻ فينستائيءَ سان ڪيئن نڪري ويو ۽ اسان جي جڏهن حيرت ٽٽي ، اسان ويهن سالن جو گهيرو ڳولهيندا رهجي وياسين .

حقيقت ۾ لڇمڻ ڪومل شاعريءَ جي جدا جدا بڻ بنياد کان شروعات ڪئي ۽ ورهاڱي بعد شاعريءَ جي الڳ الڳ شاخن جي حد نشانن جو بيان ڪيو اٿائين .شري ’ڪومل‘ جي اها مجبوري سمجهي سگهجي ٿي ، ڇاڪاڻ جو گذريل ويهن سالن ۾ گهڻو ٽڙو غزل ۽ نئين ڪوتا ئي لکي ويئي آهي ۽ ٻين تاريخي ۽ روايتي فارمن ۾ شاعري تمام گهٽ يا نہ جهڙي ڪئي ويئي آهي .

عالم آشڪار آهي تہ اڄوڪي اسپيس ايج ۾ وقت جي تنگيءَ ڪري جيڪي جهونا شاعر ڪن اپوادن کي ڇڏي غزل لکي رهيا آهن ، جنهن جو واسطو علم عروض جي ڄاڻ ۽ گهڻي مشق گهري ٿو . اڄ ڪنهن کي ” علم جي ڄاڻ “ پرائڻ لاءِ ۽ مشق پچائڻ جهڙو جوڳ پچائڻ جو وقت ئي ڪٿي آهي . اڄڪلهہ هائڪو ۽ تنها ۽ نئين ڪوتا جو زور آهي ، جنهن ۾ نہ گهڻي محنت جي ضرورت آهي ۽ نہ وري گهڻي وقت سيڙائڻ جي مجبوري آهي . هائيڪو جا پڻ گهڻي ئي قسم ٿي پيا آهن ، جنهن ڪري هن فارم جي خاص اپياس نہ هئڻ جي باوجود هائيڪو جو فارم شاعرن ۽ پاٺڪن ۾ لوڪ پريہ ٿيو آهي .

حقيقت ۾ اسان کي اها ڳالهہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ اڄ اسان ڪنزيومرزم جي اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون ، جتي هرڪا چيز وڪائو آهي . اهو عالم آشڪار آهي تہ ’ ڏانو‘ ويڪائو ٿي سگهندو آهي ، پر ڏات ويڪائو نہ ٿي آهي . پر ڏات کي نکارڻ لاءِ ڏانوجا گهڻا ڏاڪا چڙهڻ لازمي ٿيو پوي . اڄ هر صنف انڊسٽري آهي . جيئن ’ چرچا ‘ انٽرنيٽ ۽ ايس . ايم . ايس . تي هڪ انڊسٽري طور ظاهر ٿي چڪا آهن تہ اهو پڻ سوچڻو پوندو تہ اسان هاڻي هڪ

اهڙي يگ ۾ تہ جي رهيا آهيون ، جتي شاعري پڻ ايس . ايم .ايس . جو ذريعو بڻجي ويندي ۽ روايتي فارم آهستي آهستي غائب ٿيندا ويندا !

هن مقالي ۾ لڇمڻ ' ڪومل ' هڪ تمام اهم ڳالھ ڇيڙي آهي . جيئن هر ڪنهن ٻوليءَ کي پنهنجو الڳ جينيس ( سڀاءُ ) ٿيندو آهي ، جو ٻوليءَ جي بنياد سان وابستہ رهندو آهي ، ساڳئي نموني سنڌي شاعريءَ جا پڻ ڪي ڏيهي فارم آهن ، جيئن بيت ، وائي ، ڪافي ۽ گيت . اهي فارم سنڌي عوام جي زندگي ۽ زمين سان رل مل ٿي ويا آهن . ڪي فارم اسان تاريخي اثرن ڪري اپنايا آهن . ڇا زميني فارمن جي اوسر ۽ حفاظت لاءِ ڪجھ گڏجي سوچي نٿو سگھجي ؟ اهو ڪم تہ سنڌ ۾ ٿي ٿي سگھندو . سنڌ مان آيل دوست ۽ اسان مان ڪي ، گھرائيءَ سان هن ڳالھ ڏانهن توجہ ڏين ۽ ڪو ميڙ ڪوٺائين تہ بهتر ٿيندو .

هونئن لڇمڻ ' ڪومل ' جا مقالو ماموئي فقيرن جي بيتن سان شروع ٿي هڪ وڏي گھيري ۾ پٽڪي رهيو آهي .

( ساهتيہ اڪادميءَ جي مهربانيءَ سان )

# مٽڪو — هڪ تاثر

مٽڪو گورڪيءَ جي ناٽڪ Lower Depths سماج جي تري ۾ بيٺل فردن جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي. گورڪيءَ آتم ڪٿا جي ٽن ڀاڱن ۾ پڻ اهڙا ڪيترا ئي ڪردار موجود آهن جن کي مٿيون ، وچون ۽ هيٺيون طبقو پڻ حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو ، انگريزي ٻوليءَ ۾ اهڙي طبقي لاءِ لفظ آهي رف ريف. اهو سماج جو ڇوڙون طبقو آهي. منشي پريمچند پنهنجي ڪهاڻي ڪفن ۾ پڻ اهڙي ڪلاس مان ڪردار کنيا آهن ، پر زندگيءَ جي تلخي ، ٿڪاڻ ۽ رفنيس کين وحشي (بروٽلائيز) ڪري ڇڏيو آهي.

متاڇري نظر سان مٽڪوءَ جو ڪردار پڻ هن ڇوٽين طبقي مان آهي. ڪفن جي ڪردارن بنسبت هيءَ گورڪيءَ جي ڪردارن کي وڌيڪ ويجهو آهي. تنهن جي باوجود هن ڪردار ۾ ڪي نمايان فرق پڻ آهن. مٽڪوءَ جي بروٽلائيزيشن جو سلسلو اڃا شروع مس ٿيو آهي ، تنهن ڪري نفيس جذبا ۽ لڳاو شدت سان محسوس ڪري ٿو. ڇڏائجڻ کان اڳ پنهنجي پوري طاقت سان زمين کي ڇهڻي پوڻ جي پرڪريا سياويڪ آهي ۽ ان وقت تڙپ پڻ سياويڪ آهي. مٽڪو انهن گهڙين مان گذري رهيو آهي ۽ ڀوڳي رهيو آهي الڳاءَ ۽ وڃائڻ جو درد!

هڪ سطح تي هيءُ ڪردار انهن سيني شخصن جي نمائندگي ڪري ٿو جي شهري ڪرڻ (اربنائيزيشن) جي سلسلي ۾ ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ اچي رهيا آهن. جسماني طور هو شهر ۾ آهن پر جذباتي ۽ ذهني طور هو پنهنجي گهر ، ڳوٺ وارن سان ، انهن جي ساروٽيءَ سان زندگي گهارين ٿا ۽ الڳپڻي Alienationجو درد ڀوڳي رهيا آهن. اهو درد ڪنهن هڪ پهلو يا هڪ سطح تي نہ آهي. اهو ملٽي ليئرڊ آهي ۽ ڪڏهن ڪهڙو تہ ڪا ٻرندڙ يادگيري ڪٺي وجود کي جلائي/روشن ڪري ٿي تہ ڪڏهن ڪا يادگيري وقت جي رفتار سان سڪل زخم جي چمڙيءَ جي ريهہ کي وري ڪولي زخم آلو ڪري ٿي. هڪ سلسلو آهي نئين اڻ ڄاتل شهر ۽ حالتن سان برميچڻ جي ڪامياب/ناڪامياب ڪوشش ، اميد ۽ نا اميديءَ جي جدوجهد ۽ هڪ گهرو مجبوريءَ جو احساس.

مٽڪوءَ ۾ هيءَ سڀ آهي ۽ ڪجهہ وڌيڪ پڻ. واسديو موهيءَ مٽڪوءَ جي ذهني ۽ جذباتي دنيا ۾ جهاتي پائي ڪي گهڙيون جهٽيون آهن ۽ اهي هن ڪتاب جو مواد

آهن. حقيقت ۾ سڄو سلسلو جيئري رهڻ جي چاهنا ( ول ٽ لو) جو ڀرپور اسرشن آهي، جو پنهنجو پاڻ کي وشواس ڏيارڻ لاءِ پڻ پڻ پڻ يا رهاڻ جي نموني پيش ڪيو ويو آهي.

مٽڪو سرجيو ئي سورن ۾ آهي. چوي ٿو :

’ هيءَ نڪر بابا جي آهي./بابو ديالو هو/چون ٿا ته ڦاسي لڳڻ کان اڳ/هن کان چيلي آس پڇيائون/چيائين هيءَ نڪر منهنجي مٽڪوءَ کي پهچايو/ڇا مالم چو ڦاسي ڏنائونس/ٺاڪر سان ڪو ٺنٺو ٿيو هوس/ٻڌا چاچا ٻڌايو.‘

سندس پٽ تائوءَ جي موت جو بيان وري هيئن ٿو ڪري :

’ته هو به م ل ي ويندو؟/جيئن تائو م ل ي ويو/ وڏي ٺاڪل جو م ا ل کائي.‘

چوندا آهن ته پيت ڪٽوري لاءِ رت ڪٽورو ڏيڻو پوندو آهي، پر ڪيترين حالتن ۾ ڪافي ڪجهه ٻيو به ڏيڻو پوندو آهي :

’نيٺ هو دڪان جي ڪنڊ ۾ / سسندي ويئي/ته جيوي پساريءَ جي دل/ويڪري ٿيندي ويئي/ ٻاجهري توري ڏنائينس.‘ ۽

’اتي به جوانجي چڪيءَ وارو/ واڇون ٽيڙيندو رهندو/ ٽيڙيندو رهندو/ جمني مرڪندي/ تڏهن جوانجي اوڌر رکندو/ ٻاجهري پيهي ڏيندو.‘

ڳوٺ مان شهر اچڻ وقت اکين ۾ خواب پڻ آهن :

’موٺندس/ ته جهوپو حويلي ٿي پوندو/ ساهوڪار سلام ڪندو/ ٺاڪر سائين سائين ڪندو/ ۽ سندس پٽ اردلي ٿيندو تڏهن/ڪل جو موپو وڏندو.‘

پر شهر جي حقيقت اها آهي ته ڪالو استاد – ’ڪالو ڀڳوان‘ جي شرڻ وٺي جيئرو رهڻو ٿو پوي ۽ ان جي باوجود :

’بک لڳي آهي .... ڏاڍي/ بک روج روج ٿي لڳي.‘

لاڪ آئوٽ ۾ مزدور جي گهر جي سچي حالت جو نظارو اجهو ائين آهي :

’مل کي بند ٿيڻ جو/ اڄ تيرهون ڏينهن ٿيو.‘ ۽ ٽنيءَ وري ٻارن کي پرچائڻ لاءِ ٽيون دفعو خالي/ ڪني چاڙهڻ جو ڏيکاءُ ڪيو. بک سان وري اهو درد ته :/ آئي!/ مان ڏاڍو پري پري/ هليو آيو آهيان.‘

وري تلخ حقيقت ته اها آهي ته شهر جي پيڙيندڙ ۽ ڳوٺ جي ظالم زندگيءَ مان ڪا ٽين راهه به ته ڪانهي. مٺڪو پاڻ کي ’گهيريل‘ ( ٽريپڊ ) محسوس ٿو ڪري.

’مٽي تو کي سانيرآهي / پاڙي وارو مگنو / ڏاڪڻ رکي ناڪر جي اونچي پٽ تي چڙهي ويو / ڪنهن ڏاڪڻ ڪٽي ڇڏي / ۽ مگنو واڪا ڪندو رهيو /هيٺ لاهيو، هيٺ لاهيو. ‘

وري ڪڏهن حسرت وچان چوي ٿو : ’ڇيلو گاڏو هليو ويو آهي/ هٽ اجا مٽي آهي/ هيءَ گاڏي ڪنهن ڳوٺ ته وڃي ٿي‘.

هن بک، مايوسي ۽ سخت شهر ۾ پڻ مٺڪو پنهنجي ٻالڪ من جي سرلتا ۽ سک ماڻي ٿو وٺي ۽ ٻارن سان پيار ونڊي سک پائي ٿو وٺي :

’رات ڏاڍي ٿي ويئي آهي / ڏاڍي سانت لڳي پيئي آهي... پر ڪنن ۾ ڪا ....ڪا ... وڃي پيو / اڄ ڏينهن / ڏاڍو کوس گجريو / ۽ ٻار کلي ٿو – ٿهڪ ٿو ڏئي / ڪلندي ڪلندي ڪيڪون ٿو ڪري /مان ٿهڪ ڏيان ٿو ڪيڪون ڪريان ٿو‘.

زندگيءَ جي تيز ڌارا پنهنجي سيني ڏڪن، بدصورتين ۽ غلاظتن جي باوجود هڪ وردان پڻ آهي ۽ اها اروڪ هلندي ٿي رهي. ائين لائيف فورس جو ايسرشن هن نموني ظاهر ٿو ٿئي :

’اڄ جهل تي / ڇتاڪ ڳاڙهي چولي ڏني / پراڻي / سڌرائيءَ جي دٻي ۾ هئي. ‘ ۽

’اڄ پوڄا جي ٿالهيءَ مان / اگربتيءَ جي رک / ڦٽي ڪري /جال /ٿالهي ڌوئي رکي. ‘

It is instricate training that leads to Simplicity of چيو ويو آهي ته tune سهج ۽ سادو ڀاو هن ڪتاب جو حد نشان ( هال مارڪ ) آهي. اهڙي سادگيءَ سان نباهڻ سولو نه ٿيندو آهي. تمام خوبصورت اظهار جا ڪي نمونا ڏجن ٿا :

’چلهي تپڻ تائين / اڌيرائيءَ سان ڌيرج رکيو هو / ٻاجهري ڏسڻ سان / اڌيرا ٿي روئڻ لڳا‘.

۽ ’مٽي به / ننڍي ٿيندي ٿيندي / هڪ ٻوٽو ٿي پيئي‘.

’ڪل / سند آهي / مون کي گم ناهي ڇو / مان ڪلندو ڏاڍو آهيان. ‘

’پر رستو هميشه / منهنجي اڳيان ٿو رهي / ساهوڪار جر ڪرج واڻگر / هانو ڪڪر ٿي پيو /مون پهريون پيرو /جهيٺي نجر سان ڏٺو / ماڪ جي هڪ ڦڙي ۾ اندلٺ هئي‘.

**نرڙ ڪيريل جمين / گهند وڳو / اندر ۾ گهنڊٽيون وڄيون / ۽ آخر ۾ اڱڻ جي مٽي مٽي ...! / مٽي پاڻي پيئي پئي / پئي پيئي / ۽ وٽين مان وهي پيئي.**

**(دبئيءَ جي سنڌي ساهت سنگت جي ميڙ ۾ تاريخ 5 فيبروري 1993ع تي پڙهيل)**

# ’چانو ويڙهيل جسم‘ — گوپ ڪمل

گوپ ڪمل جو ’چانو ويڙهيل جسم‘ غزلن جو مجموعو نہ ڄاڻ ڇو عنوان جي لحاظ کان نارائڻ شيام جي عنوان ’روشن چانورو‘ جي ياد ٿو ڏياري. چون ٿا تہ صبح ٿيڻ کان اڳ رات گهري ڪاري ٿيندي آهي. هڪ عنوان ۾ پرڀات کان اڳ واري گهري ڪاراڻ کان اڏاري ورتل ’چانو‘ آهي يا نتهڻ اس ۾ ڪنهن وڻ جي ڇانو آهي! يا وري پنهنجي وجود کي پنهنجي ئي پاڇي ۾ اندر ڪوئجي وڃڻ جي ڇانو ڳولهڻ جي جستجو آهي! روشن ڇانوري ۾ وڻن جي ٽارين، پنن جي وٿين مان ڪي روشن ڪرڻا تہ ايندا آهن. ڇا گوپ ڪمل سڄي رات جي اوسيڙي بعد، اکين جا سپنا وسائي، ننڊاکڙو ٿي پنهنجي جسم کي رات جي ’چانو‘ ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي؟

هڪ گهري نظر سان ڏسبو تہ گوپ جو اهو مجموعو هڪ ڪئليئيڊوسڪوپ يا سئريين آهي، جنهن ۾ آئيني جا ٽي ٽڪرا ٿين،اهي هڪ ٽڪنڊو ٺاهين.آخرين ڇيڙي تي الڳ الڳ رنگن جي ٽٽل چوڙين جا ٽڪرا هجن. ٻئي طرف کان نهارڻ تي ذري ڇهاءَ جي زور تي ان ۾ رنگبرنگي چٽ ظاهر ٿين ٿا. حقيقت ۾ اهو آئينن جو ٽڪنڊو آهي، ’مان‘، ’تون‘ ۽ ’هو‘ جو. غزل جا ڪيترا شعر الڳ الڳ نقش بيان ڪن ٿا.

يا وري چوان تہ ڪنهن آئينو ٽوڙي پرزا ڪنهن پٽ، چٽ ۾ لنبي ڇڏيا آهن ۽ شاعر جي وجود جو عڪس ٽٽل آئيني جي هر ٽڪري ۾ پيو ڏسجي.

اهڙي ڪيفيت ۾ شاعر جا هٿ آسمان طرف کڄن ٿا، پر وقت سر پاڻ سنڀالي ٿو وٺي ۽ چوي ٿو:

’هٿ کڻي ڇا ٿو پنين اپ کان تون
ڪندهرن ۾ بہ ڪو رهندو آ ڇا؟‘

آسمان ڪيڏو نہ کهنو! ڪندهر ۾ تہ جهونيون يادگيريون ئي رهنديون آهن. زبون سينور لڳل ديوارن جي ڏارن مان ڪي گاهہ جا پتا، وليون ۽ نازڪ رنگين بي روڪ ضدي گل!

اتهاس جي يادگيرين جي وٿين مان نڪري شايد ڪن نائڪن ، نائڪائن جا روح — ڪي سڏڪا — ڪي پڙڪا . شاعر کي اهڙي وقت ڏپ ٿو لڳي .

هر وقت ٿو اڪيلو گهمي ڏپ لڳيس ٿو
پاڇو بہ گڏ وٺي نہ هلي ڏپ لڳيس ٿو.

هونئن ڏپ ۾ انبوهہ ۾ ملي وڃجي۔ پاڻ کي محفوظ ڀانئجي — ڪو ساٿي ڪٽجي ، ڏينهن ڏٺي جو هلجي تہ سلامتيءَ جو احساس ٿئي . هيءُ ڪهڙو ڏپ آهي جو اڪيلائيءَ ۾ راتين جو ڀٽڪائي !

مفهوم زندگيءَ جو ڪنهن آبشار کان پڇ
اوچائيءَ تان ڪري پيو ، ايڏو ڪيئن کلي ٿو.

سئربين ( ڪيلئيڊوسڪوپ ) جي ٽڪنڊي آئينن جي ٻيءَ پر ٺهندڙ ، ڍهندڙ چترن جي موهہ کي ڇڏي ، هو ننڍين آئينن جي ٽڪنڊي کي وري گڏي ڪري پنهنجي شناخت ڪرڻ ٿو چاهي . پر جلد محسوس ٿو ڪري .

سڀ آئينا تہ گهر جا ڀڃي ڪنهن ڇڏيا اٿس
ڪيئن چير چير عڪس ڏسي ، چپ ڪري وهي .

وري سندس ذهن ڪيس للڪاري ٿو ، حقيقت منهان منهن ٿئي ۽ هو چوي :

هرڪو چهرو لڳي ٿو بدزيبو
آئينا ڪيترا ڀڃي مان ڀڃان .

ها هن مجموعي ۾ ڪي روشن ترورا پڻ آهن . آسمان ڪيترو بہ ڪهنو هجي ، ڪنڊهر هجي ، پر ان ڪنڊهر ۾ ڪلپنا کي مخمور ڪرڻ لاءِ ، سج ، چنڊ ، تارا ، بادل ، هوائون پڻ تہ آهن . ائين 'چانو ويڙهيل جسم ' تي ڪي روشن ترورا پڻ پون ٿا نہ تہ هن مجموعي ۾ اهڙا شعر ڪيئن هجن .

ڪهڙو سوال ساگر ، اڄ چنڊ کان پڇيو آ ،
بادل جي پوتي پائي ،هو شرم کان لڪي پيو
يا
هڪوارئي چميو هو ، پربت تہ چنڊ کي رات ،

پڙڪي اٿيو هو بادل ، چو زلزلا ڪري ويو.

يا وري

اڄ ڪيترا به تارا پنهنجي جيب ۾ رکان
هڪڙي زمين ٽڪري کي پنهنجو چئي سگهان.

ها مان مڃان ٿو. اڳي نوجوانيءَ ۾ ڪيترا سپنا هئا ، انسنا هئا ، وقت ته ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ، سرير ڪمزور آهي.

ٿوري سبڪ تي هٿ ٻٽيا ميڻ جا
سچ کي مٽ ۾ جهلڻ جا ارادا هئا.

پوءِ مان ڪيئن چوان ته هي مڪمل طور ڇانو ۾ ويڙهيل جسم نه آهي. هن تي روشن ڇانوري جا ترورا موجود آهن. مان ائين بلڪل نه چوندس.

چو ٿو ٻڌائي اهڙا غزل ، ننڍ ٿي ڦٽي
ڏاڍو خراب آهي ، ڪمل سان ڪٽي — ڪٽي.
نه گوپ ! ”ها ! منهنجي ته ٻڌي ٻڌي ! “

## موهن گيهاڻيءَ پاران ورتل انٽرويو

# سنڌي راڳ

( عابده پروين ۽ سندس گهوٽ شيخ غلام حسين جي زباني )

عابده جڏهن دبئيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ لاءِ آئي هئي تہ ساڻس گڏ سندس گهوٽ شيخ غلام حسين بہ هو. هو ديرا جي هڪ هوٽل ۾ رهيل هئا . دوست موهن گيهاڻيءَ ان هوٽل ۾ وڃي سنڌي موسيقيءَ بابت هنن کان ڪي سوال پڇيا هئا . مان بہ موهن گيهاڻيءَ سان گڏ اتي ويئي هيس . هنن ٻنهي جا جواب ٽيپ رڪارڊ ڪيا ويا . اها ٽيپ سالن کان موهن وٽ رکي هئي . مون موهن کان اها ٽيپ وٺي عابده پروين ۽ غلام حسين جي رهاڻ ڪاڳر تي اتاري آهي . عابده جو پيارو شوهر شيخ غلام حسين هاڻي هن جهان ۾ ڪونهي . عابده هن لاءِ چوندي هئي تہ هيءُ موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندڙ هڪ شخص ناهي ، پر موسيقيءَ جو ادارو آهي . He is an institution of music هيءَ رهاڻ پيش آهي ياءُ شيخ غلام حسين کي شرڌانجليءَ طور !

_ڪلا پرڪاش

سڄي دنيا جي موسيقيءَ ۾ بنيادي طور ست سر يا ٻارهن آواز آهن . سڄي دنيا جي موسيقي انهن ستن سرن تي ٻيٺل آهي . جنهن خطي جي موسيقي هوندي ، ان خطي جو تاريخي پس منظر يا ڪهڙي نموني ان خطي جي تهذيب اڀري آهي ، سا ان خطي جي سرن ۾ ، آواز ۾ اها نظر ايندي .

سنڌي موسيقي دنيا جي موسيقيءَ ۾ قديم ترين موسيقي آهي . ان اوائلي موسيقيءَ جا اهڃاڻ توهان کي اڄ بہ سنڌي موسيقيءَ ۾ ملندا ، جيڪي دنيا جي موسيقيءَ مان ذري گهٽ ختم ٿي ويا آهن . موسيقيءَ بہ سفر ڪيو آهي پر ان سفر ۾ سنڌي موسيقيءَ اهي قديم آثار يا اهڃاڻ نہ وڃايا آهن . ان جو مثال مان توهان کي هيٺئين ٿي ڏيان .

شروعات ۾ انسان اشاري سان هڪ ٻئي کي پنهنجو مقصد سمجهائيندو هو. پوءِ جيئن مهذب ٿيندو ويو تيئن زبان سان ڳالهايائين. هن پهرين لازمي هڪ رڙ، هڪ آواز ڪيو هوندو. اهو ٿيو پهريون سر.

پهرئين سر کان پوءِ جڏهن انسان وري زبان سان اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ڇو ته آواز اشاري کان وڌيڪ اثرائتو آهي ته پوءِ ٻه سر ٿيا. ٻن سرن جي موسيقي، جيڪا هن وقت شايد دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ توهان کي نه ملي، اها سنڌ جي لوڪ گيت ۾ اڄ به مؤجود آهي.

شيخ غلام حسين عابده پروين جي پنيرائي ڪندي چيو:

اهو توهان کي دنيا جي تهذيبن ۾ تقريبن ملندوئي ڪين. توهان کي خبر هوندي ته تهذيب ٻني ٻاري سان شروع ٿي. جتي درياهه جا ڪنارا هئا، اتي اول تهذيبون وسيون.

هڪڙو لوڪ گيت اڄ به سنڌ ۾ ڳائجي ٿو. اهو پوک سان تعلق رکي ٿو. ان جا ٻول آهن:

"هلي هلي
ڏاندن ڪلهي
ويهي متو،
راهه ۾ گتو!"

ڏاندن ڪاهڻ مهل اڄ به سنڌ جي ڪيترن حصن ۾ اهو لوڪ گيت ڳائيندا آهن ۽ هن راڳ کي ٻه سر آهن. هڪڙو آهي خرج – جيڪو بنيادي سر آهي. جنهن کي اسين موسيقيءَ جي اصلاح ۾ 'سا' چوندا آهيون. ٻيو آهي مڌم – هاڻي توهان ڏسو ته هي ۽ گيت هت ٻن سرن ۾ اچي ٿو. عابده توهان کي ڳائي ٿي ٻڌائي.

(عابده اهو لوڪ گيت گنگنائي ٿي.)

"هلي بلي
ڏاندن ڪلهي
ويهي متو
راهه ۾ گتو
ان چڙيندي
سڃ به لٿو!"

هيءُ لوڪ گيت پوک نسبت آهي . هي ٻن سرن وارو راڳ توهان کي دنيا جي پراڻي ۾ پراڻو تهذيب ۾ بہ ممڪن آهي تہ نہ ملي ، پر سنڌ ۾ ملي ٿو.

وري شيخ غلام حسين چوي ٿو :

ٻن سرن کان پوءِ راڳ ۾ ٽن سرن جي ارتقائي هوندي . انهن ٽن سرن جو راڳ بہ سنڌ ۾ مؤجود آهي ۽ ماڻهو ڳائين ٿا.

هاڻي فصل پچي راس ٿيو آهي . هن وقت هاريءَ جوکم هوندو آهي تہ فصل کي جيت جڻئي ، پکي پکڻ کان بچائي . هاڻي پهرين ٻن سرن ۾ ٽيون سر بہ شامل ٿيو . اهو سر آهي 'گ'. 'سا' 'ما' 'پ' چڙهي 'گ'.

عابده ٿي ٻڌائي :

سنڌ ۾ هڪ پکي آهي ٻوڙي . هي پکي ٻنين ۾ وچي ان کائيندو آهي . هاڻي هاري ڳائي ٿو—

( عابده گنگنائي ٿي . )

ٻوڙي ٻاجهر تي

سا گ ما

ائين ٽيون سر شامل ٿيو.

هاري جهار پنهنجي هٿ ۾ جهليندو آهي ۽ پوءِ جهار ۾ پٿر وجهي اڇلائيندو آهي تہ جيئن اوسي پاسي ۾ جيڪي پکي ويٺا هجن ، سي اڏامي وڃن .

( گنگنائي ٿي : )

"ٻوڙي ٻاجهر تي

ان چڻي

سڌ نہ سڻي

اوهو او او اوهو....."

مطلب ٻوڙي ٻاجهر چڻي ٿو ۽ سڌ نٿو سڻي . تنهن ڪري هاري پٿر ٿو اڇلائي .

سنڌي موسيقي ڏاڍي قديم آهي . هنن ڳالهين مان توهان کي خبر پوندي تہ سنڌي سر ڪهڙا آهن . اهي سر سنڌي موسيقيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا استعمال ٿين ٿا .

فصل پچي ويو. هاڻي هاريءَ جو ڪم هوندو آهي لٽڻ جو. لٽڻ جو وري هڪ سر وڌيو. جيئن تهذيب جو هڪ ڏاڪو وڌيو.

اڄ به خاص طور تي ’ همرچو ‘ لوڪ گيت آهي. همرچي جي معنيٰ اها آهي ته ’همراهو اچو‘ اچو ته هي ان لٽون.

( عابده گنگنائي ٿي. )

هہ م ر چو

هن ۾ پنچم به شامل ٿيو آهي. اڄ به سنڌ ۾ هي ڪورس ۾ ڳائبو آهي. پنج ڇهه هاري ۽ پنج ڇهه هارياڻيون، سڀ گڏجي ڏاٽا به هڻندا ۽ ڳائيندا به.

اڄ به دنيا جي موسيقيءَ ۾ ڪوبه گيت يا راڳ پنجن سرن کان گهٽ سرن ۾ ڳايو ڪين ٿو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ پنج سر هئڻ کپن.

منهنجي ٻڌائڻ جو مقصد هي آهي ته سنڌ ۾ جيڪا ارتقا آهي، اها اڄ به چئن سرن ۾ به مؤجود آهي. ممڪن آهي ٽن سرن جو راڳ، ڪنهن دنيا جي تهذيب ۾ توهان کي ملي وڃي پر ٻن سرن جو راڳ مان دعويٰ سان چوان ٿي ته توهان کي دنيا جي ڪنهن به تهذيب ۾ نه ملندو.

سنڌ اهڙي نموني پنهنجي موسيقيءَ کي قائم رکيو آهي سنڌي موسيقيءَ ۾ ’خرج‘ کان پوءِ مڌم گهٽي ۾ گهٽو هلي ٿو. سنڌي راڳ ۾ چئن سرن جو گهٽي ۾ گهٽو استعمال ٿئي ٿو.

جيڪي به ست سر ۽ ٻارهن آواز آهن، انهن ۾اسين خرج ۽ پنچم جا ٻه حصا ڪين ڪندا آهيون.

باقي ٻيا جيڪي پنج سر آهن، انهن جا ٻہ ٻہ حصا ڪندا آهيون. ان طرح ٻارهن آواز ٿيندا آهن.

سنڌي راڳڻيءَ ۾ بنيادي سرن جو استعمال گهٽي ۾ گهٽو هوندو آهي. اهو به ممڪن آهي ته ڪي راڳڻيون سنڌ ۾ ٻاهران آيون هجن. الڳ الڳ تهذيبون جڏهن هڪ ٻئي جي ويجهو ايندڀون آهن ته انهن جو اثر به ٿئي ٿو. ٻيا حملاور اچن ٿا. اهي به پنهنجا اثرات ڇڏي ٿا وڃن.

سنڌ تي عربن حڪومت ڪئي . ايران جو اثر بہ رهيو. غوري بہ آيا . انهن تهذيبن جو اثر بہ آيو هوندو.

هاڻي سوال آهي تہ سنڌي موسيقي ہيءَ موسيقيءَ کان ڪيئن جدا ٿي ٿئي ؟

جهڙيءَ طرح پوري ڪائنات ۾ ست آڪاس آهن ، ست رنگ آهن ، تهڙيءَ طرح موسيقيءَ جا جيڪي ست سر آهن ، انهن جو آواز اسان وٽ اهوئي آهي ، جيڪو ہين وٽ آهي .... پر انهن جو ورتاءُ ( ٽريٽمينٽ ) جيڪو ڳائڻ وارو ڏئي ٿو ، تنهن سان ڳائڻ وارو هن کي علحدگي بخشي ٿو.

ہي ڳالهہ آهي زبان .

مان توهان کي مثال ڏيان . جيئن اسان وٽ سر راڳو آهي ــ تہ راڳي جي ڳائڻ جو اسان جهڙو انداز توهان کي دنيا جي ہئي ڪنهن خطي ۾ نہ ملندو. راڳي ۾ جيڪي اسان وٽ جهيلون آهن — جيڪا ٽريٽمينٽ آهي ، اها توهان کي ڪٿي نہ ملندي . صرف سنڌيءَ ۾ ائين ٿي سگهي ٿو.

هي سرن جو ورتاءُ صرف سنڌيءَ ۾ ممڪن آهي . هي سرن جو لڳاءُ سنڌي موسيقيءَ کي دنيا جي موسيقيءَ کان الڳ ٿو ڪري .

اهڙي نموني ڪوهياري آهي .اهو ورتاءُ سنڌ جو آهي .

( گنگنائي ٿي . )

’او پنهل ڄام ، پرچ الا ....

موٽ وڇوڙو ٿو ماري

اڄ ہاروچل اڄ ..... وو وو وو ــ ميان ‘

هي سنڌيءَ جو پنهنجو رنگ آهي .راڳوءِ ڪوهياري ٺيٺ سنڌي سر آهن .

ائين پنهنجيءَ جڳهہ تي سنڌي ڀيروي بہ پنهنجي مختلف انداز ۾ آهي . ڀيروي ہين هنڌ بہ هلي ٿو. دنيا جي هر خطي ۾ گهٽي ۾ گهٽي ڀيروي ڳائي ويندي آهي . سنڌ ۾ ان جو ورتاءُ پنهنجو آهي . ان ۾ سنڌيءَ جو پنهنجو عڪس آهي .

اسان جي سنڌ جي تال جي پڻ پنهنجي رمز آهي .

ردم جي ڳالهہ آئي آهي تہ مان توهان کي هڪ ڳالهہ ہڌايان ، راڪ ائنڊ رول يا رنيا سمپا وانگر سنڌ ۾ ’ڪرواڙي‘ جو ردم تکي ۾ تکو آهي ، پر راڪ ائنڊ رول يا ہئي تکي

ميوزڪ ۾ جيئن ليءِ تيز ٿيندي آهي ، تيئن ماڻهوءَ جو جسم ٿڙڪندو آهي . ان ۾ هڪ جسماني خواهش آهي . هر ڪنهن موسيقيءَ ۾ جيئن ردم تکو ٿيندو ، تيئن ماڻهو ٽپا ڏيڻ چاهيندو ، پر سنڌي ميوزڪ ۾ جيتري ليءِ تيز ٿيندي ، اوتري مستي توهان ۾ ايندي . ان تال ۾ پاڪيزگي آهي . صوفين جڏهن بہ 'ڪرواڙو' ڳايو آهي تہ ان ڪڏهن بہ خواهش پيدا نہ ڪئي آهي . سنڌي موسيقيءَ ۾ توهان کي ڪابہ اهڙي شيءِ نظر نہ ايندي ، جيڪا توهان جي جذبي ۾ اجائي خواهش جاڳائي .

سنڌي شاعريءَ جو پنهنجو صوفياڻو مزاج آهي تہ ڳائڻي کي اهو مزاج بہ ترجمو ڪرڻو آهي راڳ ۾ . شاهہ ۽ سچل جي شاعريءَ جو پنهنجو صوفياڻو مزاج آهي . سنڌي شاعريءَ جو سوچڻ جو ڍنگ ئي نرالو آهي . ڳائڻي کي ان سوچ ۽ فڪر کي پنهنجي راڳ ۽ سرن ۾ آڻڻو آهي . ٻولي وڏي ڳالهہ آهي . ٻولي ۽ ان جو پس منظر..... اهي هڪ موسيقيءَ کي ٻيءَ کان مختلف بڻائين ٿا .

سورٺ بہ سنڌ ۾ گهڻي ۾ گهڻو ڳايو ويجي ٿو ، پر ان ۾ ٻيو بہ عڪس ملي ٿو . سورٺ کي علائقائي زور آهي . هي درحقيقت ديس جو راڳ آهي . سورٺ شاهہ لطيف جو هڪ داستان آهي . اهو راڳ ڪونهي . ڪو شاستريہ ... يا ايجاد ٿيل ڪو راڳ ڪونهي. سورٺ هڪ داستان ، هڪ ڪهاڻي آهي . جنهن کي انهيءَ راڳ جو روپ ڏيئي ڳايو ٿو وڃي ... ان ۾ سر ڏيڻ جو جذبو پيدا ٿو ٿئي . تنهن ڪري ان داستان لاءِ اهو سر چونڊيو ويو ، پر اهو راڳ ناهي . جهيلن ذريعي ان کي سنڌي ورتاءُ ڏنل آهي .

هاڻي سنڌ ۾ سنڌي موسيقيءَ جي مؤجودهہ صورت بابت توهان کي ٻڌايان .

سنڌ ۾ مختلف طريقي جا اسڪول يا انداز موجود آهن . يڪتاري جي هڪ ساز تي ئي ست ئي سر وڄايا ويندا آهن . اهو بہ عجب آهي تہ هڪ تار جي سهاري ست ئي سر وڄن ...ٻين سازن ۾ تہ سڀ ئي سر آهن . ٻيو آهي ڪرتال . اسان وٽ هڪڙو ئي ماڻهو ڳائي بہ ۽ سر بہ ڏئي ، تال بہ ڏئي . اهو آهي نج لوڪ سنگيت جو نمونو . لوڪ موسيقيءَ جو بنيادي ساز آهي يڪتارو . جيتوڻيڪ فوڪ ميوزڪ وارا ٻيا ساز بہ هلائين ٿا . هاڻي تہ هارمونيم بہ شامل ٿا ڪن .

سنڌي لوڪ گيت جا بنيادي ساز آهن يڪتارو ، ڪرتال ۽ وقتي مٽڪو بہ . يڪتاري تي عيسىٰ فقير تمام سٺو ڳائيندو هو . فقير الله بخش ۽ منٺار فقير تمام وڏا راڳ

جا ڄاڻو هئا . فقير عبدلغفور بہ يڪتاري ۽ ڪرتال تي تمام سٺو ڳائيندو هو . هو بيحد ڄاڻو ڳائيندڙ ۽ سريلو هو .عنايت فقير، علڻ فقير ۽ ٻيا فقير اڄ بہ سنڌ ۾ آهن .اها روايت قائم آهي .

ٻيا بہ جن سنڌي ميوزڪ ۾ ڪنٽريبيوٽ ڪيو ، اهي ٿورا ڪلاسيڪل ميوزڪ جي ويجهو آهن ، پر هنن بہ سنڌي ميوزڪ کي قائم رکيو . سنڌ ۾ مائي جيوڻي سارنگي ۽ طبلو بہ ساڻ رکندي هئي . اهي ساز ڪلاسيڪل ميوزڪ جا آهن .هاڻي سنڌي اعلىٰ راڳ ۽ ڪلاسيڪل ميوزڪ ويجهو ٿيا آهن . انهيءَ ۾ جنهن گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڪيو، سو هو سڪر جو _ الله ڏنو نوناري .

سنڌي ڪافيءَ ۾ جنهن گهڻي ۾ گهڻي تبديلي آندي ۽ جيڪو ڪلاسيڪل ۽ فوڪ کي سامهون ڪري ويو ، اهو آهي استاد منظور علي خان !ڪلاسيڪي ميوزڪ جون تانون ۽ مرڪون هو فووڪ ۾ ڪٽي آيو . ڪافيءَ ۾ هاڻي جيڪا صورت ٺهي آهي اها تمام وڏي شاهوڪار صورت ٺهي آهي .

ٺمريءَ ۾ يا غزل ۾ ايڏي شاهوڪاري نہ هوندي جيڪا ڪافيءَ ۾ آهي . استاد سنڌي ڪافيءَ جو دامن وسيع ڪيو .

ان کان پوءِ محمد جمڻ آيو . هن بہ گهڻي خذمت ڪئي آهي .

( شيخ غلام حسين ان بعد عابده جو ذڪر ڪيو. چيائين . )

عابده پروين ان سلسلي جي آخرين ڪڙي آهي . هوءَ نہ فقط ڪافيءَ کي اڳيان وٺي آئي آهي پر ان کي مختلف رنگ بہ ڏنو اٿائين . توهان ٻئي ڪنهن جي بہ ڪافي ٻڌو ۽ عابده جي بہ ڪافي ٻڌو تہ ان ۾ توهان کي اهو مختلف سلسلو ۽ رنگ نظر ايندو . عابده بہ ڪلاسيڪيءَ کي ائين استعمال ڪيو آهي ، جيئن ٻين ڪيو آهي .عابده جي وڏي خوبي اها آهي جو هن جيترو ميوزڪ تي زور ڏنو آهي ، اوترو لفظن جي صفائي ۽ ادائگيءَ تي زور ڏنو آهي جيئن اچار بلڪل صاف هجي ۽ لفظ منجهيل نہ هجي .

عابده ڪافيءَ کي اهڙي عروج تي پهچايو آهي جو ٻي ڪابہ صنف توهان کي اهڙي عروج تي پهتل نظر نہ ايندي . ڪافيءَ ۾ توهان کي گهڻي شاهوڪاري نظر ايندي .

سنڌي موسيقيءَ ۾ ٻيو جيڪو قصو هليو پئي ، اهو هو ڳجت جو . ان سلسلي ۾ چڱو مڙس يا مهندار يا وڏي ۾ وڏو ماڻهو هو **ڪنور ڀڳت !** هن جي ڀڳت جو خاص انداز هو . ڪا ڳالهہ ڪٽڻي ۽ ان جي وچ ۾ ڪو بيت ... ڪا ڪافي يا وائي ڳائڻي — داستان ڪري

ڪري وجي ڳائڻ تي پهچڻ ۽ آخر وجي نچڻ تي پهچندو هو. هن جو اهو رنگ وري صوفياڻي رنگ سان ٺهڪي ملي. صوفي درگاهن تي ڳائيندي ڳائيندي رقص ڪن. سنڌ ۾ هڪ وڏي درگاهه آهي ڪٽياڻين ۾. اتي جي فقيرن جو يا روحل فقير جي درگاهه جي فقيرن جو انداز اهو آهي ته نچندا ويندا آهن ۽ ڳائيندا ويندا آهن.

ڀڳت واري راڳ ۾ ڪنور ڀڳت، موٽڻ ڀڳت، نارو ڀڳت مشهور ٿيا. نارو ڀڳت جي خاص هڪ ڳالهه هئي ته آواز سٺو ڪين هوس ۽ ويٺل آواز هوس پر جنهن جذبي سان، جنهن سچائيءَ سان هو ڇڪ ڏيندو هو.... رڙ وٺي ڪندو هو ته آسمان ڦاڙي وجهندو هو. هيئنر ان جو پٽ آهي. ڀڳت جو سلسلو سنڌ ۾ قائم آهي، پر جيئن اسان جا هندو ڀائر هليا ويا تيئن اهو سلسلو ڪجهه گهٽجي ويو آهي. موهن ڀڳت هاڻي ڪافي مشهور آهي. (ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته موهن ڀڳت تازو گذاري ويو آهي.)

فوڪ ميوزڪ جو ذڪر ڪندي مون هڪ نالو وساريو آهي مائي ڀاڳي! هن تمام سٺي آواز ۾ لوڪ گيت ڳايا. هن لوڪ موسيقيءَ جي تاريخي خدمت ڪئي. ڀڳت ۾ ڳائڻ وقت ڇيريون به ٻڌندا آهن.

ناچو سليمان شاهه جو نچڻ سنڌ جي ٺيٺ ٻهراڙيءَ جو سلسلو آهي ناچن جو.

سنڌ ۾ هر طرف جي ڳائڻ جو انداز پنهنجو آهي. جيئن لاڙ وارن جو انداز پنهنجو آهي. منو ڪڇي ۽ عثمان ڪڇي لاڙ جا نمائيندا ڳائڻا آهن. توهان اتر سنڌ هليا وڃو. ڀڳت اسان وٽ آهي ته اتر سنڌ ۾ گهٽ آهي، اتي ويرائٽي آهي. ٿر وارن جو پنهنجو انداز آهي. ويچارا ڳائين ٿي سارنگ، پنهنجي مخصوص انداز ۾. جبل وارا اڪثر توهان کي اڪثر مورو يا موري جي ڏن ۾ ڳائي ٻڌائيندا. اتر سنڌ جو خاص انداز ٿهي نه سگهيو آهي سواءِ ڀڳت جي.

(اتي شيخ غلام حسين کي اوچتو ماستر چندر ياد آيو. چيائين:)

چندر جو ڳائڻ هو بيان معرفت. اتي ڪو ردم جو ڪمال ڪين ڏيکاريو ويو آهي. ماستر چندر انهن مان هو جيڪي ميوزڪ جا نريٽرس هوندا آهن. سنڌ ۾ هن جو ڪنٽريبيوشن اهو چئجي ته مجازي عشق جو گهٽي ۾ گهٽ ڪلام هن ڳايو. عاشق معشوق — حسن، رسڻ پرچڻ، عاشق جي ناڪامي. ماڻهن کي اهو پسند هو. اهو سلسلو چندر شروع ڪيو.

هاڻي به چندر اسڪول جو اثر آهي . جلال چانديو ڳائي يڪتاري ۽ ڪرتال تي . هن جو انداز نه. باقي هن جو ڪلام سو چندر اسڪول جو آهي . اهو اسڪول اڄ به مقبول آهي . چندر اسڪول جي عاشقي شاعري ۽ راڳ اڃا به قائم آهن

جلال چانديو به اهڙي عشقيه ڪلام ڪري مشهور آهي . ٻيو ڳائڻو آهي انور بستو. اهو به چندر جي انداز تي ڳائي ٿو . سندس شاعريءَ جي چونڊ به چندر جهڙي آهي .

طالب المولىٰ جي عاشقيه ڪلام ۾ صوفي رنگ آهي . چندر جو عاشقيه ڪلام وڏيڪ ڪليل آهي . طالب المولىٰ جو رنگ چندر ڪان الڳ آهي . سهڻو آهي . هن جو عشق آخر وڃي رسول جي عشق سان ملي ٿو. طالب المولىٰ جو ڪلام به بياني آهي .

هڪڙا سنڌي ميوزڪ جا خاص اسڪول آهن . مثلا سنڌ ۾ ڳائڻ جو هڪ خاص انداز آهي . مورو. چار پنج ڇهه گڏ ڳائيندا آهن. سنڌ ۾ اهو تمام گهڻو آهي .

تنهن ڪان سواءِ هڪ دلڪش انداز آهي ، اهو آهي شاهه لطيف جي درگاهه تي فقيرن جو . اهو روايتي ڳائڻ جو انداز شاهه لطيف جي وقت ڪان آهي . فقير پنهنجي رنگ ۾ ڳائيندا آهن . اهو راڳ مقبول ترين راڳ آهي . ان رنگ جي ارتقا ڪندڙ ئي شاهه لطيف پاڻ هو. شاهه جو انداز ئي اهو هو ته شاعري چئي ، پوءِ ويهي فقيرن ڪان ٻڌندو هو.

سنڌ ۾ توهان ڪي ڪو اهڙو ماڻهو نه لڀندو جيڪو ٻني ٻاري تي ويٺو هجي ۽ شاهه لطيف جا چار بيت نه جهونگاريندو هجي . سنڌ ڪي جيڪو شاعريءَ ۽ راڳ جو اڳوان مليو سو آهي شاهه عبدللطيف ڀٽائي .

( شيخ غلام حسين آخر ۾ چيو : )

سنڌي موسيقيءَ انگريزي موسيقيءَ جو اثر قبول نه ڪيو آهي . سنڌ جو ماڻهو ان ئي روايتي موسيقيءَ تي هلڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي روايت ۾ رهي ٻاهرين چيز طرف اها قبول ڪري ٿو جيڪا هن جي حسن ۾ اضافو آڻي ، پر هن جي پنهنجي حسن ڪي مٽائي نه . سنڌي ميوزڪ پاڻ ڪي ٻين تاثرن ڪان آجو رکيو آهي.راڪ ائنڊ رول يا رميا سميا ڪي ڪٿي جيڪڏهن داد مليوهوندو ته رونشي خاطر....باقي ڪنهن اديب يا اداري ان ڪي قبول نه ڪيوآهي .

جيسين هڪ به سنڌي ماڻهو شاهه لطيف جو ڏوهيڙو ٻڌڻ چاهي ٿو.... تيستائين اسان جي سنڌي راڳ جي روايت قائم رهندي ۽ اها حسين تر ٿيندي

سائينم ! سدائين ڪرين ، مٿي سنڌ سڪار ،
دوس ! مٺا دلدار ! عالم سڀ آباد ڪرين .

وڃن م وينجهار ، پاڙيٽ جي ، پرڪڙا ،
ڪنير پائي اکئين ، لهن سڀ ڪنهن سار ،
موتيءَ جي مزاج جو ، قدر منجهه ڪنار ،
صرافئون ڏار ، ماڻڪ ملاحضو ٿئي .

پبلشر
انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
پوسٽ باڪس نمبر 10 آديپور ، ڪڇ 370205